

# عالمي افسانا

سنڌيڪار: مراد علي مرزا

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# عالمي افسانا

سنڌيڪار:

مُراد علي مرزا

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو سنڌ
2008ع

(هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ)

چاپو ٽيون | سال 2008ع | تعداد: 1000

قيمت: ٻہ سؤ پنجاھہ رپيا
[Price Rs. 250 _00]

خريداريءَ لاءِ رابطو:
**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گھر**
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ گلبدن جاويد مرزا قائم مقام سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌ ۾ افسانوي ادب جي شروعات 1850ع کان ٿي آهي، ابتدائي زوپ "ينيي زميندار واري ڳالھ" کان وٺي جمال ابڙي، امر جليل ۽ نسيم کرل ۽ ٻين انيڪ سنڌي افسانہ نگارن جي ڪهاڻين تائين "سنڌي افسانو" هڪ طويل سفر ۽ انيڪ تجربن مان گذريو آهي.

مرزا قليچ بيگ ترجمن وسيلي پرڏيهي ادب جي چونڊ صنفن کي متعارف ڪرائي سنڌي ادب ۾ هڪ انقلاب آندو. ان سان سنڌي ادب گهڻ زخو ۽ گهڻ رنگو ٿي وٺندڙ اندلٺ جو روپ اختيار ڪري ويو.

سنڌي ترجمي جي روايت ۾ محترم مراد علي مرزا هڪ وڏو مانائتو نانءُ آهي، جنهن پرڏيهي ادب مان چونڊ لکڻيون سنڌي ٻوليءَ جو ويس پهرائي پيش ڪيون آهن. ڪهاڻين جو هيءُ مجموعو "عالمي افسانا" سندس اعلي ڪاوشن مان هڪ آهي. هن ۾ آمريڪا، لئٽن آمريڪا، روس، اوڀر يورپ، جرمني، اٽلي، ترڪي، مصر ۽ ڀارت جون چونڊ ڪهاڻيون شامل آهن.

هيءُ مجموعو سنڌي ادبي بورڊ کي گهڻو اڳ مليو هو، پر ان جي ڇپجڻ جو سامان هاڻ ميسر ٿيو آهي. اميد آهي تہ افسانوي ادب سان چاهہ رکندڙن ۾ هيءُ ڪتاب ضرور مانُ لهندو.

جام شورو
1 ذوالقعد 1429ھ
31- آڪٽوبر 2008ع

**گلبدن جاويد مرزا**
قائم مقام سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# عرض

تہ ڪي ورهيہ اڳ جڏهن هن مجموعي جي افسانن جي ترتيب ٿي رهي هئي، تڏهن اٽڪل پندرهن ڪن افسانا هئا. انهن سان گڏ ٽي تحريرون ٻيون بہ هيون: هڪڙي تحرير ننڍي کنڊ جي جڳ مشهور اديب، شاعر، موسيقار ۽ چترڪار رابندرناٿ ٽيگور جي ڪهاڻي / افساني جي باري ۾ راءِ هئي، جيڪا هڪ انگريزي ڪتاب مان ورتي هئم. ٻي تحرير هڪ آمريڪي نقاد جي هئي، تہ ادب ۾ ترجمي جي ڪهڙي اهميت ۽ ضرورت آهي. ياد اچيم ٿو تہ اهي تحريرون هڪ هڪ صفحي جون هيون. انهن کان پوءِ مون ترجمو ڪيل افسانن جي باري ۾ پنهنجي راءِ لکي هئي، جنهن ۾ خاص ڪري افساني اوڙو جو ذڪر ٿورو تفصيل سان ڪيو هئم. اصل ۾ اهو هڪ اردو افساني جو ترجمو آهي، جنهن جي خاص ڪردار جو نالو 'هوري' آهي. اهو پورهيت آهي ۽ هندو مذهب اٿس. ان ڪري ان افساني جي ڪردار نگاريءَ ۾ هندو تهذيب جا حوالا آيل هئا ۽ ان جو عنوان 'هوري' رکيل هو. جيئن تہ اهو ڪردار هارپ جي ڏنڏي سان لڳل آهي، ان ڪري مون هن جو نالو 'هوري' جي بدران 'هاري' رکيو. اهڙيءَ ريت اهو افسانو هڪ خاص پس منظر مان نڪري عالمي ماحول ۾ داخل ٿي ويو آهي، ڇو تہ هاري هر ملڪ ۾ هوندو آهي. ساڳئي وقت مون ٿورو وضاحت سان انسان جي زندگيءَ ۾ ٿيندڙ انهن واقعن ۽ حادثن جو ذڪر پڻ ڪيو جيڪي هن کي ان وقت تائين ذهني ۽ جذباتي طرح ڏونڌاڙيندا رهن ٿا، جيستائين هن جو انت اچي.

اهي ٽئي تحريرون ترجمو ٿيل افسانن سميت هڪ دوست جي حوالي ڪيل هيون، جنهن انهن کي ڇپائڻ جو ذمو کنيو هو، هينئر جڏهن ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي رهيو آهي، تڏهن ان مواد جي ڳولا ڪيم تہ اهو ان ۾ شامل ٿئي. پر گهڻي ڳولا ڦولها کان پوءِ بہ اهو هٿ نہ اچي سگهيو. ڪيڏانهن ويو اهو مواد؟ شايد هڪ مشهور چوڻيءَ مطابق: ويو

گنگوءَ جي گوڙ ۾ گم ٿي! وري ٽيگور جي راءِ ۽ ترجمي جي اهميت بابت مٿي ذڪر ڪيل اصل ۾ مواد بہ نظر نہ ٿو اچي.

هاڻي هن مجموعي ۾ ڪل ويهہ افسانا آهن. اهي مختلف ڪتابن ۽ رسالن تان ترجمو ٿيل آهن. آئون ڪتاب لکندو نہ آهيان، پر پڙهندڙ گهڻو آهيان. منهنجي پسند جا ڪيترا ئي مضمون آهن: تاريخ، سائنس، قديم آثار، سوانح عمريون، افسانوي ادب وغيره؛ خاص ڪري افسانا مون کي وڌيڪ پسند هوندا آهن. ان ڪري جڏهن بہ ڪو بہ اثرائتو افسانو پڙهندو آهيان، تڏهن ان کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڪنهن نہ ڪنهن رسالي ۾ ڇپائي ڇڏيندو آهيان. ترجمي ڪرڻ کان اڳ اهڙي افساني جا سمورا رخ منهنجي ذهن ۾ هوندا آهن: افساني جي ڪهاڻي، ان جا ڪردار، افساني جو بنيادي واقعو افساني جي فضا ۽ ماحول، ڪردارن جي طبيعت جي بي مثالي، افساني جي طرز تحرير، ٻوليءَ جي خوبصورتي، سلاست ۽ سادگي، واقعي جو پس منظر ۽ پيش منظر وغيره. اهڙيءَ ريت اصل افساني جي سموري سونهن کي پنهنجي ذهن ۾ ويهاري پوءِ ان کي سنڌيءَ جو لباس پارائيندو آهيان. اوهان بہ هڪڙي وقت هڪڙو ئي افسانو پڙهندا تہ اوهان کي ان جون اهي سيئي فني ۽ ادبي خوبيون نظر اينديون، جن مون کي ترجمي ڪرڻ تي اُڀاريو.

ٽنڊو آغا، حيدرآباد سنڌ.  نيازمند
1- جون 2007ع  **مراد علي مرزا**

# فهرست


| نمبر | افسانا | صفحو |
|---|---|---|
| 1. | ويلو (ترڪي) | 9 |
| 2. | ڪرامتون (مصري) | 21 |
| 3. | روشن راتيون (پارتي) | 29 |
| 4. | انڌو ڪُتو (پارتي) | 35 |
| 5. | بهارن جا پاليل (پارتي) | 43 |
| 6. | مڙيا مٽي مچ | 46 |
| 7. | پنيءَ پڻ جهڻ پاڻ ۾ (آمريڪي) | 53 |
| 8. | بر ۾ بورائو (سعودي عرب) | 75 |
| 9. | ظاهر ۽ باطن (جرمني) | 87 |
| 10. | لعزر (اوير يورپ) | 101 |
| 11. | اوڙو (پارتي) | 117 |
| 12. | اچو ريچ (آمريڪي) | 125 |
| 13. | جلسي گهر (بنگالي) | 135 |
| 14. | ابن رشد جي تحقيق (لاطيني آمريڪي) | 161 |
| 15. | نابينو (برطانوي) | 174 |
| 16. | سيلاني (ترڪي) | 199 |
| 17. | سيڪو يانئين عشق سهانگو (روسي) | 204 |
| 18. | ٽانڊاٽا (سنڌي) | 228 |
| 19. | موت (فرانسيسي) | 243 |
| 20. | وڃائجي ويل وقت (سنڌي) | 239 |

(ترڪي)

جودت حڪمت

# ويلو

جنوريءَ جو مهينو ڏنو تہ هوا جو رنگ بہ ڦري ويو. سرمائيءَ رنگ جي آسمان هيٺ دنيا، وڏيڪ بي رحم ۽ خوشيءَ کان خالي پئي لڳي. رستا، گهٽيون ۽ خاص ڪري ننڍيون گهٽيون بلڪل خالي ۽ سڃيون هيون. آرهڙ ۾ هر هڪ گهٽيءَ جا پارڙا ٽڏين جاين جهڙوڪ: مسيت جي آڳنڊ، بڙ جي هيٺان ۽ چشمن وٽ اچي ڪٺا ٿيندا هئا، پر هينئر تہ اهي هنڌ بہ سڃا ٿي ويا هئا: اتي ڪو بہ ڪونہ هو. البت چشمي وٽ ايڪڙ ٻيڪڙ ڪو ماڻهو ڏسڻ ۾ آيو ٿي، ڪو ڪو چشمي تي آيو ٿي ۽ پاڻي ڀري گهر ڏانهن هليو ٿي ويو.

انهيءَ ڏينهن ٻنپهرن ڌاري هڪ ڇوڪرو پاڻي ڀرڻ لاءِ چشمي ڏانهن ويو. پر جڏهن واپس پهچندو آيو تہ هو سهڪيو پئي ۽ گهٽيءَ ۾ ٻهرين جيڪو ماڻهو منهن ۾ مليس، تنهن کي سهڪندي سهڪندي چوڻ لڳو:

”درسن آغا مري ويو!“

ڳوٺ ۾ درسن آغا کي ڪير نہ سڃاڻندو هو! هن جي عمر پنجاهہ ورهيہ کن هئي، پر جسم ۾ اڃا جانٺو هو ۽ منهن تي ڳول ۽ ڪاري سونهاري هئس. درسن آغا پخالي هو ۽ ان مزوريءَ مان جيڪو ملندو هوس، تنهن مان ڇڪي تاڻي پاڻ سميت زال ۽ ٻن ٻارن جو پيٽ پاليندو هو جيڪي ٻن ڪمرن واري هڪ ننڍڙي گهر ۾ رهندا هئا. پاڻيءَ جا ٻہ ڏول هڪ ڪنواٽي ۽ ان ۾ ڏولن ڪٽڻ لاءِ لڳل ٻہ زنجيرون، اها هن جي جڻ تہ سموري دولت هئي. صبح ٿيندي ئي هو ڪنواٽي ڪلهن تي رکندو هو ۽ پوءِ ان جي ٻنهي پاسي زنجيرن ۾ ڏول وجهي گهر مان نڪرندو هو: پنهنجي ئي گهٽيءَ ۾ وڏي واڪي چوندو هو:

”پاڻي! ڪنهن کي پاڻي گهرجي؟“ هن جو جهيڻو پر پڙاڏيدار آواز گهٽيءَ جي ڇيڙي واري گهر تائين پهچي ويندو هو. پوءِ جن کي پاڻيءَ جي

گهرج هوندي هئي، اهي چوندا هئا: "درسن آغا! هڪڙو گهمرو" يا "ٻه گهمرا،" يا "ٽي گهمرا ." هڪڙي گهمري جو مطلب هو ته پاڻيءَ جا ٻه ڏول گهرجن. پوءِ درسن آغا چشمي تائين پهچڻ لاءِ ٽڪريءَ تي چڙهي ڏول پريندو هو ۽ اهڙيءَ ريت سچو ڏينهن گهرن کان چشمي تائين ۽ چشمي کان گهرن تائين پيو ايندو ويندو هو. هن کي هر هڪ گهمري لاءِ ٽي فرش ملندا هئا: روزي ڪمائڻ جو اهو طريقو جڻ ته سُئي سان کوهه کوٽڻ مثل هو. جڻ ته ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ ڪرڻو هو. جيڪڏهن گهر جا ڀاتي انهيءَ روزيءَ تي ڀاڙي ويهن ها، ته پوءِ ڇئن انسانن جو پيٽ پالڻ ٻنهه هڪ اڻ ٿيڻي ڳالهه هئي. پر شڪر آهي جو سندس زال گلنار کي هفتي ۾ ٻه ٽي پيرا ڀاڙي وارا ڀارڻ ٺاهڻ لاءِ گهرائيندا هئا. انهيءَ ڪم ۾ جڏهن ٻه هن کي وجهه ملندو هو تڏهن هوءَ مڙس جي ڪمائيءَ ۾ هٿ ونڊائڻ لاءِ گهٽي ٺڪي ڪرڻ کان ٻه ڪين ڪيٻائيندي هئي. اها ٺڪي هڪ ٻي ضرر ۽ بلڪل معصوماڻي هوندي هئي. هوءَ ان ڪم ۾ ٿورو وڌيڪ پاڻي، هڪ ٻه ڏول وڌيڪ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. جيئن مڙسس کي ٻه ٽي فرش وڌيڪ ملي سگهن.

پر هاڻ اوچتو ئي اوچتو خبر پئي ته ڪجهه ٻه نه رهيو هو. درسن آغا جي موت جي خبر جلد ئي پکڙجي ويئي. اڳينءَ رات صبح تائين برفباري ٿي هئي ۽ هوا لڳڻ ڪري برف ڄمي اهڙي ته سخت ٿي ويئي هئي جهڙو ڪائو. وري چشمي مان پاڻي پريندي اتي پاڻيءَ جا ڦڙا ڪريا هئا، سو ترڪڻ ٻه ڏاڍي هئي. درسن آغا جڏهن ڀريل ڏولن ۾ ڪنواٽيءَ جا ڪڙا وجهي جيئن ئي اٿڻ جي ٿي ڪئي ته ڏولن جي بار کان پاڻ سنڀالي نه سگهيو ۽ چشمي وٽ پيل پٿرن تي مٿي ڀر وڃي ڪريو. ڪنهن تي ڄاتو ته هو اينءَ اوچتو ئي اوچتو مري ويندو. درسن آغا کي ڏسڻ کان پوءِ ڪنهن سمجهي ٿي سگهيو ته هن جي پيٽ ۾ هڪڙو پٽ وڌيڪ نازڪ ۽ جلدي پڇڻ جهڙو هو پر هو....؟ ڪنهن جي وهم گمان ۾ ٻه ڪونه هو ته هو پنهنجو مٿو اهڙيءَ طرح ڀڄائي ويهندو. انهيءَ هوندي ٻه جيڪڏهن ڪو ماڻهو وڌيڪ سگهارو ۽ صحت وارو هجي ته اهو ٻه اهڙي ريت مري سگهي ٿو. بلڪل اهڙيءَ ريت اوچتو ئي اوچتو.

اها خبر جڏهن گلنار کي پئي تہ هوءَ ٿڌي جهڙي برف ٿي ويئي. ڇا اها سندس ننڍڙين اتڪلن ۽ نڱين جي سزا هئي؟ نہ. نہ خدا تہ ايترو ظالم ٿي نہ ٿو سگهي. اهو تہ هڪ اتفاق هو ان جا ڪيترائي اکين ڏٺا شاهد هئا: هو ترڪيو ڳاٽي پر ڪريو ۽ مري ويو. ڪو بہ ماڻهو اهڙيءَ طرح مري سگهي ٿو.

انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي، تہ اهڙا ماڻهو پنهنجي پٺيان ڪي نہ ڪي ڇڏي ويندا آهن. جيئن سندن پونير پنهنجي پيرن تي بيهي سگهن. درسن آغا جيڪا دولت ڇڏي هئي اها رڳو بہ ڏول ۾ هڪ ڪنواٽي هئي.

هاڻي گلنار ڇا ڪندي؟ هوءَ سوچيندي رهي، ويچاريندي رهي، پر ڪو بہ فيصلو نہ ڪري سگهي. نون سالن ۽ ڇهن سالن جي ٻن ٻارن سان اڪيلو رهجي وڃڻ ڪا سولي ڳالهہ ڪانہ هئي. هفتي ۾ بہ ٽي ڀيرا ٻاڙي وارن جا ڪپڙا ڌوئي هوءَ ڪهڙيءَ طرح انهن ٻن ٻارن جو پيٽ پالي سگهندي؟ هوءَ انهيءَ پاٽيءَ بابت سوچڻ لڳي، جيڪو گهٽو استعمال ڪندي هئي، پر هاڻي پاٽيءَ بابت ڪجهہ بہ نہ ٿي سوچي سگهي: اک ڇنڀ ۾ سڀ ڪجهہ بدلجي ويو هو. هاڻي گهٽي يا ٽوري پاٽي واپرائڻ ۾ ڪو بہ فرق نہ رهيو هو. جيڪر ڪا اهڙي راهہ ملي جو هوءَ پاڙيوارن جي ڪپڙن ڌوئڻ کان آجي ٿي سگهي. جنهن پاٽيءَ سان ڪڏهن ڪيس پيار هو. هاڻ اهو نفرت جهڙو ٿي پيو هو ان جي وهڪري ۾ دشمني هئي، ان جي ڇُلڪي ۾ دولاب هو. پاٽيءَ کي ڏسڻ يا ان جي وهڪري کي ٻڌڻ سان ڪيس نفرت ٿي ويئي هئي.

جڏهن ڪنهن گهر ۾ ڪو ماڻهو مرندو آهي، تڏهن ڪنهن کي بہ رڌ پچاءُ جو ڪو خيال نہ هوندو آهي. گهر جي ڀاتين کي ڪاڏو تہ ڇڻ ياد ئي نہ رهندو آهي. جڏهن پيٽ ۾ وٽ پوندا آهن، ۽ جسم ساٽو ٿي ويندو آهي، تڏهن ڪونہ ڪو چوندو آهي تہ ٻہ ٽي گرهہ پيٽ ۾ وجهو. اهڙيءَ طرح ڪاڏي ڪائڻ کان پوءِ ماڻهو وري پنهنجي عام زندگيءَ ڏانهن موٽي ايندا آهن.

مسلمانن ۾ اهو عام رواج آهي تہ جڏهن پاڙي ۾ ڪو مرندو آهي تہ ان جي گهر هڪ يا ٻن ڏينهن تائين ڪاڌو موڪليو ويندو آهي. گلنار ۽ سندس ٻارن وٽ جيڪو پهريون ڪاڌو آيو سو انهيءَ اڳي گهر مان آيو جيڪو گهٽيءَ جي ڪنڊ تي هو. اتي رئوف واپاري رهندو هو. ميل پنڌ پري

ڪان ئي اهو گهر ڏسي هر ڪو ئي چوندو هو تہ اهو ڪنهن امير ماڻهوءَ جو گهر آهي. جنهن ڏينهن درسن آغا مئو هو انهيءَ ڏينهن ٻنپهرن جو اچي گهر جي نوڪرياڻي هڪ وڏو طشت ڪٽي آئي ۽ هن گلنار جو در ڪڙڪايو. طشت ۾ ٻڳل ڪڪڙ، بيدا، ٻاڪرو ٻڳل گوشت، اڙاتن ۽ مٺاين جا ڍاڪون رکيل هئا.

انهيءَ ڏينهن ڪنهن کي بہ ڪاڏي جو خيال ئي ڪونہ هو پر جيئن ئي طشت تان ڪپڙو لاٿو ويو ۽ ڪاڏي جي خوشبوءِ پکڙي، هنن ۾ ڄڻ تہ ساهہ پئجي ويو.

سيئي ماٺ ميٺ ۾ ڪاڏو کائڻ لڳا، اهو انهيءَ ڪري جو ٿي سگهي ٿو تہ اڳي هنن اهڙا سٺا ڪاڌا نہ ڏٺا هئا يا ٿي سگهي ٿو تہ بک جي ڪري سندن حواس تيز ٿي ويا هئا. پر هنن کي ڪاڏو ڏاڍو لذيذ ۽ سوادي لڳو ۽ هڪ دفعو کائڻ کان پوءِ هنن کي ٻيهر کائڻ ۾ ڪو عيب ڪونہ ٿي ٿيو. ٻنپهرن جي ڪاڏي مان جيڪي ڪجهہ بچيو اهو رات جو ڪاڏو ويو.

ٻئي ڏينهن هنن وٽ هڪ ٻئي پاڙيسريءَ وٽان ماني آئي. اهڙيءَ طرح ٽي چار ڏينهن ٿي ويا. اهو صحيح آهي تہ ٻين گهرن مان جيڪو ڪاڏو ايندو هو اهو اچي گهر مان آيل ڪاڏي جي ڀيٽ ۾ گهٽ ۽ بي سواد هوندو هو.

انهيءَ هوندي بہ گلنار جي گهر ۾ جيڪي ڪجهہ پچندو هو انهيءَ کان هزار ڀيرا سٺو ۽ جهجهو هوندو هو. جيڪڏهن اهو ڪاڏو لاڳيتو ايندو رهي ها تہ گلنار ۽ سندس ٻار پنهنجي حياتيءَ جي پڇاڙيءَ تائين درسن آغا جي مرڻ جو ڏک سولائيءَ سان سهي وڃن ها. پر جڏهن طشت اچڻ بند ٿي ويا ۽ گهٽيءَ جي ڪوئلن واري ڪان اڌ سير ڪوئلا گهرائڻ بہ هنن جي وس کان ٻاهر ٿي ويا، تڏهن اهو ڏک هنن کان ٻنهہ سٺو نہ ٿيو.

ڀرين ڏينهن جڏهن ڪاڏو نہ آيو تڏهن ٻنپهرن تائين هنن کي اميد هئي تہ ڪٿان نہ ڪٿان ڪاڏو اچي ويندو. ٻاهر گهٽيءَ ۾ ڪو ڪڙڪو ٿيندو هو تہ سڀ ڊوڙي در تي ويندا هئا. انهيءَ اميد سان تہ اچي ڪپڙي سان ڍڪيل ڪاڏي جو ڪو وڏو طشت هوندو پر انهيءَ جي بدران هنن ڏٺو تہ ماڻهو رواجي طرح پنهنجن ڪمن ڪارين سان پئي آيا ۽ ويا، ۽ سندن هٿ خالي هئا. انهن ٻن ٽن ڏينهن ۾ هو بلڪل نئين قسم جي ڪاڌن کائڻ جا

هيراڪ ٿي ويا هئا. تنهن ڪري هنن کي گيهه جي ذري ۾ گلنار جي رڌل پٽاٽن کائڻ ۾ به ڏاڍي تڪليف پئي ٿي. پر هاٽي ہي ڪا به واهه نه هئي. ڪين پنهنجي اڳوٽي ڪاڏي کي شڪر سان ڪاٽئو پيو. ٽن چئن ڏينهن تائين ته هنن کي بک ئي ڪانه ٿي لڳي پر نيٺ گهر ۾ رکيل ڪاڏي جون سڀ شيون جهڙوڪ: گيهه، ڪٽڪ ۽ پٽاٽا کپي ويا. ٻه ٽي ڏينهن هنن کي جيڪي به ٽي نظر آيو اهو کائي ٿي ويا. ٻه ٽي بصر، ثوم جون ڳڙيون ۽ ڪبٽ ۾ پيل سڪل ليما. آخر اهو ڏينهن به آيو جڏهن گهر جو هر ٿانءُ، چمچي، شيشي ۽ پيتي خالي ٿي ويئي. انهيءَ ڏينهن ٻهريون پيرو اهي سيئي بکئي پيٽ سمهي رهيا.

ٻئي ڏينهن به ڪاڏي لاءِ ڪجهه ڪين هو. ٽپهريءَ جو ننڍو پٽ رڙيون ڪرڻ لڳو. "امان مون کي پيٽ ۾ وٽ پيا پون!" ماڻس وراڻيو "پٽ، ٿورو صبر ڪر. ٿوري ماٺ ڪر. ڪي نه ڪي ضرور ٿيندو." هنن سيني کي ايئن پئي لڳو ته سندن معدا سُسي ڪنهن ٻار جي مٺ جيترا وڃي ٿيا آهن. هو جڏهن اٿي ٿي بيٺا ته سندن اکين ۾ اوندهه ٿي اچي ويئي. پنيءَ پر ليٽيو رهڻ هنن کي وڌيڪ سولو ٿي لڳو. جاڪاڻ ته هنن کي محسوس ٿي ٿيو ته ڪي خواب پيا ڏسون. سندن اکين اڳيان ساوا ۽ ڳاڙها ترورا پئي آيا ۽ سندن ڪنن ۾ انيڪ آواز پئي ٻُريا. هنن کي محسوس پئي ٿيو ته سندن آواز آهستي آهستي وڌيڪ جهيٽو ٿيندو پيو وڃي.

ٻئي ڏينهن گلنار هڪڙو خواب ڏٺو. شايد گهٽيءَ ۾ ڪو ماڻهو آيو هو جنهن کي گهرو ڪم ڪار لاءِ ڪنهن نوڪرياڻيءَ جي ضرورت هئي. ٿي سگهيو ٿي ته ڪنهن صبح جو هنن کي نياپو ملي. "گلنار کي چئو ته اچ ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ اسان وٽ اچي." گلنار جنهن سنهُن ڪنيو هو ته آئون ڪڏهن به پاڻيءَ جي ڏول ڏانهن اک کڻي نه ڏسنديس. هاڻي انهيءَ سڏ لاءِ واجهائي رهي هئي. پر گهٽيءَ جي رهاڪن مناسب نه سمجهيو ته هن کي ڪنهن ڪم لاءِ گهرائين. "ويچاري غريب مائي!" هنن سيني چيو "اجا هن جي دل غم ڪان ماندي هوندي: هوءَ اجا ان لائق نه هوندي جو ڪپڙن ڌوئڻ جو ڪم ڪر سگهي. ويچاري غريب!"

انهيءَ صبح جو گهر جي ياتين مان ڪنهن به اُتڻ جو خيال نه ڪيو. هنن سيني ڪاڏي جا خواب پئي ڏٺا. البت ننڍي ڇوڪري ڪڏهن

ڪڏهن ڳالهايو ٿي. "آءُ تہ ماني پيو ڏسان. امان هيڏانهن ڏس (هن اهڙيءَ طرح پنهنجو هٿ وڌايو چڻ تہ مانيءَ کي جهٽڻ ٿي گهريائين!)

"ماني کهڙي نہ نرم. کهڙي نہ مزيدار ۽ کهڙي نہ پڪل آهي."

وڏي ڇوڪري مانيءَ بدران مٺائي ڏني. هن ويچاريو تہ مون کهڙي نہ غلطي ڪئي. مون کهڙي نہ بيوقوفي ڪئي. جڏهن مٺائيءَ جا طشت پرجي آيا هئا. تڏهن مون ان مان پورو لطف بہ حاصل ڪونہ ڪيو. مون کهڙي نہ بيوقوفي ڪئي، جو مون پنهنجو حصو هڪدم کائي ڇڏيو. جيڪڏهن هڪ دفعو وري مٺائي ملي تہ مون کي خبر پئجي ويئي آهي تہ آئون ڇا ڪندس. آئون تمام آهستي آهستي مٺائي کائيندس; هر هڪ گرهہ مان پوريءَ طرح مزو وٺندس.

گلنار پنهنجي هنڌ ۾ ليٽي پئي هئي. هن پنهنجن ٻارن جا اهي پٽڪار بہ پئي ٻڌا. هن پنهنجي ڇپن ۾ چڪ پئي هنيان تہ متان ٻار هن جا سڏڪا ٻڌي سگهن. هن جي پوريل اکين مان ڳوڙها نڪري، لونڊڙين وٽان ٽيندا، هيٺ پئي ڪريا. ٻاهر زندگي اڳي وانگر جيئن جو تيئن هئي. هوءَ آواز ٻڌي سمجهي ٿي سگهي تہ ٻاهر ڇا پئي ٿيو ٻاهران گهٽيءَ ۾، جتي رهندي هن کي ورهين جا ورهيہ ٿي ويا هئا.

هڪڙو دروازو بند ٿيو. پاسي واري گهر جو ننڍو ڇوڪرو جودت اسڪول پيو وڃي. هو سدائين نڪاءُ سان درواز بند ڪندو آهي. جيڪڏهن هن جي بدران وڏو ڇوڪرو سليمان هجي ها، تہ اهو آهستي دروازو بند ڪري ها. ڀنهي ڀائرن جون عادتون ڪيتريون نہ جدا جدا آهن! هاڻي سنڌن جي سور ۾ ورتل پوڙهي پير پير ۾ رکيو گهلبي پئي وڃي. هوءَ صالح جي ماءُ آهي. جيڪو ساموندي جهاز ۾ ڪيبن بواءِ جو ڪم ڪري ٿو. هوءَ بازار · سودو سلف وٺڻ پئي وڃي. وڏيڪ قدمن جا آواز هاڻي تحسين آفندي حجم آهي، جيڪو گهٽيءَ جي ڇيڙي وٽ ڳاڙهي گهر ۾ رهندو آهي. بازار ۾ پنهنجو دڪان کولڻ لاءِ هو هميشه صبح جو هن وقت هتان لنگهندو آهي. هن کان پوءِ پيو واپاري ۽ دڪاندار ادريس آغا جو پوٽو حسن بي آهي. هو بجلي آفيس ۾ ڪلارڪ آهي. جيئن ئي هن جي ڪنهن پڙهيل لکيل ڇوڪريءَ سان شادي ٿي، هو هن گهٽيءَ مان لڏي

ويندو. هيءَ وري اسڪول جي ماسترياڻي نوري خانم آهي. هن کان پوءِ وري فيض الله آفندي آهي. جيڪو سليپر ٺاهيندو آهي. وري جميل بي ٽئڪس اڳاڙيندڙ آهي. سيني کان پوءِ روٽيون وڪڻندڙ آهي. جيڪو سدائين رفالي بي جي گهر وٽ ضرور ٻيهندو آهي. هو روز ايندو آهي. بلڪل هيڏيءَ مهل. هن جي گهوڙي جي ٻنهي پاسي کان ٻڌل وڏا ڪوڪا روٽين ۽ نانن سان ڀريل هوندا آهن. گهوڙي جو آواز پري کان ئي ٻڌڻ ۾ ايندو آهي. اهو آواز ڀهرين وڏي ڇوڪري ٻڌو ۽ هن پنهنجي پاءُ ڏانهن ڏٺو ٻنهين جون نظرون مليون. ننڍي پاءُ ڀٽڪيو "ماني!"

آواز جيئن پوءِ تيئن ويجهو ايندو ويو. ٽڏي ڪمري ۾ گلنار آهستي آهستي اٿي ۽ ٻاهر وڃڻ لاءِ بدن تي لوئي ويڙهڻ لڳي. هن فيصلو ڪيو تہ ٻہ نان اوڌر تي ضرور وٺنديس. پوءِ جڏهن ڪپڙن ڌوئڻ جو ڪم مليو ۽ پئسا آيا تہ قرض لاهي ڇڏينديس. هن جو هٿ در جي ڪڙي تي هو ۽ هوءَ در جي اندرئين پاسي ٿي بيهي رهي. سندس سمورو ڌيان آواز ڏانهن هو. گهوڙي جي سنبن جي ويجهو ايندڙ آواز سندس همت کي ڇچري ڇڏيو. هن جي همت ۽ حوصلو ڇپيائنجي ۽ ڇچرجي رهيو هو. نيٺ جڏهن آواز ٺورن قدمن تائين پهتو تہ هن اوچتو زور سان دروازو کوليو. گلنار جون اکيون ڦاٽنديون ويون ۽ هوءَ ان ڪاڌي کي، اُن ايمان کي پنهنجي اڳيان لنگهندي ڏسندي رهي. اچي گهوڙي جي پاسن کان ٻڌل چورس ڪوڪا ايترا تہ وڏا هئا جو نہ رڳو وهٽ جو پاسو ڍڪجي ويو هو پر اهي زمين سان ٻہ پئي لڳا. ٻئي ڪوڪا ڪناتار نانن سان ڀريل هئا. اهي نان خالص ۽ نج اڇي ڪڻڪ جا پڪل هئا. سيئي نان ڏاڍا تازا. ملائم ۽ نرم پئي لڳا. انهن کي هٿ لائڻ سان ڪيتري نہ خوشي ، ڪيترو نہ آرام ملندو! پري کان ئي انهن جي خوشبوءِ نڪ مان ٿيندي نڙيءَ کي واسي ٿي ڇڏيو. گلنار هڪ ڳيت ڏني ۽ جيئن ئي هن روٽين واري کي ڪجهہ چوڻ لاءِ پنهنجو وات کوليو. هن وڏي واڪي چوڻ ٿي گهريو"اوڌر" هن جي سموري همت ۽ حوصلو هارجي ويو ۽ هن جي وات مان ٻڙڪ بہ ٻاهر نہ نڪتي.

هوءَ اتي بت ٿيو ڪوڪن ڏانهن گهوريندي رهي، جيڪي گهر جي ڪاٺ جي پٽين سان گهڪندا پئي ويا. اَن جيڪو ايمان آهي، هن جي گهر

اڳيان پئي ويو. پر هن ۾ ايتري سگهه نه هئي جو هٿ وڌائي ان مان ڪجهه کڻي سگهي. گهوڙو آهستي آهستي اڳتي وڌندو ويو ۽ پنهنجو اڇو ۽ ڊگهو پڇ رومال وانگر لوڏيندو ويو. "خدا حافظ, گلنار! خدا حافظ, خدا حافظ!"

دروازي کي زور سان بند ڪري هوءَ ڪمري ۾ موٽي آئي. هن کي پنهنجن ٻارن جي تپيل اکين ۾ ڏسڻ جي همت ئي نه ٿي, جيڪي وڏي اميد رکيو ويٺا هئا. هن کي ڪا به اهڙي جاءِ نظر نه ٿي آئي, جتي پنهنجا خالي هٿ لڪائي سگهي. اوچتو هن کي ايئن لڳو ڄڻ ته هوءَ انهن جي ڪري شرمندي هئي. ڪمري ۾ ڪنهن به ڪو نه ڳالهايو. ڇوڪرن ماٺ ڪري پنهنجا منهن ڦيرائي ڇڏيا. وڏي ڇوڪري پنهنجون اکيون ٻوٽي ڇڏيون, جيئن ماءُ جي خالي هٿن کي نه ڏسي سگهي. سندس پاءُ به اهو ئي ڪيو. گلنار فرش تي وڇايل پنهنجي هنڌ ڏانهن ويئي ۽ هڪ پاڇولي جهڙي هلڪڙائيءَ سان هن پاڻ کي ان تي ڪٽي ڇڏيو. هوءَ ڪروڌڙي تي ويٺي. هن پنهنجا پير ڊگهي چولي ۾ لڪائي ڇڏيا ۽ پنهنجيون ٻانهون ڪلهن تي پيل ڦاٽل لوئي ۾ ويڙهي ڇڏيون. هن پاڻ کي ڪنڊ ۾ لڪائي ڇڏيو. ايئن ٿي لڳو ڄڻ هن گهريو ٿي ته پاڻ کي فنا ڪري ڇڏي. هوءَ پراڻن ۽ ڦاٽل ڪپڙن جو ڍير پئي لڳي. ڪمري جي فضا ۾ هڪ قسم جي چڪتاڻ پئي معلوم ٿي. ماٺ گهري ٿيندي ويئي. گهڻي وقت تائين ڪنهن چرپر به نه ڪئي. نيٺ ننڍي کان رهيو نه ٿيو. هن جي دانهن ڪمري جي ماٺ ۾ پڙاڏو ٿي اُڀري:

"امان! امان!"

"جيءُ پٽ؟"

"هاڻي مون کان سئو نه ٿو ٿئي! منهنجي پيٽ ۾ الائجي ڇا پيو ٿئي!"

"ماءُ توتان گهور وڃي. منڙا پٽ!"

"امان! هٿ منهنجي پيٽ ۾ ڪا شيءِ پئي سُري."

"اهو بک جي ڪري آهي پٽ! مون کي پڻ پيٽ ۾ وٽ پيا پون. تون ڳڻتي نه ڪر, ڪجهه به ڪونهي. تنهنجا آنڊ پيا ڇُرن!"

"آئون مران ٿو امان! آئون مران ٿو."

وڏي ياءِ پنهنجيون اکيون کوليون ۽ پاڻس ڏانهن نهاريو. گلنار وري پنهي ڏانهن گهوريو. ننڍو ڇوڪرو ماٺ هو. هن جون اکيون ڪاريون ٿينديون ويون ۽ چپ خشڪ. ٺوڍ ۽ اچا. هن جي منهن جا هڏا نڪري آيا سنا. هن جي چمڙيءَ جو رنگ بي رت. ڦڪو ۽ هيڊو ٿي ويو هو. نيٺ گلنار اشاري سان وڏي ڇوڪري جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو. هو اٿي ڪڙو ٿيو ۽ ٻئي ڪمري مان ٻاهر نڪري ويا. ٻئي ڪمري ۾ گلنار اهڙي طرح آهستي ڳالهايو جو جڻ ته ڊني ٿي ته ڪير ٻڌي نه وٺي. "پٽ تون هينئن ڪر جو بوڍي دڪاندار ڏانهن وڃ. هن کان ٿورا چانور اٽو ۽ پٽاٽا وٺي اچ. چئجانس ته ڏينهن ٻن ۾ پئسا ڏينداسون."

ٻاهر گهٽيءَ ۾ ڏاڍو سيءُ هو ۽ ڇوڪري جو ڦاٽل ڪوٽ اهڙو مضبوط نه هو جو سيءَ جي سٽ سهي سگهي. هن جي ٽنگن مان سگهه ئي نڪري ويئي. هو پٽ کي ٽيڪ ڏيندو پاڻ سنڀاليندو دڪان ڏانهن روانو ٿيو. جراحَ پاشا جي نڪري وٽ پهچي هن دڪان جي در تي قدم رکيو اندر هڪ وڏيءَ سگريءَ ۾ باهه پئي ٻري ۽ سڄو دڪان گرم هو. ڇوڪرو اندر وڃي ويهي رهيو ۽ انتظار ڪرڻ لڳو ته ٻيا گراهڪ پنهنجو پنهنجو سودو وٺي وڃن، ته پوءِ دڪاندار سان اڪيلائي ۾ ڳالهائي. ڪمرو ڪيترو نه گرم هو! جڏهن هر ڪو سودو وٺي هليو ويو ته ڇوڪرو سگريءَ وٽان اٿي وڌيو ۽ دڪاندار کي اڌ سير چانور اڌ سير اٽي ۽ اڌ سير پٽاٽن ڏيڻ لاءِ چئي، پنهنجي کيسي ۾ اهڙيءَ طرح هٿ وڌائين، جڻ ته پئسا ڪڍي ڏيندو. پر پوءِ اهڙي طرح منهن ڪيائين. جڻ پئسا گهر وساري آيو آهي. انهيءَ ڪري ٿورو پريشان ٿيندي چيائين "اڙي آئون پئسا ته گهر وساري آيو آهيان. تنهنجو ڇا خيال آهي؟ مون کان اهو نه ٿيندو ته ههڙي سيءَ ۾ وري گهر موٽي وڃان ۽ پئسا کڻي اچان، تون مهرباني ڪري لکي ڇڏ سڀاڻي سودو وٺڻ ايندس ته اهي پئسا به کڻي ايندس. بوڍو دڪاندار ته اهڙين چالاڪين مان اڳ ۾ ئي واقف هو پنهنجي عينڪ ۽ پرن جي وچ مان ڇوڪري کي ڏسندي هن چيو "تون ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو آهين، جن وٽ گهر ۾ پئسا هوندا آهن، اهي ايترو ڪمزور نه ٿيندا آهن." هن ڇوڪري جي ڪا به ڳالهه ڪانه ٻڌي ۽ چيائين، "پهرين پئسا کڻي اچ ته پوءِ شيون توريان."

”جيڪا تنهنجي مرضي،“ ڇوڪري جواب ڏنو ۽ پنهنجي بهاني ۽ ڪوڙ تي ششدر ٿيڻ لڳو. ”آئون پئسا ڪٽي ايندس.“ اهو چئي هو تڪڙو تڪڙو ٻاهر نڪري ويو.

جڏهن ڇوڪرو دڪان مان هليو ويو تڏهن بوڍي آغا پنهنجي زال ڏانهن ڏٺو جيڪا دڪان جي ڪم ڪار ۾ سندس هٿ ونڊائيندي هئي. ”ويچارا غريب!“ هن چيو ”هن لاءِ مون کي ڏاڍو ڏک آهي. خبر ناهي ته هاڻي هنن جو ڇا ٿيندو؟ اهي پنهنجو گذر سفر ڪيئن ڪندا؟“

هن جي زال ڪنڌ لوڏيندي چيو ”هائو مون کي پڻ ڏاڍو ڏک آهي. ويچارا مسڪين!“

ڇوڪري کي هينئر لڳو ته سيءُ گهٽو وڌي ويو آهي. اهو هن جي سهپ کان ٻاهر هو. گهٽيءَ جي ڇيڙي تي اچيءَ جاءِ جي چمنيءَ مان دونهون پئي نڪتو. انهيءَ جاءِ جا رهاڪو ڪيترا نه خوش نصيب آهن! هن اها ڳالهه ڪا ساڙ وچان ڪانه سوچي هئي. پر هو ته مورڳو هنن جو شڪر گذار هو جو انهن ماڻهن هن کي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو سٺا سٺا طعام کارايا هئا.

ڇوڪرو تڪڙا تڪڙا قدم کڻندو پنهنجي گهر ڏانهن هلندو رهيو. سيءُ ۾ هن جا ڏند پئي ڪڙڪيا. گهر پهچي هن پنهنجي ماءُ ۽ پاءُ کي ڪجهه به ڪونه چيو. سندس خالي هٿن هنن کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو.

هنن جي سوال پڇندڙ اکين اڳيان هن پنهنجو ڇنل ڦاٽل ڪوٽ لاٿو ۽ هنڌ ۾ ليٽڻ لڳو جنهن ۾ اڃا تائين گرمائش هئي. هن کان رهيو نه ٿيو ۽ چوڻ لڳو ”مون کي سيءُ ٿو لڳي، مون کي سيءُ ٿو لڳي.“ هن جي ڏڪندڙ جسم مٿان سوڙ هيٺ مٿي ٿيڻ لڳي.

گلنار کي جيڪي به نپڙ مليا اُهي کڻي هن جي مٿان وڌائين. هوءَ ڇوڪر جي ڏڪندڙ جسم مٿان هيٺ مٿي ٿيندڙ سوڙين ۽ ڪمبلن کي خوفائتين نظرن سان ڏسڻ لڳي. ڪلاڪ اڌ تائين ڇوڪرو ايئن ئي ڏڪندو رهيو. انهيءَ کان پوءِ هن کي سخت بخار ٿيو ۽ هن جي جسم جو سڄو ست نڪري ويو. ڇوڪرو هنڌ تي پٺيءَ ڀر سنئون سڌو ليٽيو پيو هو. هن ڪا به چرپر نه ٿي ڪئي ۽ خالي خالي اکين سان گهوري رهيو هو.

گلنار سوڙ جو پلاند مٿي کنيو ۽ پنهنجن ٽڏن هٿن سان هن جي ٻرندڙ پيشانيءَ کي ٿڏي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

مايوسيءَ ۽ نااميديءَ وچان گلنار شام تائين گهر ۾ هيڏانهن هوڏانهن هلندي رهي. هن کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڇا ڪجي. هوءَ سوچي به نه ٿي سگهي. هوءَ هڪڙي ڪمري مان ٻئي ڪمري ۾ ايندي ويندي رهي ۽ خالي چمڪندڙ اکين سان گهر جي ڀتين، ڇتين ۽ سامان کي ڏسندي رهي. اوچتو هن کي احساس ٿيو ته ڪيس ذري به بک ڪانهي. اها شايد اهڙي بي حسي هئي، جيڪا گهٽي گرميءَ يا سرديءَ سبب ٿيندي آهي. بُک هن جي رڳن ۽ پٺن جون نوڪون ۽ ڪنارا مڏا ڪري ڇڏيا هئا.

سج لٿي ڪا ويرم ٿي هئي ۽ بخاريل ڇوڪري جي مٿان لاٿل سوڙن ۽ ڪمبلن جا فرش تي پيل ڊير جڻ اوندهه جو هڪ ڍڳ پئي لڳا. انهيءَ ننڍڙي ڊير کي تڪيندي اوچتو هن جي ذهن ۾ هڪ خيال آيو. ضرور ڪونه ڪو هوندو جيڪو هن ڊير کي خريد ڪري ۽ مون کي ڪي پئسا ڏي. هن کي پنهنجي هڪ پاڙيسريءَ جي ڳالهه ياد آئي جنهن چيو هو ته شاهي بازار ۾ هڪڙو دڪان آهي، جتي پراڻا ڪپڙا وغيره خريد ڪيا ويندا آهن. پر اهو دڪان ته هينئر بند ٿي ويو هوندو. هاڻي صبح ٿيڻ تائين انتظار ڪرڻو پوندو.

انهيءَ خيال هن جي ماندي من کي ٿوري آٿت ڏني ۽ هوءَ هڪڙي ڪمري مان ٻئي ڪمري ۾ اچڻ وڃڻ بند ڪري، پنهنجي پٽ جي هنڌ وٽ هن جي پير ۾ ويٺي.

ڇوڪري جو بخار تيز ٿي ويو هو. گلنار بت بڻي هن کي گهوريندي رهي. ننڍو ڇوڪرو به بک کان ننڊ نه ڪري سگهيو. هن پڻ اکيون ڦاڙي هنن کي پئي تڪيو. بيمار ڇوڪرو آهستي آهستي ڪنڪيو بخار ۽ بي آراميءَ وچان ڦٿڪيو ۽ لڇيو هن جا ڳل تپي سرخ ٿي ويا هئا. هن جون وڏيون، نه چرندڙ ۽ چمڪندڙ اکيون ڇت ۾ کتل هيون ۽ هو بنا ڏسڻ جي ان طرف گهوريندو رهيو ۽ غشيءَ ۾ ڳالهائيندو رهيو. ننڍو ڇوڪرو پنهنجي هنڌ مان ڏاڍي غور سان هن کي ڇتائيندو رهيو. بيمار ڇوڪرو بخار جي تپش کان جڏهن وري بيهر ڳالهائڻ لڳو ته ننڍو ڇوڪرو پنهنجي هنڌ تي

اٿي ويٺو ۽ جهيڻي ۽ نرم آواز ۾، جيڪو رڳو ماڻس ٻڌي سگهي، چوڻ لڳو "امان! ادا مري ويندو ڇا؟"

گلنار ايئن ڏڪي ويئي، ڄڻ ته برف پريل هوا اوچتو هن جي چمڙيءَ کي ڇهيو هو. هن ٻوائتين اکين سان پنهنجي پٽ ڏانهن نهاريو "تون اهو ڇو ٿو چوين پٽ."

ماءُ جي ٻوائتي گهور هيٺ ڇوڪري پل کن لاءِ ماٺ ڪئي، پوءِ هو اڳتي وڌي ماءُ جي ويجهو آيو ۽ ٻاءُ کان پنهنجو آواز لڪائڻ جي ڪوشش ۾ تمام آهستي چوڻ لڳو:

"ڇاڪاڻ ته اڄي گهر مان وري سنا سنا ڪاڏا ايندا."

---

(مصر)

توفيق الحڪيم

# ڪرامتون

فجر جو آکيرن ۾ پکين جي لات شروع ٿيڻ کان اڳ عادت مطابق پادريءَ جي اک کلي ويئي. هو اٿيو ۽ عبادت ڪري ديول جي ڪمن ڪارين ۾ مصروف ٿي ويو. اهو پادري اپرندي ملڪ جو هڪ روحاني پيشوا هو. اتي مذهبي اڳواڻ هن جي وڏي عزت ڪندا هئا ۽ ماڻهو هن کي اکين ۾ جايون ڏيندا هئا.

پادريءَ جي گهر جي در وٽ هڪ ننڍڙو کجيءَ جو وڻ هو جيڪو هن پنهنجن هٿن سان پوکيو هو. هو هميشه سج اڀرڻ کان اڳ ان کي پاڻي ڏيندو هو. جڏهن آسمان مان سج پنهنجي کجور جهڙي ڳاڙهي ڪني ڪڍي، ماڪ پنل پتن تي پنهنجا ڪرڻا اڇلائي، مٿن پيل چانديءَ جهڙن ڦڙن کي سونيءَ چار سان ڍڪيندو هو تڏهن هن جي ذهن ۾ سچ جو خيال پيو ڊوڙندو هو.

جيئن ئي پادريءَ کجيءَ جي وڻ کي پاڻي ڏئي پورو ڪيو ۽ واپس گهر ڏانهن ٿي ويو تہ هن پنهنجي اڳيان غمگين ۽ پريشان حال ماڻهن جي هڪ ميڙ کي ڏٺو. هڪ ماڻهو همت ڪري ڏاڍي نئڙت سان پادريءَ کي عرض ڪيو:

"بابا! اسان کي بچاءِ. توکان سواءِ ٻيو ڪير بہ اسان کي بچائي نہ سگهندو. منهنجي زال جا پويان پساهہ آهن ۽ مرڻ کان اڳ هن اوهان جي آخري دعائن لاءِ التجا ڪئي آهي."

"مائي ڪٿي آهي، پُٽَ؟"

"پر واري ڳوٺ ۾ آهي. سواري تيار بيٺي آهي. اوهان هلو." ان شخص ٻن گڏهن ڏانهن اشارو ڪندي چيو جيڪي سنجيا بيٺا هئا.

"پٽ، آءُ خوشيءَ سان هلندس." پادريءَ وراڻيو. "پر ٿورو ترسو تہ آءُ ڪم مان واندو ٿي پاڻرن کي ٻڌائي اچان."

"نه بابا، وقت بنهه ڪونهي." انهن ماڻهن هڪ آواز ٿي چيو. مائيءَ جو ساهه پيو نڪري، اوهان دير ڪئي ته هوءَ گذاري ويندي. تنهن ڪري جيڪڏهن اسان تي مهرباني ڪريو ۽ مرندڙ عورت تي رحم ڪريو ته هينئر ئي هليا هلو. ڳوٺ ڪو پري ڪونهي. ٻنپهرن تائين اتان ئي واپس هت پهچي ويندا سون."

"جيڪڏهن ڳوٺ ويجهو آهي ته پوءِ هڪدم هلو." پادريءَ جوشيلي انداز ۾ وراڻيو. هو ٻن گڏهن ڏانهن وڌيو ۽ ماڻهو هن جي پٺيان لڳا. هڪڙي گڏهه تي پادري چڙهي ويٺو ته ٻئي گڏهه تي مائيءَ جو مڙس. اهڙيءَ ريت اهو ننڍڙو قافلو تيزيءَ سان پنهنجيءَ منزل ڏانهن روانو ٿي ويو.

هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ هلندا رهيا ۽ پادري هر هر پٺي پڇيو ته ڪتي هلڻو آهي. پر ماڻهو گڏهن تي چهبڪن جا وسڪارا ڪندا، چوندا رهيا ته "چاڻ ته پهتاسون." تان جو ٻپهر اچي ٿيا ۽ پري کان ڳوٺ نظر آيو. ڳوٺ تائين ايندي ماڻهن ۽ ڪتن جا ميڙا ٿي ويا ۽ ماڻهن جي گوڙ ۽ ڪتن جي ٻاهوڙ ۾ پادري ڳوٺ جي هڪڙي ڪليل مَنهه ۾ اچي لٿو. ڳوٺاڻا پادريءَ کي هڪ وڏي لانديءَ ۾ وٺي ويا، جتي هڪڙي مائي ٽئين سَنئين تي کَٽ تي پيئي هئي. مائيءَ جون اکيون ڇت ۾ کُتل هيون. پادريءَ هن کي سڏ ڪيو پر هن ڪو به جواب ڪونه ڏنو ڇاڪاڻ ته هن جو ته ساهه پئي نڪتو. انهيءَ تي پادري دعائون پڙهڻ لڳو. هن جيئن ئي دعا پڙهي پوري ڪئي ته مائيءَ هڪ وڏو ساهه کنيو ۽ سڏڪا پري روئڻ لڳي. پادريءَ کي پڪ ٿي ته مائيءَ جا پويان پساهه آهن ۽ اجهو ٿو ساهه نڪريس.

پر مائيءَ پنهنجا ٻنبڻ چنبيندي اکيون کوليون ۽ ڪنڌ هيڏانهن هوڏانهن ڦيرائيندي پڇيو:

"آئون ڪٿي آهيان؟"

"تون پنهنجي گهر ۾ آهين." پادريءَ حيرت وچان جواب ڏنو.

"مون کي ٿورو پاڻي ته پياريو."

"وارو ڪري پاڻيءَ جو گلاس پري اچو." مائيءَ جي چوڌاري بيٺل مڙن مائٽن رڙيون ڪيون. "اڙي وارو ڪري دِلو ئي کڻي اچو."

ڪيترئي ماڻهو هڪ ٻئي پٺيان ڊوڙي ويا ۽ جهٽ ۾ پاڻيءَ جو هڪ ڪوزو کڻي آيا. مائيءَ پاڻي پي ڍؤ ڪيو ۽ اوڳرائي ڏيندي چيو:

”ڪو مانيءَ ڀُيو بہ آهي يا نہ؟ مون کي ڏاڍي بُک لڳي آهي!“

اهو ٻڌي وري سيئي هيڏانهن هوڏانهن ڀڳا ۽ مائيءَ جي اڳيان کاڌي جو ڍير گڏ ٿي ويو.

مائي بہ وٺي کائيندي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سيئي کاڌو کائي وئي. پوءِ هوءَ کڻ تان اُٿي ۽ هڪ صحتمند ۽ تندرست عورت وانگر پسار ڪرڻ لڳي. اهو ڏسي ماڻهو ادب ۽ تعظيم وچان پادريءَ جي پيرن تي ڪِري پيا ۽ هن جا هٿ پير چمي، وڏي واڪ چوڻ لڳا تہ، ”سائين، تون تہ ڪو ولي ٿو ڏسجين! تنهنجين دعائن هن گهر کي روشن ڪيو آهي ۽ مُئل عورت کي جياريو آهي. انهن مهربانين ۽ نوازشن جا ٿورا اسين ڪيئن مڃون؟“

”مُون تہ ڪجهہ بہ ڪونہ ڪيو آهي، جنهن لاءِ اوهان کي منهنجا ٿورا مڃڻا پون يا مون کي ڪو انعام وٺڻو پوي.“ پادريءَ وراڻيو جيڪو ان واقعي ڪري اڃا تائين حيران بيٺو هو. ”اهي تہ الله تعاليٰ جا احسان آهن.“

”اوهان جيڪي وٽيوَ سو چٽو.“ گهر جي مالڪ چيو. ”پر اي خدا جا ولي، اها تہ هڪ ڪرامت هئي. جيڪا خدا تعاليٰ اوهان جي هٿان ڪرائي آهي. اوهان هن غريب جهوپڙيءَ مان ويندڙ خوشين کي موٽايو آهي، جنهن ڪري اسان جي وڏي عزت ۽ مانُ ٿيو آهي. هاڻي مهرباني ڪري اسان غريبن کي حال سارو پنهنجي خدمت ڪرڻ جو موقعو ڏيو.“

گهر جي مالڪ هڪدم هڪ خُلاصي لانديءَ ۾ پنهنجي مهمان جي رهڻ جو انتظام ڪرايو. ان کان پوءِ پادري جڏهن بہ واپس وڃڻ جي اجازت ٿي گهري تہ گهر جي مالڪ پيرن فقيرن جا قسم سُنهن کڻي ٿي چيو تہ جيستائين ٿي ڏينهن پورا نہ ٿيا آهن، تيستائين آئون پنهنجي ماناڻتي مهمان کي واپس وڃڻ جي اجازت هرگز نہ ڏيندس. ڀلا اهو ٿي سگهي ٿو تہ جنهن شخص منهنجي گهر واريءَ کي موت جي مُنهن مان بچايو آهي، تنهن کي گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي خدمت چاڪري ڪرڻ کان سواءِ ڇڏي ڏيان! پادري لاچار رهي پيو ۽ گهر جي مالڪ ٽن ڏينهن ۾ هن جي ڏاڍي خدمت چاڪري ڪئي. مهمانيءَ جو وقت پورو ٿيو تہ مالڪ

سواريءَ جو بندوبست ڪيو ۽ مهمان کي گهر ۾ پهچايل نانَ. ڪڪڙيون ۽ ڪاڏي جون ٻيون شيون سوکڙي ڪري ڏنيون ۽ ديول جي نذراني لاءِ سؤ روپئي جو نوٽ هن جي هٿ تي رکيو. پوءِ گهر مان ٻاهر اچي، پادري گڏهه تي لانگ مس ورائي ٽي چڙهيو تہ هڪڙو ماڻهو ڪنگهندو سهڪندو آيو ۽ پادريءَ جي پيرن تي ڪري پيو.

”بابا، تنهنجي ڪرامت جون ڳالهيون سڀني ڳوٺن ۾ پکڙجي ويون آهن. منهنجو چاچو مرڻينگ حالت ۾ پيو آهي. آئون هن جي پنهنجي پيءُ کان بہ وڌيڪ عزت ڪريان ٿو. هن جي آخري خواهش آهي تہ مرڻ کان اڳ اوهان هن کي دعا ڪريو. مهرباني ڪري هن جي اها خواهش پوري ڪريو.“

”پر ٻچا، آئون تہ هاڻي پنهنجي گهر ٿو وڃان.“ پادريءَ بي يقينيءَ وچان ورائيو.

”سائين، هن ڪم ۾ اوهان کي دير ڪانہ لڳندي. آئون اوهان کي ايستائين ڪونہ ڇڏيندس، جيستائين اوهين مون سان گڏجي منهنجي چاچي وٽ نہ هليا آهيو.“ ائين چئي اهو شخص گڏهہ جو لغام جهلي اڳتي وڌيو.

”پر تنهنجو چاچو رهي ڪٿي ٿو؟“ پادريءَ پڇيو.

”سائين، سڏ پنڌ تي گهر آهي، اجهو تا پهچون.“

پادريءَ لاچار ڪٽي ماٺ ڪئي. هڪ ڪلاڪ هلڻ کان پوءِ نيٺ ٻئي ڳوٺ ۾ اچي پهتا. اتي بہ ساڳي لانڍي نظر آئي، جنهن ۾ هڪڙو شخص مرڻينگ حالت ۾ کٽ تي پيو هو ۽ هن جا مائٽ هن جي چوڌاري ٻڌتر ۾ ويٺا هئا. پادري هن جي ويجهو ويو ۽ هٿ ڪٽي دعا پڙهي مس پوري ڪئي تہ اتي بہ معجزو ٿي ويو. اهو شخص يڪدم اٿي ويٺو ۽ مانيءَ ۽ پاڻيءَ جو پڇڻ لڳو. اهو حال ڏسي ماڻهن جا وات ڦاٽي ويا ۽ هنن اتي جو اتي قسم سُنهن کڻندي چيو تہ هن نيڪ انسان جي مهماني ڪرڻ کان سواءِ هن کي نہ ڇڏبو ــ ۽ مهماني بہ پورن ٽن ڏينهن جي.

مهمانيءَ جو مدو طرحين طرحين جا طعام کائيندي، عزتون ۽ مانَ وٺندي پورو ٿيو. پوءِ پادريءَ کي سوکڙيون پاکڙيون ڏيئي ڳوٺ وارا هن

کي ڳوٺ مان اماڻڻ جي لاءِ روانا ٿيا تہ هڪ ٽئين ڳوٺ جو رهاڪو پڇندو آيو ۽ پادريءَ کي ٿوريءَ دير لاءِ پنهنجي ڳوٺ هلي دعائون ڪرڻ لاءِ چيائين، ڇاڪاڻ تہ هن جي ڪرامتن جي خبر سڄي ملڪ ۾ پکڙجي ويئي هئي.

انهيءَ شخص کان جان ڇڏائڻ پادريءَ جي وس ۾ نہ هئي. جو هو بہ گڏهہ جو لغام وٺي پنهنجي ڳوٺ ڏانهن هليو ۽ پادريءَ کي ڳوٺ ۾ وٺي آيو. اتي وري هڪ نوجوان هو جنهن جو هيٺيون ڌڙ سڪو پيو هو. پادريءَ اڃا هن کي هٿ ئي مس لاتو تہ هو پيرن پر اٿي بيٺو ۽ چوڌاري بيٺل ٻارن، جوانن ۽ ٻڍن جي خوشيءَ مان هنيل نعرن ۾ هلڻ لڳو. سيني ماڻهن قسم سنهن کنيا تہ ان ڪرامت ڪندڙ نيڪ انسان جي مانائتي مهماني ڪرڻ کان سواءِ کيس نہ ڇڏبو. گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن مهماني جهلبي، جيئن ٻين ڳوٺن وارن ڪيو. مهمانيءَ جا اهي ڏينهن پورا ٿيا، تہ ماڻهو سوکڙيون پاکڙيون کڻي آيا ۽ پادريءَ وٽ اهي تحفا ايترا تہ گڏ ٿي ويا، جو ذري گهٽ سندس گڏهہ جي چيلهہ ڇڄي ٿي ٿِي، ٻين ڳوٺن جي پيٺ ۾ هن ڳوٺ جي رهاڪن وڏي سخاوت بہ ڏيکاري ۽ پادريءَ کي نذراني جا ايترا تہ پئسا ڏنا، جو هن وٽ چار سؤ رپيا گڏ ٿي ويا. پادريءَ اها رقم هڪ ڳوٿريءَ ۾ وجهي، پنهنجي اندرئين کيسي ۾ لڪائي سوگهي ڪئي. پوءِ هو گڏهہ تي سوار ٿيو ۽ پنهنجي ميزبانن کي پنهنجي ڳوٺ تائين ڇڏي اچڻ لاءِ چيائين. اهڙيءَ طرح گڏهہ تي سوار پادري اڳيان هليو ۽ پٺيان ڳوٺاڻا پنڌ روانا ٿيا.

”نہ رڳو اسان جو ڌن دولت، پر اسان جي جند جان بہ ت لاءِ حاضر آهي.“ ڳوٺاڻن چيو. ”تون تہ اسان لاءِ هڪ املهہ ماڻڪ آهين. جيستائين اسان توکي تنهنجي ڳوٺ تائين نہ پهچايو آهي، تيستائين اسين توکي اڪيلو ڪونہ ڇڏينداسون.“

”منهنجي ڪري اوهان سيني کي ذاتي تڪليف پهتي آهي.“ پادريءَ چيو ”پر رستا سلامت ڪونهن. اوهان کي خبر آهي تہ هر هنڌ چورن ۽ ڦورن جا ٽولا پيا ڦرن.“

”سچ ٿا چئو.“ ڳوٺاڻن وراڻيو. ”تازو هتي ڏينهن ڏٺي جو هنن ماڻهن کي زوريءَ پيڇايو هو.“

"ان بديءَ کي ٻنجي ڏيڻ لاءِ تہ حڪومت بہ بي وس ٿي پيئي آهي." پادريءَ چيو.

"مون کي ٻڌايو ويو آهي، تہ ماڻهن کي زوريءَ پڇائي ويندڙن جا اهي ٽولا، ٻهراڙين ۾ لاريءَ جي رستن تي لڪي ويهندا آهن ۽ جڏهن مسافرن جي ڪا لاري اتان لنگهندي آهي، تہ ان کي بيهاري مسافرن کي ڏسندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪي آسودا ۽ سکر ماڻهو نظر ايندا اٿن، تہ انهن کي زوريءَ پاڻ سان وٺي ويندا آهن، جيئن انهن جا مٽ مائٽ ڳروِ ڳنگ ڏئي انهن جي جان ڇڏائين. ڪڏهن ڪڏهن تہ انهن لارين سان گڏ ويندڙ حفاظتي پوليس جي ماڻهن کي بہ زوريءَ پڇائي ويندا آهن. مون اهو بہ ٻڌو آهي تہ هڪ ڀيري هڪڙي لاريءَ ۾ مسافرن سان گڏ بہ پوليس وارا بہ هئا. ڦورن انهيءَ لاريءَ کي بيهاريو جن ماڻهن کي ڦورن جهليو انهن پوليس وارن کي مدد لاءِ سڏيو پر پوليس وارا ڦورن کان اهڙو تہ ڊنا جو هنن ماڻهن کي چيو تہ "وڃي پاڻ ۾ سمجهو اسان کي ڇڏيو تہ پڇون."

اها ڳالهہ ٻڌي ڳوناٽا کلڻ لڳا ۽ پادريءَ کي چيائون، "تون ڪا بہ ڳڻتي نہ ڪر. اسين توسان گڏ آهيون ۽ جيستائين تون پنهنجي ڳوٺ ۾ سلامتيءَ سان نہ پهتو آهين، تيستائين اسين توکي گڏهہ تان هيٺ لهڻ بہ نہ ڏينداسون."

"آئون سمجهان ٿو تہ اوهين وڏا بهادر آهيو. ان کان سواءِ اوهان مون کي عزتون ۽ نذرانا ڏئي، مون تي وڏا احسان ڪيا آهن."

"اها بہ ڪا چوڻ جي ڳالهہ آهي! تون تہ اسان کي پنهنجي ساهہ کان بہ وڌيڪ پيارو آهين." ڳوناٽا پادريءَ جي پٺيان هلندا رهيا ۽ هن جي ڪرامت جون ڳالهيون ۽ واڪاڻ ڪندا هليا. پادري بہ سندن ڳالهيون ٻڌندو رهيو ۽ جيڪي ٿي ويو هو ان تي ويچار ڪرڻ لڳو. نيٺ پادريءَ چيو "سچ ٿا چئو گذريل ڏينهن ۾ مون سان جيڪي ٿيو آهي، ان تي مون کي بہ حيرت ٿئي ٿي، پر ڇا اهو ممڪن آهي تہ اهي ڪرامتون منهنجي دعائن جي ڪري ٿيون آهن."

"توکي ان ۾ ڪو شڪ آهي ڇا؟"

”آئون ڪو ولي ڪونہ آهيان. جو انهن ٽون ڏينهن ۾ اهڙيون ڪرامتون ڪري ڏيکاريان. پر اهي اوهان ئي آهيو جن مون کان اهڙيون ڪرامتون ڪرايون آهن.“

”اسان ڪرايون آهن؟“ هنن سيني هڪ آواز ٿي چيو. ”تنهنجو مطلب ڇا آهي؟“

”آئون سچ چوان ٿو. اهي ڪرامتون اوهان ئي ڪرايون آهن.“

”اهو توکي ڪنهن ٻڌايو!“ ڳوناٽن هڪ ڀئي ڏانهن ڏسندي پڇيو.

”اهو اوهان جو ايمان آهي“. پادري پوري يقين سان چوندو رهيو.”اوهان جي ايمان ۽ عقيدي جي ڪري ئي سڀ ڪجهہ ٿيو. اوهان کي خبر ڪانهي تہ هڪ پڪي يقين رکندڙ جو روح ڪيترو نہ طاقتور ٿيندو آهي. عقيدو ۽ ايمان هڪ وڏي طاقت آهي، هڪ وڏي قوّت آهي. ڪرامتون اوهان جي دلين جي گَهراين ۾ اهڙيءَ طرح لڪل آهن، جيئن چشمي جو پاڻي پهاڙ ۾ لڪل هوندو آهي. رڳو عقيدي ۽ ايمان جي ڪري ئي ڪرامتون وجود ۾ ايندیون آهن.“ پادري اهڙيءَ ريت ڳالهائيندو رهيو ۽ سندس پنيان ڳوناٽا ڪنڌ لوڏيندا آيا. هو جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ جذباتي ٿيندو ويو ۽ کيس ڪا بہ سمڪ نہ رهي، تہ پويان ڳوناٽا هڪ ٻئي پٺيان آهستي آهستي پڇندا پئي ويا. جڏهن پادري پنهنجي ڳوٺ جي ويجهو پهتو تہ خيالن جي دنيا مان موٽي آيو ۽ ڳوناٽن جا ٿورا مڃڻ لاءِ مُنهن جو پٺيان ورائي ڏسي تہ هڪڙو بہ ڳوناٽو موجود ڪونہ هو. پادري اچرج ۾ پئجي ويو تہ ايتري ۾ هن جا مٽ مائٽ، ٻيا پادري ۽ وڏا پادري کيس وڪوڙي ويا ۽ خوشيءَ وچان لڙڪ پريل اکين سان هن کي ڀاڪر پائڻ لڳا ۽ سندس هٿ چمڻ لڳا. انهن مان هڪڙي شخص پادريءَ کي پنهنجي سيني سان لائي چيو ”آخر تون اسان وٽ جيئرو جاڳندو سلامتيءَ سان پهچي وئين! هنن پنهنجو واعدو پاڙيو. تنهنجي لاءِ هنن جيڪي اسان کان ڀُنگ جا پئسا ورتا. اهي تنهنجي سر تان صدقي ٿيا. تون اسان جي لاءِ ڌن دولت کان وڌيڪ قيمتي آهين.“

پئسن جو لفظ ٻڌي پادريءَ کان رڙ نڪري وئي: ”ڇا جا پئسا؟“

”پئسا جيڪي اسان ان ٽولي کي ڏنا.“

”ڪهڙي ٽولي کي؟“

"انهن کي جيڪي توکي زوريءَ وٺي ويا هئا. پهرين تہ هنن ويهہ هزار روپين کان گهٽ جي ڳالهہ ئي نہ ٿي ڪئي. ڇو جو هنن جو چوڻ هو تہ تون ڪروڙن کان بہ وڌيڪ قيمتي آهين نيٺ اسان جي منٿن ۽ خوشامدن کان پوءِ هو اڌ رقم وٺڻ تي راضي ٿيا ۽ اسان هنن کي ديول جي چندي جي پئسن مان ڏهہ هزار روپيا يُنگ جي رقم ڪري ڏني."

"ڏهہ هزارا" پادريءَ کان دانهن نڪري وئي. اوهان منهنجي لاءِ ايڏي وڏي رقم ڏني! هنن اوهان کي ڇيو هو ڇا تہ مون کي زوريءَ پڇايو ويو آهي؟"

"هائو تنهنجي گم ٿي وڃڻ کان ٽي ڏينهن پوءِ اسان وٽ ہہ — ٽي ماڻهو آيا ۽ چيائون تہ هڪڙي ڏينهن فجر جو جڏهن تو پنهنجي گهر جي در وٽ پوڪيل ڪجيءَ جي وڻ کي پاڻي پئي ڏنو تہ ڦورن جي هڪ ٽولي توکي زوريءَ پاڻ سان وٺي وئي. هنن قسم کڻي چيو تہ جيڪڏهن هنن کي يُنگ نہ مليو تہ تنهنجو انت اچي ويندو پر جيڪڏهن اسان هنن کي يُنگ جي رقم ڏني. تہ توکي باسلامت هتي پهچائي ويندا."

پادريءَ انهن لفظن تي غور ڪيو ۽ جيڪي ٿي گذريو هو ان بابت سوچڻ لڳو.

"دراصل هاڻي ڳالهہ ظاهر ٿي." پادريءَ ائين چيو ڄڻ تہ پاڻ سان پيو ڳالهائي. "اهو مئل ماڻهو بيمار ۽ پنگلو جيڪو منهنجي دعا سان ٺپ ڏئي اٿي بيٺا هئ! واهہ جي ڪيڏ ڪيڏي هنن!"

پادريءَ جا مٽ مائٽ وري سندس ويجهو آيہ ۽ هن جي جسم ۽ ڪپڙن کي ڇڪاسيندي خوشيءَ وچان چوڻ لڳا. "تنهنجي سلامتيءَ کان وڌ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي. اسان کي پڪ آهي تہ هنن جي قيد ۾ توکي ڪا تڪليف نہ پهتي هوندي. پر هنن توسان ڇا ڪيو هو؟"

پادري مُنجهي پيو ۽ ٿهہ ٻهہ چيائين: "هنن مون کان ڪرامتون ڪرايون — اهڙيون ڪرامتون جيڪي ديول کي ڏاڍيون مهانگيون پيون آهن."

[ انگريزي ترجمي "Miracles for Sale" تان ]

----

(ڀارت)

هربنس دوست

# روشن راتيون

هر گهر ۾ اها ئي ڳالھ هئي. لڳو ٿي تہ هڪ ستل ڪالونيءَ ۾ صبح جو سوجهرو ٿيو هو. هر ماڻهوءَ گهٽي ۾ گهٽو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

ڪالونيءَ ۾ رهندڙ هر ماڻهوءَ هڪ نئين دنيا جا خواب ڏٺا هئا. وڏن کي ڪنهن ايندڙ خوشيءَ ۾ مست مگن ڏسي ٻارڙا اچرج ۾ پئجي ويا هئا...... ڪالونيءَ جي ويجهو ئي هڪ بجلي گهر پئي ٺهيو. ان وقت تائين تہ ڪنهن جي وهم گمان ۾ بہ نہ هو تہ اتي بجلي گهر ٺهندو. هاڻي اها ڪالوني بجليءَ جي روشنيءَ ۾ چمڪندي, ۽ هينئر جڏهن بجلي گهر جي اڏاوت هلي رهي هئي, تہ ان جي انجنيئر سان هڪڙي ماڻهو ڳالهايو هو........ ان وقت اها خوش خبري ٻڌائي ويئي هئي. هنن کي سندن ويجهي شهر ۾ بجليءَ جي چالو اگھ کان بہ گهٽ قيمت ۾ بجلي ملندي. انجنيئر هنن کي اهو پڻ ٻڌايو هو تہ بجلي ايتري هوندي جو کپائيندي بہ نہ کٽندي.

پر پراڻ, جيڪو ڪوئلي جهڙو ڪارو هو ۽ جيڪو تاڙن جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو هو اها خبر ٻڌائڻ واري کان پڇيو تہ, "يلا اسان کي ايتري ساري بجلي ملندي ڪيئن؟"

"اڙي توکي خبر ناهي ........" ۽ پوءِ گاجن سنگھ ان جي اهڙيءَ طرح پچار ڪئي جڻ تہ منجهيل سُٽ کي پيو سڌو ڪري. "ڏس نہ, هنن درياءَ تي هڪ وڏو بند ٻڌو آهي; ان بند ۾ بجلي پيدا ٿيندي ۽ بجلي ايتري تہ هوندي جو پاڻ کپائي بہ نہ سگهنداسين."

"سَچ!" پراڻ خوشيءَ وچان رڙ ڪئي. "پوءِ تہ اسان جي لئي تي ويندي. تيل ۽ ڏيئي جي مصيبت مان جان ڇٽي پوندي. رات جو بہ ڏينهن جهڙو سوجهرو لڳو پيو هوندو. ڪيئن گاجن بابو؟"

"پوءِ تہ ٻار بہ رات جي وقت پڙهي سگهندا." دل محمد چيو "اسان جي سرڪار کي ٻارن جو ڪيترو نہ اونو آهي؟"

”ميان! اهي ڪم پڙهيل لکيل ماڻهن جي ڪري ممڪن ٿي سگهيا آهن. تعليم پرائڻ جون سهولتون اهي نہ ڏيندا تہ ٻيو ڪير ڏيندو؟“ گاجن سنگهہ ٻڌاين.

”پر هڪڙي ڳالهہ ٻي بہ آهي.“ جنهن ماڻهوءَ خبر آندي هئي، تنهن چيو. ”انجنيئر صاحب چيو ٿي تہ بجلي رڳو انهن کي ملندي جن جا گهر پڪسرا هوندا. ڪچن گهرن کي بجلي نہ ملندي.“

ڪيترن جا مُنهن لهي ويا.

”ڀائو! اها تہ جٽ ٿي، سچي بہ تہ .“ پران چيو. ”پر گجن سنگهہ! بجليءَ جا مزا ماڻڻ لاءِ آءٌ تہ ٻيلي تنهنجي گهر ايندس..... يا وري پنهنجي جهوپڙيءَ جي ڇتين کي ٻاهران ليپو ڏياريندس. پر ڀائو خرچ بہ چڱو خاصو ٿيندو. خير، سمجهندس تہ مهينو کن کٽ تي پيو هوس؟“

”واهہ واهہ، ڳالهہ تہ عقل جي ڪئي اٿئي.“ سيني هڪ آواز ٿي چيو.

”جن جا گهر ڪچا آهن، تن کي کپي تہ ٻاهر ڇتين کي ليپو ڏيارين. ڇُن جا ٻئي هٿ مٿان ڏئي ڇڏين. پوءِ جڏهن انهن کي ڏسڻ لاءِ صاحب ايندو تہ هو ڇتين کي ٿورو ئي ڏسندو.“

۽ پوءِ ڳالهہ ان طرف هلي تہ سرڪار جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ لاءِ اجان بہ ڪا وڏي ٽَلَ ڪرڻ گهرجي. سيئي پنهنجي پنهنجي پر ۾ خوش هئا.

هنن مان هڪڙي وري پڪ ڪئي، ”هاڻي اها ڳالهہ پڪي ٿي تہ گهرن جي ڇتين کي ليپو ڏيارجي.“

دل محمد جيڪو اُهڙا فيصلا ڪرڻ کان لهرائيندو هو چيو ”ڪنهن همراهہ کي اُماڻي پهرين خبر لهو تہ بجلي ملندي ڪڏهن. پوءِ ڇتين کي ليپو ڏيارڻ جو ڪم ڪري وٺنداسين.“

اها صلاح سيني کي دل سان لڳي. ٻئي ڏينهن ڀچا ڳاچا ڪرڻ تي خبر پين تہ جيئن ئي بجلي گهر جڙي راس ٿيندو تيئن ئي هنن کي بجلي بہ ملندي. پر بجلي گهر جي جڙڻ ۾ بہ مهينا کن لڳي ويندا.

جلد ئي ڪچن گهرن جون ٻاهريون ڇتيون پڪيون ٿاهي انهن تي ڇُن جا پوچا ڏنا ويا. بجلي حاصل ڪرڻ جي شوق ۾ ماڻهو اهڙا تہ

پانيولجي ويا هئا. جو وڏي وياج تي قرض کڻڻ کان بہ ڪين گُٺا. ڪيترن ماڻهن تہ گهر جون واڌو شيون ۽ ٿانوَ بہ وڃي گروي رکيا.

ڪالونيءَ جي هر رهاڪوءَ ۾ ڄڻ تہ بجلي ڊوڙي ويئي هئي. هر ڪو پنهنجي پنهنجي گهر کي پڪي ڪرڻ ۽ ان کي اڇي پوچي ڏيڻ جي ڪم ۾ رات ڏينهن جنبي ويو هو. جلد ئي هر پاسي ۽ هر هنڌ اڇي پوچي ڏنل پڪيون پتيون نظر اچڻ لڳيون.

پراڻ، جيڪو مزورن جو بار کڻڻ کان لاچار هو پنهنجن ٻن پٽن سميت ان ڪم ۾ جنبي ويو. ڪارخاني مان ڪم تان موٽڻ کان پوءِ اهي پڪ سري پٽ کڻڻ ۾ لڳي ويندا هئا ......... هفتي کن ۾ پٽ ڪچي ويئي.

گجن سنگهہ جو گهر تہ اڳ ۾ ئي پڪو هو پر ان هوندي بہ هو هٿ هٿ تي رکي نہ ويٺو. موقعي جو فائدو وٺندي هن ڪيترن ئي ماڻهن کي ڳري وياج تي پئسا اڌارا ڏنا. گجن سنگهہ ۽ سندس قرضي خوش هئا، ڇاڪاڻ تہ اهي بہ بجليءَ وارن پڪن گهرن ۾ رهڻ جي هامَ هڻي سگهندا.

هڪڙو مهينو لنگهي ويو.

هاڻي ان وَسندي ۾ سيني وٽ پڪا گهر هئا. باقي هڪ ڪراڙي مائي هئي، جيڪا ڪالونيءَ جي الهندي طرف هڪ جهوپڙي ۾ رهندي هئي. ورهيہ ٿيندا جو هن جو مڙس گذاري ويو هو. هوءَ ماڻهن جي گهرن ۾ ٿانوَ ٿپا ڌوئي ٻهاريون ڏئي پنهنجو گذر سفر ڪندي هئي. مائي هئي ڏاڍي همت واري. هن پنهنجي ان پورهئي جي محنتاڻي مان ٿوري ميڙا چونڊي ڪري پنهنجي پٽ کي اسڪول ۾ پڙهائڻ جو بندوبست ڪيو. بجلي جون ڳالهيون ٻڌي سنديس دل بہ چيو تہ سندن جهوپڙيءَ ۾ جيڪر بجلي هجي تہ جيئن ان روشني ۾ سنديس ٻچڙو رات جو بہ پڙهي سگهي. پر بجليءَ لاءِ تہ پڪي گهر هجڻ جو شرط هو ۽ پڪي گهر ٺهرائڻ لاءِ وري پئسا کپندا هئا........ تمام گهڻا پئسا ......... پر هڪ ڪراڙي عورت جنهن جيئڻ خاطر وڏا جتن پئي ڪيا ......... گهرن ۾ ٻهاريون ٿي ڏنيون، ٿانو ٿي ڌوتا ....... اها ڀلا ايڏي وڏيءَ رقم جي ڪيئن ٿي اميد رکي سگهي!

هڪڙي ڏينهن ڪالونيءَ ۾ ٻڙ جي وڏي ۽ پکڙيل وڻ جي ڇانو ۾ ويٺي دل محمد پيو چيو. "ويچاري ڪراڙيءَ تي رب پاڪ ڪو رحم ڪري.

ڏاڍي ڏکاري آهي ويچاري! پٽس کي پيرن ۾ پائڻ لاءِ جتي بہ ڪانهي. مسڪين ٻار پيرين اگهاڙو اسڪول وڃي ٿو. ڀلا هوءَ پنهنجو گهر ڪيئن پڪو ڪرائي سگهندي، جڏهن تہ پنهنجي هڪڙي پٽ لاءِ جتي بہ وٺي نہ ٿي سگهي؟"

"سچ ٿو چوين." پراڻ هن سان ها ۾ ها ملائي! "اڄ صبح جو آءٌ هن جي گهر ويس تہ پٽس رڙيون پئي ڪيون ۽ چيو پئي تہ اسين ٻين وانگيان ڇو نہ ٿا گهر ۾ بجلي هڻايون. ويچاري پوڙهي رڳو پئي رُني. سچ پڇو تہ مون کي اها ڳالهہ ڏاڍي ڏکي لڳي."

"ڇو نہ اسين هن کي پڪو گهر ٺهرائي ڏيون؟" دل محمد هن کي صلاح ڏني.

"پر ان مان اسان کي ڇا هٿ حاصل ٿيندو؟" گجن سنگهہ بي پرواهي سان وراڻيو.

"ماڻهوءَ کي سدائين ايترو مطلبي ۽ خود غرض بہ نہ ٿيڻ گهرجي گجن بابو!" پراڻ ڪاوڙ ۾ ڦاٽي پيو ۽ گجن ڪٽي ماٺ ڪئي.

دل محمد جي صلاح سيني ٔکي وڻي ۽ سيني فيصلو ڪيو تہ پگهار واري ڏينهن تي هر هڪ ٿوري گهٽي ونڊ ضرور ڏيندو.

پر پگهار واري ڏينهن کان گهٽو اڳ افواهن پنهنجا ٻچڙا ڪر ڪنيان. هڪڙي ڏينهن اُن ماڻهوءَ جنهن بجلي جي خبر ٻڌائي هئي، هر هڪ کي ٻڌايو تہ "هاڻي بجلي رڳو انهن ماڻهن کي ملندي، جيڪي بجلي وارن کي رشوت ۾ گهٽي ۾ گهٽا پئسا ڏيندا."

"ڪوڙ ........ نسورو ڪوڙ" ڪنهن رڙ ڪري چيو. "اي، آئون اڄا هينئر وڏي صاحب سان مليو پيو اچان. هن پڪ ڏياري آهي تہ جن ماڻهن جا گهر پڪا آهن انهن کي تہ بجلي ضرور ملندي."

"خير، ايئن برابر هوندو. جيڪڏهن بجلي گهٽي هوندي تہ سيني کي ڏيندي هنن کي ڪهڙو پرو چڙهندو؟"

پهرئين ماڻهوءَ ڪٽي ماٺ ڪئي، پر ٻئي ماڻهوءَ ٿورو ويچاريندي چيو تہ، "وقت پاڻهي ٻڌائيندو؟"

پگهار واري ڏينهن تي ونڊ شروع ٿي ۽ ماڻهو ڪراڙيءَ جي جهوپڙي کي ليپڻ لڳا.

بجلي گهر تمام وڏو هو. ماڻهن جو چوڻ هو تہ ان مان سڄي ضلعي جي سيني وسندين کي بجلي ملندي. هر هنڌ ڏگها ڏگها ٿنڀا کوڙيا ويا هئا، جن ۾ تارون هڪ ٻئي سان ٻڌي ملايون ويون. ڪي ٿنڀا ان ڪري بہ کوڙيا ويا هئا تہ جيئن ڪالوني تائين بجلي پهچائي سگهجي ۽ هاڻي تہ غريب ڪراڙيءَ جو گهر بہ پڪو ٿي ويو هو.

هڪڙي ڏينهن وڏي ۽ پکڙيل ٻڙ جي هيٺان ماڻهو هڪ اهڙي شخص کي جهليو بيٺا هئا، جيڪو ڪا تازي خبر لهي آيو هو. هر ڪنهن هن کان سوال پڇڻ تي گهريو ۽ هر هڪ جي منهن مان ڳڻتيءَ جهاتيون پئي پاتيون. ايتري سارن ماڻهن جي ايترن سارن سوالن جا جواب ڏيڻ هن جي وس جي ڳالهہ نہ هئي. ٻيو تہ سندس ڳالهہ تي ڪنهن کي بہ اعتبار ئي نہ ٿي آيو. اها ڳالهہ بنهہ اڻ ٿيڻي هئي. ان ماڻهوءَ هنن کي چيو هو تہ بجليءَ جي عيوض هر مهيني ڏهہ روپيا ڏيڻا پوندا. پلا ڪڏهن ايئن بہ ٿيو آهي! اها تہ بنهہ چسپائي چئبي. هر ڪنهن کي ڄاڻ هئي ۽ اها ڳالهہ تہ هئي بہ سچ، تہ بجليءَ تي ڏيئي جي تيل کان بہ گهٽ خرچ ايندو. اها خبر تہ هنن کي پنهنجي ئي هڪ ماڻهو ٻڌائي هئي. پلا هن کي ايڏي وڏي ڪوڙ ڳالهائڻ جي ڪهڙي ضرورت. بلڪل اڻ ٿيڻي ڳالهہ هئي.

ان ماڻهوءَ جي وڃڻ کان پوءِ هڪ ٻيو ماڻهو تہ چڙ ڻاٽي پيو. ”ڪوڙو ڪُپتيو! هن تي اصل اعتبار نہ ڪريو. اڙي، هن ڇٽ کي ڪهڙي ڄاڻ. صفا ڪو چسو ٿو ڏسجي. هر مهيني ڏهہ روپيا! پلا اها بہ ڪا ڳالهہ!!“ سيني هن سان ها ۾ ها ملائي تہ اها اڻ ٿيڻي ڳالهہ آهي.

هاڻي بجلي گهر ذري گهٽ جڙي راس ٿيو هو. ٿنڀن تي تارن جو ڄار وڇايو ويو هو. بجلي گهر جي ڪامورن جون آفيسون بہ ٺهي ويون هيون. ڪالونيءَ جي پسگردائيءَ ۾ هڪ وڏو ڪارخانو اُڀري رهيو هو. ان جي اڏاوت ۾ مزورن جي هڪ فوج لڳي پئي هئي ۽ ڪالونيءَ جي رهاڪن ان وقت جو بي چيني سان انتظار پئي ڪيو جڏهن راتيون ڏينهن وانگر روشن هونديون ۽ جڏهن چمڪندڙ روشنيءَ ۾ اهي بہ ڪنهن هنڌ ويهي ٻناڪون هڻندا ۽ ڪچهريون ڪري سگهندا. ڪالونيءَ جي عورتن ۾ بہ اهو ئي چوٻول هو ۽ سچ پچ تہ ٿيندي بہ مزيدار ڳالهہ.....

اهي ويچارا پورهيت پنهنجي ان ڪالونيءَ ۾ ويهارو ڪن ورهين کان اتي ئي رهندا پئي آيا .......... شهر جي گوڙ گهمسان ۽ هل هنگامن کان پري اتي رڳو هڪ شيءِ جي کوٽ هئي ۽ اها هئي بجلي. پر هاڻي ته اها به پوري ٿيڻ واري هئي. عورتون ته اُتندي ويهندي بجليءَ جا خواب ڏسنديون هيون ۽ مرد وري ڏاڍي بي قراريءَ سان ان جي اوسيئڙي ۾ هئا.

هڪڙي ڏينهن وري ٻڙ جي وڏي وڻ هيٺان ماڻهو اچي مڙيا. يٺ شٺ هٺندي، اوياريون لهواريون ڪندي وري اچي بجليءَ جي ڳالهه نڪتي.

"پائو! جيڪڏهن هنن بجليءَ جا پئسا گهريا به ته ڇا ٿيو؟" پراڻ ڪي ته ان ڳالهه تي اعتبار ئي نه ٿي آيو.

"نه. نه. ميان! ائين ٿي نه ٿو سگهي." گجن سنگهه پنهنجي ساڳي ڳالهه ورجائي.

سيني ڪٽي ماٺ ڪئي، ايتري ۾ ڪنهن وري ڇيو ته "نه. ايئن ٿي نه ٿو سگهي ........" ۽ پوءِ هنن ان ڳالهه تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ مٿا ڪُٽ ڪئي.

"خير، ان ڪي پوءِ ڏٺو ويندو........ پر يرا بجلي ...... واهه پائو واهه ..... اهي ماڻهو وڏا ڀاڳن وارا آهن جن وٽ بجلي آهي."

"يلا ان ۾ به ڪو شڪ!" سيني ها ۾ ها ملائي. پوءِ وري ماٺ ٿي ويئي. بد سنوڻ. چوڌاري سانت ....... ايتري ۾ ڪنهن هڪ نئين خبر آندي.

"ماٺ ڪريو ......... ماٺ." هنن مان ڪي اتي اها خبر ٻڌڻ ويا، ٻيا اتي ئي ڳالهين ۾ ويٺا رهيا.

"ماٺ......... ماٺ" ۽ اها خبر سڄي ڪالونيءَ ۾ ڪنوڻ وانگر ڊوڙي ويئي. ماڻهن جا مُنهن لهي ويا ۽ زبان مان لفظ به نه نڪتن، ڄڻ ته مٿن ڪنوڻ ڪري پئي هئي.

نوجوان ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ وٽ کائڻ لڳا ۽ پوڙها ٿڌا شوڪارا ڀري ماٺ ٿي ويا. ٻار هڪ ٻئي جي مُنهن ۾ ڇتائڻ لڳا.

بجلي گهر جي عمارت ڪي اڃا به گهٽو وڌائڻو هو. ان لاءِ وڌيڪ زمين گهربل هئي. ڪالونيءَ جي سيني رهاڪن ڪي حڪم ڏنو ويو هو ته پنڌرهن ڏينهن ۾ ئي پنهنجا پنهنجا گهر خالي ڪري اُتان لڏي وڃن.

(ڀارت)

آر. ڪي. نارائڻ

# اَنڌو ڪُتو

نہ هو ڪو ناهوڪو هو نہ وري ڪو اوچي نسل مان، هو تہ اهڙن عام رواجي ۽ رولاڪ ڪتن مان هو جيڪي هر هنڌ پيا ڏسبا آهن. رنگ جو ڀورو ڀچ ڪتريل جيڪو ننڍي هوندي خبر ناهي ڪنهن ڪتري چڙيس، گهٽيءَ ۾ چانول ۽ مارڪيٽ جي ڪن ڪچري ۽ اوبر سوبر تي پليل. هن جي اکين تي داغ هئا ۽ چال چلت رواجي هئي. البت ڏاڍو جهيڙاڪ ۽ ويڙهو هو. اجا ٻن ورهين جو مس ٿيو هو تہ سندس جسم تي سَون جهيڙن جا نشان ۽ رهنڊا لڳي چڪا هئا. ڪاڙهي تتي ۾ ڪيس جڏهن آرام ڪرڻو هوندو هو تڏهن مارڪيٽ جي ايرندي دروازي وٽ ڍڪيل موريءَ ۾ ڪرونڊڙو ٿي ليٽي پوندو هو. شام جو وري روزاني سير لاءِ اتان نڪرندو هو اوسي پاسي جي گهٽين گلين ۾ ڦيريون ڏيندو هو ٻين ڪتن سان ٽوريون ڇڪريون ڪائيندو هو رستي تي پيل ڪاڌي جي شين ۾ وات وجهندو هو ۽ رات ٿيڻ کان اڳ ئي مارڪيٽ ۾ موٽي ايندو هو.

اهڙيءَ ريت رهندي هن جي زندگيءَ جا ٽي سال پورا ٿي ويا. پوءِ هن جي حياتيءَ ۾ هڪ ڦيرو آيو. هڪڙو فقير، اکين کان معذور مارڪيٽ جي دروازي وٽ ڏسڻ ۾ آيو. هڪڙي ڏينهن صبح ٿيندي ئي هڪ پوڙهي مائي هن نابيني کي اوستائين وٺي آئي ۽ اتي ويهاري هلي ويئي. ٻپهر ٿيا تہ اها پوڙهي هن لاءِ ماني کڻي آئي. هن جي اڳيان زمين تي پيل پئسا ميڙي کنيائين ۽ وري رات جو هن کي پاڻ سان گهر وٺي ويئي.

ڪتو نابيني جي ويجهو ئي ستو پيو هو. ڪاڌي جي خوشبوءِ تي هن جي ننڊ ڦٽي ويئي. هن اکيون کوليون ۽ اٿي بيٺو. پوءِ پنهنجيءَ ڇُر مان ٻاهر نڪري پڇ لوڏيندو جنبيل ڏانهن اميد ڀرين نظرن سان ڏسندو ڪتو نابيني فقير جي اڳيان وڃي بيٺو جنهن پور پور ٿيل ...اني پئي کاڌي. نابيني پنهنجيون ٻانهون هيڏانهن هوڏانهن ڦيرائيندي پڇيو "ڪير

آهي؟" انهيءَ تي ڪتي اڳتي وڌي هن جو هٿ چٽيو. نابينيءَ هن جي بدن تي پڇ ڪان ولي مٿي تائين نرميءَ سان هٿ ڦيرائيندي چيو "ڪهڙو نہ سنو ۽ سهڻو آهين! هيڏانهن تہ اچ" ايئن چئي نابيني ڪاڏي جو ٻڪ ڪتي ڏانهن اڇلايو جيڪو هن ڏاڍي شڪر گذاريءَ سان ويهي کاڌو. هنن جي دوستيءَ جي شايد اها ڪا نيڪ ساعت هئي. ٻئي هر روز اتي ملندا هئا ۽ ڪتو پنهنجيءَ رول کي ڇڏي نابيني جي پرسان تي ويهندو هو ۽ صبح کان شام تائين هن کي خيرات پنندي ڏسندو رهندو هو. ان عرصي ۾ ڪتي کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويئي تہ رستي تان ويندڙ ماڻهن کي ٿوري گهڻي خيرات ضرور ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو خيرات ڏيڻ کان سواءِ اتان لنگهي ويندو هو تہ ڪتو هن جي پٺيان پوندو هو ۽ هن جي ڪپڙن ۾ چڪ وجهي نابيني وٽ وٺي ايندو هو ۽ ايستائين وڃڻ نہ ڏيندو هو جيستائين پوڙهي کي خيرات نہ ملندي هئي.

انهيءَ هنڌ جيڪي ماڻهو گهڻو ڪري ايندا ويندا هئا، انهن ۾ هڪ ڳوناٺو ڇوڪرو بہ هو جيڪو اندر ۾ ابليس هوندو هو. نابيني کي ستائڻ، گاريون ڏيڻ ۽ هن جي جنبيل مان پئسا ڪٽي وٺڻ ۾ انهيءَ ڇوڪري کي ڏاڍو مزو ايندو هو. اهڙي وقت انڌو فقير لاچار ٿي دانهون ڪندو هو ۽ پنهنجيءَ لٺ کي هيڏانهن هوڏانهن پيو ڦيرائيندو هو. هر خميس جي ڏينهن اهو ڇوڪرو مارڪيٽ جي در وٽ ڏسبو هو. هن جي مٿي تي ونگن ۽ ڪيوڙي جي ڦرين سان پريل ٽوڪري هوندي هئي. هر خميس جي ڏينهن ٻن پهرن جو انڌي فقير جي زندگيءَ ۾ ڄڻ تہ هڪ زلزلو ايندو هو انهيءَ ساڳئي دروازي وٽ ٻيا گهورڙيا بہ ڏسبا هئا: جهڙوڪ عطر فروش، جنهن جي گاڏي تي روشن رنگن واريون گاڏڙ عطر سان پريل شيشيون پڪڙيون پيون هونديون هيون، اجاين آکاڻين جا ڪتاب وڪڻڻ وارو جيڪي ڳوڻ تي ٽڙيا پکڙيا پيا هوندا هئا ۽ هڪ ٻڍگهيءَ لٺ تي وڪري لاءِ رنگين ڏوريون ڪٽي هلندڙ گهورڙيو. هڪڙي پيري خميس جي ڏينهن جيئن ئي اهو ڇوڪرو ايرندي دروازي وٽ ڏسڻ ۾ آيو تہ انهن گهورڙين مان هڪ چيو "نابينا! تنهنجي مصيبت اچي پئي."

"يا خدا! ابا اڄ خميس جو ڏينهن آهي ڇا؟" نابينو رڙ ڪري پڇيو. وري هن هٿوراڙيون ڏيندي وڏي آواز چيو "ڪتا، ڪتا، هيڏانهن تہ اڄ، ڪٿي آهين؟" اهو چئي هن خاص آواز ۾ ڇڪار ڪئي ۽ ڪتو اچي هن جي پرسان بيٺو. هن ڪتي جي مٿي تي هٿ ڦيرائيندي آهستي آهستي چيو "انهيءَ بدمعاش کي نہ ڇڏجان." ايتري ۾ اهو ڇوڪرو شرارت ڀريل نظرن سان هن مٿان اچي ڪڙڪيو.

"انڌا! اچا تائين بهانا پيو ڪرين تہ توکي اکيون ڪونهن!... جيڪڏهن سچ پچ انڌو آهين تہ توکي هن جي بہ خبر پوندي." هو بيهي رهيو ۽ سندس هٿ فقير جي جنبيل ڏانهن وڌڻ لڳو. اهو ڏسي ڪتي ٽپ ڏنو ۽ پنهنجا ڏند ڪٽي ڇوڪري جي ڪرائيءَ ۾ پڪوڙيا. ڇوڪري سٽ ڏيئي پنهنجي ٻانهن ڇڏائي ۽ جان بچائڻ لاءِ وٺي ڀڳو. ڪتو بہ هن جي پويان ڀڄندو ويو ۽ ڪيس مارڪيٽ مان ڀڄائي ڇڏيائين.

"اڙي ڏسو تہ ڪراڙي سان ڪتي جو ڪيڏو نہ قرب آهي!" عطر فروش عجب ۾ پئجي ويو.

هڪڙي ڏينهن شام جو پوڙهي مائي پنهنجي وقت تي ڪين آئي. نابينو دروازي وٽ انتظار ڪندو رهيو ۽ جيئن جيئن رات پوندي ويئي، تيئن تيئن هن جي ڳڻتي وڌندي ويئي. نابيني انهن ئي ڳڻتين ۾ ويٺو هو تہ هڪڙو پاڙيسري آيو ۽ هن کي چيائين، "سوامي! پوڙهيءَ جو انتظار نہ ڪر. هوءَ هاڻ ڪين ايندي. اڄ ٻنپهرن جو هوءَ گذاري ويئي."

هن هيڏي وڏيءَ دنيا ۾ نابيني فقير جي پرگهور لهندڙ اها اڪيلي پوڙهي مائي هوندي هئي، جيڪا هاٽي لاڏاڻو ڪري ويئي هئي ۽ هڪڙو ئي اڃهو هوس، جيڪو هاٽي سندس ڪو نہ هو. رنگين ڏورين واري گهورڙيي کي اها خبر پئي تہ هن نابيني کي صلاح ڏيندي چيو "هيءَ ڏور وٺ." هن اڇي ڏوري جو هڪ وڏو ٽڪر هن کي ڏنو."آئون توکي اهو مفت ۾ ڏيان ٿو. تون اهو ڪتي جي ڳچيءَ ۾ ٻڌي ڇڏ. جيڪڏهن ڪتو توسان وفادار آهي تہ توکي وٺيو پيو گهمائيندو."

هاٽي ڪتي جي جڻ تہ نئين زندگي شروع ٿي هئي. پوڙهي مائيءَ جي بدران هاٽي ڪتو نابيني جي پرگهور لهڻ لڳو. ڪتي جي سموري

آزادي ختم ٿي ويئي. هن جي دنيا سُسي ان ڏوريءَ جي گولائي تائين رهجي ويئي هئي، جيڪا رنگين ڏورين واري گهورڙيي نابيني کي ڏني هئي. ڪتي کي پنهنجي سموري اڳوڻي زندگيءَ کي، پنهنجي سمورن پراڻن ماڻن کي وسارڻو پيو. هاڻي هن کي هميشہ لاءِ ان ڏوري ۾ ٻڌل رهڻو هو. جڏهن هن کي ٻيا ڪتا، دوست يا دشمن، نظر ايندا هئا تہ پاڻ مرادو اُيو ٿي ويندو هو ۽ جڏهن ڏوري مان پاڻ ڇڏائڻ لاءِ ڇڪتاڻ ڪندو هو تہ مالڪ لت هڻي چوندو هوس، "بدمعاش! مون کي ڪيرائڻ ٿو گهرين؟ ڪو شرم ڪر، ڪو عقل سک." ٿورن ئي ڏينهن ۾ ڪتو پنهنجين خواهشن ۽ عادتن کي ضابطي ۾ رکڻ جو عادي ٿي ويو. جيڪڏهن ٻيا ڪتا هن جي ويجهو ايندا هئا ۽ گير بہ ڪندا هئا، تڏهن بہ هو انهن ڏانهن ڌيان نہ ڏيندو هو. هن پاڻ جهڙي مخلوق سان سيئي رشتا ناتا ٽوڙي ڇڏيا هئا ۽ پنهنجي اڳوڻيءَ ٻيج ڊِڪ کي وساري ڇڏيو هو.

هن جي هيڏي ساري نقصان جو نفعو وري سندس مالڪ کي مليو. انڌو اهڙيءَ طرح هلندو هو جو ايئن هو پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪڏهن هليو ئي نہ هو. هو سڄو ڏينهن ڪتي جي ڏوري جهليو هن جي پٺيان پيو هلندو هو. هڪڙي هٿ ۾ لٺ ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪتي جي ڏور جهلي مارڪيٽ کان سڌ پنڌ تي هڪ ڪنڊ ۾ هو پنهنجي ان جهوپڙيءَ مان ٻاهر ايندو هو جتي پوڙهي مائيءَ جي مرڻ کان پوءِ وڃي رهيو هو. صبح ٿيندي ئي هو اتان روانو ٿيندو هو. هن کي ان ڳالهہ جو احساس ٿيو هو تہ جيڪڏهن هڪ هنڌ تي ويهڻ جي بدران هلبو رهجي تہ آمدني ٽيڻي ٿي سگهندي. هو گهٽيءَ ۾ هوريان هوريان هلندو هو ۽ جتي بہ ماڻهن جا آواز ٻڌندو هو اتي خيرات وٺڻ لاءِ هٿ ڊگهيري بيهي رهندو هو. هن شهر جو ڪو بہ هنڌ نہ ڇڏيو هو — دڪان، اسڪول، اسپتالون، هوٽل وغيره. ڪتي کي بيهارڻ جي خيال سان هو ڏوري کي ڇڪ ڏيندو هو ۽ جڏهن هن کي اڳتي وڌائڻ گهرندو هو تڏهن بيل گاڏيءَ واري وانگر هڪل ڪندو هو. ڪتو هن کي رستي جي کڏن کوٻن ۾ يا ڏاڪڻ يا پٿرن سان ٽاڪرجي ڪرڻ کان بچائيندو صاف ۽ سڌي رستي تان وک وک ۾ ڏيو وٺيو ويندو هو. اهو نظارو ڏسي ماڻهو هن کي پئسا ڏيندا هئا ۽ هن جي مدد ڪندا هئا. ٻارڙا نابيني

جي چؤڏاري ميڙو ڪري ويهندا هئا ۽ هن کي کائڻ لاءِ طرحين طرحين جون شيون ڏيندا هئا. بنيادي طرح ڪتو هڪ ڦڙتيلو جانور آهي، جيڪو پنهنجي سخت ڀوڙ ڀڪ جي وچ ۾ پوريءَ ريت آرام ڪرڻ جو عادي هوندو آهي. پر هيءُ ڪتو (جنهن کي هاٽي ٽائيگر سڏيندا سون) پنهنجو سمورو آرام وڃائي ويٺو هو. کيس آرام فقط ان وقت ملندو هو جڏهن نابينو فقير ڪتي ويهندو هو. رات جو سمهڻ وقت به پوڙهو ڪتي جي ڏور پنهنجي هٿ ۾ ٻڌي سمهندو هو. "آءُ اهڙو خطرو ئي ڪو نه کڻندس". هو ڪتي کي چوندو هو. پوڙهي نابينو جي دل ۾ گهڻن پئسن ڪمائڻ جي لالچ پڙڪو کائي اٿي هئي. هو ٿورو وقت آرام ڪرڻ کي اجايو ۽ غير ضروري سمجهندو هو جنهن ڪري ڪتو هر وقت اپي — پيرين هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته هن جون ٽنگون چرڻ کان جواب ڏئي ڇڏينديون هيون. پر هو هلڻ ۾ ٿوري به سستي ڏيکاريندو هو ته سندس مالڪ جي لٺ ڪڙڪاٽ ڪندي متس ڪرندي هئي ۽ انهيءَ اوچتي ڌڪ جي ڪري ڪتي کان ڪوڪاٽ نڪري ويندو هو. "ڪوڪاٽ نه ڪر بدمعاش، آءُ توکي کارايان ڪونه ٿو ڇا؟ تون رُلڻ ٿو گهرين؟" پوڙهو بدشد ڳالهائڻ شروع ڪندو هو. اهڙيءَ ريت ڪتو ظالم نابيني جي هٿ ۾ سوگهو مارڪيٽ جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين ۽ ان جي اوسي پاسي آهستي آهستي ۽ پير پير ۾ ڏيو پيو هلندو هو. گاڏين جي اچ وڃ ۽ ماڻهن جي گوڙ گهمسان ختم ٿيڻ کان گهٽو پوءِ تمام پري کان ٿڪل ٽٽل ڪتي جون اونايون رات جي سيني ۾ ٻٽچي وانگر چڀي وينديون هيون. ڪتو پنهنجو منهن مهانڊو وڃائي ويٺو هو. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تئن تئن هن جي ڪنڌ جا هڏا اُڀا ٿيندا ويا ۽ هن جي ڪومائجندڙ کل هيٺان پاسراٽين جون هڏيون ظاهر ٿينديون ويون.

هڪڙي ڏينهن شام جو جڏهن ڪاروبار جهڪو ٿيو تڏهن ڏور وڪڻندڙ ناول وڪڻندڙ ۽ عطر فروش کي ڪتي جي ان رحم جوڳي حالت جو احساس ٿيو ۽ هنن پاڻ ۾ گڏجاڻي ڪئي. "ويچاري ڪتي جي غلامن کان به وڌيڪ خراب حالت ڏسي مون کي ته ڏاڍو ڏک ٿيو آهي. ڇا اسين هن جي ڪا مدد ڪري نه ٿا سگهون؟" ڏورين واري چيو "انڌو

بدمعاش هاٿي ماڻهن کي وياج تي قرض پيو ڏي. اها ڳالهه مون کي ميوي واري ٻڌائي آهي. هن شيطان کي هاٿي پنهنجيءَ ضرورت کان به وڌيڪ پئسا ملن ٿا. جنهن ڪري هو وڏو لالچي ٿي پيو آهي." ايتري ۾ عطر فروش جي نظر اوچتو ڏورين واري جي لٺ تي وڃي پئي، جنهن ۾ هڪ پاسي کان ڪئنچي پئي لڙڪي. "اڙي اها ڪئنچي ته ڏي مون کي." هن چيو ۽ ڪئنچي وٺي روانو ٿي ويو.

نابيني اپرندي دروازي جي اڳيان پئي ويو ۽ ڪتو ڏوري کي ڇڪيندو پئي هليو. رستي تي هڪ هنڌ هڏي جو ٽڪر پيل هو جنهن کي کڻڻ لاءِ ڪتي جي ڇڪ ڇڪان لڳي پئي هئي. ڏوري جي ڇڪ کان نابيني جي هٿ ۾ سور ٿيڻ لڳو. هن ڪاوڙ وچان ڏوري کي سٽ ڏئي ڇڪيو ۽ ڪتي کي اهڙي ته لت هنئي جو هن کان ڪوڪاٽ نڪري ويو. ڪتو گير ڪندو هڪ ٻيرو وري هڏي ڏانهن وڌيو پر ڪٽي نه سگهيو. هن وري به اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪئي. نابيني ڪتي تي گارين جو ڌوڙيو لائي ڏنو. ايتري ۾ عطرفروش اڳتي وڌي آيو ۽ ڪئنچيءَ سان ڏوري کي وڍي ڇڏيائين. ڪتي ٽپ ڏئي هڏي ۾ وڃي وات وڌو. نابيني جا پير زمين ۾ کپي ويا. هن جي هٿ ۾ ڏوري جو باقي ٽڪرو پئي لڙڪيو. "ٽائيگرا ٽائيگر ڪٿي آهين؟" هن رڙ ڪئي. عطر فروش ماڻڙي ڪري اتان کسڪي ويو ۽ ڀڻڪندو ويو "بيرحم شيطان! هاٿي تون هن کي ڪڏهن به جهلي نه سگهندين! اِهو ڪتو هاٿي آزاد آهي." ڪتو ڏاڍي تيزيءَ سان ڀڄندو ويو خوشيءَ وچان هو ڪڏن ڪوڏن ۾ نوس نوس ڪرڻ لڳو ٻين ڪتن جي مٿان ٻاڻ ڪيرائڻ لڳو ۽ مارڪيٽ جي چؤنڪ ۾ ٺهيل ڦوهاري جي چوڌاري ڀؤنڪندو ڊوڙون پائڻ لڳو. هن جي اکين ۾ خوشيءَ جو چمڪو هو. هو پنهنجن محبوب ماڳن ڏانهن موٽي ويو ۽ ڪاسائيءَ جي دڪان، چانهن جي اسٽال ۽ بٺڪريءَ جا چڪر هڻڻ لڳو.

ڏورا وڪٽرڙ ۽ سندس ساٿي مارڪيٽ جي وڏي دروازي وٽ ويٺا هئا ۽ نابيني کي رستي تي ٿڙندو ٿاٻڙجندو ڏسي ڏاڍا خوش پئي ٿيا. هو هڪڙي هنڌ بيهي رهيو ۽ لٺ کي چوڌاري ڦيرائڻ لڳو. نابيني کي ايئن محسوس ٿيو ڄڻ ته ٻاڻ زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ويٺو آهي. هو رڙيون

ڪرڻ لڳو "اڙي! منهنجو ڪتو ڪٿي آهي؟ منهنجو ڪتو ڪيڏانهن ويو؟ آهي ڪو جيڪو مون کي منهنجو ڪتو جهلي ڏي! ڪتو رڳو هٿ اچي پوءِ ساهه ڪڍي ڇڏيندو سانس." هن هٿوراڙيون ڏيندي رستي اُڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ڪيترين ئي جاين تي مٿس ذري گهٽ گاڏيون چڙهي تي ويون. پر هو تڙندو ڪرندو رستو اڪري ويو ۽ وڏا وڏا ساهه کڻڻ لڳو. "هن ظالم ڪميني جي سزا اها آهي ته پلي ڪنهن گاڏيءَ جي هيٺان اچي چيپاٽجي مري." نابينو جي اها حالت ڏسي هنن مان هڪ چيو. انهيءَ هوندي به پوڙهو نابينو اڳتي وڃڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو پوءِ ڪنهن ماڻهوءَ مٿس رحم کائي کيس پنهنجي جهوپڙيءَ تائين پهچايو جتي هو ان هَڻ وَٽ ۽ ڇڪتاڻ کان اڌ مئو ٿي ڳوڻ جي هنڌ تي ڪري پيو.

ڏهه ڏينهن، پندرهن ڏينهن، ويهه ڏينهن ٿي ويا. پر نه نابينو ڏسڻ ۾ آيو ۽ نه وري ڪتو ئي ڪٿي نظر آيو. هنن خيال ڪيو ته ڪتي کي جو ڇوٽڪارو مليو آهي سو پڪ سان سڄي ملڪ ۾ آزاد ۽ خوش خورم پيو گهمندو هوندو. نابيني فقير ته هميشه لاءِ ڪيڏانهن هليو ويو هوندو. اجا هنن اهي ئي ڳالهيون پئي ڪيون ته هنن نابيني جي لٺ جو چاتل سڃاتل آواز ٺڪ ٺڪ ٻڌو. رستي جي پرئان هنن کي نابيني ڏسڻ ۾ آيو جنهن کي ڪتو وٺيو پئي آيو.

"ڏسو! هوڏانهن ڏسو!" هنن رڙيون ڪيون ."نابيني نيٺ وڃي ڪتي کي هٿ ڪيو ۽ هاڻي ٻڌيو پيو اچيس." ڏورا وڪڻڻ واري کان رهيو ڪونه ٿيو ۽ هو ڊوڙي هن وٽ ويو ۽ پڇيائين، "تون هيترا ڏينهن ڪٿي هئين؟"

"خبر ٿئي ته ڇا ٿيو هو مون سان؟" نابيني رڙ ڪري چيو. "هيءَ ڪتو پڃي ويو هو. آئون ڏينهن ٻن ۾ پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ مري وڃان ها. مون وٽ نه کاڌو هو ۽ نه پئسو. آئون ته جڻ قيد ۾ پيو هوس. جيڪڏهن هڪ ڏينهن بيو لڳي وڃي ها ته آئون پورو ٿي وڃان ها. پر هيءَ موٽي آيو." "ڪڏهن؟ ڪڏهن؟" "ڪالهه رات. آئون پنهنجي هنڌ ۾ ستو پيو هوس ته آڌيءَ رات جو هيءُ آيو ۽ منهنجو منهن چٽڻ لڳو. دل چيو ته اڦٽ ماري ڇڏيانس. پر اهڙي لٽ هنئي مانس جو هميشه ياد ڪندو." نابيني ٻڌايو. "مون هن کي معاف ڪري ڇڏيو. نيٺ به ته ڪتو آهي نه! جيستائين

هن کي ڪاڏي لاءِ رستن تي ڪن ڪچرو مليو پئي تيستائين هيءُ رلندو رهيو پر بک وگهي مون وٽ موٽي آيو آهي. هاٽي هيءُ ڪڏهن بہ مون کي ڇڏي ڪونہ ويندو. ڏس! مون وٽ هيءُ آهي." ۽ هن ڏوري لوڏي، هن پيري اها ڏوري لوهي هئي، زنجير.

هڪ پيرو وري ڪتي جي اکين مان مايوسي ۽ نااميدي ليئا پائڻ لڳي. "اڳتي وڌ، بيوقوف!" نابينې بيل گاڏي واري ڙانگر رنپ ڪئي. هن سٽ ڏئي زنجير ڇڪيو لٺ جي ٺوڪر هنئي ۽ ڪتو هوريان هوريان اڳتي وڌڻ لڳو. گهورڙيا اتي ئي بيٺا لٺ جي آواز ٺڪ، ٺڪ، کي پري ٿيندو ٻڌندا رهيا.

"هاٽي تہ رڳو موت ئي ڪتي کي بچائي سگهندو." ڏورا وڪٽندڙ ٿڌو ساهہ کڻي هن ڏانهن ڏسندي چيو."اسين اهڙي جانور کي ڇا ٿا ڪري سگهون، جنهن پنهنجي ڇوٽڪاري جو وجهي پاڻ سودو ڪيو!"

---

(يارت)
شهناز حيدر

# ٻهارن جا پاليل

رات جي اونداهہ ۾ ڏڪندڙ آواز جو اهڙو پڙاڏو ٿيو جيڪو حقيقت ۾ بلڪل بي آواز هو.

صبح ٿيندو — ٻپهر ٿيندا.
زندگي هڪ بوجهہ
ٿيندي
بوجهہ ٿيندي
زندگي.

سمنڊ ۽ زمين تي ليٽيل اونداهي اوچتو ڪَر موڙي اُٿي ويٺي ۽ رستي ڏانهن نهارڻ لڳي. هڪ پوڙهو جنهن جي ڳاڙهاڻ مائل ڪراڙي ڏاڙهي هيٺ اچي سنهي تي ويٺي هئي ۽ جيڪا مٿي جي ٿوريءَ لوڏ سان ڏڪي ٿي ويئي، ۽ هڪ چوڪرو ٻئي ڪنهن وڏي شهر ڏانهن پئي ويا.

"شايد طوفان بہ اچي. پکي ايترو سويل جاڳيا آهن." پوڙهي سمنڊ جي پهاڙ جهڙين لهرين کي ڏسندي چيو جن تي اچا چمڪندڙ پکي پنيرڪي ۾ چٽيءَ طرح سان پئي نظر آيا.

"اڃا ڪيترو سفر ڪرڻو آهي؟" نوجوان بيزار ٿيندي پڇلو.

"اڃا ايترو جيترو منهنجي ڏاڙهيءَ جوانيءَ کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ڪيو آهي." پوڙهي آرام سان جواب ڏنو. نوجوان ماٺ ٿي ويو.

"هو خبيث پوڙهو مري ويو؟" نوجوان هلندي هلندي اوچتو پڇيو.

"هائو." هن جي پوڙهي ساٿيءَ جنهن جو ڪنڌ جهڪيل هو وراڻيو.

پوءِ ٻئي گهڻيءَ دير تائين ماٺ ڪندا هلندا رهيا ۽ مٿي پُل تي پهچي جهنگلي کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيا. هيٺ پکڙيل زمين تي ريل جا پٽا پنيرڪي ۾ وَر وڪڙ کائيندا اڳتي پئي ويا ۽ ڪڏهن ڪڏهن آسمان جي اڇن پکين وانگر چمڪندا ٿي ڏٺا.

هوريان هوريان پرهہ باڪون ڪيون. ننڊائتي زمين جي چئني طرف ڪارا داغ پيل هئا. پوڙهي، نوجوان ڏانهن ڏٺو ۽ چيائين، ”زندگي هڪ ڏکي آڪاٽي آهي، جنهن کي آئون ٿورن لفظن ۾ ٻڌائيندس. پوءِ تنهنجو ڪم آهي سمجهڻ.“

نوجوان پوڙهي جي ويجهو ٿي ويٺو. هنن جي پير ۾ ئي بہ ستل ماٺهو ڪَرَ موڙيندا اٿي ويٺا. اهي بہ بين سيني وانگر لامڪان ڪان آيا هئا. تنهن ڪري هنن جو پيار ۽ محبت ڌرتيءَ جي ان ٽُڪر لاءِ هو جنهن کين ڪائنات جي رات ۾ پناهہ ڏني هئي.

ان رات پوڙهي مون کي چيو ”تون پلي ڇوڪريءَ کي پاڻ سان وٺي وڃ. پر مون کي ٻاهر وڃڻ لاءِ پئسا گهُرجن.“ جهنگلي تي زيتون جي سخت پنن کي ڇُرندو ڏسي ڳاڙهي ڏاڙهيءَ واري ڏاڍو آهستي چيو. پنن جي ڇوڏاري هاڻي جيت پئي اڏاڻا. پوءِ هوريان هوريان هن جي مُنهن تي سختيءَ جهڙي ڪيفيت پيدا ٿي. صبح ٿيندو ويو. سج اڀري چمڪڻ لڳو. ٽئي ماڻهو ماٺ ڪيو ويٺا هئا ۽ پوءِ اهي ڳاڙهي ڏاڙهيءَ واري جي لفظن جي تاڃي پيٽي جي اوجهڙ مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا.

”ڇوڪري تہ خوش ٿي هوندي.“ نوجوان وري پڇيو.

”ها، پر ڪا خاص نہ — مون وٽ هئا پئسا. هن جي پيءُ ڪا وڏي رقم تہ ڪين گهري هئي.“ هو ٿوري دير ماٺ ڪري ويٺو. سامهون پوني جهڙي سونهري گهَرَ جي مٿان هينئر هوا زمين جي پنن کي ڇهندي انهن سان ٽڪرائيندي پئي هلي. گهَرَ ۾ پاتي هلڻ ڦرڻ لڳا هئا. هيٺ شايد ريل گاڏيءَ جي اچڻ جو بہ وقت ٿي ويو هو.

”پلا توکي هوءَ وڻندي هئي؟“ نوجوان جهنگلي جي تارن کي ٽيڪ ڏيندي پڇيو.

”ها، چڱي موچاري هئي. هن مون کي چيو هو تہ جيڪڏهن آئون تيار نہ هجان تہ منهنجي ۽ پنهنجي خوشيءَ لاءِ هوءَ پاڻ پئسا ڏيندي. پر مون هن کي سختيءَ سان جهليو. ان رات هوءَ ڏاڍو رني هئي.“ پوڙهو يڪساهي ڇوندو ماٺ ٿي ويو. هيٺ ڪوهيڙو تيز نيريءَ فضا ۾ ملي پکڙجڻ لڳو.

”مون ڇيومانس تہ آئون توکي خريد نہ ٿو ڪريان.“ پوڙهي جلدي جلدي چيو. نوجوان ڪنڌ لوڏيو.

"پوڙهي سنهنجي ڳالهہ ڪٽي مڃي. پر مون کي ڪاوڙ اچي ويئي هئي. تنهنڪري مون هن کي ڪو بہ جواب نہ ڏنو. ڇو؟ اوهان جو ڪهڙو خيال آهي. منهنجي عزت رهجي آئي نہ؟"

"جيڪڏهن تون عزت کي خوشيءَ تي قربان ڪرين ها تہ ان ۾ ڪهڙي خرابي ٿئي ها."

"ها، منهنجيءَ دل تہ خوشيءَ لاءِ واجهہ پئي وڌا. پر منهنجي دماغ ۾ شيطان وينل هو."

"پر بابا! انسان تہ خوشيءَ جي هڪ ئي لاءِ پنهنجي هر ڪا شيءِ قربان ڪري سگهي ٿو." نوجوان ڦڙتيءَ سان چيو.

پوڙهو ٿڌو ساهہ کڻي ماٺ ٿي ويو.

"هاڻي هوءَ اچي ويئي آهي شايد." نوجوان پڇيو.

"ها." پوڙهي وراڻيو.

سامهون پُل تان هڪڙي گهوڙي گاڏيءَ ۾ ڪو جوڙو لنگهي ويو. گاڏيءَ جي دريءَ ۾ مُنهن ڏيو اندر هڪ ڪراڙي ويٺي هئي. هن جي منهن تي ڪي خوشيءَ جا تہ ڪي وري بيزاريءَ جا آثار هئا. پيشانيءَ تي گهنج هيس، چپ سختيءَ سان بند هيس ۽ ڳلن تي گهنج ايئن پيل هيس ڄڻ تہ ڪنهن قيمتي اچي ريشم کي بيدرديءَ سان خراب ڪيو ويو هجي. هن جي اکين ۾ ڪارن وارن جا ڦوندا اڏامي اڏامي سندس نڪ جي ناسن تي پئي پيا. هن جون اکيون بي رنگ ۽ سراٽيل هيون. ٻورن لفظن ۾ هوءَ دنيا جي هر حسين ۽ نوجوان ڇوڪريءَ جو اَنت هئي.

پوڙهي جي اکين چمڪڻ شروع ڪيو ۽ انهيءَ چمڪي ٽيندي ئي هڪدم هن جون اکيون بي آب ٿي ويون. هن جلدي جلدي چيو "تَڪري تان سمنڊ جي لهر هڪ پَل ۾ لنگهي وڃي ٿي!"

نَوجوان هن کي گهوريندو رهيو.

"هاڻي مون تنهنجي هر سوال جو جواب ڏئي ڇڏيو" پوڙهي چيو ۽ اٿڻ لاءِ هن لٺ جي ٽيڪ ورتي.

ٻيا ٻہ ماٺهو ماٺ ميٺ ۾ پوڙهي جي اجاين ڳالهين ٻڌڻ کان پوءِ بيزار ٿي ويندڙ گهوڙي گاڏيءَ کي بي پرواهيءَ سان ڏسڻ لڳا ۽ آرس ڀڃي وري سمهي رهيا.

ٿامس مور جي مثنوي ”لالہ رخ“

تان ورتل هڪ داستان

# مڙيا مٿي مچ

بحر عمان جا پڪڙيل ڪنارا ۽ سرسبز ٻيٽ، چنڊ جي چانڊاڻ ۾ پنهنجي سموري سونهن کي نروار ڪيو بيٺا هئا. چوڌاري چپ چاپ ۽ سڪون هو البت سمنڊ جي ڇولين جو نرم ۽ نازڪ آواز ان مائيٽي ماحول ۾ رکي رکي ٻڌڻ ۾ پئي آيو. وقت آڌي رات ٽپي اڳتي وڌيو هو. هرمزيہ شهر جو والي ۽ حاڪم ابوالحسن العربي پنهنجي محل ۾ آرامي هو پر هن جي اڪيلي ۽ بيحد پياري ڌيءَ ڪنهن اڻ ڄاتل خوف ۽ پريشانيءَ کان بيقرار پنهنجي ڪمري جي دريءَ وٽ بيٺي هئي. هن اتان پري سمنڊ جي مٿاڇري تي اڀرندڙ ۽ لهندڙ ڇولين کي گهوري پئي ڏٺو. ان پَري چهري ۽ روشن جبين مُنڊ جي سونهن ۽ سوڀيا جي هر هنڌ هاڪ هئي. هن جو نالو هنده هو. هن جا ڏگها ۽ ڪارا وار سنديس ڪلهن تي پکڙيا پيا هئا. جن تي چانڊوڪيءَ جا اولڙا پئي نظر آيا. سنديس اکين مان انتظار پئي ليئا پاتا ۽ هن جي منهن مان من جي مونجهه پئي ظاهر ٿي. اوچتو رات جي سانت ۾ سرود جي تارن جي سُرن جو پڙاڏو پکڙجي ويو. پري فراق ۽ وڇوڙي جو ڪو ماريل انهن سرن سان گڏ آلاپيندو رهيو. هنده انهيءَ پر سوز آواز ۽ موسيقيءَ ۾ پاڻ وڃائي ويٺي.

ساز ۽ آواز ختم ٿي ويو تہ هنده دريءَ مان هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي. هاڻي هن جي مُنهن تي مُرڪ پکڙجي ويئي ۽ دل ۾ خوف ۽ حسرت جي بدران شوق ۽ پيار جي اٿاهہ امنگ جون ڇوليون پئي اُٿيس. هوءَ پنهنجيون ٻئي ٻانهون فضا ۾ پکيڙي ان اڻ ڏٺي محبوب جو آڌر ڀاءُ ڪرڻ لاءِ بيچين ۽ بيقرار هئي. هن ڪيترائي ڀيرا پنهنجون نرگسي اکيون ڇنڀيون ۽ هڪ پاسي چتائڻ لڳي. ڪنهن اڻ ڄاتل هستيءَ هن ڏانهن ڏاڍي پيار ۽ پاٻوهہ مان پئي ڏٺو. شايد اها ئي هستي هئي، جنهن جي اوسيئڙي هنده جي نيڻن مان ننڊ چورائي هئي. اهو اوپرو شخص ڏاڍي

همت ۽ بيپرواهيءَ سان وک وڌائيندو ويجهو ايندو ويو. هنده کي خوف وڪوڙي ويو. اهو شخص بيحد حسين ۽ بهادر ٿي ڏٺو. هنده جون نگاهون سوال ٿي هن کي ڏسڻ لڳيون ۽ هن ڏاڍي آرام ۽ اطمينان سان هنده کي ٻڌايو تہ. ”آئون هڪ سپاهي آهيان. محل وٽان لڳهندي توکي دريءَ وٽ بيٺل ڏٺم تہ پاڻ نہ جهلي سگهيس ۽ تنهنجي ڪشش جي سونهري ڏوريءَ ۾ گهلجي هت پهتو آهيان.“

ٿوريءَ دير تائين تہ ٻئي نگاهن ئي نگاهن ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهائيندا رهيا. پر پوءِ هنده هن کي چيو ”ڏس! چانڊاڻ ۾ ڪيڏي نہ مرڪ ۽ ڪيڏي نہ ڪوملتا آهي!“ اجنبي شخص کو بہ جواب نہ ڏنو. هن جي اکين مان ڏک ۽ غم جهاتيون پائڻ لڳو. هنده کي ڪيترائي وهم ۽ وسوسا وڪوڙي ويا. هن اجنبيءَ کي چيو ”جيڪڏهن منهنجي محبت توکي ڇڪي هت وٺي آئي آهي تہ آئون بہ تنهنجي لاءِ پنهنجي جان قربان ڪندي ويرم نہ ڪنديس. پر هتي تنهنجي لاءِ هر طرف خطرا آهن ۽ آئون نہ ٿي گهران تہ تون انهن ۾ وڪوڙجي وڃين. اي اجنبي! تون هتان هڪدم هليو وڃ.“

پر هنده جو اهو اجنبي جان نثار تہ ڪيترن ئي خطرن مان گذري چڪو هو. هو تہ هزارين ڀيرا موت سان منهن مقابل ٿيو هو. اڙٻنگ ۽ ارڏي سپاهيءَ تي هنده جي لفظن جو ذرو بہ اثر نہ ٿيو هو. هن ڏاڍي آرام سان وراڻيو ”اي عرب جا چنڊ! آئون سڀ سمجهان ٿو. اها بہ خبر اٿم تہ اسان جي وچ ۾ هڪ وسيع ۽ اٿاهہ سمنڊ موجزن آهي، جنهن کي اُڪري پار ڪرڻ ممڪن ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ آئون ايراني لشڪر جو سپاهي آهيان.“

اهو ٻڌي هنده جي منهن مان دانهن ٿي نڪتي، پر هن هڪدم پاڻ سَنڀالي ورتو. ڇا هيءَ ان قوم جو سپاهي آهي، جنهن سان وڙهندي وڙهندي منهنجي پيءُ جا ڪيترائي بهادر ۽ ٻي ڊپا ساٿي هُن جهان ۾ وڃي آرامي ٿيا آهن؟ نہ. نہ ايئن هرگز هرگز نہ ٿيندو. هنده پنهنجي سر پٽڪيو. هن هڪ ڀيرو وري اجنبيءَ کي ڏسندي چيو ”آئون توکي التجا ڪريان ٿي، تون منهنجي پيءُ جو ساٿ ڏي ۽ جڏهن دشمن سان مقابلي ڪرڻ لاءِ تراروں اڀيون ٿين، تڏهن تنهنجي ترار سيني کان بلند هجي.“

ڪاوڙ وچان اجنبيءَ جو جسم ڏڪڻ لڳو ۽ هن جي اکين ۾ خون اڀري آيو. "بس ڪر چوڪري! تنهنجي ڳالهين مان دغا ۽ فريب جي بوءِ پئي اچي. ڇا تون سمجهين ٿي تہ آئون پنهنجيءَ جان کان بہ وڌيڪ عزيز وطن ۽ پنهنجن پيارن ساٿين کي تنهنجن انهن ٻن مٺڙن ٻولن تي قربان ڪري ڇڏيندس؟ نہ هرگز نہ — يا پنهنجي عزيز وطن جي آزادي حاصل ڪندس يا وري موت جي سايي ۾ وڃي سمهي رهندس. ياد رک. اڄ آئون تنهنجي پيءُ ابوالحسن کي قتل ڪرڻ لاءِ هٽ آيو هوس، پر آئون پاڻ هٽ تنهنجي ئي هٿان شڪار ٿي پيو آهيان. اڄ فتح تنهنجي حصي ۾ آئي آهي. هُن پاسي ڏس." ايئن چئي اجنبيءَ هنده کي سمنڊ جي ڪناري تي پري تمام پري هڪ ٽمڪندڙ روشنيءَ کي ڏسڻ لاءِ چيو ۽ ٻڌايو: "اها روشني مون کي پيغام پهچائيندي آهي." ايترو چئي هن هنده کي خدا حافظ چيو ۽ محل جي دريءَ وٽان پري ٿيندو ويو. حيران ۽ پريشان هنده ڪيتري وقت تائين هن کي ويندي ڏسندي رهي، هن جي منهن جي مهتابي مرڪ هينئر اونداهي مايوسيءَ ۾ بدلجي وئي.

بحر عمان جي ڪناري کان 'ها جابلو چوٽي نظر ايندي آهي، جيڪا قزوين کان وٺي هندي وڏي سمنڊ تائين پکڙي پئي آهي. قدرت اهي جبل ۽ پهاڙ ڄڻ تہ سمنڊ جي حفاظت لاءِ خلقيا آهن. انهن جون اُوچيون ۽ بلند چوٽيون آسمان سان ڳالهيون ڪنديون آهن. انهن ئي چوٽين مان هڪ چوٽيءَ تي هڪ ويران ۽ اُجڙ جاءِ آهي، جيڪا آزاديءَ جي متوالن ۽ محب وطن ايرانين جو مرڪز هوندي هئي. انهن اڙٻنگ جوانن جو سردار هفيد هو جنهن جي هيبت ۽ خوف جري ۽ بهادر جوڌن جي دلين کي بہ ميڻ وانگر ڳاري ڇڏيو هو ابوالحسن جا سر ڦريا سپاهي هفيد کي هٿ ڪرڻ لاءِ انهن اڙانگهن لڪن مان ٿيندا ويران ۽ تباهہ عمارتن جي طلسماتي ڄار ۾ پئي ڦريا. پر هفيد هنن جي نگاهن کان غائب هڪ اهڙيءَ عمارت ۾ لڪل هو جيڪا ظاهر هوندي بہ نظر نہ ٿي آئي. هو پنهنجي مختصر ۽ وفادار جماعت سان اتي موجود هڪ اهڙي موقعي جو منتظر هو جڏهن پنهنجي پياري وطن جي آزاديءَ جي لاءِ پنهنجي خون جو آخري قطرو بہ وهائڻ لاءِ تيار هو.

هوڏانهن عربي امير جي ڌيءَ هنده بيپرواهه هئي. هن کي دنيا جو ڪو به حادثو پريشان نه ٿي ڪري سگهيو. پر گذريل رات واري اوچتي واقعي سنديس سمورين خوشين کي ختم ڪري ڇڏيو هو. هاڻي هوءَ جڏهن به ڪنهن حملي جي خبر ٻڌندي هئي ته هن جي اکين مان پنهنجيءَ ناڪام محبت جا لڙڪ وهڻ لڳندا هئا ۽ هوءَ هر عرب سپاهيءَ جي ترار کي پنهنجي محبوب جي خون ۾ ٻڏل سمجهندي هئي. هن لاءِ ته هاڻي بحر عمان جي هر موج ۾ دل جي ويرانيءَ ۽ ناڪاميءَ جو سنيهو لڪل هوندو هو. هوءَ هر رات وري به وڃي دريءَ وٽ ويهندي هئي ۽ ان پڪڙيل خوبصورت نظاري کي ڏسندي رهندي هئي، جنهن هن کي پهريون پيرو روئڻ سيکاريو هو پر هن جي لاڳيتي انتظار ۽ تڏين آهن ڀرڻ جو ڪو به نتيجو نه نڪتو. اُها گمنام هستي، جنهن جي پهرين نگاهه هن جي دل ۾ لهي ويئي هئي، وري ڪيس نظر نه آئي.

هڪڙي ڏينهن هنده جو پيءُ ابوالحسن ڏاڍو خوش پئي نظر آيو. هن جي پيشانيءَ تي رونق هئي ۽ اکين ۾ روشني. هن هنده کي ٻڌايو هو ته اڄ منهنجا بهادر ۽ جري سپاهي دشمن جو سر وڍي اچي منهنجن پيرن ۾ اڇلائيندا ۽ فتح ۽ ڪامراني منهنجا قدم چمندي. پيءُ جي ان ڳالهه هنده جي مَن ۾ مونجهارو پيدا ڪري ڇڏيو. ڇا اهو منهنجو محبوب ته نه هوندو! هن دل ئي دل ۾ چيو. پر هوءَ ڇا ٿي ڪري سگهي! هفيد جو هڪ ساٿي غدار ۽ وطن فروش ثابت ٿيو. هن ابوالحسن کي انهن سمورن ماڻهن جو ڏس ڏنو هو جتي حريت جا پروانا آزاديءَ جي شمع تان قربان ٿيڻ لاءِ بيقرار هئا. ابوالحسن اهڙي موقعي تي هنده کي بحر عمان جي لڳ ان محل مان نڪري وڃڻ جو انتظام ڪيو. ڪيس خوف هو ته متان جنگ جو رخ ڦيرو کائي وڃي ۽ سندس سڪيلڌي ڌيءَ کي ڪا تڪليف پهچي. هنده کي ڏاڍي خاموشيءَ سان وفادار سپاهين جي نظرداريءَ هيٺ هڪ ننڍڙي غوراب ۾ سوار ڪيو ويو. غوراب لنگر ڪنيو ۽ سمنڊ جي لهرين مان لُڏندو لمندو ڪنهن اڻ ڄاڻ ہيٺ ڏانهن روانو ٿي ويو. هوڏانهن ابوالحسن حملي جي منصوبن کي مڪمل ڪرڻ ۾ مصروف هو. هن جي تدبيرن ۾ ان خون خرابي جا آثار ظاهر هئا.

غمگين ۽ اداس هنده غوراب جي هڪ ڪنڊ ۾ چپ چاپ سواءِ ڪنهن خيال جي سمنڊ جي لهرين کي ڏسندي رهي ۽ ان اجنبيءَ جي باري ۾ سوچيندي رهي، جيڪو هن جون سموريون خوشيون پاڻ سان کڻي گم ٿي ويو هو.

اوچتو سمنڊ ۾ طوفان آيو. ڪيترائي غوراب ۽ ٻيڙا سمنڊ جي مٿاڇري تي پاڻ ۾ ٽڪرائجي هڪ ٻئي مٿان ڪرڻ لڳا. طوفاني هوائن جي سُٽن سڙهن کي ڦاڙي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو. هوائن جي شور ۽ موجن جي ڪڙڪن جي آواز ۾ جنگ جا نعرا بہ بلند ٿيڻ لڳا. ترارن سان ترارون ٽڪرايون ۽ هر هنڌ رت ريلا ڏئي وهڻ لڳو. هنده تہ ايترو هراسجي ويئي جو ڪيس ڪي بہ سمجهہ ۾ ڪونہ پئي آيو. ڊپ ۽ خوف وچان هن جي اکين اڳيان اوندهہ ۽ انڌوڪار اچي ويو هو. ايتري ۾ هن جي نازڪ ڪرائي ڪنهن سگهاري ۽ مضبوط هٿ ۾ اچي ويئي ۽ هوءَ ڪنهن اڻ ڄاڻ هيبت کان چڪرائجي بيهوش ٿي ڪري پئي. گهڻي گهڻي دير کان پوءِ جڏهن هوءَ هوش ۾ آئي ۽ هن اکيون کوليون، تڏهن ڪيس پنهنجي چوڌاري سانت محسوس ٿي، ڄڻ تہ ڪجهہ ٿيو ئي ڪونہ هو نہ طوفان آيو هو نہ جنگ ٿي هئي. هن پاڻ کي هينئر هڪ ننڍڙي ٻيڙيءَ ۾ ڏٺو جنهن سان سمنڊ جي مائيٽين موجن هوريان هوريان پاڻ پئي ٽڪرايو. اها ٻيڙي تيزيءَ سان اڳتي وڌندي پئي ويئي. اهو سنديس پيءُ وارو غوراب ڪونہ هو. ان ۾ نہ مخملي شاميانو هو ۽ نہ وري اهي وفادار سپاهي هئا. البت ٻيڙيءَ جي ٻنهي ڇيڙن تي ڪي سپاهي وِيٺا هئا. جن جي لباس ٻڌايو پئي تہ اهي سِيئي ايراني نسل جا سپاهي هئا. هنده کي اهو ڏسي يقين ٿي ويو تہ قدرت ڪيس هفيد ۽ هن جي ساٿين جي هٿن ۾ کڻي اچلايو آهي. هوءَ ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين ڏڪڻ لڳي. هفيد کان تہ ڪيس نفرت سيکاري ويئي هئي. هن جي نالي ٻڌڻ سان ئي پٽس ابوالحسن اُپو ٿي ويندو هو. ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ هن جون اکيون ڳاڙهيون ٿي وينديون هيون. پر هنده جي دل ۾ هڪ اچاتل اطميـنان ايري آيو ۽ اها اميد جي ڪرڻ سان روشن ٿيڻ لڳي. مٿان انهن ۾، هفيد جي ساٿين ۾ اُهو اجنبي بہ هجي! ٿوريءَ دير لاءِ هن جي وساٽيل اکين ۾ روشني اچي ويئي. هاڻي ٻيڙي انهن خوفناڪ ۽ ٻوائتن ٻهاڙن جي لڪن مان اڳتي وڌندي رهي، جن ۾ هفيد ۽ سندس

ساٿي لڪل هوندا هئا. ايتري ۾ ٻيڙي بيهي رهي. هڪ سپاهيءَ هنده جي اکين تي هڪ پٽي ڇڪي ٻڌي ۽ کيس ٻيڙي مان لاهي پٿريلي رستي جي پيچرن تان ڪنهن پاسي وٺي ويا. ٻهاڙن جي مائيٽي ماحول ۾ سپاهين جي قدمن جو پڙاڏو ٿيندو رهيو جيڪو آخر هڪڙي هنڌ پهچي ختم ٿي ويو. هنده جي دل زور زور سان ڌڪڻ لڳي ۽ سمورو جسم ست ڇڏي ويس. اوچتو هڪڙي آواز هن جي مئل جسم ۾ ساهہ ڦوڪي ڇڏيو. اهو ان اجنبيءَ جو آواز هو جنهن جي اوسيئڙي ۾ هن جون خوشيون ختم ٿي ويون هيون. ان آواز کي سڃاڻڻ ۾ هوءَ ڪڏهن بہ غلطي ڪين ڪري ٿي سگهي. دنيا جي سمورن آوازن ۾ اهو ئي آواز هو جنهن ۾ پيار جي پالوٽ هئي. اهو آواز ڪيترو نہ مٺو ۽ ڪيترو نہ پرڪشش هو! هنده جي اکين تان پٽي لاٿي ويئي. هن اکيون ڦاڙي چوڌاري نهاريو. سندس سامهون زرهہ ۾ ويڙهيل اهو ئي اجنبي بيٺو هو. اوچتو سڄو ماحول ”هفيد زنده باد“ جي نعرن سان گونجڻ لڳو. ڇا اُهو ئي هفيد هو جنهن جي قدمن ۾ هو پنهنجي دل جي پونجي قربان ڪري چڪي هئي؟ اهو اجنبي اڄ بہ اهڙيءَ طرح مُرڪي رهيو هو جيئن سندس مُرڪ جي ڪرڻن هن جي دل جي انڌاري ۾ روشني ڪري ڇڏي هئي. هنده جي نگاهن ۾ دهشت ۽ خوف جي بدران پيار جي پالوٽ ٽيڻ لڳي. هن هر خوف ۽ خطري کي وساري ڇڏيو ۽ هوءَ ڏاڍي بي نيازيءَ سان هفيد جي اونهين نگاهن ۾ نهاريندي رهي.

اوچتو گوڙ ۽ هُل ٿيو. ٻهاڙن ۾ عرب سپاهين جي نعرن جا پڙاڏا وڏندا ويا. هفيد جي ساٿين جون ڪنوڻ جهڙيون چمڪندڙ ترارون مياڻن مان چمڪاٽ ڪنديون ٻاهر نڪري آيون ۽ اهي بہ نعرا هڻندا دشمن سپاهہ سان مقابلي ڪرڻ لاءِ اُٿامندا ويا. ”نہ نہ ائين نہ ٿيندو!“ هنده ڪان دانهن نڪري ويئي ۽ هن جي ڪنن ۾ ابوالحسن جي لفظن جو پڙاڏو ٿيڻ لڳو، ”منهنجا بهادر ساٿي منهنجي دشمن جو سر وڍي آڻي منهنجن قدمن ۾ اڇلائيندا.“ هنده هفيد جي پيرن ۾ ڪري پيئي. ”خدا جي واسطي هتان هليو وڃ. جيڪڏهن توکي منهنجي محبت ۽ عزت جو لحاظ آهي تہ ڪنهن پاسي نڪري وڃ. ٻڌ، اهي ئي خونخوار سپاهي آهن، جيڪي ويجهو پوندا پيا وڃن.“ اهو ٻڌي هفيد مرڪي ڏنو آئون تہ هن گوڙ گمسان

جو عادي آهيان. تون منهنجي ڳُٽتي نہ ڪر ۽ تون بہ هت محفوظ آهين. سياڻي سچ اُپرندي ئي توکي تنهنجي پيءُ ڏانهن اماڻيو ويندو.“

”نہ نہ.“ هنده دانهن ڪندي چيو. ”توسان دغا ڪئي ويئي آهي. تنهنجي هڪ بي ايمان ۽ وطن ويڪو ساٿيءَ منهنجي پيءُ اڳيان تنهنجي وفاداري وڪڻي ڇڏي آهي. تون پاڻ تي رحم ڪر.“

اهو ٻڌي هفيد جو جسم ڪاوڙ وچان ڏڪڻ لڳو. هنده جي نظرن ۾ التجا ۽ آزي هئي. پر هفيد جو سر فخر وچان اوچو ٿي ويو. هن کي هڪ عجيب روحاني مسرت محسوس ٿيڻ لڳي. ”نہ نہ.“ هفيد ٻئي پاسي منهن ڪندي چيو. ”هاڻي اهو وقت اچي پهتو آهي، جنهن جو اسان کي انتظار هو. هاڻي وطن جا شيدائي، آزاديءَ جا متوالا ۽ همت ۽ مردانگيءَ جا پتلا دشمن جي ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائڻ لاءِ پنهنجيون جانيون قربان ڪندا. اهو فيصلو اڻ ٽر آهي.“ اهو چئي هفيد هنده کي پنهنجن ٻن وفادار ساٿين جي حوالي ڪري حڪم ڏنو تہ هن کي حفاظت سان سنديس پيءُ تائين پهچايو وڃي. سپاهي هنده کي ساڻ ڪري هلڻ لڳا ۽ هفيد تلوار ڦيرائيندو هڪ بکئي شينهن وانگر دشمن جي سپاهہ ۾ ڪاهي پيو. هو جلدي ئي هزارن وچن ۾ وڪوڙجي ويو. هن جي جسم جو ذرو ذرو ضربجي پيو ۽ گهاؤن مان رت ريلا ڏئي وهڻ لڳس. آزاديءَ جي شمع جي لاٽ آخري ڀيرو ڀڙڪو کائي ٻري ۽ پوءِ هميشه هميشه لاءِ اجهامي ويئي. دشمن جي فوج فتح ۽ ڪامرانيءَ جا نعرا بلند ڪيا، جن جو پڙاڏو جابلو ماٿرين ۾ ٻُرڻ لڳو. اوچتو هنده پنهنجيءَ دل کي ٻڏندي محسوس ڪيو. هن بي اختيار هڪ دل ڏاريندڙ دانهن ڪئي. هيٺ پهاڙن جي دامن ۾ سمنڊ جون مست موجون ڪڙڪات ڪنديون جبلن سان پئي ٽڪرايون. هنده سَٽ ڏئي سپاهين کان پاڻ ڇڏايو. اتاهہ ۽ اونهي سمنڊ جون مست موجون ڪيس سڏينديون رهيون. هنده ذري بہ دير نہ ڪئي ۽ پنهنجي سموري سگهہ سان پهاڙ تان ڇال ڏئي پاڻ کي هيٺ ڪيرايو ۽ سمنڊ جي موجن ۾ گم ٿي ويئي.

اڄ محبت ۽ پيار جي پتلي هنده بحر عمان جي اونهائين ۾ ڪنهن صدف جو مٽيادار موتي ٿيو دنيا جي نظرن کان لڪي پئي آهي ۽ مٿي پهاڙ جي چوٽيءَ تي هفيد جي هڏن جي خاڪ هوا ۾ اُڏامي دنيا وارن کي حريت ۽ آزاديءَ جو ابدي پيغام ڏئي رهي آهي.

(آمريڪا)

لارينس سارجنٽ هال

# پنيءَ پڻ جهڻ پاڻ ۾

ڪرسمس جي ڏينهن صبح جو سج اڀرڻ کان اڳ ملاح پنهنجي زال کي ياڪر ۾ جهلي سيني سان لاتو ۽ گرم گرم هنڌ مان ٻاهر نڪري آيو. جوٽس ڪيس وچڻ ئي نہ ٿي ڏنو جو اهو ڪرسمس جو ڏينهن هو. ملاح پريل ٻُت جو هڪ سگهارو انسان هو جنهن کي سياري جي مند ۾ انهن سامونڊي بدڪن جو شڪار ڪندي ڏاڍو مزو ايندو هو جيڪي وير لهڻ کان پوءِ جبل جي ٻاهرين ڪنڌين تي اچي لهنديون هيون.

ملاح جي اگهاڙن پيرن جو ٿڌي فرش سان ڇهاءُ، پاري جهڙي سرد هوا جو سندس جسم جي اگهاڙن حصن سان ٽڪراءُ اهڙو هو جو ان ڏينهن اوندهہ ۾ هو پنهنجو ارادو ڦيرائي بہ سگهي ها. اهڙي ڏينهن ڪير پنهنجو گهر ڇڏي ٻاهر ويندو آهي ڇا؟ ان ڏينهن تہ رڳو ايترو سوچڻ ممڪن هو تہ ماضيءَ ۾ هن جبل جي ان ڪنڌي تي پنهنجيءَ بندوق سان ڪيترين ئي بدڪن جو شڪار ڪيو هو. پر هن پنهنجي تيرهن ورهين جي پُٽ ۽ پندرهن ورهين جي ڀائٽي سان انجام ڪيو هو جيڪو سمنڊ کان پري مُلڪ جي اندرئين حصي مان آيو هو. اهو ئي سبب هو جو ڪرسمس جي رات ملاح هنن کي هڪ هڪ خودڪار بندوق بہ سوکڙي طور ڏني هئي، هو تہ هر هنڌ ڏاڍو ارڏو انسان مشهور هو. جيڪو ٻارن کي مٿي تي چاڙهڻ جي سخت خلاف هوندو هو پر هن پنهنجو انجام پاڙڻ ضروري ڪري سمجهيو. ٻئي پاسي ٻنهي ڇوڪرن جو پڻ هن جهڙو ئي خيال هو تہ گهرَ جو مطلب آهي تہ ڪرسمس جي ڏينهن شيل شڪار ڪري، گهمي ڦري پوءِ اتي اچي آرام ڪجي.

پنهنجي سمهڻ واري ڪمري جي اڌ روشن نويڪلائيءَ ۾ ملاح ڪَر موڙيا ۽ ٽنگون ڊگهيريون. جوٽس جهيڻي آواز ۾ اعتراض پئي ڪيو پر ملاح جا ڪن ديال جي وٽن ۾ سوساٽ ڪندڙ هوا ڏانهن هئا. جن مان

ڪيس لڳو تہ هوا اوير جي هئي. اڳينءَ رات ڇوڪرن پڻ اهڙي اُميد ڪئي هئي ۽ سندس بہ اهو ئي خيال هو. حالتون تمام سئيون هيون، اهڙيون جو انهن مان فائدو وٺڻ کپندو هو. ڀڪي پري پري کان اُڏامندا ايندا ۽ ٻاهر جبل جي ڪنڌيءَ تي ڀهريون ڀيرو؟

تيرهن ورهين جي عمر ۾ ملاح جو پٽ ننڍي قد جي هوندي بہ اَتل ۽ تجربيڪار ٿي پيو هو. سندس پائيتيو جيڪو ڀهراڙيءَ جو هو پنهنجيءَ عمر کان وڏو ٿي لڳو. ان کي جيتوڻيڪ ترڻ ڪو نہ ٿي آيو پر سمنڊ ۾ ترڳڻ جو ڏاڍو شوق هوس. هو اڪثر ٿڌي منڊ ۾ بيمار بہ رهندو هو. شايد ان جي ڪري ئي ملاح جي ياءَ ڪڙميءَ ان سدوري ڏينهن پُٽ کي گهَر ۾ ئي رهڻ جي هدايت ڪئي هئي. هو ڪڙمين جي سنگت ۾ وڏو ٿيو هو جن کي سمنڊ ڏسڻ شرط بخار چڙهي ويندو هو. اهي تہ ترڻ ئي ڪونہ ڄاڻندا هئا. اهي ملاح ٿيڻ جا خواب ضرور ڏسندا هئا، پر ملاح ٿي نہ سگهيا هئا. ملاح تہ پاڻ بہ پاڻيءَ ۾ اهڙيءَ طرح ترندر هو جيئن لُڏڙو ترندو آهي، ان هوندي بہ هو ڪڏهن بہ بيمار نہ ٿيو هو.

هن ٿڌ ۽ اوندهہ ۾ ڪپڙا متايا ۽ ڇوڪرن کي دڙڪا ڏنا. هن جي دانهن تي ڇوڪرا هنڌ مان پڙڪو ڏئي ٻاهر نڪتا. سندن اندر تہ سجاڳ هو پر اکين ۾ اڃان تائين ننڊ پريل هئي. پاسي واري ڪمري ۾ ملاح جي گهر واريءَ ڇوڪرن کي پنهنجا ڪپڙا ڳولڻ جي ڪوشش ڪندي ۽ خوشيءَ وچان هڪ ٻئي سان سُس پُس ڪندي ٻڌو تہ ايتري ۾ مڙسس بيدا پچائڻ لاءِ رڌڻي ۾ هليو ويو. ڇاڪاڻ تہ اهڙا تريل بيدا اهي شوق سان کائيندا هئا.

سياري جي منڊ ۾ هنن جو گهر کان ٻاهر وڃڻ سندس زال کي سدائين ڏکيو لڳندو هو. موسم تي تہ ڪو اعتبار ئي ڪونہ هو ۽ ٻاهر جيڪڏهن ڪو حادثو ٿي بہ پيو تہ اتي ماڻهو بہ تمام ٿورا هوندا. ملاح زال جي اهڙن خيالن کي عورت جو وهم ڇوندو هو ۽ انهن کي قبول ڪندي بہ اُنهن تي کلي ٺٺولي ڪندو هو. جڏهن سندس شادي ٿي هئي، تڏهن هر سرءُ جي منڊ ۾ ٻئي پاڻ ۾ سخت جهيڙو ڪندا هئا: ڇاڪاڻ تہ هوءَ ڪيس لاڳيتو ڇوندي رهندي هئي تہ ٻهار جي منڊ جي اچڻ تائين ٻيڙي نہ هلائي.

جيتوڻيڪ سياري ۾ مڇي جام ڦاسندي هئي ۽ ان جون قيمتون بہ چڙهيل هونديون هيون.

هن کي ماڻهو ڏاڍو ارڏو ۽ خود پسند شخص سمجهندا هئا. جنهن کي ہٽاڪن هٽڻ ۽ ٻين کي گهٽ سمجهڻ ۾ مزو ايندو هو. هو بہ سچ. ڇو جو خود ياٽس جو بہ اهو ئي خيال هو. ڪو وقت تہ اهڙو بہ آيو هو جو هن جي زال پنهنجي اڪيلائيءَ مان بيزار ٿي، ڪنهن ٻئي شخص سان شادي ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو. پر ايئن ڪرڻ تمام خطرناڪ ٿئي ها. ان ڪري ڪيترن سالن کان هن ان باري ۾ سوچڻ ئي ڇڏي ڏنو هو ۽ جيڪا بہ ٿوري گهڻي آسائش ملندي هيس، ان تي ئي راضي رهي هئي. شايد هڪ يا ٻہ ڀيرا هوءَ ان حد تائين هلي ويئي هئي تہ جيڪڏهن رناپڻ آيو بہ تہ ڇا ٿيندو! هن کي اهو خيال بہ آيو هو تہ ممڪن آهي تہ ٻئس ننڊي وهيءَ جي ڪري پنهنجي پيءُ جهڙو بي حس نہ ٿئي. برف جهڙي ٿڌي گهر کان جدا هيٺ رڌڻي ۾ ٽانون جي ڪڙڪڙ ۽ گوشت پچڻ جي خوشبو سندس ان خيال جي پٺڀرائي ڪئي، جڏهن هوءَ پنهنجي هنڌ ۾ اڪيلي ليٽي پئي هئي. ٿوريءَ دير کان پوءِ هن هنن کي گهر مان ويندي ۽ ٻاهريون دروازو بند ڪندي ٻڌو.

مائيءَ ڪمري جي دريءَ جي ٻئي پاسي کان هنن جي پيرن هيٺان برف کي پُرندي ٻڌو ۽ مڙسس جون ڀيڪيون ٻڌيون. جيڪي هن چوڪرن کي پئي ڏنيون. کيس لحاف ۾ پنهنجي ئي جسم جي گرميءَ ۾ ڏڪٽي وٺي ويئي. هن وري پنهنجي پٽ ۽ ياٽي کي خوشيءَ ۾ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندي ٻڌو. جيئن اهي رستي تان سمنڊ جي ڪناري ڏانهن پئي ويا تہ دريءَ جي مٿان اچي ڇت تي هن ٻہ ڀيرا هنن جي پاڇولي جي اولڙي کي چمڪندي ڏٺو. ٻيڙيءَ تي پارو ڇاول هوندو ۽ پاڻيءَ جي ڪناري تي گجي جميل هوندي. جوانيءَ ۾ هوءَ پاڻ بہ بندوق سان شڪار ڪندي هئي، ۽ هاڻي کيس محسوس ٿيو تہ ڪرسمس جي صبح جو اهڙيءَ طرح رڳو مرد ماڻهو ئي ٻاهر وڃي سگهن ٿا. هنن مان ڪنهن کي بہ ان وقت تائين هن جو خيال نہ ايندو جيسين شڪار ڪيل پکين جو ڍير ڇلي صاف ڪرڻ لاءِ سنديس اڳيان اچي ڦٽو نہ ڪندا.

مانيٽي ۾ ٽڏي پرھ ڦٽيءَ کان اڳ ھن ٻيڙيءَ جي موٽر کي چالو ڪرڻ جو آواز ٻڌو جنھن ۾ چڙھي ملاح ٻي ٻيڙيءَ تائين ويندو. ٻيڙيءَ جي انجڻ چالو ٿيندي ئي بند ٿي ويئي. ٻن يا ٽن يا چئن يا پنجن منٽن کان پوءِ انجڻ ڪڙڪاٽ ڪندي وري ھلڻ لڳي. ملاح وٽ اھا سٺي ۾ سٺي ٻيڙي ھئي، جنھن جي ھن ڏاڍي سنڀال ڪئي ھئي. ھن پنھنجيون اکيون پوري ڇڏيون. ٿوريءَ دير کان پوءِ اوسي پاسي ماڻھو ڪرسمس ملھائڻ لاءِ اٿي تياريون ڪندا. ٻيڙيءَ جو آواز اپري آھستي آھستي ھوا ۾ غائب ٿيندو ويو. تان جو اھو سمنڊ تان ئي پھچي ويو ھو يا وري ھوءَ سمھي رھي ھئي.

گھٽي ٽڏ جي ھوندي بہ ٻيڙيءَ جي انجڻ ھڪدم چالو ٿي ھئي. ان ڪري ملاح بود ۾ اچي ويو ھو. پنس ٽپ ڏيئي ٻيڙيءَ جي تخت تائين ويو ۽ پائيٽيس وجي پڳھ کوليو ۽ ٻيڙي اوندھ ۾ اڳتي وڌڻ لڳي. ملاح ٻيڙيءَ جي ساڄي طرف جھڪي ڪمپاس تي نظر ڪئي ۽ لڙائيل سمنڊ ڏانھن ٻيڙيءَ جو رخ ڪيو.

ٻيٽن جي وچ ۾ ورن وڪڙن واري ڪاريءَ مان ٻيڙيءَ کي ھلائيندي چڱو خاصو سوجھرو ٿي ويندو. پاڻيءَ جو اھو حصو ڏاڍو اڙانگو ھو. ملاح تہ ڪيترائي ڀيرا ڪوھيڙي ۾ ۽ رات جو بہ اتان ٻيڙي ھلائي ھئي. ھو ھميشه قسم کڻي چوندو ھو تہ ڪاريءَ ۾ آئون اکيون ٻوٽي ڪٽي بہ نڪري ويندس. پر ھن وقت اھڙو خطري وارو ڪم ڪرڻ مناسب نہ ھو. ڪاري اُڪري اڳيان برائون ڪائو ٻيٽ ڏانھن سڌو وجي اتي ٻيڙي ٻيھاري ٿي سؤ وال پري ڊيولس ھمپ تائين وجي سگھبو. ان وقت تائين جبل جي ڪنڌيءَ وٽ وير لھي ويندي ۽ اتي بدڪن جو شڪار ٿي سگھندو.

ڏينھن اجان ڪو نہ چڙھيو ھو. ڪرسمس واري ڏينھن ۽ سال جي ان سرد موسم ۾ ايترو پري ڪو بہ شڪاري وڃڻ جي ھمت نہ ڪندو ھو. ملاح کي پڪ ٿي ھئي تہ ٻيو ڪو بہ ماڻھو ايترو پري وڃي نہ سگھندو. جوانيءَ ۾ ھن اتي ھزارين بدڪون شڪار ڪيون ھيون. شڪار لاءِ اھو ھڪ بھترين ھنڌ ھو. البت ان لاءِ صورتحال مطابق رٿابندي ڪرڻ ضروري ھئي، چاڪاڻ تہ اتي وقت تمام ٿورو ملندو ڪل چار ڪلاڪ. ڏينھن جو ٽين لڳي کان اڳ، جڏھن تہ پکي رات ٽيڻ کان پھرين سمنڊ ڏانھن اڏامي ويندا.

اجوڪي ڏينهن سندن اها ڳڻ ڳوٽ بلڪل صحيح هئي. شڪار پوري ٿيڻ کان اڳ جبل جي ڪنڌيءَ تي پاڻي ڪو نہ چڙهندو ۽ رات جي ماني کائڻ وقت سيئي گهر پهچي ويندا. ڇوڪرن جي قسمت ڀلي هوندي تہ پهرئين شڪار تي ئي پکين جي ٻري ملي ويندن. جيتوڻيڪ قانون مطابق ايترن پکين جي شڪار جي اجازت نہ هئي، پر هنن ان پاسي ڌيان ئي نہ ڏنو ڇاڪاڻ تہ هن حياتيءَ ۾ جيڪي بہ هٿ اچي ان تي قبضو ڪرڻ گهرجي نہ تہ اهو ڪو ٻيو ماڻهو کٽي ويندو.

ان هنڌ پکين کي شڪار ڪرڻ ۾ ملاح کي ڪڏهن بہ تڪليف نہ ٿي هئي. ۽ هن ڀيري بہ گهڻو شڪار هٿ ايندو. جلد ئي اوپر جي هوا تيز ٿي ويندي، سامونڊي وير بہ ٺيڪ هئي ۽ سپاٽي صبح ٿيڻ تائين پڪ سان طوفان بہ لڳندو. تنهن ڪري پکي ضرور اُڏامي ايندا.

ملاح جي رڳن ۾ پراڻي خون خواري ۽ جوش ٻوڙڻ لڳو. هن هڪڙو هٿ ٻيڙيءَ جي سٽيئرنگ ويل تي رکي موسم کي سڄاڻيندڙ اک سان سامهون گهگهہ اونڌهہ ۾ نهاريو. خوشيءَ وچان ڇوڪرن کي ٿڙڪڙون هنيون، جن چمنيءَ لڳ هڪ ٻئي سان چرچا پئي ڪيا. جواب ۾ ڇوڪرن بہ خوش ٿيندي انجڻ جي آواز ۾ وڏي واڪي شرط رکيا تہ ڪير گهڻي ۾ گهڻا پکي شڪار ڪندو. کين شڪار ڪرڻ لاءِ بندوقون مليون هيون ۽ سمنڊ جو اهو ڪليل پاسو مليو هو. ان جي ڪري ٻئي خوشي وچلن ڪپڙن ۾ ئي نہ پئي ماپيا. شڪاري ڪارو ڪتو ڇوڪري کي ٺينگ ٽپا ڏيندي ڏسي پڇ لوڏيندو هنن تي ڀؤنڪڻ لڳو. ڪتو پوڙهو ٿي ويو هو ۽ خارش ۾ ورتو پيو هو. ڊسمبر جي ٿڌ ۾ ان کي ٻاهر آڻڻ نہ کپندو هو پر هو ڪنهن نہ ڪنهن نموني هنن جي ڪڍ لڳي پيو هو ۽ هو بہ لاچار ٿي ان کي پاڻ سان وٺي ويا هئا.

ملاح کيسي ۾ هٿ وجهي پائيپ ڪڍيو ۽ اهو معلوم ڪندي تہ تماڪ جي ٿيلهي گهر وساري آيو هو هن جي سموري خوش مزاجي ڊانوانڊول ٿي ويئي. هن جي وات مان گار نڪري ويئي. هڙئي ڏينهن تماڪ جي کوٽ سبب هو ويڳاڻو ٿي ويو. هن پنهنجا کيسا چڱيءَ طرح چڪاسيا، وري وري چڪاسيا. کيس اعتبار ئي نہ پئي آيو تہ ڪو تماڪ گهر ۾ ئي

رهجي ويو هوس. هن کي بيزار ٿيندو ڏسي، ڇوڪرن جڏهن ان جو سبب معلوم ڪرڻ گهريو تہ ملاح ڪاوڙ ۾ ڪروڌ وچان هنن کي دڙڪا ڏيڻ لڳو ۽ ان غفلت جو کين ذميدار سمجهڻ لڳو. هن جي ان ڪاوڙ کان ڏهلجي ڇوڪرن چيو تہ واپس وڃي تماڪ کڻي اچجي، پر هن سختيءَ سان انڪار ڪيو. هو اهڙو ماٺهو هو جوهن هڪ ڀيرو جنهن ڳالهہ جو فيصلو ڪيو تہ پوءِ ان تان ڦرڻ ممڪن نہ هو.

ملاح پائيپ کي ڏندن جي وچ ۾ سوگهو جهليو ۽ ٻہ ڀيرا وري سيئي کيسا چڱيءَ طرح چڪاسيا. هو مستقل مزاج تہ هوئي ڪونہ. پل کن لاءِ کيس خيال آيو تہ پکين جو شڪار گهر جي ويجهو هجي ها تہ ڪهڙو نہ سٺو هو. لاچار ٿي هن خالي پائيپ اهو سوچي چڪڻ شروع ڪيو تہ جيڪڏهن جبل جي ڪنڌيءَ وٽ تماڪ جي ٻاڙ گهٽو ستايو تہ وسڪي ڪوڙ پئي آهي. هن ڇوڪرن کي چيو تہ چڱي طرح ڏسي ٻڌائين تہ ٿيلهي ۾ مانيءَ سان گڏ پاڻ جيڪا بوتل رکي هئائين اها ان ۾ آهي يا نہ. ڇوڪرن جي خاطري ڪرائڻ تي هو ماٺ ٿي ويو. هميشه جيان هن ڀيري بہ ملاح جو فيصلو بلڪل صحيح هو. جبل جي ڪنڌيءَ تائين پهچندي پهچندي چؤطرف چڱي روشني پکڙجي ويئي هئي، جنهن ڪري ٻيڙيءَ جي رفتار کي گهٽائڻ ڪانسواءِ اها سولائيءَ سان اتان ڪڍي ويو. نيٺ هن ٻيڙيءَ جو رخ سمنڊ ڏانهن ڪيو ۽ جيئن ئي اوبر مان دونهاٽيل ڪڪرن جي هڪ ڊگهي پردي وچان سياري جي سج جا ڪرڻا ڦٽا تہ ان سان گڏ هن جو حوصلو بہ وڌڻ لڳو.

هن ٻاڦ وڌائڻ وارا نڙا کولي ڇڏيا ۽ ٻيڙيءَ کي ٻن ڪلاڪن تائين مضبوطيءَ سان هلايو. جيتوڻيڪ هوا ڏاڍي تيز هئي، پر سمنڊ کان اچڻ جي ڪري ايتري ٿڌي نہ هئي. ڇوڪرا ملاح کي اتي ڇڏي درين وٽ وڃي ويٺا ۽ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ ۽ آسمان کي ڏسڻ لڳا. جبل جي ڪنڌي تيزي سان سنهي ٿيندي ويئي تان جو اها اچي سمنڊ ۾ ڪاري نوڪ جهڙي نظر اچڻ لڳي. اوسي پاسي ڪٽي بہ ٻيڙيون ڪونہ هيون.

ڇوڪرن پنهنجين نين بندوقن تي پيار سان هٿ ڦيرايا. انهن جي نالين ۾ ڏنو انهن جا پرزا کولي وري ٺيڪ ڪيا. هڪ ٻئي کي انهن جي

ڇاڻ ڏني، ٻڌاڪون هنيون ۽ڪيتريون ئي غلط سلط ڳالهيون ڪيون. اوچتو ملاح سندن ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي افق ڏانهن اشارو ڪيو. هنن ڊرين مان ان پاسي ڏٺو تہ پاڻيءَ جي هلڪين هلڪين پر اُڀرندڙ لهرين تي ڪو ڪارو ڪارو ڇِٽُ ترندو اچي. بدڪن جو اهو ڪارو ڇٽ گول ڦري پاسيرو جهڪي ونجي. ڇوليون ڏيندو مٿي اڀريو ۽ قطار ٺاهي سمنڊ جي مٿان هڪ وڏي ترهي جيان نظر آيو. اهو اهڃاڻ سٺائو هو. ڇوڪرا ٻوڙندا ٻاهر نڪتا ۽ تيز هوا ۾ پکين جي قطار کي وراڪو ڏيندي ڏسڻ لڳا. ڇوڪرن گرم انجڻ جي ڇوڏاري ٻوڙون پائي دانهون ڪيون تہ جيڪر اسين اڳواٽ تياري ڪري ويهون ها تہ ڪهڙو نہ سٺو ٿئي ها. ٿي سگهيو ٿي تہ اهي سودائي بدڪون پوءِ موٽي اچن ۽ شڪار ٿي وڃن. ڇون تا تہ بدڪن وٽ عقل ڪو نہ ٿئي.

صبح ۽ ٻپهريءَ جي وچ ڌاري ۽ پوري وقت تي هنن برائون ڪا ٻيٽ ۾ هڪ محفوظ هنڌ تي پهچي لنگر هنيون. هنن ٻونڊي پاڻيءَ ۾ لاٿي ۽ ان ۾ سامان جا ٿيلها ۽ بندوقون رکيون. اناڙي هوندي بہ ڇوڪرن ڏاڍي ڦڙتي ڏيکاري. ٻئي پاسي ملاح ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ڏيکاريندي هنن کي گاريون ڏنيون، جيڪي هنن صبر سان پئي سَنيون. کين خبر هئي تہ اها ڪاوڙ تماڪ نہ هجڻ جي ڪري هئي.

هنن ٻيٽ جي ڇوڏاري ٻونڊي هلائي، اوير طرف گجيءَ جي هڪ ٻني ڏانهن رخ ڪيو جنهن تي سؤ وال پري پاڻي جي مٿاڇري کي اچو ڪري ڇڏيو هو. پکين کي ريبڻ لاءِ هنن سمنڊ ۾ دام وڇايو. ملاح ڇوڪرن کي خبردار ڪيو تہ پنهنجا هٿ پاڻي ۾ آلا نہ ڪن ۽ جڏهن هنن ايئن ڪيو ٿي تہ هن کين سزا ڏيڻ خاطر ڳاڙهين ۽ ڏکويل آڱرين کي آلو ئي رهڻ ڏنو. ڇوڪرن پنهنجون ساٿيون آڱريون پتلون جي کيسن ۾ وجهي گرم رانن جي وچ ۾ لڪايون. ايتري ۾ ملاح ٻونڊيءَ جو رخ گجيءَ جي ٻني ڏانهن ڪيو جتي زمين جي ڪاري چمڪندڙ پاسرائيءَ وانگر سمنڊ جي وچ ۾ جبل جي ڪنڌي پڳي پئي هئي.

ان ترڪٽي حصي وٽ پهچي، سيئي ويتر خبردار ٿي ويا، جڏهن تہ بيقرار ايٽلانٽڪ سمنڊ ڦوڪبو ويو ۽ ان ۾ ڪنن جا ڪڙڪاٽ ٿيڻ لڳا.

هنن پنهنجي ٻونديءَ کي اتان چڪي ڪڍيو ۽ هڪ پاسي بيهاريو ۽ بندوقون تاڻي انتظار ڪرڻ لڳا.

ايتري ۾ ملاح ڳوٿريءَ مان ٿرماس ڪڍيو ۽ سيني گرم گرم ڪافيءَ جا ڍڪ پريا. ڇوڪرا بک جي ڪري بيقرار ٿيا ته ملاح هنن کي دٻي مان هڪ هڪ سينڊوچ ڪڍي کائڻ جي اجازت ڏني. ڇوڪرن سينڊوچ پاڻ ۾ ڪاڏا ۽ ڪتي کي به کارايا. جيئن ته ملاح وٽ تماڪ ڪونه هو ان ڪري هن جي کائڻ تي دل ئي نه ٿي.

حقيقت ۾ اتي ايتري ٿڌ به نه هئي ۽ سيئي پنهنجن گرم مومي ڪپڙن، گرم جورابن ۽ لانگ بوٽن جي ڪري سيءَ کان محفوظ هئا. ان هوندي به ٿوري دير کان پوءِ ڇوڪرن جا بت سيءَ ۾ ساٽا ٿي ويا. هڪ هنڌ بيٺي بيٺي هنن جي رڳن ۾ پٺن ۾ سور جون سٽون اُڀرڻ لڳيون. ملاح جي پائيٺي ان جي دانهن ڏني ته چاچس کيس دڙڪو ڏنو ته شڪاريءَ کي اهو به سکڻ گهرجي ته صبر سان انتظار ڪيئن ڪبو آهي. هن ان لاءِ ڪتي جو به مثال ڏنو جيڪو آرام سان ويٺو هو ۽ رڳو ان ٻجون اکيون پٽي ڦريون. پر خود ملاح جي من ۾ به پنهنجا شڪ ۽ خوف ڪر موڙي جاڳيا هئا.

جيڪڏهن ملاح اڪيلو هجي ها، جيئن هو هميشه هوندو هو ۽ وير جي چڙهڻ ۽ وقت نه هجڻ جي ڪري کيس ترسڻو پوي ها ۽ وٽس تماڪ به چڱو خاصو هجي ها، ته هوند ڪا ڪاڻ ئي نه ڪڍي ها. پر ڇوڪرن کي ويڳاڻو ويڳاڻو ڏسي ملاح پاڻ به وسامي ويو. هو وري ڇوڪرن کي چڙٻون ڏيڻ لڳو. هو هڪدم ڪاوڙجي پيو ۽ وري ويرم ۾ ٿڌو ٿي ويو. هن هنن کي تنبيهه ڪئي: موڪا تي نه بيهو ڪڏهن به موڪا نه ٿيو چست ۽ خبردار رهو. ان تي ڇوڪرن پنهنجي بي چئنيءَ کي لڪائڻ جي گهڻي ڪوشش به ڪئي، پر رهي نه سگهيا. ملاح لاچار ٿي هنن کي سخت دڙڪا ڏنا ته مات ڪري ويهو ڇو جو بدڪ اکين جي ڇنڀڻ کي به ڏسي سگهي ٿي. جيڪڏهن ڪتو چرپر ڪرڻ کان سواءِ آرام سان ويهي سگهي ٿو ته اوهين ڇو نه ٿا ويهي سگهو.

نيٺ ملاح رڙ ڪئي: "اچي ويا."

اهو ٻڌي چوڪرن چرڪ ڀريو. هنن جي جسم ۾ بجلي ڊوڙي ويئي. هوا سان گڏ هيٺ ايندڙ پکين جو هڪ وڏو ولر تيزيءَ سان وراڪا ڏيندو اڏامندو آيو.

"واهه. واهه!" ملاح جي پٽ ڪان دانهن نڪري ويئي.

"چڱو چڱو." ملاح مختصر ڳالهه ڪئي. "ولر جي جنهن حصي ۾ گهڻا پکي هجن. ان جو نشانو وٺو ۽ منهنجي اشاري جو انتظار ڪريو. آئون جيئن ئي فائر ڪريان تہ اوهين بہ بندوقن خالي ٿيڻ تائين فيئر ڪندا رهجو." هن پنهنجي ڪاٻي ٻانهن جو ڪف ويڙهي مٿي ڪنيون ۽ ٽنگون ڦاڙي پنهنجي جاءِ تي پختو ٿي بيٺو. پکين جو ولر تير جيان وراڪا ڏيندو هيٺ لٿو ۽ پوءِ دام ڪان سؤگز ڪن مٿي ڦيرو ڏئي اڏامي ويو.

"اڙي پکي پري اڏامندا وڃن!" چوڪرن رڙ ڪئي.

"اجا نہ." ملاح نهہ پهہ وراڻيو. "ڦيرو ڏئي پيا اچن."

ولر وراڪو ڏنو ۽ ڪمان جي صورت ۾ هڪ ٻئي جي مٿان جي رخ تي اڏامڻ لڳو. "هزارين پکي آهن." چوڪرن آهستي چيو. اوچتو ئي اوچتو ڪارن ۽ اچن پکين جي طوفاني سرڙاٽ ڪندڙ ولر پنهنجي دام تي جهٽ هنيون.

"هاڻي". ملاح رڙ ڪئي. "ٺيڪ نشاني تي آهن". پوءِ جيئن ئي پکي سندن ويجهو آيا تہ هنن فائر شروع ڪيا. هڪ ٻئي جي پٺيان ٺهين فيئر ڪيا ۽ پکي پاڻيءَ ۾ ڪرڻ لڳا. نيٺ آخري نڪاءَ ۽ ڪارتوسن جا دونهان ڇڏيندڙ ڪوپا هنن جي ڪلهن تي ڪرڻ لڳا ۽ ولر جا آخر ۾ اينڊڙ پکي پکڙجي هر طرف غائب ٿي ويا.

چوڪرن بي انداز خوشيءَ وچان بندوقون هيٺ رکيون ۽ ڦيريون پائي ڊونڊيءَ ڏانهن ڊوڙيا.

"ٻيڙيءَ کي آئون ٿو سنڀاليان". ملاح هنن کي چڙٻ ڏيندي چيو. ٻئي چوڪرا بيهي رهيا. هن ڊونڊيءَ جي رسي کي سوگهو جهليندي ان کي سولائيءَ سان پاڻيءَ ۾ لاٿو. "تون هٽ ترس" هن پائينٽي کي چيو "اسان سيني جو وجڻ ٺيڪ ناهي."

جبل جي ڪنڌيءَ تي بيٺل چوڪري چمڪندڙ ڪناري تي پاڻمرادو چڙهندڙ ۽ لهندڙ پوري پاڻيءَ ڏانهن نهاريو. اتي هنن جي اچڻ کان

پوءِ پاڻي هڪ فٽ جيترو لهي ويو هو. "آئون اوهان سان هلڻ گهران ٿو." هن ٿورو ناراض ٿيندي چيو ۽ تيزيءَ سان ڦيرا ڏيندڙ پاڻيءَ ڏانهن نهاريو.

"جيڪڏهن توکي مون سان گڏجي شڪار ڪرڻو آهي تہ پوءِ جيئن آئون چوان ٿو تيئن ڪر." ملاح هن کي چڙٻ ڏني. ڇوڪرو تارون ڪونہ هو ۽ نہ وري ملاح هن کي ٻوڏيءَ ۾ چاڙهڻ ۽ لاهڻ لاءِ تيار هو، پيو تہ ڇوڪرو خاصو ٿلهو متارو بہ هو.

ملاح پنهنجي پٽ کي ٻوڏيءَ ۾ چاڙهيو ۽ اها هيڏانهن هوڏانهن هلائي. مٿل پکين کي پاڻيءَ مان ڪيندو ٻوڏيءَ ۾ اُڇلائيندو ويو. ان وچ ۾ بيو ڇوڪرو ڪنڌيءَ جي مٿانهين حصي تان پنڌ پهڻ ٿيو هنن کي گهوريندو رهيو. سيني مٿل پکين کي پاڻيءَ مان ڪيڻ کان اڳ ملاح ٻوڏيءَ کي بيهاري ان ۾ گوڏن پر ٿي ويٺو "جهڪي ويهہ." هن رڙ ڪري پٽ کي چيو. "هيٺ ٿيءُ." اٽڪل درجن کن پکي اڏامندا آيا. "فائر، فائر ڪر". ملاح جي ڇوڪري ٻوڏيءَ جي تري مان جبل جي ڪنڌيءَ تي بيٺل پنهنجي سوٽ کي رڙ ڪري چيو.

ڪتو جيڪو گير ڪندو ڪڏهن اڳيان ڪڏهن پٺيان ٻوڙندو رهيو اڳين چنبن تي بوٽ رکي پيٽ پر ويهي رهيو. پر ڪنڌيءَ تي بيٺل ڇوڪرو چريو بہ نہ. بدڪن کي ٿوريءَ دير کان پوءِ ٻوڏيءَ مان خطري جي سڌ پئي ۽ اهي اتان پاسو ڏئي هوا ۾ سرڙاٽ ڪنديون ڇوڪري جي مٿي کان پنجاهہ فوٽ مٿان وراڪو ڏئي اڏامي ويون. جيڪو جبل جي ڪنڌيءَ تي بت ٿيو بيٺو هو.

ملاح جو پٽ ٽپو ڏئي ڪنڌيءَ تي ويو. هر ٻوڏيءَ جي رسي کي سوگهو جهلي بيٺو. ان جي تري ۾ اڇن ۽ ڪارن پرن وارا پکي سٿيا پيا هئا. جن جون ٽنگون مٿي هيون ۽ ڳچيون هيٺ پئي لڙڪيون. خوشيءَ وچان تہ هو ڪپڙن ۾ ئي نہ ٿي ماپيو. "اسين ستاويهہ پکي ڪٺي آيا آهيون!" هن پنهنجي سوٽ کي ٻڌايو. ڪيئن ٿو ڀانئين؟ هر هڪ جي حصي ۾ نَوَ پکي، ڇوڪر وري چيو. "اجوڪي ڪرسمس تي ڪيتري نہ ٿڌ آهي!"

ملاح ٻوڏي ڇڪي ڪناري تي بيهاري ۽ پکين جي ولر جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا. ملاح جي پٽ بندوق ۾ ڪارتوس ڀيهر وڌا ۽ ان تي پيار

وچان هٿ ڦيرايو. "آئون هينئر ڏهه پکي ٻيا شڪار ڪندس." هن چيو. پوءِ هن پنهنجي سؤٽ کان پڇيو "ڇا ڳالهه آهي. تو پکين کي ڪونه ڏٺو ڇا؟"

"ها". ڇوڪري وراڻيو.

"پوءِ تو فائر ڇو نه ڪيا؟"

"دل نه ٿي." ڇوڪري چيو. هن جي منهن مان بيزاري ظاهر هئي. "تنهنجيون وايون بتال ٿيون آهن ڇا؟" ملاح جي پٽ کي حيرت وڪوڙي ويئي. "صفا ڪو جبلي ٿو ڏسجين!" پر ملاح جيڪو ماٺ ۾ هو سمجهي ويو ته ڇوڪري تي ساموندي بخار حملو ڪيو آهي.

"حيرت آهي." ملاح جو پٽ ڇوندو رهيو. "تنهنجي جاءِ تي آئون هجان ها ته ضرور ڪوشش ڪريان ها."

"چپ ڪر." ملاح نيٺ ڳالهايو. "هن کي ڇڏي ڏي."

ماني پاڻيءَ تي ٽي ٻيا ولر اڏامندا آيا. هڪ ٻئي جي پٺيان ۽ جڏهن انهن تي فائر ٿيا ته پکين سان ٻوندي اڌ پرجي ويئي. ان کان پوءِ ماٺ ٿي ويئي ۽ هنن ٻنهي جي ماني کاڌي ۽ گرم گرم ڪافي پيتي. ٿوريءَ دير تائين ملاح پنهنجي ٿڌي پائپ مان سوٽا هڻندو رهيو ۽ پوءِ هن وسڪيءَ جو هڪ وڏو ڍڪ پيتو.

ڇوڪرن وري پاڻ ۾ يٽ شٽ هڻندي وقت گذاريو. گهڻا فائر ڪنهن ڪيا؟ ڪل ٻيانوي فائر ٿيا. ڇوڪرا پنهنجن ڪهڙن دوستن کي اهو شڪار ڏيکاريندا. هنن مان هر هڪ گهڻا پکي کائي سگهندو؟ ايتري ۾ سمنڊ کان ٻاهر اٽڪل ٻه ميل پري اتر مان رکي رکي هنن بندوق جا ٺڪاءَ ٻڌا. هنن تمام پري مڇين مارڻ واري هڪ ننڍي ٻيڙيءَ کي پڻ ڪناري ڏانهن ويندي ڏٺو.

نيٺ ملاح کيسي ۾ هٿ وجهي واچ ڪڍي.

"هاڻي هلڻو آهي ڇا؟" پٽس پڇيو.

"اڃا نه." هن وراڻيو. "پر جلدي."

هر ڪم بلڪل صحيح ٿيو هو. ايترو ئي سنو جيترو اڳي ملاح کان ٿيندو هو. پر هينئر جيئن ته هو ڇوڪرن جون ڳالهيون ٻڌي ٻڌي بيزار ٿي پيو هو ان ڪري هو اٿيو ۽ ڪر موڙڻ لڳو.

هينئر وير چڙهڻ شروع ٿي هئي. آسمان ويتر چار جي رنگ جهڙو ٿي ويو هو ۽ هوا ايتري تہ تازي ٿي ويئي هئي جو ساموندي گل ٽڙڻ لڳا هئا. جبل جي ڪنڌيءَ تان وچڻ جو اهو مناسب وقت هو. وڏندڙ هوا جي ڪري هن کي شڪ ٿيو تہ ٻيو شڪار نہ ٿيندو. ھو ڪنڌيءَ جي پنيان خبرداريءَ سان پير ۾ پير رکندو. ٻونڊيءَ جو رسو کولڻ ويو. هينئر تڏ بہ وڏي رهي هئي.

وسڪي پيڻ جي ڪري ملاح جي بت ۾ گرمي وڌي ويئي، پر هو ان جهٽڪي جي لاءِ بلڪل تيار نہ هو جنهن جي ڪري هو ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين ڏڪي ويو. هو ان پاسي ڏسندو ئي رهيو جتي ٻونڊي بيٺي هئي. بيوقوف ٻونڊي اتان غائب ٿي ويئي هئي.

ان ڏينهن هن کي ٻيو پيرو بي اعتباريءَ ۽ بيوقوفيءَ جو ڳوڙهو احساس ٿيو. حيرت وچان هن جون اکيون ڦاٽي ويون ۽ کيس ان جاءِ کان سواءِ ٻيو ڪي بہ نظر نہ آيو جتي ٻونڊي بيٺي هئي. هو گهوماٽجي ويو. هو چوڪرن ڏانهن ويندي ترڪي پيو. هن پاڻ سنڀاليو ۽ پورو ڦيرو ڏئي خالي جاءِ ڏانهن تڪڻ لڳو. ان خالي هنڌ کي ڏسي کيس محسوس ٿيو تہ ان ڏينهن پاڻ جيڪي ڪيو هئائين اهو رڳو هڪ خواب هو! چا ٿي سگهيو ٿي؟ اچا وير اٽڪل هڪ فُٽ هيٺ هئي. موسم جي ڳالهہ ڪرڻ اجائي ٿئي ها. ٻونڊيءَ جو پاڻمرادو کسڪي وڃڻ ممڪن ڪونهي. هو پاڻ تہ ساري چمار ڏاڍو خبردار رهيو هو پر هينئر کيس ياد ئي نہ پئي آيو تہ ٻونڊيءَ کي آخري پيرو هن ڪٿي ٻيهاريو هو. شايد شڪار جي جوش ۾ هن ٻونڊي چوڪرن جي سنڀال ۾ ڇڏي هئي. کيس ياد ئي نہ آيو تہ ڪهڙي وقت؟

"يا خدا_" هن دانهن ڪئي سوچڻ کان سواءِ. چاڪاڻ تہ اهو غيبي حادثو هن جي ذهن کي وڪوڙي ويو.

"چا ٿيو بابا؟" پٽس پيرين پر اُيو ٿيندي پڇيو.

ملاح بي اختيار ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ انڌو ٿي ويو. "اڙي اتي ئي وٺو هج." هن رڙ ڪئي.

چوڪرو حيرت وچان اتي ئي ويهي رهيو. هن پيءَ ڏانهن اکيون ڪٽي بہ نہ ڏٺو. جيڪو چرياٽپ ۾ ڪنڌيءَ سان لڳ اهو سوچيندو ٻوڙندو

ويو تہ ٻونڊي شايد ڪنهن ٻئي هنڌ نڪري ويئي هوندي، جيتوڻيڪ هن کي چڱيءَ طرح ڄاڻ هئي تہ اتي ڀي ڪا بہ جاءِ نہ هئي.

هو ٽڙيو ۽ ذري گهٽ ڪري ٿي پيو. هن جي پُٽ ڇوڪرن ڏانهن هٿي. "خدا جي ڪا مار پوندي." هن ڇوڪرن کي جهلينديءَ گوڏن تي جهڪايو ۽ چتائيءَ وچان رڙ ڪئي، "اڙي! اتي ڪڙا ٿيو."

"آخر ٿيو ڇا؟" پٽس ڏڪندي ڏڪندي پڇيو.

"جيڪو ٿيو ان جي پرواهہ ناهي،" هن ڏند ڪرٽيندي چيو. "ٻونڊي کي ڳوليو - اها نڪري ويئي آهي!" ڇوڪرن ڇوڏاري نهاريو تہ ملاح سندن ڪلهن کي جهلي زور سان ڦيرائيندي چيو "لهوارو هوا ڏانهن." ملاح پنهنجيءَ سٿر تي زور سان هٿ هنيو ، "خدايا." ڇوڪرن جي موڳائپ تي ويتر چتو ٿيندي هن ٻيهر رڙ ڪئي.

نيٺ هن پاڻ ٻونڊيءَ کي ڏسي ورتو جيڪا ڇوٽائي ميل پري وڏنڊڙ ۽ چرنڊڙ ويرين جي وچ مان لڏندي لمندي گهر واري رستي تي پئي ويئي.

ڪيس ڪپڙن لاهڻ جو اوچتو خيال آيو پر ان جي بدران هڪ حيران ڪندڙ ماٺ ڪيس وڪوڙي ويئي. هو مانڙي ڪري جبل جي ڪنڌيءَ تي ويهي رهيو ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ان اسرار تي سوچڻ کان سواءِ هن هر ٻي ڳالهہ وساري ڇڏي.

نيٺ هن جا هوش حواس موٽي آيا ۽ هن ڇوڪرن ڏانهن ڏٺو جن اڃا تائين ماٺ ڪيو ٻونڊيءَ ڏانهن پئي نهاريو. پوءِ ملاح پنهنجي پٽ جي جوان ۽ شفاف اکين ۾ چتايو.

"بابا!" ڇوڪرن ڇرڻ پرڻ کان سواءِ پڇيو. "هاڻي ڇا ڪريون!"

ان سوال تي ملاح اُيو ٿي ويو. "اسان کي جيڪو پهريون ڪم ڪرڻو آهي،" هن پاڻ کي نرمائيءَ سان چوندي ٻڌو "اهو هيءُ تہ سوچون."

"تون هن پاڻيءَ ۾ تري سگهندين؟" پٽس پڇيو.

ملاح هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ ڇوڪرن ڏانهن مرڪندي ڏٺو. ڇوڪرن بہ هڪدم مرڪي ڏنو.

"تي سگهي ٿو تہ هن پاڻيءَ ۾ ٻونڊي هڪ سؤ وال پري ٿي وئي هجي. جيڪر آئون ان تائين تري وڃان." اها هڪ بيحد رحم جوڳي ۽

پنهنجائپ واري ڳالهہ هئي، جيڪا هن ڪڏهن ڪئي هئي. هو ڇوڪرن جي ڇوڏاري ڦرڻ لڳو ۽ ان مونجهاري کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو جنهن ۾ سندس ذهن ڦاٿو پيو هو.

هن پاڻيءَ جي سطح جي ڪٽ ڪئي. ڏسڻ ۾ اهو بنهہ مائو ٿي لڳو ڪنڌيءَ کان ڇهہ انچ هيٺ. ملاح جبل جي پرسان تہ پاڻيءَ ڏانهن نهار بہ نہ ڪئي هئي، جو پنهنجي عقل کي سچائي سگهي ها تہ پاڻي چڙهندو رهيو هو — اها هڪ اجائي ۽ بيهودي ڪٽ هئي. ناسمجهي ۽ بي عقلي؟ هو پرهہ ڦٽيءَ کان اڳ جاڳندو هو ۽ رات جو دير سان سمهندو هو. هن وٽ تيز رفتار ٻيڙي هئي ۽ ڏينهن جو جيڪو ڪم ٿي سگهندو هو ان کان بہ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي رٿا ڪندو هو جيڪڏهن اتفاق سان ٽڳجي بہ پوندو هو تہ ان جي ڪاڻ ٿي نہ ڪيندو هو. پر هينئر تہ ڪيس پنهنجي سموري عملي تجربي ۽ چالاڪي جي ضرورت هئي.

بران ڪائو بيٽ تائين ٽي سؤ وال فاصلو هو. ان جي پٺيان هڪ سؤ وال ٻيڙي هلي لنگر تائين پهتي هئي، جتي هو ڊونڊي ۾ چڙهيو هو. جيڪر ان اونهي ۽ پورالي سمنڊ کي ماپڻ جو وٽس اوزار هجي ها يا وري اهڙو ريڊيو هجي ها جنهن تي هو پنهنجي گهران جوٽس جي ساٿس گهر موٽي اچڻ جي باري ۾ ڳالهہ ٻولهہ ٻڌي سگهي ها.

"يلا اسين ڪو ڪپڙو لوڏيون تہ جيئن ڪير اسان کي ڏسي سگهي؟" سندس پاڻٺي صلاح ڏني.

ملاح گول ڦري ويو. "بندوقن ۾ ڪارتوس وجهو!" هن حڪم ڏنو. هن پاڻ بہ ڪارتوس بندوق ۾ ايئن وڌا، جڻ تہ پکين جي اچڻ سبب هوا بدحواس ٿي ويئي هئي. "آئون هڪڙو فائرُ ڪري پنجن تائين انگ ڳڻيندس. پوءِ اوهين فائرُ ڪجو. انهن جي ڪري هي ماٿهو سمجهندا تہ اسين بدڪن جو شڪار ڪونہ پيا ڪريون. اسين ايئن بہ ٿي پيرا ڪنداسين."

"اسان وٽ ڪارتوسن جا هاڻي فقط اڍائي ڊٻا بچيا آهن." پٽس چيو.

ملاح ڪنڌ ڌوڻيو. اهو خيال ڪندي تہ شروع کان آخر تائين ساري صورتحال حسابي علم مطابق هئي، ايئن جيئن سندس سمهڻ واري ڪمري ۾ گهنٽي وڄائڻ واري ننڍڙي گهڙيال جي ٽِڪ ٽِڪ هوندي آهي.

پوءِ هن فئر ڪيو. ڪتو جنهن دام جي نظرداري پئي ڪئي تپ ڏئي اڳتي وڌيو ۽ افراتفريءَ ۾ پونڪڻ لڳو. هنن سيني انگ ڳڻيا. تنهين پهريان پنج فئر ڪيا ۽ وري بندوق ۾ ڪارتوس وڌا. ملاح پهرين افق ۾ نهار ڪئي ۽ پوءِ جبل جي ڪنڌي ڏانهن ڏٺو جيڪو اڪيلو هنڌ هو. جتي پاڻي چڙهندو پئي معلوم ٿيو. جلد ئي جبل جي ڪنڌي پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويندي.

هن وري انگ ڳڻيا ۽ ٻيو پيرو فلڙ ڪيا. "آخري فائر ڪان پوءِ اسين ٿورو انتظار ڪنداسين." ملاح چوڪرن کي سمجهايو پوءِ هو ويهي رهيو ۽ سوچڻ لڳو تہ ٻوڙندي ڪهڙي نہ پورالي هئي، اها هن پاڻ ۽ پٽس گڏجي ٺاهي هئي هڪڙي ڏينهن ۾. ڇا انهيءَ لاءِ ٺاهي ويئي هئي تہ.....

ڪارتوسن جو هڪ دٻو آلو ٿي ڦاٽي پيو. پٽس بچيل ڪارتوس ڳڻي انهن جون تي ڏهيون قطار ۾ رکيون. "ٻہ ڪتل آهن." هن ٻڌايو. هنن وري بندوقن ۾ ڪارتوس وڌا ۽ گوڏن ڀر ٿي ويٺا.

هنن گهاٽن ڪڪرن جي پٺيان سج کي لهندي نہ ڏٺو. پاڻي چڙهندو پئي آيو ۽ ڪارو ٿيندو پئي ويو. ملاح ويچار ڪيو تہ پنهنجي زال کي ڇئي سگهيو ٿي تہ ڪرسمس جي ڪري پاڻ اوندهہ ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي گهر پهچي ويندو. هن محسوس ڪيو تہ ان خاص ڏينهن جي باري ۾ ڪيس ڪي بہ ياد نہ رهيو هو. سج لهڻ کان ٻہ ڪلاڪ پوءِ وير چڙهي ايندي. رات ٿيڻ تائين جيڪڏهن پاڻ گهر نہ پهچي سگهيا ۽ نہ وري ريڊيو جي ذريعي ڪو اطلاع ملي سگهيو تہ شايد هوءَ هڪدم ڪنهن کي سندن ڳولا جي لاءِ روانو ڪندي. پر اهو خيال ڪندي تہ اتي پهچڻ ۾ ادائي ڪلاڪ لڳي ويندا. هن ان حساب کي هڪدم رد ڪري ڇڏيو. پوءِ هن سوچيو تہ هو گهر جي ويجهو ڪناري تي خبر لهڻ لاءِ ڪنهن کي موڪليندي. هوءَ سمجهندي تہ شايد انجڻ ۾ ڪا خرابي ٿي آهي.

هو اٿيو ۽ سمنڊ جي ڪناري ڏانهن نهارڻ لڳو جيڪو ڏسڻ ۾ ئي نہ ٿي آيو. پوءِ هن جي نظر ڪنڌيءَ جي ڪناري ڏانهن ڦري ويئي. ڪنڌي ايئن سسندي پئي ويئي، ڄڻ تہ سموري ڪشادي دنيا جنهن کي هو هڪ افق کان ٻئي افق تائين ڏسي رهيو هو ان جي ٻاهرين حصن تي بيٺل هئي. هن پاڻيءَ جي چڪاس ورتي ۽ ڏٺو تہ ڪنارو ٻڏي ويو هو.

ملاح جي ذهن ۾ جيڪي بہ ڳالهيون آيون ٿي، انهن مان ڪي هن ڇوڪرن کي ٻڌايون، جن ماٺ ڪري اهي قبول پئي ڪيون. جيڪڏهن ڇوڪرن جي نظرن سان هن جون نظرون ملي ٿي ويون تہ هنن پنهنجيون نظرون هيٺ پاسي ڦيرائي ٿي ڇڏيون. ڇاڪاڻ تہ اهي اڃان ايتري وڏي عمر جا ڪونہ ٿيا هئا. جو هنن جيڪي ڏٺو هو ان کي مُنهن ڏئي سگهن ها. گهڻو ڪري هنن ڇوڪرن پاڻيءَ ڏانهن پئي ڏٺو. هنن جي همت کي وڌائڻ لاءِ ملاح جي ذهن ۾ ڪي لفظ ئي نہ پئي آيا. هن تہ گهريو پئي تہ ڪو ڇوڪرو ڪاؤنس پڇي تہ وير چڙهڻ کان اڳ وٽن ڪير ايندو بہ يا نہ. هن جي لاءِ اهو ممڪن هو تہ پاڻ ان جي جواب ۾ هائو چوي ها. پر ان باري ۾ ڪنهن بہ هن کان پڇا نہ ڪئي.

ملاح کي ڪا پڪ ئي نہ هئي تہ ڇوڪرا ان عمر ۾ ڪهڙيون ڳالهيون سوچي سگهن ٿا. هنهي ڇوڪرن ٻڌل ماڻهن کي گوديءَ وٽ بيڙن مان ڪيڏي ڪناري تي رکندي ڏٺو هو. ڪڏهن هنن کي ڳالهيون سمجھ ۾ اچي وينديون هيون، ڪڏهن ڪونہ اينديون هيون. هن کي خيال آيو تہ ڇوڪرا پنهنجي مائرن جي آسائش جي خواهش ڪندا هوندا. پوءِ هن کي بہ سخت حيرت ان ڳالهہ تي ٿي تہ خود منجهس اها خواهش پيدا ٿي تہ جيڪر پاڻ بہ ان صبح جو پنهنجيءَ زال جو اونداهو ۽ بند ڪمرو نہ ڇڏي ها.

"يلا، هاڻي فائر ڪريون؟" ملاح جي پاڻتي پڇيو.

"جلد ڪنداسين." هن ڳالهہ کي ٽاريندي چيس "اڃان نہ."

پٺس هڪ اهڙي ماڻهوءَ جيان هلڪي رڙ ڪئي، جنهن جي مُنهن تي ڪا بہ تڪليف نہ هجي.

"اسڪول کلڻ کان اڳ." ملاح خوبصورتيءَ سان ڳالهہ لنوائيندي چيو "پاڻ شهر هلنداسين ۽ آئون اوهان کي اوهان جي پسند جون شيون وٺي ڏيندس."

ٿوريءَ دير کان پوءِ هن جي پٺ ڏاڍي تڪليف سان اُباٽڪي آواز ۾ ائين ڳالهايو جڻ تہ هن اهو چوڻ ٿي نہ ٿي گهريو "آئون تہ تيهن گهوڙن جي طاقت وارو نئون بتيلو وٺندس."

"ٺيڪ آهي." ملاح چيو. پوءِ هن پاڻتي کان پڇيو "تون ڇا وٺندين؟"

پائيٽيس اداسيءَ وچان ڪنڌ لوڏيو. ”مون کي ڪجهه به نه گهرجي.“

وري ٿوريءَ دير کان پوءِ ملاح جي پٽ چيو. ”هائو هن کي به گهرجي بابا. هن کي به بتيلو وٺي ڏجو.“

”ٺيڪ آهي.“ ملاح ٻيهر چيو ۽ ماٺ ٿي ويو.

ڪتي بي يقينيءَ وچان اوناڙ ڪئي ۽ جتي ڇوڪرا ويٺا هئا، اتي هنن جا منهن چٽڻ لڳو. هر هڪ ڇوڪري هن جي پٺن تي هٿ ڦيرايو. هن کي پاڪر پاتو. ايتري ۾ ٽي بدڪون اڏامنديون اچي مٿل بدڪن جي وچ ۾ ويٺيون. ڪتو پنهنجي ترتيب مطابق ڪرونڊڙو ٿي ويٺو. ڇوڪرا بي پرواهيءَ سان بدڪن ڏانهن ڏسڻ لڳا. ان وقت ڪنهن ان وٽندڙ ڳالهه کي محسوس ڪندي بدڪون پڙڪو ڏئي، لهرين جي مٿان پنهنجن پيرن ۽ پرن جي چنهنبن سان شپڪا ڪنديون اڏامي ويون.

وڏندڙ هوا ۾ سمنڊ ڦوڪجڻ لڳو ۽ هڪ نئين ۽ موتمار ٿڌ هوا ۾ پکڙجي ويئي. سمنڊ کان پري زمين جي سُسندڙ ۽ ميرانجهڙي پاڇولي جي ٽڪڙي چڪاس مان ملاح کي اميد ٿي ته برف باري ٿيندي. پر برف ڪرڻ شروع ٿي ويئي. ٻهرين ٿوري چاٺ ٿي، پوءِ ان ۾ تيزي آئي ۽ پوءِ افق کان افق تائين پکڙجي ويئي. ملاح برائون ڪائو ٻيٺ ڏانهن هوا جي وهڪري جي پاسي تي سؤ وال پري هڪ ڊگهي ۽ پوائنٽي نظر ڪئي ۽ پيرن ڀر اٿي بيٺو.

پوءِ اونده ٿي ويئي. ڄڻ ته جبل جي ڪنڌيءَ تي جيڪي ٿي رهيو هو اهو مرندڙ ڏينهن جي آخري جهڪي روشنيءَ کان به لڪي ويو هو.

”آخري فائر!“ ملاح سختيءَ سان چيو.

ڇوڪرا اٿي بيٺا ۽ هنن پنهنجون خاموش بندوقون کنيون. ملاح اڏامندڙ برف ۾ فائر ڪيا. هن پنج انگ ڳڻيا. پٽس فائر ڪيا. ملاح جي پائٽي به ايئن ئي ڪيو. سيني فائر ڪيا ۽ انگ ڳڻيا. چار ڀيرا فائر ڪيا ويا.

”بابا! تو هڪ فائر نه ڪيو؟“ پٽس پڇيو.

ملاح پل کن جي لاءِ هيڪ محسوس ڪئي ۽ پوءِ آخري فائر ڪيو. ان جو ڏڪائتو آواز هوا ۾ چرڙاٽ ڪندو هڪدم ڪرندڙ برف ۾ دٻجي ويو.

رهيو هو. پر ان ۾ ڪهڙي عقلمندي هئي! ڪيس وسڪي جو خيال آيو. ڪچ ۾ ڪتي جي هوندي بہ هن پنتي مُڙي پير جي چنبي سان هيٺ پاڻيءَ ۾ بوتل کي محسوس ڪيو. هن بوتل اهڙي گريءَ دل سان ڪنئي جڻ پنهنجي ڪوٽ جون ٻانهون پسائيندي ڪيس خوف ٿي آيو. پوءِ هن مٿي ٿي، پٽس تي جهڪي بوتل هن جي ٻاسرائي ۾ هوريان هٽندي چيو "وسڪي پيءُ." ڇوڪري ڪنڌ مٿي ڪري ٿوري وسڪي پيتي، سخت اُبڙڪا ڏنا ۽ پوءِ الٽي ڪئي.

"نہ ٿو پي سگهان." تڪليف وچان هن پيءُ کي چيو.

"ڪوشش ڪر. ڪوشش ڪر." ملاح هن تي زور رکيو جڻ چوندو هجيس تہ زندگيءَ ۽ موت ۾ فرق آهي.

ڇوڪري حڪم مڃيندي هڪ ڍڪ پيتو ۽ زور سان الٽي ڪئي. هن پنهنجو مٿو پيءُ جي ڇاتيءَ تي ڏوٽيو ۽ بوتل پنهنجي سوٽ ڏانهن وڌائي. هن بہ ڍڪ پيئندي الٽي ڪئي. ڇوڪرن بوتل ورائي برف جهڙي پاڻيءَ ۾ رکي.

جڏهن ڇوليون ملاح جي گوڏن تائين پهتيون، تڏهن هن گرم جسم واري ڪتي کي هيٺ لاهي ڇڏيو ۽ پٽ کي چيو "گول ڦري منهنجن ڪلهن تي چڙهہ." ڇوڪري حڪم مڃيو. ملاح پنهنجو مومي جيڪيٽ ڪوليو ۽ ٻانهون پنيان ڪري پنهنجي ٽونٽين ۾ ڇوڪري جا بوٽ پاتل مُرا سوگها جهليا.

"ڪتي کي ڇا ڪريون، بابا!"ڇوڪري پڇيو.

"اهو پاڻهي پنهنجو رستو ڪڍندو." ملاح وراڻيو. "ڪتو تڏو پاڻي سهي ويندو."

ملاح جون ٽنگون ڏڪڻ لڳيون. جسماني حرڪت ڪرڻ خاطر هن جون سيئي خواهشون رڙيون ڪرڻ لڳيون. هن پنهنجا ڏند ڪرٽيا ۽ هڪ ڳري جسم واري شخص وانگر پاڻيءَ ۾ ٻڏندڙ ڦاٽ جي ٻنهي پاسن کي سوگهو جهلي بيٺو.

ڪتو جيڪو يارهن ورهين تائين هنن جي گهر جو هڪ وفادار ڀاتي ٿي رهيو هو ملاح جي ٽنگن جي چوڌاري ٿوريءَ دير لاءِ تڙڳندو رهيو.

پٽس جي مٿي تي هوريان هوريان جهڪندي پٽس پڇيو "بابا، پاڻي گوڏن کان مٿي چڙهي آيو آهي ڇا؟"

"اڃان نه." ملاح وراڻيو. پوءِ هن ڏند پڪوڙي وڌيڪ چيو "جيڪڏهن آئون ڪري پوان — پنهنجا بوٽ ڇڪي لاهي تون ترڻ جي ڪوشش ڪجانءِ، هوا جي هيٺئين رخ تي ٻيٽ جي پاسي."

"تون...؟" ڇوڪري آخري ڀيرو پڇيو.

ملاح ڇوڪري جي پيٽ وٽ ڪنڌ لوڏيندي چيو "هڪ ٻئي کي ڏسي نه سگهنداسين."

ملاح ڇوڪري سان هڪ اهڙي ڳالهه ڪئي، جيڪا نه ڪرڻ کپندي هئي. هن جي عمر مڪمل هيبت کي سهڻ جي ڪين هئي، پر هو ايتري سمجهه وارو ضرور هو، جو ڄاڻي پئي سگهيو ته ڪي ڳالهيون اهڙيون هيون، جن تي ماڻهوءَ جو اختيار ئي ڪو نه هو. هو جيڪي ڪري سگهيو ٿي اهو هن ڪيو. هن جو پيءُ تي ڀروسو هو ۽ پوءِ هن ڪو به ٻيو سوال نه پڇيو.

ملاح جنهن جي روح کي سمنڊ ڏونڌاڙي ڇڏيو هو اڪٿ رات تي پنهنجيون اکيون پوري ڇڏيون.

"هاڻي وقت اچي ويو؟" ڇوڪري پڇيو.

ملاح ڳالهائي به نه ٿي سگهيو. "اڃان نه." هن چيو. "اڃان ته نه ......؟

ڪرسمس جي ٻئي ڏينهن جيئن ئي زمين جو اهو حصو ڦري ڪناري جي سامهون ٿيو ته ٻونڊين جو هڪ ننڍڙو ٻيڙو سمنڊ جي ڪناري کان اندر وڃي ڪنو ٿيو. ڏينهن جي سوجهري ۾ ملاحن هڪڙي ٻونڊيءَ کي لڏندي لمندي ڪناري ڏانهن ايندي ڏٺو جيڪا اڌ تائين بدڪن ۽ برف سان ستي پئي هئي. شڪار ڏاڍو سنو ٿيو هو جيئن گذريل ڏينهن ٻنپهرن جو ٻيٽ جي ويجهو ڪنهن کي اهڙي اميد جي اڳڪٿي ڪندي ٻڌو ويو هو. ٻه ڪلاڪ پوءِ هنن سمنڊ ۾ پنج ميل اندر هڪ سالم ٻيڙيءَ کي لڙهندي ڏٺو.

ٻنپهرن جي لهندڙ وير ۾ هنن ملاح کي ڳولي لڌو جنهن جو ساڄو پير جبل جي ڪنڌيءَ جي برفاني ڦاٽ ۾ سختيءَ سان ڦاٿو پيو هو ۽ پرسان ئي تي بندوقون پيون هيون. ملاح جا ٻئي هٿ پنيان سندس پتلون جي پٽن ۾ ڦاٿل هئا ۽ هن جي ساڄي ٺونٺ وٽ ريڇ جو بوٽ ۽ هڪ جوراب هو جنهن ۾ هڪ ننڍڙي جيئري مڇي پئي هئي. سڄو ڏينهن اونداهن اونهائين ۾ چوڪرن کي ڳوليندي شام ڌاري ماڻهو ملاح جي لاش کي سندس ئي ٻيڙيءَ ۾ وجهي ڪٺي آيا ۽ شام جو پاري جهڙي هوا ۾ اهو سندس زال کي ڏيکارڻ جي لاءِ دڪي تي رکيو ويو.

ملاح جي زال چرڻ تہ خواب پئي ڏٺو. سندس اکيون ملاح جي شيشي جهڙي جسم ۾ کتل هيون. ريڇ جو هڪ ننڍڙو بوٽ اڃا تائين هن جي مڙيل ٻانهن جي هيٺان برف ٿيو ڦاٿو پيو هو. ملاح جي زال ڪنهن بہ ڏک يا پڇتاءَ کي ظاهر نہ ڪيو ۽ هن جي موت کي معاف ڪري ڇڏيو.

----

(سعودي عرب)

محمد اسد

# بَرَ ۾ بورائو*

"هوڏانهن تہ ڏس!" زيد جو آواز ماٺ کي ٽوڙيندو پڌ جي ٿو "سَهو اٿئي!"

آئون پشم جي ان سفيد هَڙَ ڏانهن ڏسان ٿو جيڪا ٻوٽن جي جهڳٽي مان ٽپ ڏئي ٻاهر نڪتي آهي. جڏهن تہ زيد جهڪي پنهنجي پاڪڙي ۾ پيل گرز ڪڍي ٿو. هو سهي جي شست وٺي، گرز کي پنهنجي مٿان ڦيرائيندي ان پاسي اُڇلڻ جي ڪري ٿو تہ ايتري ۾ هن جو هڪ پير ڪنهن ٻوڙي ۾ ڦاسي پوي ٿو ۽ هو وڃي ٿو منهن ڀَر ڪري ۽ سهو اکين کان الوپ ٿي وڃي ٿو.

"رات جي ٿاهوڪي ڇهر وئي هٿن مان." جيئن ئي هو پاڻ سنڀالي ٿو تہ آئون کلي ڏيان ٿو. هو پڇتائيندي پنهنجي هٿ ۾ گرز کي ڏسي ٿو. "پر زيد، دل نہ لاهہ، اهو سهو اسان جو رزق نہ هو........."

"نہ، اهو نہ هو." هو بي خياليءَ سان جواب ڏي ٿو. ۽ پوءِ آئون ڏسان ٿو تہ هو سور وچان منڊڪائي ٿو. "پاڻ کي ضربي ڇڏيئي ڇا، زيد؟"

"نہ، ڪا اهڙي ڳالهہ تہ نہ آهي. مُريي کي ٿوري سٽ اچي وئي آهي. ٿوريءَ دير ۾ نيڪ ٿي ويندو."

پر اهو نيڪ نہ ٿو ٿئي. هڪ ڪلاڪ کان پوءِ آئون پاڪڙي مان زيد جي مُنهن تي پگهر جا ڦڙا ڏسان ٿو ۽ جڏهن آئون هُن جي مُريي ڏانهن نهاريان ٿو تہ گهٽي سَٽ اچڻ جي ڪري اهو سڄي پيو آهي.

"ههڙيءَ حالت ۾ اڳتي هلڻ جي ڪا ضرورت نہ آهي. زيد پاڻ هت ئي رهي ٿا پئون، رات جو آرام ڪرڻ سان تنهنجي طبيعت نيڪ ٿي ويندي."

اها ساري رات سور جي ڪري زيد کي بي آرامي رهي ٿي. هو فجر کان بہ گهڻو اڳ جاڳي ٿو ۽ هن جي اها اوچتي جاڳ منهنجي ننڊ ڦٽائي ڇڏي ٿي.

---

* محمد اسد جي سوانحي ڪتاب The Road to Mecca جو هڪ باب.

”هت تہ رڳو هڪڙو اُٺ ڏسجي ٿو.“ هو چوي ٿو ۽ جڏهن اسين چؤطرف ڏسون ٿا، تڏهن اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ هڪڙو اُٺ - زيد جو برابر موجود ڪونهي. زيد جي مرضي آهي تہ هو منهنجي اٺ تي چڙهي وڃي اُن جي ڳولا ڪري: پر زخمي پير جي ڪري تہ هو اٺي ٻيهي بہ نہ ٿو سگهي. اهڙيءَ حالت ۾ هو هلندو ڪيئن. چڙهندو ۽ لهندو ڪيئن.

”زيد، تون آرام ڪر. تنهنجي بدران آئون ويندس ۽ منهنجي لاءِ ڏکيائي نہ ٿيندي. آئون پنهنجو پيرو کڻي واپس ايندس.“

۽ پرهہ ڦٽيءَ ويل آئون روانو ٿيان ٿو وڃايل اُٺ جو پيرو کڻندو جيڪو واريءَ جي ماٿريءَ مان ٿيندو پٿن جي پٺيان غائب ٿي ويو آهي.

اُٺ کي هلندي هڪ ڪلاڪ ٿي وڃي ٿو. ٻيو ڪلاڪ ۽ ٽيون ڪلاڪ: پر وڃايل جانور جو پيرو اڳتي هلندو پيو وڃي، ڄڻ تہ اُن ڄاڻي ٻجهي اها راهہ ورتي آهي. آئون جڏهن ٿوريءَ دير لاءِ ترسڻ گهران ٿو تڏهن ٻپهري ٿي وئي آهي. آئون اُٺ تان هيٺ لهي، بہ ٽي ڪارڪون کائي پاڪڙي سان ڀڏل سانداريءَ مان پاڻي پيان ٿو. سج ٻنهہ مٿان آهي، پر ان جي تابش ٿوري جهڪي آهي. آسمان تي واريءَ رنگ جا ڪڪر ڏاڍيءَ سانت سان پيا چرن، جيڪا هن موسم ۾ عجب جهڙي ڳالهہ آهي: هڪ عجيب گهاٽي ۽ ڳري هوا صحرا کي وڪوڙي وئي آهي ۽ پٿن جا نقش ويتر هلڪا ٿي ويا آهن.

منهنجي اڳيان واريءَ جي هڪڙي وڏي ٽڪري جي چوٽيءَ تي هڪ عجيب غريب شيءِ چُرندي ڏسجي ٿي — ڇا اهو ڪو جانور آهي؟ شايد وڃايل اُٺ؟ پر آئون جڏهن گهڻي غور سان ڏسان ٿو تڏهن مون کي نظر اچي ٿو تہ اها چرپر چوٽي مٿان نہ. پر پٽ جي چوٽيءَ جي اندر آهي. اها چوٽي ننڍڙين ننڍڙين لهرين جيان هوريان هوريان اڳتي پئي وڌي - ۽ پوءِ محسوس ٿئي ٿو تہ اها هڪ اوچي موج جي چوٽيءَ جيان هيٺ لهندي مون ڏانهن وڌندي پئي اچي. پٽ جي پٺيان هڪ ڪاري ڳاڙهاڻ چرندي آسمان طرف پئي وڃي. انهيءَ ڳاڙهاڻ هيٺ ان جا ٻاهريان پاسا جهڪا ٿيندا لُڙانجي وڃن ٿا ۽ لڳي ٿو تہ هڪ پاسي کان ٻئي پاسي تائين هڪ پردو ٽنگجي ويو آهي ۽ ڳاڙهاڻ مائل شفق تيزي سان صحرا جي مٿان پکڙجڻ شروع ڪري ٿي. واريءَ جو هڪ واچوڙو مون کي وڪوڙي وڃي ٿو ۽ اوچتو

ئي اوچتو هر طرف کان هوا جا سوساٽ ٻڌجن ٿا ۽ سموري ماٿر ۾ زوردار ٺڪاءَ ٿين ٿا. هاڻي نظر ايندڙ سيني وارياسن ٽڪن ۾ ڀرڻ جو عمل بيٺ جيان چرپر شروع ٿي وئي آهي. ڏسندي ئي ڏسندي آسمان جو رنگ گهگهه ڪارو ۽ گهرو ناسي ٿي ويو ٿو ۽ هوا. واريءَ جي لٽ سان پريل واچوڙو ٿي ويو ٿي، جيڪا هڪ ڳاڙهي ڪوهيڙي وانگي سج ۽ ڏينهن جي روشنيءَ کي لڪائي ڇڏي ٿي. اهو واريءَ جو طوفان آهي.

منهنجو اُٺ جيڪو خوف وچان ڇَپُ هٽي وينو آهي، اُتڻ گهري ٿو. آئون ان کي مهار کان ڇڪي هيٺ ڪرڻ لاءِ هوا ۾ اُپو ٿي بيهڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو جنهن ۾ هڪ زوردار طوفان جهڙي قوت آهي. آئون جانور جي اڳين ٽنگن ۾ ڏانوڻ هڻان ٿو ۽ ان کي سوگهو ڪرڻ لاءِ هڪ پنين ٽنگ به ٻڌان ٿو پوءِ آئون پاڻ کي هيٺ ڪيرائي قبا سان پنهنجو مٿو ڍڪي ڇڏيان ٿو. واريءَ جي اُڏامندڙ خوف کان پاڻ بچائڻ لاءِ آئون اُٺ جي ڪڇ ۾ مُنهن هٽي ويهان ٿو. مون کي لڳي ٿو ته جانور پنهنجو مُنهن منهنجي ڪلهي ۾ زور سان لڪايو آهي ته جيئن واريءَ جي ذرن کان پاڻ بچائي سگهي. آئون محسوس ڪري پيو سگهان ته منهنجي ڪليل پاسي ۾ منهنجي مٿان واري چڙهندي پئي وڃي، جنهن ڪري آئون رکي رکي پاسا پيو ورايان ته جيئن ان هيٺ پورجي نه وڃان.

مون کي ڪا گهڙي ڳڻتي ڪانهي، ڇاڪاڻ ته اهو ڪم ڀريون پيرو ڪونهي جو آئون صحرائي طوفان ۾ گهيرجي وائڙو ٿي ويو آهيان. آئون پاڻ کي قبا ۾ چڱيءَ طرح ويڙهي پَٽَ تي پيو آهيان. آئون طوفان جي لهي وڃڻ جو انتظار ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪي به نه ٿو ڪري سگهان.

نيٺ جڏهن طوفان جو زور جهڪو ٿئي ٿو تڏهن آئون اُها واري پاڻ تان ڇنڊي اُٿان ٿو جيڪا منهنجي چوڌاري چڙهي وئي آهي. ان ۾ منهنجو اُٺ اَڌ پورجي ويو آهي، پر اُٺ ته هن کان به وڌيڪ ڪيترائي خطرناڪ طوفان ڏٺا هوندا. پهرين نظر ۾ مون کي لڳي ٿو ته منهنجي وات، ڪنن ۽ ناسن ۾ واري پرجي وڃڻ ۽ منهنجي پاڪڙي تان پوستين جي اُڏامي وڃڻ کان وڌيڪ طوفان ٻيو ڪو به نقصان نه ڪيو آهي. پر جلدي ئي مون کي منهنجي غلطي محسوس ٿئي ٿي.

منهنجي چوڌاري جيڪي پٿون هيون اهي سيئي ڦري ويون آهن. منهنجو پنهنجو پيچرو ۽ منهنجي اُٺ جو پيرو اُڏامي ويو آهي. آئون ڪليل پوٺي تي بيٺو آهيان.

هاڻي ڪي نہ رهيو آهي ۽ ڪئمپ ڏانهن واپس هلڻ کان سواءِ ڪو ٻيو چارو ئي ڪونهي يا گهٽ ۾ گهٽ واپس وڃڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي – سج ۽ طرف جي مدد جي عام احساس سان، جنهن جا صحرائن ۽ وارياسين پٽن ۾ سفر ڪندڙ مسافر عادي هوندا آهن. پر هت اهي ٻئي ڳالهيون ڀروسي واريون نہ آهن. ڇاڪاڻ تہ واريءَ جون پٽون اوهان کي سڌيءَ ليڪ ۾ هلڻ نہ ٿيون ڏين ۽ نہ وري اوهان کي ان راهہ تي هلڻ ڏين ٿيون، جيڪا اوهان ورتي آهي.

طوفان جي ڪري مون کي اڃ لڳي آهي. اهو سوچي تہ آئون پنهنجيءَ منزل کان ٿورن ڪلاڪن جي پنڌ تي آهيان، مون اڳواٽ ئي پنهنجي سانداريءَ مان پاڻيءَ جو آخري ڍُڪ بہ پي ڇڏيو پر پاڻي ڪئمپ کان گهڻو پري نہ هوندو ۽ جيتوڻيڪ ٻَہ ڏينهن هڪ کوهہ وٽ منزل ڪندي منهنجي اُٺ جيڪو پاڻي پيتو هو ان کان پوءِ هن وري پاڻي نہ پيتو آهي. پر ان هوندي بہ هُن تي ڀروسو ڪري سگهجي ٿو تہ هو مون کي منزل تي واپس وٺي هلندو. آئون ڪرهي جو نڪ جهلي اُن طرف ڪريان ٿو جتي اسان جي منزل هوندي ۽ پوءِ اسين تيزي سان اُن پاسي وڃڻ شروع ڪريون ٿا.

هڪ ڪلاڪ ٿي وڃي ٿو ٻيو ڪلاڪ ۽ ٽيون ڪلاڪ، پر نہ زيد ڏسجي ٿو تہ نہ وري اسان جي منزل وارو هنڌ. ليارِي رنگ جي پٽن مان ڪا بہ هڪ ڇاتل سڃاتل نہ ٿي لڳي، جيڪڏهن طوفان نہ لڳي ها تڏهن بہ انهن مان ڪنهن کي سڃاڻڻ مشڪل ٿي پوي ها.

ٽيهريءَ ڌاري آئون پوري پٽر جي ٽڪرين جي ويجهو پهچان ٿو جيڪي هنن واريٰاسين پٽن ۾ ورلي ڏسبيون آهن. آئون انهن کي هڪدم سڃاڻان ٿو. اسين انهن وٽان لنگهيا هئاسين، ڪالهہ ٻنپهرن جو آئون ۽ زيد. ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ اسان اتي رات رهڻ لاءِ منزل ڪئي هئي. آئون ڏاڍو خوش ٿيان ٿو ڇالاءِ تہ جيتوڻيڪ آئون ان هنڌ کان پري آهيان جتي

مون کي اُميد آهي تہ زيد هوندو— شايد ٻئي ميل پري آئون هن کان وڇڙي ويو هوندس. مون کي محسوس ٿيو تہ جيڪڏهن آئون ڏکڻ– اولهہ پاسي سڌو ويندس، جيئن اسين ڪالهہ ويا هئاسين، تہ هاٿي هن کي ڳولي لهڻ ۾ ڪا گهڻي تڪليف نہ ٿيندي.

مون کي ياد اچي ٿو تہ انهن ٽڪرين ۾ اسان جي رات واري منزل جي وچ ۾ ٽن ڪلاڪن جو رستوهو پر جڏهن آئون وڏيڪ ٽي ڪلاڪ اُٺ تي هلان ٿو تڏهن نہ منزل تي ڏسجي نہ وري زيد ٿو نظر اچي. ڇا آئون هن کان وري پري نڪري ويو آهيان؟ آئون اڳتي وڃان ٿو ڏکڻ ـ اولهہ طرف ۾ سج جي رفتار تي خبرداريءَ سان نظر رکان ٿو. وڌيڪ ٻہ ڪلاڪ تي وڃن ٿا، پر نہ زيد ٿو ملي نہ منزل تي ڏسجي. رات تي وڃي تي ۽ آئون فيصلو ڪريان ٿو تہ اڳتي وڃڻ اجايو آهي. بهتر آهي تہ آرام ڪجي ۽ صبح جي ٽڙڪي جو انتظار ڪجي. آئون اُٺ تان هيٺ لهان ٿو اُن کي ڏانوڻ وجهان ٿو ٻئي ڪجورون ڪائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو پر مون کي تاس ڏاڍي تي لڳي، تنهن ڪري باقي ڪاريـون اُٺ کي ڏئي، اُن جي جسم سان مٿو ٽيڪي ليٽي پوان ٿو.

اهو ننڊ ۾ جاڳ جو جهوٽو آهي، جنهن ۾ آئون گهيرجي وڃان ٿو. نہ ننڊ تي اچي نہ آئون جاڳان ٿو پر ٿڪاوٽ ۾ ماندگيءَ جي ڪري خواب ئي خواب ڏسان ٿو جيڪي اُڃ جي ڪري ٿئي پون ٿا، جنهن جي ڪري تڪليف وڌندي پئي وڃي ۽ ڪٿي نہ ڪٿي انهن اونهائين ۾، جن کي ڪو بہ ڏسڻ نہ ٿو گهري، خوف جو پوائتو جانور نظر اچي ٿو ۽ آئون سوچيان ٿو تہ جيڪڏهن آئون زيد تائين پهچڻ جو رستو نہ ٿو ڳولي لهان ۽ نہ وري مون کي پاڻي ٿو ملي تہ اهڙيءَ حالت ۾ منهنجو ڪهڙو حال ٿيندو؟ ڇالاءِ تہ جيتري قدر مون کي ڄاڻ آهي تہ، سيني طرفن ڪيترن ئي ڏينهن جي سفر ڪرڻ کان پوءِ بہ نہ اتي پاڻي هوندو ۽ نہ وري ڪا وسندي.

پرهہ ڦٽيءَ جو آئون وري ڪَرهو ڪاهيان ٿو. رات جو مون حساب لڳايو هو تہ آئون ڏکڻ طرف گهڻو نڪري ويو هوندس ۽ زيد جي منزل ان هنڌ جي اتر– اوير جي اوسي پاسي هوندي، جتي مون رات گذاري هئي. تنهن ڪري اسان کي اتر— اوير طرف هلڻ گهرجي. اسين اُجايل، ٿَڪل ۽

بک ۾ پاھہ آھيون ۽ ھڪڙي ماتريءَ کان ٻيءَ ماتري تائين انگڙ ونگڙ پيچرن تان ڪڏھن پٽن جي ساڄي طرف کان ڪڏھن کاٻي پاسي کان ھلندا پيان وڃون. پنھنجو جو اسين آرام ڪريون ٿا. منھنجي زبان منھنجي تاروءَ سان چنبڙي پئي آھي ۽ اھا ھڪ سڪل ۽ تڙڪيل چمڙي وانگر پئي محسوس ٿئي. نڙيءَ ۾ ڪڙاڻ پرجي وئي آھي ۽ اکين مان باھہ جا اُلا پيا نڪرن. آئون پنھنجي مٿي تي قُبا ويڙھي ڪرھي جي پيٽ سان لڳي ويھان ٿو ۽ گھڙي کن لاءِ ننڊ ڪرڻ گھران ٿو پر ڪري نٿو سگھان. ٽپھريءَ جو اسين وري پنڌ پئون ٿا. ھن پيري رُخ اپرندي طرف وڌيڪ آھي - چالاءِ تہ ھاٿي مون کي پڪ ٿي آھي تہ اسين اولھہ پاسي گھٽو نڪري ويا آھيون پر اجان بہ نہ زيد ٿو ڏسجي نہ منزل.

ھڪ ٻي رات اچي ٿي. اُج ۽ تاس جي پيڙا سھپ کان ٻاھر آھي ۽ پاڻي جي شديد طلب جي ڪري ذھن ۾ ٻي ڪا سوچ ئي نہ ٿي اچي. پر جيئن ئي آسمان تي پنيرڪي جو سوجھرو پکڙجي ٿو تہ آئون اُٺ تي چڙھان ٿو. صبح جو وقت گذري ٿو ٻيھر گذرن ٿا ۽ ٻئي ڏينھن جي ٽپھري ٿئي ٿي. واريءَ جون پٽون ۽ گرمي، پٽن پٺيان پٽون، جيڪي ختم ئي نہ ٿيون ٿين. اھو انت آھي ڇا؟ منھنجي سيني راھن جو انت، منھنجن سمورين خواھشن ۽ حاصلات جو انت؟ منھنجي اُن قوم ۾ اچڻ جو انت، جن ۾ آئون ڪڏھن بہ اوپرو نہ ھوندس....؟ "اي الله" آئون دُعا ڪريان ٿو "مون کي ھھڙيءَ طرح نہ مار........"

پنھنجو جو آئون ھڪ ڊگھي پٽ تي چڙھان ٿو ان اُميد سان تہ آئون زمين جو منظر چڱيءَ طرح ڏسان. اوچتو اوير ۾ پري مون کي ھڪ ڪارو ٽُبڪو نظر اچي ٿو خوشيءَ وچان آئون دانھن ڪرڻ گھران ٿو پر آئون ڏاڍو ڪمزور ۽ نبل آھيان: پڪ سان اھا زيد جي منزل ھوندي ۽ پاڻيءَ جا ساندارا. آئون ٻيھرڪرھي تي جيئن ئي چڙھان ٿو تہ منھنجا گوڏا ڏڪن ٿا. اسين آھستي ۽ خبرداريءَ سان ان ڪاري ٽبڪي ڏانھن وڌون ٿا، جيڪو زيد جي منزل کان سواءِ ٻيو ڪي بہ نہ ٿو ٿي سگھي. ھن پيري آئون ھر جتن ڪريان ٿو تہ اھو نظر کان ٽڙي نہ وڃي. آئون سڌيءَ ليڪ ۾ ڪرھو ڪاھيان ٿو واريءَ جي پٽن تي چڙھان ٿو واريا سن ماترين ۾ لھان

ٿو. اهڙيءَ طرح هيٺي ٽيٽي محنت ڪريون ٿا. ان اُميد ۾ تہ ٿوري ئي وقت ۾، وڏ ۾ وڏ ٻن ڪلاڪن ۾ آئون پنهنجي منزل تي پهچي ويندس ۽ نيٺ جڏهن اسين آخري پٽ جي چوٽيءَ اُڪري وڃون ٿا، تڏهن اها منزل چٽي نظر اچي ٿي. آئون ڪرهي جي واڳ ڇڪيان ٿو ۽ ان ڪنهن ڪاري شيءِ ڏانهن غور سان ڏسان ٿو جيڪا اڌ ميل جي فاصلي تي آهي. منهنجي دل ٻيهي رهي ٿي؛ ڇاڪاڻ تہ آئون پنهنجي اڳيان پوري پٿر جي ٽڪرين جون ڪاريون چوٽيون ڏسان ٿو جن وٽان آئون ٽي ڏينهن اڳ زيد سان گڏ لنگهيو هوس ۽ اڪيلي سر بہ ڏينهن اڳ.......

ٻ، ڏينهن تائين آئون گولائيءَ ۾ ڦرندو رهيو آهيان.

آئون پاڪڙي تان ترڪي هيٺ لهان ٿو. آئون ٻنهہ ماندو ٿي پيو آهيان. مون کان اهو بہ نٿو ٿئي جو ڪرهي جون ٽنگون ٻڌي سگهان. پر ڪرهو پاڻ بہ ايترو تہ ٿڪل آهي، جو ڪنهن پاسي وڃي بہ نہ ٿو سگهي. آئون روئان ٿو پر منهنجن سُڪل ۽ سُڄل اکين مان ڳوڙها نہ ٿا نڪرن.

اهڙيءَ حالت ۾ ڪيترو وقت ٿي ويو آهي. پر پوءِ ڇا هر ڪا شيءِ ماضي جو حصو ٿي نہ ٿي وڃي؟ هر هڪ شيءِ ماضي آهي، حال آهي ئي ڪو نہ. فقط اُڃ آهي تپش آهي ۽ جسماني پيڙا.

هاڻي آئون ٽن ڏينهن جو اُڃو پياسو آهيان ۽ اڄ کان پنج ڏينهن ٽيندا جو منهنجي ڪرهي پاڻي پيتو هو. هو شايد هڪ يا ٻہ ڏينهن وڌيڪ پياسو هلي سگهي، پر آئون ڄاڻان ٿو تہ ايترو وقت آئون نہ جي سگهندس. شايد مرڻ کان اڳ آئون هوش حواس وڃائي ديوانو ٿي وڃان، ڇاڪاڻ تہ منهنجي ذهن ۾ ويٺل دهشت منهنجي جسم جي پيڙا ۽ عذاب کي وڌائي ڇڏيو آهي. ٻئي وڌنديون پيون وڃن، دهشت ۽ پيڙا.

آئون آرام ڪرڻ گهران ٿو پر ساڳئي وقت آئون اهو بہ ڄاڻان ٿو تہ جيڪڏهن مون هينئر آرام ڪيو تہ پوءِ آئون وري اُٿي نہ سگهندس. آئون پاڻ کي ريڙهيندو پاڪڙي تي چڙهي وڃان ٿو ۽ ڪرهي کي لَتن ۽ لڪڻ سان ڏڪ هڻي زوري اُٿاريان ٿو. ڪرهو لڏندو ٻهرين پوئين ٽنگن تي ۽ پوءِ اڳين تي اٿي ٿو ۽ وري ڏڪندي پنهنجون اڳيون ٽنگون سڌيون ڪري ٿو تہ آئون ذري گهٽ پاڪڙي تان ڪرندي بچان ٿو. اسين آهستي آهستي ۽ وڏي پيڙا سان

اڳتي وڌون ٿا، اولهه طرف، اولهندي پاسي، عجيب چرچو آهي! انهن دولابي واريا سين ٽڪرين جي سمنڊ ۾ الهندي پاسي جو ڇا مطلب آهي؟ پر آئون زنده رهڻ گهران ٿو. تنهن ڪري اسين اڳتي وڃو ٿا.

اسين پنهنجيءَ باقي سگهه جي سهاري رات جي پيٽ ۾ اڳتي وڌندا پيا وڃون. شايد صبح جو وقت هوندو جو آئون پاڪڙي تان هيٺ ڪري پوان ٿو. مون کي ڌڪ نه ٿو لڳي، جو واري نرم آهي ۽ ان مون کي پاڪر ۾ جهليو آهي. ڪرهو ٿوريءَ دير لاءِ اتي ئي بيهي رهي ٿو پوءِ هو ٽڏو ساهه ڪٽندو گوڏن پر ترڪي ٿو ۽ پويون ٽنگون جهڪائي، پنهنجي ڳچي واريءَ تي ڊگهي ڪري منهنجي پرسان پئجي رهي ٿو.

آئون ڪرهي جي جسم جي ٿوري اوٽ ۾ واريءَ تي ليٽي پوان ٿو. آئون ٻاهرين گرميءَ ۽ اندر جي دهشت، پيڙا ۽ تاس کان پاڻ بچائڻ لاءِ پاڻ کي قبا ۾ ويڙهي ڇڏيان ٿو. هاڻي آئون ڪي به سوچي نه ٿو سگهان، نه وري پنهنجون اکيون ٻوٽي سگهان ٿو. ڇپرن جي هر چرپر اکين جي دوڌن تي تتل لوهه وانگر محسوس ٿئي ٿي. تاس ۽ تپش، تاس ۽ هانو ڌاريندڙ ماٺ، هڪ ٽوٽ ۽ خشڪ ماٺ جنهن اڪيلائيءَ ۽ مايوسيءَ جي ڪفن ۾ ويڙهي ڇڏيو آهي، جنهن جي ڪري جسم جو خون ڪنن ۾ سرڙاٽ پيو ڪري. ساڳئي وقت ڪرهو رکي رکي جيڪي ٽڏا ساهه کڻي پيو اهي ان خوف کي ويتر پيا وڌائين، ته هن ڌرتيءَ تي اهي آخري آواز آهن ۽ اسين هڪ انسان ۽ هڪ جانور آخري زنده ساهوارا. موت جي مُنهن ۾ ويندڙ ڌرتيءَ تي آخري ساهوارا آهيون.

اسان جي مٿان ساڙيندڙ گرميءَ ۾ هڪڙي ڳجهه آسمان جي هيڊي رنگ هيٺ هوريان هوريان پئي ڦيرا ڏئي، اڪيلي ۽ آزاد.

منهنجي نڙي سُجي پئي آهي، گهٽجي پئي آهي، ۽ ساهه کڻڻ وقت منهنجي زبان جي جَڙَ ۾ عذاب ڏيندڙ هزارين سيون پيون چُڀن. اها چرڻ کان سواءِ رهي نه ٿي سگهي ۽ اها منهنجي خُشڪ وات ۾ ڪارائي جيان پئي هلي. منهنجو سمورو وجود تپي باهه ٿي ويو آهي ۽ هڪ نه ختم ٿيندڙ پيڙا جي چنبي ۾ پيو ولوڙجي. ڪن پل لاءِ منهنجين ڦاٽل اکين اڳيان تتل آسمان ڪارو ٿي وڃي ٿو.

منهنجو هٿ خودبخود ڇري تو ۽ پاڪٽي جي مُٺيي ۾ لڙڪيل بندوق جي سخت قنداق کي وڃي ٿو لڳي. هٿ رڪجي وڃي ٿو ۽ منهنجي ذهن ۾ ڪنوڻ جي چمڪاٽ جيان ميگزين ۾ پيل پنج گوليون تري اچن ٿيون. منهنجي اندر ۾ ڪو پٽڪات ڪري ٿو: جلدي ڪري بندوق ڪڍ متان پوءِ تون ڇري بہ نہ سگهين!

۽ پوءِ آئون پنهنجي ڇپن کي چرندو ۽ انهن مان ڪي بي آواز لفظ نڪرندي محسوس ڪريان ٿو جيڪي منهنجي ذهن جي اونداهن حصن مان پيا ٻاهر نڪرن. اسين اوهان جو امتحان وٺنداسين....... پڪ سان اوهان کي آزمائينداسين......... قرآن جي هڪ آيت. هرڪا شيءِ گرم ۽ اونداهہ ۾ وڪوڙيل آهي، پر انهيءَ گرم تاريڪيءَ مان ٿڌيءَ هوا جو جهوٽو ايندو محسوس ٿئي ٿو ۽ آئون هوا جو نرم سرڙاٽ ٻڌان ٿو سرڙاٽ جيڪو هوا جي لڳڻ ڪري وڻن ۾ ٿيندو آهي - پاڻي جي مٿان ٿيندو آهي - ۽ اهو پاڻي ان سانتيڪي نهر جو پاڻي آهي، جنهن جي ٻنهي ڪنارن تي ساوڪ آهي ۽ جيڪا منهنجي ننڍ پڻ ۾ منهنجي گهر جي ويجهو هوندي هئي. آئون ان جي ڪناري تي ليٽيو پيو آهيان، نون يا ڏهن ورهين جو ننڍو ٻار وات ۾ گاهہ جو سلو چوپيندو ۽ سفيد ڍڳين ڏانهن نهاريندي. جيڪي وڏين ۽ خوابي اکين واريون آهن ۽ جيڪي ڏاڍي صبر ۽ معصوميت سان ويجهو ئي گاهہ پيون چرن. پري ٻنيءَ ۾ هاري عورتون چونڊي ڪرڻ ۾ رُڌل آهن. هڪڙي هاريائيءَ کي مٿي تي ڳاڙهو رومال ٻڌل آهي ۽ هن کي ڳاڙهن پٽن سان آسماني رنگ جو چولو پيل آهي. نهر جي ڪناري تي بيد مشڪ جا وڻ آهن ۽ نهر جي پاڻيءَ تي هڪ اڇي بدڪ پئي تري. نرم هوا ڪنهن جانور جي ڦوڪاري وانگر منهنجي مُنهن تي پئي لڳي: هائو حقيقت ۾ اهو ڪنهن جانور جو ڦوڪارو ئي آهي: هڪ وڏي ناسي ڇٽن واري اڇي ڍڳي بنهہ منهنجي ويجهو پهچي وئي آهي ۽ پنهنجي وات مان ڦوڪارو ڪڍي منهنجو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي ٿي. آئون هن جي ٿنگن جي ڇُرپُر پنهنجي پرسان محسوس ڪريان ٿو........

آئون اکيون کوليان ٿو ۽ پنهنجي ڪرهي کي ڦوڪارا هڻندي ٻڌان ٿو ۽ هن جي ٿنگن جي ڇُرپُر پاسي ۾ محسوس ڪريان ٿو. ڪرهو

پنهنجي پنين ننگن تي اڌ جيترو اُٿي ٿو ۽ پنهنجي ڳچي ۽ مٿو مٿي ڪٽي ٿو. هن جون ناسون ايئن پکڙجن ٿيون. ڄڻ تہ هن ڀيھريءَ جي هوا ۾ اوچتو آجيان ڪندڙ خوشبو سُنگهي هجي. هو وري ڦوڪاري ٿو ۽ آئون هن جي ڏگهي ڳچيءَ مان هڪ لهر ڪي هن جي ڪلهي ۽ رڙي اڌ اپريل جسم ڏانهن ڊوڙندي محسوس ڪريان ٿو. مون ائن کي اهڙيءَ طرح ڦوڪارا ڏيندي ۽ سڙڪات ڪندي ڏٺو آهي، جڏهن رڻ پٽ ۾ ڪيترن ئي ڏينهن جي سفر ڪرڻ کان پوءِ هنن کي پاڻيءَ جي خوشبو ايندي آهي: پر هت تہ ڪٿي بہ پاڻي ڪونهي يا آهي ڇا؟ آئون مٿو ڪڍان ٿو ۽ ان پاسي ڏسان ٿو جنهن طرف ڪرهي پنهنجي نظر ڪئي آهي. اتي ويجهو ئي واريءَ جي هڪ پٽ آهي، آسمان جي فولادي ڪاراڻ ۾ هڪ ننڍڙي چوٽي، جتي ڪا بہ چُر پُر ناهي. ڪو بہ آواز ڪونهي! پر ان هوندي بہ هڪ پڙڪو ٻڌجي ٿو! اهو پڙڪو هڪ پراڻي سُر منڊل جي هلڪي لهري وانگر آهي، ڏاڍو نرم. نازڪ ۽ ٻُرندڙ صاف ۽ چٽو آواز. جيڪو واريءَ جي پٽ جي چوٽيءَ جي ٻرينءَ پر ڪان پيو اچي، بنهہ ويجهڙائيءَ کان. پر مون کي هڪ احساس ٿئي ٿو اهو منهنجي پهچ کان يا منهنجي آواز جي پڙلاءَ کان پري آهي. اُتي ماڻهو موجود آهن پر آئون هنن تائين پهچي نہ ٿو سگهان. آئون ڪمزوريءَ جي ڪري تہ اُٿڻ کان بہ لاچار آهيان. آئون ڪوشش ڪري رڙ ڪريان ٿو پر منهنجي نڙيءَ مان گهٽيل گهگهو آواز نڪري ٿو ۽ پوءِ منهنجو هٿ پاڻ مرادو پاکڙي تي رکيل بندوق جي سخت ڪنداڪ تي پوي ٿو ........ ۽ آئون پنهنجي ذهن جي نظر سان ميگزين ۾ پنج گوليون ڏسان ٿو.........

آئون ڏاڍي ڪوشش ڪري پاکڙيءَ جي مُيي تان بندوق لاهيان ٿو. ان جو بولٽ ڇڪيندي لڳيم ٿو تہ آئون ڪو جبل ٿو ڪڍان. پر نيٺ ان کي ڇڪي وٺان ٿو. آئون بندوق کي ان جي ڪنداڪ تي بيهاري هوا ۾ اُيا فائر ڪريان ٿو. گولي هڪ هلڪي آواز سان خلا ۾ سُرڙاٽ ڪندي وڃي ٿي. آئون بولٽ ڇڪي وري بندوق ڇوڙيان ٿو ۽ پوءِ آواز ڏانهن ڪن ڏيان ٿو. سُر منڊل جهڙو آواز بند ٿي ويو آهي. گهڙيءَ ڪن لاءِ بنهہ ماٺ ٿي وڃي ٿي. اوچتو واريءَ جي پٽ جي چوٽيءَ وٽان ڪنهن شخص جو ڀرين مٿو ۽ پوءِ ڪلها ظاهر ٿين ٿا. هن سان گڏ هڪ ٻيو ماڻهو بہ آهي. ٿئي ٿوريءَ دير

تائين هيٺ نهارين ٿا. پوءِ هن پاسي ڦري پنهنجي ساٿين کي رڙ ڪري ڪي چون ٿا ۽ پوءِ ڀڄيون شخص چوٽيءَ تان ريڙهيون پائيندو لاهيءَ تان گسڪندو هيٺ مون ڏانهن اچي ٿو.

منهنجي چوڌاري هُل هنگامو ٻڌجي ٿو. ٻه ٽي ماڻهو- ان سموري ماٺ ۽ اڪيلائيءَ ڪان پوءِ ايترو گوڙ! مون کي مٿي کڻڻ جي ڪوشش پيا ڪن. هنن جي ان ڪڻ ڪٽان ۾ سندن ٻانهون ۾ ٽنگون پيون وچڙن. آئون ڪا ٿڌي ۽ ساڙيندڙ شيءِ محسوس ڪريان ٿو. پنهنجن چپن تي برف ۽ باهه جهڙي ۽ سونهاريءَ واري هڪ بدو جو چهرو پنهنجي مٿان جهڪيل ڏسان ٿو. هو پنهنجي هٿ سان هڪ ميري ۽ آلي اڳڙي منهنجي وات تي زور سان رکي ٿو. هن جي ٻئي هٿ ۾ هڪ سانداري آهي. آئون سانداري کي وٺڻ گهران ٿو پر بدو ڏاڍي نرمائيءَ سان منهنجو هٿ پري ڪري ٿو. اڳڙي پاڻيءَ ۾ پسائي ٿو ۽ وري ٻه ٽي ڦڙا منهنجي چپن تي ڪيرائي ٿو. آئون پنهنجا ڏند زور سان بند ڪريان ٿو جو پاڻي منهنجي نڙيءَ کي پيو ساڙي.

پر بدو منهنجا ڏند کولي وري ٿورو پاڻي منهنجي وات ۾ اوتي ٿو. اهو پاڻي نہ آهي، اهو پگهريل شيهو آهي. هو مون سان اها ويڌن ڇو ٿا ڪن؟ آئون ان عذاب ۽ تڪليف کان بچڻ لاءِ پڇي وڃڻ گهران ٿو پر اهي مون کي سوگهو ڪيو بيٺا آهن. شيطان ......... منهنجي ڪَلَ پئي سڙي. منهنجو سمورو جسم باهه جي ڪوري ۾ پيو ٻري. ڇا اهي مون کي مارڻ گهرن ٿا؟ جيڪر مون ۾ ايتري سگهہ هجي جو آئون پنهنجي بندوق کڻي پاڻ بچائي سگهان؟ پر اهي تہ مون کي اٿڻ جي بہ مهلت نہ ٿا ڏين. اهي مون کي زمين تي ڪيرائي سوگهو جهليو بيٺا آهن ۽ هر هر منهنجو وات کولي ان ۾ پاڻي پيا اوتين ۽ مون کي اهو پيٽو پوي ٿو - ۽ حيرت جي ڳالهہ تہ گهڙي کن اڳ جيڪو تيز ساڙو مون کي محسوس ٿيو هو اهو هاڻي گهٽجي ويو آهي. منهنجي مٿي تي جيڪا پُسيل اڳڙي رکي اٿن. ان مان بہ فرحت پئي محسوس ٿئي ۽ پوءِ اهي جڏهن منهنجي جسم تي پاڻي اوتين ٿا. تڏهن آلن ڪپڙن جو ڇهاءُ جسم ۾ خوشيءَ جي ڏڪڻي پيدا ڪري ٿو........

۽ پوءِ چوڌاري اونداهہ انڌوڪار ٿي وڃي ٿي.آئون ڪرندو پيو وڃان. ڪنهن اونهي کوهہ ۾ ڪرندو پيو وڃان. منهنجي ڪرڻ جي تيزيءَ

جي سبب هوا تيزيءَ سان سوسات ڪندي منهنجي ڪنن جي پرسان پئي وڄي. اها تيزي گجگوڙ ۾ بدلجي ٿي، گجگوڙ ڪندڙ انڌاري ۾ ڪاري اوندهه، اوندهه.........

ٻه ٽي ڪلاڪ پوءِ زيد ڪافي آڻي ٿو ۽ ٿانون جي کڙڪي تي آئون سجاڳ ٿيان ٿو. تازي ڪافيءَ جي خوش بوءِ ڪنهن عورت جي ڀرانٽيءَ مثل لڳي ٿي.

"زيد!" آئون سڏ ڪريان ٿو ۽ مون کي خوش ڪندڙ حيرت ٿئي ٿي ته جيتوڻيڪ منهنجو آواز ٿڪل آهي، پر خر خر بند ٿي وئي آهي. "مون کي ٿوري ڪافي ڏيندين؟"

"خدا جو سُنهن ته آئون توکي ڏيندس، اي منهنجا چاچا!" زيد قديم عرب رواج مطابق منهنجي عزت ۽ ادب ڪرڻ خاطر مون کي چاچا سڏيندي چوي ٿو. جيتوڻيڪ آئون زيد کان ٻه ٽي سال ننڍو آهيان."تنهنجي دل جيتري چوي اوتري ڪافي توکي پيارينديس!" زيد وري چوي ٿو.

آئون ڪافي پيان ٿو ۽ زيد کي خوشيءَ ۾ ٽڙندو ڏسي ڪِلان ٿو "ياٽڙا! اسين عقلمند انسانن وانگر پنهنجي گهر ۾ آرام سان رهڻ جي بدران پاڻ کي ههڙين تڪليفن ۾ مبتلا ڇو ٿا ڪريون؟"

"چاڪاڻ ته" زيد کلندي وراڻي ٿو "تو ۽ مون جهڙا ماڻهو اها ڳالهه پسند نه ڪندا آهن ته گهرن ۾ ويهي پنهنجا سنڌ سڪائي جلد ئي پوڙها ٿي وڃون ۽ پيو ته ماڻهو پنهنجن گهرن ۾ نه مرندا آهن؟ ڇا ماڻهو هميشه پنهنجي قسمت پنهنجي ڳچيءَ ۾ پايو نه پيو هلندو آهي، پوءِ کٽي ڪنهن هنڌ به هجي؟"

----

(جرمني)

هرمن هيسي

# ظاهر ۽ باطن

هن جو نالو فريڊرڪ هو علم ۽ حڪمت جو شائق ۽ دانائيءَ جو پتلو. پر هن جي خيال مطابق سموري علم ۾ فرق هو ۽ سيئي خيال هڪ جهڙا سنا نہ هئا. هو هڪ خاص قسم جي سوچ پسند ڪي ڪندو هو ۽ ٻئي هر خيال کان کيس نفرت ۽ ڪراهت هوندي هئي. منطق سان سندس چاهہ هو ۽ ان جو وٽس مان هو. هو ان شاندار طريقي کي "علم" ڪري سمجهندو هو.

"ٻہ ڏون چار." هو اهو ئي چوندو هو "منهنجو ان ۾ يقين آهي، ۽ انسان کي گهرجي تہ انهيءَ سچ جي آڌار تي سوچي."

هن کي اها بہ خبر هئي تہ سوچ ۽ ڄاڻ جا ٻيا بہ طريقا آهن. پر انهن کي علم نہ تو چئي سگهجي ۽ انهن جي لاءِ سندس راءِ سٺي نہ هئي. جيتوڻيڪ هو هڪ آزاد خيال انسان هو پر مذهب سان تعصب ڪو نہ هئس. عالمن تہ ماٺ ميٺ ۾ ناهہ ڪري مذهب جو بنياد رکيو هو. ڪيترين صدين تائين عالمن جي انهيءَ علم ۾ روءِ زمين جي هر شيءِ جيڪا معلوم هئي، اچي تي ويئي؛ سواءِ هڪ شيءِ جي جنهن کي انساني روح چئجي ٿو. پر جيئن وقت ويو گذرندو تيئن اهو هڪ قسم جو رواج ٿي ويو تہ روح کي مذهب جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ ان تي سنجيدگيءَ سان سوچڻ جي بدران مذهبي خيالن کي قبول ڪري ويهي رهو. اهڙيءَ ريت فريڊرڪ پڻ مذهب جي باري ۾ معتصب ڪو نہ هو. پر هر اها شيءِ جنهن کي هو وهم ڪري سمجهندو هو ان کان کيس سخت نفرت هوندي هئي. اهو اوپرن، اڻ گهڙين ۽ لولن لنگڙن جو ورثو هو. ٿي سگهي ٿو تہ تمام قديم زماني ۾ هڪ پراسرار ۽ جادوئي سوچ جو وجود رهيو هجي، پر علم ۽ منطق جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ انهن مدي خارج ۽ شڪي هٿيارن جي استعمال ڪرڻ ۾ ڪا بہ عقلمندي نہ هئي.

هن جو اهو چوڻ هو ۽ اها ئي سوچ هئي؛ ۽ جڏهن بہ وهم جا ڪي اهڃاڻ سندس ڏيان تي ايندا هئا تہ کيس ڪاوڙ وٺي ويندي هئي ۽ محسوس ٿيندو هوس تہ کيس ڪنهن دشمن ڇهيو آهي.

ان وقت هن کي وڌيڪ ڪاوڙ لڳندي هئي، جڏهن هو پاڻ جهڙن ماڻهن ۾ اهڙين ڳالهين جا اهڃاڻ ڏسندو هو؛ انهن ماڻهن ۾ جيڪي پڙهيل لکيل هئا، جيڪي علمي سوچ جي اصولن کان واقف هئا ۽ جڏهن مهذب ماڻهن کي اهڙن خواريءَ جهڙن خيالن ۾ ورتل ڏسندو هو تہ "علمي سوچ" ازلي ابدي، دائم قائم ۽ اعليٰ ڪانهي ۽ اجائي، بيڪار ۽ تنقيد لائق آهي تہ کيس ذاتي تڪليف پهچندي هئي ۽ ڪانئس اها سَٺي نہ ٿيندي هئي. اهو بيهودو، تباهہ ڪندڙ ۽ زهريلو خيال هر هنڌ هو — فريڊرڪ پاڻ بہ ان کان انڪاري ڪو نہ هو؛ اهو هر هنڌ اپري ظاهر ٿيو هو جيڪو جنگ، انقلاب ۽ بک جي نتيجي ۾ سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويو هو؛ اهو ڄڻ تہ هڪ تنبيهہ جيان، سفيد ديوار تي پراڻتي معصوميت واري تحرير مثل هو.

ان خيال جي موجودگيءَ جو احساس جيترو فريڊرڪ کي پريشان ڪندو هو، اوتروئي هو ان تي ۽ ان جي مڃڻ وارن تي سختيءَ سان حملا ڪندو هو. ان وقت تائين ان نئين نظريي لاءِ جيڪو پکڙجڻ ۽ زور وٺڻ جي صورت ۾ سڀني روحاني قدرن کي تباهہ برباد ڪري دنيا ۾ مونجهارا پيدا ڪري ها، پڙهيل ڪڙهيل ماڻهن مان ڪن تمام ٿورن ماڻهن پنهنجي عقيدي جو کليو ڪلايو اعلان ڪيو هو. پر ڳالهہ اڃا ان حد تائين ڪين پهتي هئي ۽ اهي ماڻهو جيڪي ان خيال کي کليو ڪلايو پسند ڪندا هئا، ڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ئي ڏنا. جن کي پورالو ۽ سودائي سمجهيو ٿي ويو. عام ماڻهن ۽ اڌ پڙهيل ماڻهن ۾ اهڙن خيالن رکڻ وارن جو تہ ڪاٿو ئي ڪو نہ هو. دنيا اهڙن ماڻهن سان پري پئي هئي: هر هنڌ وهمن، وسوسن، روحاني رمزن ۽ ٻين مخفي طاقتن جا اهڃاڻ پئي نظر آيا. جن جو مقابلو ڪرڻ حقيقت ۾ تمام ضروري هو. پر صحيح علم، شايد پنهنجي ڪنهن ڪمزوريءَ جي ڪري انهن سڀني کي ڇيڪ ڇڏي ڏنو هو.

هڪڙي ڏينهن فريڊرڪ پنهنجي هڪ دوست جي گهر ويو جنهن سان هو گڏ پڙهيو هو. اصل ۾ هن گهڻي وقت کان ان دوست کي ڏٺو ئي ڪو نه هو. دوست جي گهر جي ڏاڪڻ تي چڙهندي هن اهو ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته آخري ڀيرو هن پنهنجي دوست سان ڪڏهن ۽ ڪٿي ملاقات ڪئي هئي. جيتوڻيڪ هين ڳالهين لاءِ ڪيس پنهنجي حافظي تي ناز هو پر هو اهو ياد ڪري نه سگهيو. شايد ان ڪري ئي هن هڪ اڻ لکي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ کي محسوس ڪيو ۽ جنهن مان جيئن ئي هو دوست جي ڪمري جي در تائين پهتو هن زوريءَ پاڻ کي ڇڏائي ورتو.

ارون کي ڪيڪاريندي ئي هن سندس ڪلمڪ ڇهري تي هڪ اوچتي مُرڪ ڏٺي. جيڪا ڪيس لڳو ته هن اڳ ڪڏهن به نه ڏٺي هئي. اها مرڪ ڏسندي شرط، جيڪا دوستاڻي هوندي به هڪدم چٽر ۽ ٺوڪ سان ڀريل ٿي لڳي، هن کي اوچتو خيال آيو ته ارون سان آخري ملاقات جي باري ۾ مون پنهنجي حافظي تي اجايو زور ڏنو. ڪيس ياد آيو ته آخري ڀيرو جدا ٿيڻ وقت ٻنهي جي وچ ۾ ڪو به جهيڙو ڪو نه ٿيو هو پر ان هوندي به دل ۾ هڪ رنجش ۽ بي آرامي ضرور پيدا ٿي هئي؛ ڇاڪاڻ ته ان وقت وهم ۽ وسوسن جي خلاف هن جيڪي ڳالهايو هو ان جي ارونِ تمام گهٽ پذيرائي ڪئي هئي.

عجب صورتحال هئي. اها سموري ڳالهه هن کان ڪيئن وسري وئي هئي؟ ۽ هاڻي ڪيس احساس ٿيو هو ته شايد اهو ئي سبب هو جو ڪيترن ئي ڏينهن تائين هو پنهنجي دوست سان ملي نه سگهيو هو. ان ڳالهه جي ڪري جيڪا لاڳيتي ڪيس ستائيندي رهندي هئي ۽ هين بهانن جي سبب هو ان ملاقات کي ملتوي ڪري ڇڏيندو هو.

هينئر ٻئي دوست هڪ ٻئي جي آمهون سامهون هئا، ۽ فريڊرڪ کي محسوس ٿيو ته ان ڏينهن جي ننڍڙي وڇوٽي هاڻي تمام وڏي ٿي وئي آهي. هن کي لڳو ته ان گهڙيءَ ۾ هن جي ۽ ارون جي وچ ۾ ان شيءِ جي کوٽ آهي، ايڪي ۽ اتحاد جي روشن ڪرڻ جي، هڪ ٻئي کي هڪدم سمجهڻ جي ۽ دراصل محبت ۽ ڀروسي جي کوٽ آهي. جيڪا اڳ ڪڏهن به محسوس نه ٿيندي هئي. انهن جي جاءِ تي هن کي هڪ خال

محسوس ٿيو. هنن هڪ ٻئي کي ڪيڪاريو: موسم بابت ڳالهايو: يارن دوستن ۽ چڱيلائيءَ جون ڳالهيون ڪيون ۽ خدا ڄاڻي ڇوا فريڊرڪ کي هر لفظ تي ٻي چيني پي ٿي ۽ تاءُ پي آيو تہ هو پنهنجي دوست کي سمجهي نہ پيو سگهي: تہ هن جو دوست حقيقت ۾ ڪيس سمجهي نہ پيو سگهي: تہ سندس لفظ بہ اصل مطلب نہ پيا ادا ڪري سگهن: تہ اصل ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ لاءِ ڪين ڪو وجهہ ئي نہ پيو ملي. وڏي ڳالهہ تہ ارون جي مُنهن تي اجا تائين اها مرڪ پئي نظر آئي. جنهن کان فريڊرڪ کي بنهہ نفرت ٿيڻ لڳي هئي.

ان تڪليف ڏيندڙ ڳالهہ ٻولهہ جي وچوٽيءَ ۾ فريڊرڪ اسٽوڊيو ۾ چوڌاري ڇتائي ڏٺو. جنهن مان هو چڱي طرح واقف هو. هن پٽ تي هڪ ڪاغذ ٽنگيل ڏٺو. ان جي نماءَ هن کي ڏونڌاڙي ڇڏيو ۽ هن جي دل ۾ پراڻيون يادگيريون ابري آيون. هن کي ياد آيو تہ گهڻو وقت اڳ سندن شاگرديءَ واري زماني ۾ ارون جي عادت هوندي هئي تہ هو پنهنجي ذهن ۾ ڪنهن ڏاهي جي قول يا ڪنهن شاعر جي ڪلام کي تازو ۽ ياد رکڻ لاءِ ايئن ئي ڪندو هو. هو اٿيو ۽ ان ڪاغذ کي پڙهڻ لاءِ ديوار ڏانهن ويو جتي اهو ٽنگيل هو.

ڪاغذ تي اِرون جي سهڻن اکرن ۾ لکيل هو تہ: "ظاهر ۾ ڪي بہ ڪونهي. باطن ۾ ڪي بہ ڪونهي: ڇاڪاڻ تہ جيڪو ظاهر ۾ آهي اهو ئي باطن ۾ آهي."

اهو پڙهي فريڊرڪ کان ڇرڪ نڪري ويو ۽ هو پل ڪن لاءِ پنڌ ٻهڻ تي ويو. نيٺ اُهو ئي ٿيوا هو جنهن خيال کان ٻنو تي اهو هينئر هن جي اکين اڳيان هو. ٻئي ڪنهن وقت هو ان ڪاغذ جي پرزي کي ذري بہ اهميت نہ ڏئي ها. ان کي هڪ چڱو وهم ۽ هڪ بي ضرر خامي سمجهي برداشت ڪري وڃي ها. پر هاڻي تہ ڳالهہ ئي ٻي هئي. هن کي لڳو تہ اهي لفظ ڪنهن اجائي شاعراڻي ترنگ ۾ اچي ڪري نہ لکيا ويا هئا: نہ وري ايترن سالن گذارڻ کان پوءِ اِرون ان عادت جي وهڪري ۾ لڙهي ويو هو. اتي جيڪي لکيل هو اهو ان ويل هن جي دوست جي ڳَنڍيءَ جو اقرار هو. اهو هڪ ماورائي خيال هوا اِرون ۾ هاڻي اها اڳوڻي وفا نہ رهي هئي.

هن آهستي آهستي ڦري اِرون ڏانهن نهاريو. جنهن جي مُرڪ ۾ اها ئي چمڪ هئي.

”مون کي هن جو مطلب سمجهاءِ!“ هن گهُر ڪئي.

اِرون دوستاڻي انداز ۾ ڪنڌ لوڏيو.

”تو اهو قول اڳ ڪين پڙهيو آهي ڇا؟“

”ڇو نـ!“ فريڊرڪ دانهن ڪئي. ”بيشڪ مون کي خبر آهي. اهو تصوف آهي. اهو باطني علم آهي. اهو خيال شاعراڻو نـ ٿو ٿي سگهي، پر ان هوندي بـ ان قول جو مون کي مطلب سمجهاءِ ۽ ٻڌاءِ تـ تو اهو ڪاغذ ديوار تي ڇو ٽنگيو آهي؟“

”مون کي خوشي ٿيندي“، اِرون وراڻيو. ”اهو قول علم شناسيءَ جي طريقي جي پهرين سڃاڻپ آهي، جنهن جي مون کي ويجهڙائيءَ ۾ ڄاڻ ٿي آهي. ان جي ڪري آئون ڏاڍو خوش رهان ٿو.“

فريڊرڪ پنهنجي ڪاوڙ کي روڪيو. هن پڇيو ”علم شناسيءَ جو نئون طريقو ؟ اهڙو بـ ڪو طريقو آهي ڇا؟ اهو ڪهڙي نالي سان ٿو سڏجي؟“

”منهنجي لاءِ تـ اهو اڃا نئون آهي“، اِرون چيو. ”پر اهو تمام پراڻو علم آهي. ان کي جادو چون ٿا.“

ان سچي ۽ صاف اقرار فريڊرڪ کي ڏاڍو حيران ۽ وائڙو ڪري ڇڏيو.

هن جو سمورو جسم ڏڪي ويو ۽ هن محسوس ڪيو تـ هو پنهنجي دوست جي اڳيان نـ پر هڪ وڏي دشمن جي اڳيان ويٺو آهي. کيس خبر ئي نـ ٿي پئي تـ منجهس ڪروڌ پرجي ويو آهي يا اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا آهن. هن کي پنهنجي شڪست جو سخت احساس ٿيو ۽ هو ڪيتري دير تائين ماٺ ڪيو ويٺو هو.

پوءِ ٺٺولي ڀريل آواز ۾ هن ڇوڙ شروع ڪيو ”تـ هاڻي تون جادوگر ٿيڻ گهرين ٿو؟“

”هائو“، اِرون ٺهـ پهـ وراڻيو.

”تـ تو جادوگر جي شاگردي قبولي آهي، هان؟“

"بلڪل درست."

پاسي واري ڪمري ۾ ٽنگيل گهڙيال جي ٽڪ ٽڪ چٽي ٻڌڻ ۾ پئي آئي. ڪمري ۾ ڏاڍي ماٺ هئي.

فريڊرڪ وري چيو "ان جو مطلب ٿيو تہ تو سيني سنجيده علمن سان لاڳاپو ٽوڙيو آهي ۽ اهڙيءَ ريت مون سان پڻ."

"نہ. ايئن نہ!" اِروِن رڙ ڪري چيو: "نہ. تون هتان ايئن نہ ويندين. سمجهہ ڪٿي تہ اسان مان ڪو هڪ موت جي بستري تي پيو آهي. ها ايئن آهي! ۽ اسين آخري ڀيرو موڪلايون ٿا."

"پر اِروِن، اسان مان ڪير موت جي بستري تي پيو آهي؟"

"اڄ اُهو شايد آئون آهيان، منهنجا دوست، جيڪو نئين سر پيدا ٿيڻ گهري ٿو. مون کي مرڻ لاءِ تيار ٿيڻ گهرجي."

هڪ ڀيرو وري فريڊرڪ ان ڪاغذ جي ويجهو ويو ۽ ظاهر ۽ باطن جي باري ۾ اهو قول پڙهڻ لڳو.

"تمام سٺو" هن نيٺ چيو. "تون سچ ٿو چوين. ڪاوڙجي جدا ٿي وڃڻ ۾ ڪوبہ فائدو ڪونهي. تون جيئن چوين ٿو آئون ايئن ئي ڪندس. آئون سمجهندس تہ اسان مان ڪو هڪ موت جي بستري تي پيو آهي. ان لاءِ آئون ئي اهو شخص آهيان جيڪو حياتيءَ جا پويان پساهہ پيو کڻي. پر وڃڻ کان اڳ آئون توکي آخري عرض ڪرڻ گهران ٿو."

"مون کي خوشي ٿيندي"، اِروِن چيو. "ٻڌاءِ تہ موڪلائڻ وقت توسان ڪهڙي مهرباني ڪريان؟"

"آئون پنهنجو پهريون سوال ورجايان ٿو ۽ اهو منهنجو عرض پڻ آهي. ان قول جي مون کي سٺي ۾ سٺي وضاحت ڪري ٻڌاءِ."

اِروِن پل کن لاءِ سوچ ۾ پئجي ويو ۽ پوءِ هن چيو.

"ظاهر ۾ ڪي بہ ڪونهي، باطن ۾ ڪي بہ ڪونهي. ان جو مذهبي مطلب تون سمجهين ٿو: خدا هر هنڌ آهي. هو روح ۾ آهي، ۽ فطرت ۾ پڻ آهي. ساري سنسار ۾ خدائي آهي. ڇاڪاڻ تہ خدا سڀ ڪجهہ آهي اڳي ان کي همه اوست يا وحدت الوجود چوندا هئا. فلسفي ۾ ان جو مطلب ٿيو تہ اسين پنهنجي سوچ ۾ باطن کي ظاهر کان جدا ڪري ڏسڻ

جا عادي هوندا آهيون، پر اهو ضروري ڪونهي. اسان جو روح ان لائق آهي جو اسان جي مقرر ڪيل حدن جي پٺيان ٻئي پاسي هليو وڃي. اسان جي دنيا جن ٻن ضدن جو مجموعو آهي. ان ڪان پري هڪ نئين ۽ جدا علم جي شروعات ٿئي ٿي....

پر منهنجا پيارا دوست، آئون قبول ڪريان ٿو ته جيئن ته منهنجي سوچ ۾ ڦيرو آيو آهي، تنهنڪري منهنجي لاءِ هاڻي لفظَ ۽ قولَ غير واضح نه رهيا آهن: هر هڪ لفظ جون هزارين معنائون آهن. ۽ هٽ لفظ جادو آهي، جنهن ڪان تون ڊڄين ٿو."

فريڊرڪ جي پيشانيءَ ۾ گهنڊ پئجي ويو. هن وچ ۾ ڳالهائڻ گهريو ٿي. پر اِروِن جي نهارَ هن کي بيوس ڪري ڇڏيو. تنهنڪري هن وڏيڪ چٽن لفظن ۾ چيو "آئون توکي ان جو مثال ڏيندس. تون مون وٽان ڪا به شيءِ پاڻ سان کڻي وڃ ۽ وقت بوقت ان کي ڏسندو رهه. پوءِ جلد ئي ظاهر ۽ باطن جو اصول پنهنجين ڪيترين ئي معنائن مان هڪ معنيٰ کي ظاهر ڪندو."

هن ڪمري ۾ چوڌاري نهاريو. هڪ جاري ۾ مٽيءَ جو هڪ ننڍو بوتو رکيو هو. هن اهو کڻي فريڊرڪ کي ڏيندي چيو:

"هيءُ منهنجو الوداعي تحفو پاڻ سان کڻي وڃ. هيءُ شيءِ جيڪا آئون توکي تنهنجي هٿ ۾ ڏيان ٿو اها جڏهن تو مان ٻاهر نه رهي ۽ تو ۾ ئي رهي تڏهن تون مون وٽ موٽي اچ! پر جي ڪڏهن هيءُ تومان هميشه لاءِ ٻاهر رهي جيئن هينئر آهي، ته پوءِ پنهنجي جدائي هميشه هميشه لاءِ هوندي."

فريڊرڪ اڃا به گهڻو ئي ڪجي چوڻ ٿي گهريو پر اِروِن سندس هٿ جهلي ان کي زور ڏنو ۽ اهڙيءَ طرح سان الوداع چيو جو وڌيڪ ڪجي چوڻ جي ضرورت ئي نه رهي.

فريڊرڪ هليو ويو. هو ڏاڪڻ لٿو. ڪيترين ئي گهٽين مان لنگهندو پنهنجي گهر ڏانهن ويو. هٿ ۾ مٽيءَ جو ننڍو پتلو هئس ۽ دل ڏکويل. هو پنهنجي گهر جي اڳيان بيهي رهيو. هن پنهنجي اها مُٺ زور سان ڏونڏاڙي جنهن ۾ ننڍو بوتو هو. دل ۾ هڪ شديد خواهش اڀري آيس ته ان

نڪمي شيءِ کي زمين تي اڇلائي پور پور ڪري ڇڏي. پر هن ايئن نہ ڪيو. هن پنهنجي چپ کي چڪ هنيو ۽ گهر ڏانهن موٽيو. هڪ ٻئي جي خلاف جذبن جي ڪري هن پنهنجي اندر ۾ اهڙي پيڙا ۽ ولوڙ اڳ ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪئي هئي.

پنهنجي دوست جي ڏنل سوکڙيءَ کي رکڻ لاءِ هن چوڌاري نهاريو ۽ ڪتابن جي هڪ ڪٻٽ جي مٿان اها رکي ڇڏي.

ڏينهن گذرڻ لڳا. هو ڪڏهن ڪڏهن ان کي ڏسندو هو. ان تي ۽ ان جي اصل نسل تي ويچاريندو هو. هو ان بيهودي شيءِ جي مطلب تي بہ غور ڪندو هو جيڪو هن سمجهيو ٿي. اهو ڪنهن ماڻهوءَ يا ڪنهن ديوتا جو ننڍيو بوتو هو ۽ رومي ديوتا جينس وانگر ان جا بہ منهن هئا. ان جي بناوت ڪا سٺي نہ هئي ۽ مٿس لڳل روغن سڙيل ۽ سيرون ٿيل هو. اهو ننڍيو بوتو ناقص ۽ نڪمو پئي لڳو. ڇاڪاڻ تہ اهو نہ يوناني ۽ نہ وري رومي ڪاريگريءَ جو نمونو هو. پر آفريڪا يا ٻئي ڪنهن قديم ۽ پٺتي پيل قوم جو ٺهيل ٿي لڳو. ان جا بہ منهن جيڪي بلڪل هڪ جهڙا هئا، انهن تي ٿڌي، سست ۽ ڏند شيڪي ڪيڏڻ واري مُرڪ پڌري هئي. ڇامڙي جي اها مجهول مُرڪ ڏاڍي بڇڙي پئي لڳي.

فريڊرڪ ان بوتي کي ڏسڻ جو عادي ٿي نہ سگهيو. هن کي اهو بلڪل اُگرو ۽ ڪراهت جهڙو پئي لڳو. اهو هن لاءِ هڪ رنڊڪ هئي، جنهن کيس پريشان ٿي ڪيو. ٻئي ڏينهن هن اهو اتان کڻي سگريءَ ۾ وجهي ڇڏيو. ٻئي ڏينهن رکي هن وري اهو هڪڙي ڪٻٽ ۾ بند ڪري ڇڏيو. پر اهو هر هر هن جي سوچ جي راهہ ۾ موٽي تي آيو ۽ هن جي مٿان ان پاڻ مڙهڻ ٿي گهريو. ان هن تي ننولي تي ڪئي، پاڻ کي اهميت ٿي ڏني، هن جي ڌيان کي پاڻ ڏانهن ٿي ڇڪيو. ٿورن هفتن کان پوءِ هن اهو کڻي پاسي واري ڪمري ۾ فوٽن ۽ اجاين سوکڙين جي وچ ۾ رکي ڇڏيو جن ڏانهن ڪنهن ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو. هاڻي هو ان کي ان وقت ڏسندو هو جڏهن ان ڪمري ۾ ويندو هو يا ان مان ٻاهر ايندو هو ۽ پوءِ ان کي چڱيءَ طرح سان ڏسڻ کان سواءِ ئي جلدي اتان لنگهي ويندو هو. پر تڏهن بہ کيس پريشاني وڪوڙي ويندي هئي، جيتوڻيڪ هو ان ڳالهہ کي قبول ڪرڻ کان نٽائي ڇڏيندو هو.

هن جي زندگيءَ ۾ متيءَ جي ان ٻہ مُنهين راڪاسپٽي سان گڏ عذاب ۾ پيڙا داخل ٿي ويئي هئي.

ڪيترن ئي مهينن کان پوءِ هڪڙي ڏينهن هو ڪنهن ننڍي سفر تان واپس موٽيو. هاڻي هو وقت بوقت اهڙا سير سفر ڪرڻ لڳو هو. ڪا شيءِ هئي جنهن کان پريشان ٿي هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ ڦرڻ تي لاچار هو. هو پنهنجي گهر ۾ ويو. نوڪرياڻيءَ سندس آڌر ڀاءُ ڪيو. هن ننڍي ڪمري ۾ چوڏاري نهاريو ۽ اهي خط کڻي پڙهڻ لڳو جيڪي سندس انتظار ۾ اتي پيا هئا. پر ڪيس هڪ بيچيني ۽ بيقراري محسوس ٿي، ڇڻ تہ ڪاؤنس ڪا تمام ضروري ڳالهہ وسري ويئي هئي. ڪيس نہ ڪتاب تي پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ نہ ڪنهن ڪرسيءَ تي ويهندي ڪيس آرام ٿي آيو.

هن ڪي ذهني پيڙا جو سخت احساس ٿيو. ان جو ڪهڙو سبب هو؟ ڇا ڪاؤنس ڪا غفلت تہ نہ ٿي هئي؟ هن ڪا اٽونندڙ شيءِ تہ نہ ڪاڏي هئي؟ اهو سوچيندي هن کي خيال آيو تہ گهر ۾ پير رکڻ شرط ئي ڪيس اهو پريشان ڪندڙ احساس ٿيو هو. هو واپس پاسي واري ڪمري ۾ ويو ۽ هن جون نظرون بي اختيار متيءَ جي بوتي کي ڳولڻ لڳيون.

هڪ عجيب خوف هن جي سموري جسم کي وڪوڙي ويو. جڏهن ڪيس بوتو نظر نہ آيو. بوتو اتي هو ئي ڪونہ. اهو گم ٿي ويو هو. ڇا اهو پنهنجن ٽڪر جي ٽنگن تي هلندو ڪنهن پاسي هليو ويو هو؟ اڏامي ويو هو؟ جادوءَ جي وسيلي؟

فريڊرڪ پاڻ سنڀاليو ۽ پنهنجي ڏڪڻيءَ تي مُرڪي ڏنو پوءِ هن آرام سان سڄي ڪمري کي ڦلهوريو. پر جڏهن ڪٿي بہ نظر نہ آيس تہ هن ٻانهيءَ کي سڏيو. هوءَ آئي ۽ مُنجهي بيٺي، پر پوءِ هڪدم قبول ڪيائين تہ صفائي ڪندي ڪاؤنس اها شيءِ ڪري پئي هئي.

"ڪٿي آهي؟"

هاڻي اهو اتي نہ هو. اهو ننڍڙو بوتو ڏسڻ ۾ ڪيترو نہ مضبوط ٿي لڳو: هن اهو ڪيترائي پيرا پنهنجي هٿ ۾ کنيو هو. پر ان هوندي بہ اهو ايترو تہ ڇيهون ڇيهون ٿي ويو هو جو ان جو جوڙڻ ممڪن ئي نہ هو. نوڪرياڻي اُهي ٽڪرا ڪنيار وٽ بہ کڻي ويئي هئي. جنهن انهن کي ڏسي مٿس ڪلي ڏنو هو. پوءِ هن اهي ٽڪرا اڇلائي ڇڏيا هئا.

فريڊرڪ نوڪرياڻيءَ کي ڪي بہ نہ چيو. هن مرڪي ڏنو. مڙئي خير آهي. سچ تہ ان ٻوتي جي ڪيس ٿوري بہ ڳڻتي نہ ٿي. چڱو ٿيو جو اها ڪراهت جهڙي شيءِ نظرن کان پري ٿي. هاڻي ڪيس آرام نصيب ٿيندو. اها جيڪر پهرئين ئي ڏينهن پيچي پوري ڇڏي ها! ان سموري عرصي ۾ هن ڪيڏي نہ پيڙا محسوس ڪئي هئي! ان ٻوتي ڪيتري نہ مڪاريءَ، ڏڪار بديءَ ۽ شيطانيءَ سان ڏانهس ڏسي ڪليو هو! ان مٽيءَ جي ٻوتي کان ڪيس خوف ٿيندو هو سچ پچ ڊپ ٿيندو هو حقيقت ۾ اهو ان شيءِ جي علامت ۽ نشاني هو جنهن کان ڪيس نفرت ۽ ڪراهت هئي: اها بدي، نفرت ۽ بڇڙائيءَ جي علامت هئي: وهمن، وسوسن، خوف ۽ ڊپ جي نشاني هئي. ڇا اها ان اسرار ڀري ٿوت جي تصوير نہ هئي، جيڪا ڪنهن وقت زمين جي آنڊن ۾ غضبناڪ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ڀري ڇڏيندي آهي ۽ پوءِ زلزلا ايندا آهن، تهذيبون مٽيءَ ۾ ملي وينديون آهن ۽ اوندهہ انڌوڪار ٿي ويندي آهي؟ ڇا ان نيچ ۽ ڏڪار لائق ٻوتي سندس بهترين دوست کي ڪاؤنس نہ رهڻو جدا ڪيو هو بلڪ دوست مان دشمن ڪري ڇڏيو هو؟ خير چڱو ٿيو جو اهو ويو غائب ٿيو ڇيهون ڇيهون ۽ پرزا پرزا ٿيو. جان ڇٽي. چڱو ٿيو، وڏيڪ چڱو تہ اهو ٿئي ها جو هو پاڻ ان کي پيچي پوري ڇڏي ها.

اهي ڳالهيون سوچي هو وري اڳي جيان پنهنجن ڪمن ڪارين ۾ لڳي ويو. پر اها مصروفيت هڪ نحوست وانگر هئي. هاڻي هو ان بڇڙي ٻوتي جو ٿورو ڪي گهڻو عادي ٿي ويو هو ۽ جڏهن پاسي واري ڪمري جي ان جاءِ سان سندس چڱي سڃاڻپ ٿي ويئي هئي، جتي اهو رکيو هوندو هو ۽ جڏهن هو ان کي ڪا بہ اهميت ڏيڻ نہ لڳو تڏهن ان جي غير موجودگيءَ کيس هڪ عجيب عذاب ڏيڻ شروع ڪري ڏنو. هيئنئر هو جڏهن بہ ان ڪمري ۾ ويو ٿي تہ کيس ان ٻوتي جي غير موجودگيءَ جو سخت احساس ٿي ٿيو. هو اتي رهڻو اهو خالي هنڌ ڏسي ٿي سگهيو جتي اهو رکيو هوندو هو ۽ ان سڪتائيءَ جي ڪري سڄي ڪمري ۾ عجب جهڙي ويڳاڻائيءَ جو واسو ٿي نظر آيو.

فريڊرڪ کي هاڻي نہ ڏينهن جو چين ٿي آيو ۽ نہ رات جو آرام. پاسي واري ڪمري مان لنگهندي هو هن مُنهن واري ٻوتي بابت سوچڻ کان

سواءِ رهي نہ تي سگهيو جنهن کي هو وجائي ويٺو هو ۽ جنهن جي ڪوڙڪي ۾ هن جو ذهن ڦاٿو پيو هو. اها هڪ اذيتناڪ ذهني پريشاني هئي، ۽ اها رڳو انهن وقتن تي محسوس نہ ٿيندي هئس جڏهن هو رڳو ان ڪمري مان لنگهندو هو: ان پاسي واري ڪمري جي ان خالي ميز تان سڪتائيءَ ۽ ويرانيءَ جا شعاع ٿي نڪتا. ساڳيءَ ريت اهو اذيتناڪ خيال هن جي اندر ۾ وڌندو ويو ۽ رفتي رفتي اتي بہ هڪ سڪتائي ۽ عجب جهڙي ويراني پکڙجي ويئي.

رکي رکي هن کي اهو بوتو چِتو ٿي ڏسڻ ۾ آيو ۽ هن کي لڳو ٿي تہ ان جي نہ هجڻ تي ڏک ڪرڻ ڪهڙي نہ بيهودي ڳالهہ آهي! هو ان ۾ بڇڙائيءَ ۽ وحشي پڻي ڪي، ان جي اجائي ۽ مڪريلي مُرڪ کي ان جي ڏڪاريل ۽ نفرت پريل ٻن مُنهن سميت ڏسي پئي سگهيو ۽ هن پاڻ کي ڇپو منهن ڪري اهڙيءَ طرح ڪِلڻ تي مجبور ڏٺو. ڪيس اهو سوال بہ ستائيندو رهيو تہ ڇا ان بوتي جا ٻئي مُنهن هڪ جهڙا هئا؟ ڇا هڪڙو مُنهن جنهن تي لڳل روغن ۾ سيرون سيرون پئجي ويون هيون ٻئي مُنهن کان ٿورو جدا نہ ٿي ڏٺو؟ اهو سراسر طنز ۽ ٺوڪ نہ هو؟ ڇا اهو ابوالهول جهڙو نہ هو؟ ۽ ان تي لڳل روغن جو رنگ خاص نہ هو؟ سائو ۽ نيرو ۽ پورو پر ڳاڙهو بہ — اهي سيئي رنگ هئا ان ۾، ۽ هن اڪثر انهن ئي رنگن کي ٻين شين جهڙوڪ دريءَ مان ايندڙ سج جي تڙڪي ۾ يا آلي فرش جي چلڪي ۾ ڳولهڻ شروع ڪيو هو.

هو ان رنگ تي ڪيترو وقت غور ڪندو رهندو هو، رات جو پڻ. هن کي اوچتو خيال آيو تہ اهو لفظ "روغن" ڪهڙو نہ عجيب، اوپرو بد آواز، اسچاتل ۽ سراسر نفرت جهڙو ٿي لڳو. هن ان لفظ جي ڇڪاس ڪئي ۽ هڪ ڀيرو تہ هن ان کي ابتو بہ ڪري پڙهي تہ ٿيو "نغور". ان لفظ کي اهو منحوس آواز ڪٿان مليو؟ هن کي ان لفظ "نغور" جي خبر هئي، پڪ سان جاڻ هئي: وڏي ڳالهہ تہ اهو خراب ۽ خصومت وارو لفظ پڻ هو: هڪ اهڙو لفظ جنهن جا نتيجا بڇڙا ۽ ستائيندڙ نڪري ٿي سگهيا. هو پاڻ کي ڪيتري وقت تائين ان سوال جي اذيت ڏيندو رهيو. نيٺ هن اهو ڳولي لڌو: "نغور" لفظ ڪيس اهو ڪتاب ياد ڏياريو جيڪو ڪيترا سال اڳ

ڪنهن سفر ۾ هن خريد ڪيو هو ۽ پڙهيو هو جنهن جي ڪري ڪيس خوف ٿيو هو پريشاني ٿي هئي؛ پر ان هوندي بہ هن کي هڪ ڳجهي ڪشش محسوس ٿي هئي. ڪتاب جو نالو هو "شهزادي نگار" – "نگار ۽ نغور": هر اها شيء جنهن جو ان ننڍي بوتي سان تعلق هو اها ڇڻ تہ لعنت هئي، هڪ عذاب هو – روغن، نيرو سائو ڇهري جي مُرڪ۔ جنهن مان غضبناڪ ۽ زهريلي دشمني ظاهر هئي ۽ سندس عزيز دوست اِرون ڪيس اهو بوتو هٿ ۾ ڏئي ڪيئن نہ ڪليو هو!

پنهنجيء سوچ جي ورچائيندڙ وهڪري کي روڪڻ لاء هن ڪيترائي ڏينهن پنهنجو پاڻ سان مقابلو ڪيو هو. ڪيس خطرو چتيء طرح سان ڏسڻ ۾ پئي آيو. هن ديوانو ٿيڻ نہ ٿي گهريو! نہ. ان کان بهتر تہ موت هو. ضرورت عقل جي هئي ۽ نہ زندگيء جي ۽ ڪيس محسوس ٿيو تہ شايد اهو جادو هو جيڪو ان بوتي جي ذريعي اِرون مٿس ڪيو هو ۽ اهڙين دهشتناڪ قوتن جي خلاف علم ۽ عقل جي حمايت ڪرڻ جي ڪري شايد ڪيس ٿي قرباني ڏيڻ لاء پنهنجو سر جهڪائڻو پوي. پر جيڪڏهن ايئن ٿيندو ۽ جيڪڏهن هو ان کي ممڪن سمجهي سگهيو ٿي، تہ پوء جادو نالي ڪنهن اهڙيء شيء جو وجود آهي، ڪو جنتر منتر آهي، نہ. ان کان تہ موت بهتر آهي!

هڪڙيء رات هو پنهنجيء نئين عادت مطابق سويل ئي وڃي هنڌ ۾ ستو پر بيچيني ۽ بيقراريء کان ننڊ نہ ڪري سگهيو. هن پاڻ کي بيمار ۽ ناچاق محسوس ڪيو. هن سوچڻ ويچارڻ ٿي گهريو. هن کي دل جو آرام کپندو هو. هن پاڻ سان ڪي جملا ڳالهائڻ گهريا ٿي؛ سٺا جملا، فرحت ڏيندڙ ۽ خاطري ڪرائيندڙ جملا: صاف، چٽا ۽ اطمينان ڏياريندڙ جيئن "ٻہ ڏون چار". پر هن جي ذهن ۾ ڪي بہ نہ آيو. البت تڏي دماغ واري حالت ۾ هن جي وات مان پاڻ مرادو ڪي آواز ڪي لفظ نڪتا، آهستي آهستي هن جي چپن تي ڪي لفظ آيا، ۽ ڪيترائي ڀيرا انهن جي معنيٰ سمجهڻ کان سواء هن پنهنجو پاڻ سان اهي ساڳيا ننڍڙا جملا ڳالهايا، جيڪي هن جي اندر مان نڪري ٿي آيا. هن پنهنجو پاڻ سان پٽڪيو. ڇڻ تہ اهو ڪيس موڳو ڪري ڇڏيندو ڇڻ تہ ان جي وسيلي هو هٿوراڙيون

ڏئي ننڊ تائين پهچڻ لاءِ پنهنجو گس ڳولي ڪيندو جيڪا ڪاؤنس نتائي ويئي هئي.

پر اوچتو هن جڏهن ڏاڍي ڳالهايو تڏهن جيڪي لفظ هن پڙڪيا، اهي سندس دل جي اونهائيءَ ۾ لهي ويا. هو اهي لفظ سمجهڻ لڳو. اهي لفظ هئا: "ها، هاڻي تون منهنجي باطن ۾ آهين!" هو هڪدم سمجهي ويو. هو انهن لفظن جو مطلب سمجهي ويو ـ اهي ان مئيءَ جي بوتي بابت هئا ۽ هاڻي رات جي ان بيگاهه وقت ۾ اها اڳ ڪئي لفظ به لفظ پوري ٿي، جيڪا اِرون ان پوائتي ڏينهن ڪئي هئي. اهو بوتو جنهن کي هن ان وقت ڏاڍي نفرت سان پنهنجي هٿ ۾ جهليو.هو هاڻي هن کان ٻاهر نه هو پر هن جي اندر ۾ هو! "چاڪاڻ ته جيڪو ظاهر ۾ آهي اهو ئي باطن ۾ به آهي."

هو ٽپ ڏئي اٿيو ۽ کيس ايئن محسوس ٿيو ته سندس رڳن ۾ باهه ۽ برف پئي ڊوڙي. دنيا هن جي چوڌاري پئي ڦري ۽ گرهن چريائپ وچان ڏانهس پئي نهاريو. هن جلدي جلدي ڪپڙا مٽايا، ڪمري جي بتي روشن ڪئي، گهر مان ٻاهر نڪتو ۽ آڌيءَ رات جو اِرون جي گهر ڏانهن ڊوڙندو ويو. اتي هن ان ڪمري جي دريءَ ۾ روشني ڏٺي، جنهن کي هو چڱيءَ طرح ڄاڻندو هو. گهر جو دروازو کليل هو. کيس لڳو ته اتي جي هر ڪا شيءِ سندس انتظار ۾ آهي. هو ڊوڙندو ڏاڪڻ چڙهڻ لڳو ۽ ٿڙندو ٿڙندو اِرون جي ڪمري ۾ ويو. هن ڏڪندڙ هٿن سان ميز کي جهلي پاڻ سنڀاليو. بتيءَ جي ٽِمندڙ روشنيءَ ۾ اِرون ميزجي پرسان ڪنهن ڳوڙهي سوچ ۾ ويٺو هو. هن جي مُنهن تي مرڪ هئي.

اِرون هن تي ٻاجهه ڀري نظر وڌي ۽ اٿي بيٺو "تون آيو آهين، تمام سٺو."

"ڇا توکي پڪ هئي ته آئون ايندس؟" فريڊرڪ پڙڪيو.

"مون ته ان وقت ئي سمجهيو هو جڏهن تون پاڻ سان منهنجي ننڍڙي سوکڙي کڻي ويو هئين. نيٺ ايئن ئي ٿيو جيئن مون توکي چيو هو؟"

"هائو ايئن ئي ٿيو" فريڊرڪ وراڻيو. "اهو بوتو منهنجي باطن ۾ ويهي رهيو آهي. هاڻي مون کان وڌيڪ سَٺو نه ٿو ٿئي."

"آئون تنهنجي مدد ڪريان؟" اِرون هن کان پڇيو.

”مون کي ڪا بہ خبر ڪانهي. توکي جيڪي وٽي سو ڪر. مون کي پنهنجي جادوءَ جي باري ۾ وڌيڪ ٻڌاءِ! مون کي ٻڌاءِ تہ اهو بوتو منهنجي باطن مان ڪيئن ٿو نڪري سگهي؟“

اِرون پنهنجي دوست جي ڪلهي تي هٿ رکيو. ڪيس هٿ کان وٺي هڪ آرام ڪرسيءَ ڏانهن هليو ۽ هن کي ان تي ويهاريو. پوءِ هن ڏاڍي سچائيءَ سان مرڪندي پاڻرن جيان فريڊرڪ سان ڳالهايو:

”اهو بوتو تنهنجي باطن مان نڪري ايندو. تون مون تي ڀروسو رک. تون پنهنجو پاڻ تي ڀروسو ڪر. تو ان تي يقين ڪرڻ سکيو آهي. هاڻي ان سان پيار ڪرڻ سک! اهو تنهنجي باطن ۾ آهي. پر اهو اڃا تائين مثل آهي. اهو تنهنجي لاءِ اڃا تائين ڀوت آهي. ان کي سجاڳ ڪر، ان سان ڳالهاءِ، ان کان سوال ڪر! چاڪاڻ ۔ اهو تہ تون پاڻ آهين! هاڻي ان سان وڌيڪ نفرت نہ ڪر. ان کان ڊپ نہ ڪر، ان کي اذيت نہ پهچاءِ ـ تون ان غريب بوتي کي ڪيترو نہ ڏکويو آهي، جيتوڻيڪ اهو تون پاڻ هئين! تو پاڻ کي ڪيتري نہ تڪليف ڏني آهي!“

”ڇا جادوءَ تائين پهچڻ جي اها ئي راهہ آهي؟“ فريڊرڪ پڇيو. هو ڪرسيءَ ۾ پيهي ويو ڄڻ تہ ڪراڙو ٿي ويو هجي. هن جو آواز جهيڻو هو.

”اها ئي راهہ آهي.“ اِرون وراڻيو. ”۽ شايد تو هڪ تمام ڏکيو قدم کنيو آهي. تو اهو تجربي جي ذريعي حاصل ڪيو آهي: ظاهر، باطن تي سگهي ٿو تون ٻين ضدن کان بہ ٻاهر هئين. اهو توکي دوزخ تي لڳو منهنجا دوست ڇاڻڻ گهر تہ اهو بهشت آهي! ڇاڪاڻ تہ بهشت ئي تہ تنهنجو منتظر آهي. ڏس، اهو ئي جادو بہ آهي، ظاهر ۽ باطن کي پاڻ ۾ بدلائڻ، زور زبردستيءَ سان نہ، نہ وري روحاني اذيت سان، جيئن تو ڪيو آهي، بلڪ بنا ڪنهن حجاب جي، راضي خوشيءَ سان. تون ماضيءَ کي سڏ، تون مستقبل کي سڏ، ٻئي تو ۾ موجود آهن! اڄ تائين تون باطن جو غلام هئين. ان کي پنهنجي قبضي ۾ رکڻ سک. اهو ئي جادو آهي.“

----

(اوپر يورپ)

# لعزر

لعزر لاڳيتو ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون قبر جي گهگهه اونداهه ۾ رهيو هو ۽ پوءِ موت جي ان اسرار پرئي ٻڪ مان جڏهن کيس ڇوٽڪارو مليو تہ هو پنهنجي گهر موٽي آيو. ان وقت هن ۾ اهي اسرار پريون ڳالهيون ڏسڻ ۾ ڪو نہ ٿي آيون. جن پوءِ ماڻهن ۾ ايترو خوف ۽ هراس پکيڙيو جو لعزر جو ذڪر ٻڌڻ شرط هنن کي ڏڪڻي وٺي ويندي هئي. پهرين تہ هن جا مٽ مائٽ ۽ دوست سيئي خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ ئي نہ ٿي ماپيا جو هو ٻيهر جي اُٿيو هو. اهي سڪ ۽ پيار وچان هن تان گهور گهور وڃڻ لڳا، دل کولي هن جي آجيان ڪيائون. هن کي سٺي ۾ سٺا ڪاڏا ڏنائون ۽ نوان ۽ سٺا ڪپڙا پارايائونس ۽ جڏهن تهڪن ۽ ڏکائتين خواهشن جي پاڇي ۾ هو نوان ۽ چمڪندڙ ڪپڙا پائي ڪاڏي جي ميز تي وڃي ويٺو ۽ اڳي وانگر ڪاڌو کائڻ ۽ پاڻي پيئڻ لڳو تہ مائٽن جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا ۽ هنن پنهنجن پاڙيسرين کي گهرائي چيو تہ، ”هن شخص کي ڏسو جيڪو معجزي جي ڪري ٻيهر جيئرو ٿيو آهي.“

پاڙيسري آيا ۽ هن کي ڏسي خوشي وچان جهمريون پائڻ لڳا. ان معجزي جي خبر ٻڌي هن جي زيارت ڪرڻ لاءِ اوسي پاسي ۽ پري پري جي ڳوٺن وستين ۽ شهرن مان ماڻهو آيا ۽ ميري ۽ مارٿا جي گهر جي چوڌاري ماکيءَ جي مکين وانگر يون يون ڪرڻ لڳا. ان ڪري اتي گهڻو هُل هنگامو ٿيڻ لڳو.

لعزر جي چرپر ۽ صورت شڪل ۾ جيڪا ڦير گهير ٿي رهي هئي ان جي باري ۾ ماڻهن ۾ ڏاڍي چُوپچُؤ هئي. اها سخت ڦير گهير گهڻي بيماريءَ ۽ موت جي ٿيڻ جي ڪري ٿي هئي. هڪ ڳالهہ پڌري هئي تہ مجزي جي ڪري هن جو مئل جسم ڳري وڃڻ کان ذري گهٽ بچي ويو هو. پر اهو جيئري جسم جهڙو بہ نہ هو. هن جي منهن ۽ جسم تي موت هڪ اهڙي تصوير جو نقش ڇڏي ويو هو جو جيڪو لڳو ٿي تہ ڄڻ ڪنهن

نقاش ڪا تصوير اڏ ۾ ٺاهي ڇڏي ڏني هجي. هن جي لؤنڊڙيءَ تي، هن جي اکين جي هيٺان ۽ سندس ڪڏون پيل ڳلن تي نير جهڙن نشانن جا تهہ ڄمي ويا هئا. هن جون آڱريون بہ نيريون ٿي ويون هيون ۽ هن جي ننهن جي هيٺان، جيڪي قبر ۾ وڌا ٿي ويا هئا، نيراڻ ايتري تہ گهاٽي ٿي ويئي هئي جو سرمائي پئي لڳي. هن جا چپ سڪي ٺوٺ ٿي ويا هئا ۽ هن جي بدن جي ڪل جنهن تي قبر ۾ ڦلوٽا پئجي ويا هئا، هر هنڌان ٺڙڪي ڦاٽي پئي هئي ۽ هن جي سڄي جسم تي اهڙا ڳاڙها ڳاڙها چير پئجي ويا هئا جن مان گندو پوڻ پي نڪتو. هو ڏاڍو بي ڍولو ٿي پيو هو ۽ سندس بدن ڦوڪجي ويو هو جنهن مان اهڙي ڌپ پئي آئي جو ساهہ منجهي ٿي ويو. پر مڙدن واري بوءِ جيڪا هن جي ڪفن ۽ بدن مان ٿي نڪي، اها جلد ئي ختم ٿي ويئي. هن جي هٿن ۽ منهن جي نيراڻ بہ گهٽ ٿيندي ويئي ۽ بدن جا ڳاڙها ڳاڙها چير بہ پرجي ويا. جيتوڻيڪ اهي پوريءَ طرح نہ پريا هئا، اها هئي لعزر جي ٻي حياتي.

لعزر جي رڳو منهن ۾ نہ پر هن جي سموري وجود ۾ ڦيرو اچي ويو هو. جڏهن جيئرو هو تہ ڏاڍو کلمک ۽ بي پرواهہ انسان هوندو هو. هو سدائين پيو مرڪندو ۽ ٽهڪ ڏيندو هو ۽ هر ڪنهن سان پيو چرچا پوڳ ڪندو. هو ان جي ڪري يسوع هن کي پيائيندو ۽ پسند ڪندو هو جو هو سهڻي سياءُ وارو نيڪ ۽ چرچائي شخص هو. ڪميڻپ ۽ نراسائيءَ کي تہ هو ڄاڻندو بہ ڪونہ هو پر هاڻي هو ڏاڍو ڳنڀير ٿي پيو هو. کيس ماٺ وڪوڙي ويئي هئي. هن جڏهن بہ ڳالهايو ٿي تہ سندس زبان مان نڪتل لفظ سادا ۽ معمولي ٿي لڳا. اهڙا لفظ جن جو نہ ڪو مفهوم هو ۽ نہ جن ۾ ڪا گهرائي هئي. جيڪڏهن ماڻهو پنهنجي سڄي ڄمار بہ اهڙا لفظ ڳالهائيندو رهي تہ ڪنهن کي بہ خبر نہ پوي تہ هن جي اندر ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڏک ۽ ڪهڙيون ڪهڙيون خوشيون لڪل آهن.

لعزر پنهنجن دوستن ۽ مائٽن جي ميڙ ۾ ڪاڏي جي ميز تي ويٺو هو. هن جو چهرو هڪ اهڙي لاش جو چهرو هو جنهن تي موت گهگهہ اونداهيءَ ۾ پورا ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون قبضو ڪيو ويٺو هو. هن جا ڪپڙا ڏاڍا قيمتي ۽ ڀپڪيدار هئا ۽ سونهري ۽ سرخ رنگن جي ڪري انهن تي

نظر بہ نہ ٿي بيٺي، پر سندس منهن تي مايوسي ۽ ماٺ پکڙيل هئي، هو اڳي جهڙو رهيو ئي نہ هو پر ڏاڍو عجب جهڙو پئي لڳو. ايئن ڇو ۽ ڪيئن ٿيو؟ هن جي ڇوڏاري ويٺل ماڻهن جون پيار ۽ محبت پريون گرم گرم نگاهون هن جي چهري ۾ ڪتل هيون جنهن تي اڃا تائين قبر جي ٽڏاڻ جو تهہ ڄميل هو. هڪڙي دوست جي گرم هٿ هن جي سوڻل نيري هٿ کي پئي ٿڦڪيو ۽ شرناءِ، سرود، پيانو جي گڏيل موسيقيءَ مان خوشيءَ جا نغما ڦٽي پئي نڪتا. ائين پئي محسوس ٿيو تہ ميري ۽ مارٿا جي خوشين ڀرئي گهر تي ماڪيءَ جي مکين جا مانارا ۽ طرح طرح جي پکين جا ولر اچي لٿا هئا.

(2)

هڪڙي شخص همت ڪئي. هن ماٺ جي مانڊاڻ کي ٽوڙي حقيقت کي بي نقاب ڪري ڇڏيو. هن پنهنجن ڇپن تي مرڪ آڻيندي پڇيو "لعزر نيٺ تون ڇو نہ ٿو ٻڌائين تہ هُن جهان ۾ توسان ڪهڙي ويڌن ٿي؟" پر هن ڄڻ تہ اهو سوال ٻڌو ئي نہ. ان سوال سڀني کي ماٺ ڪرائي ڇڏيو ۽ سڀئي واٽڙا ٿي ويا. سڀني جي ذهن ۾ اهو خيال هڪ ڀيرو وري پڙڪو ڏئي اٿيو تہ لعزر ٽي ڏينهن مڙدو ٿيو زمين ۾ پوريو پيو هو. ان سوال جو جواب ٻڌڻ لاءِ هنن ڏاڍي اڃرج وچان هن ڏانهن نهاريو. پر هن جا چپ ڄڻ تہ سبيا پيا هئا.

ساڳئي شخص وري پڇيو"اسان کي ڪونہ ٻڌائيندين. ڇا هوءَ دنيا ايتري خوفناڪ آهي؟"

هينئر بہ هن جو خيال سندس لفظن جي پٺيان ئي رهجي ويو. جيڪڏهن زبان تي لفظن جي اچڻ کان اڳ خيال ذهن ۾ اچي ها تہ هن کي هوند ان سوال ڪرڻ جي همت ئي نہ ٿئي ها، ڇاڪاڻ تہ جنهن ويل اهي لفظ هن جي زبان مان نڪتا، ان وقت هيبت ۽ دهشت وچان هن جي دل ٻڏي ويئي هئي. سڀئي ماڻهو ڏاڍا بي قرار هئا تہ لعزر جو جواب ڇا هوندو. پر هو ساڳيءَ طرح ماٺ ۾ هو ۽ هن جون اکيون زمين ۾ ڪتل هيون. هاڻي ماڻهن ڄڻ تہ ڀهريون ڀيرو ڏٺو تہ هن جي منهن تي خوفناڪ نيراڻ پکڙيل آهي ۽ هن جو بدن ڦوڪجي ڏاڍو بڇڙو ٿي پيو آهي. لعزر جو هٿ ميز تي اهڙيءَ طرح پيو هو ڄڻ تہ ڪيس ڪا خبر ئي نہ هئي تہ اهو ڪو

سندس ئي هٿ آهي. ماڻهن جون اکيون سندس هٿ تي ائين تہ ڄمي ويون ڄڻ تہ ان سوال جو جواب اهو هٿ ڏيندو. ڳائڻن تہ اڃا تائين پئي خوشي جا گيت ڳايا. پوءِ اوچتو هنن کي بہ ماٺ وٺي ويئي ۽ سندن گيت اهڙيءَ طرح ٻڌي ويا جيئن پاٽي پوڻ سان ٻرندڙ ڪوئلا سرڙاٽ ڪري وسامي ويندا آهن. شرناءِ، سرود ۽ پيانو جا سُر بہ ڏڪي ڏڪي ٽٽي پيا ۽ گيت آخري هڏڪي ڏئي مري ويا. پوءِ چوڌاري سانت جو راسو ٿي ويو.

ان شخص کان رهيو نہ ٿيو ۽ هن هڪ پيرو وري ڏڪندڙ آواز ۾ پڇيو "تون ڪونہ ٻڌائيندين اسان کي؟" چوڌاري ماٺ هئي ۽ لعزر جو نيرو هٿ چرڻ کان سواءِ اتي ئي پيو هو. ان ۾ توري ڏڪٽي پيدا ٿي ۽ هن توري آرام سان اکيون مٿي کنيون. لعزر جيڪو مرڻ کان پوءِ وري جيئرو ٿيو هو سيني کي پنهنجي خوفناڪ ۽ پوائتي نگاهہ سان تڪ ٻڌي گهوري رهيو هو.

اڄ لعزر کي قبر مان ٻاهر نڪتي ٽيون ڏينهن ٿيو هو. ان وقت کان وٺي هاڻي تائين ڪيترن ئي محسوس ڪيو تہ هن جي نگاهن ۾ نحوست ۽ تباهي لڪل آهي. پر ڪو بہ هن جي اکين جي ڪارين پتلين جي اونهائيءَ ۾ ويئل دهشت کي بيان ڪرڻ جي همت ساري نہ سگهيو. انهن ۾ اهي ماڻهو بہ شامل هئا، جيڪي هن جي نظر جو شڪار ٿيا ۽ اهي بہ جيڪي جوانيءَ جي جوش ۾ هن جي نظر جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار هئا. لعزر بنهہ ماٺ ڪيو وينو هو. هن ڪا بہ چرپر نہ ٿي ڪئي ۽ لڳو ٿي تہ هن ڪا بہ ڳالهہ لڪائڻ نہ ٿي گهري. پر ساڳئي وقت اهو بہ محسوس پئي ٿيو تہ هو ڪا بہ ڳالهہ ٻڌائڻ لاءِ تيار نہ هو. هن جي نظرن ۾ خوفناڪ بي پرواهي هئي، ڄڻ تہ هو سيني زندهہ شين کان بي نياز ۽ مٿانهون هو. هن جي چوڌاري ڪيترن ئي ماڻهن هڪ ٻئي کي ڌڪا ۽ ٺيلها پئي ڏنا، ايتري قدر جو ڪين لعزر جو بہ خيال نہ رهيو. پر پوءِ جڏهن ڪين خبر پئي تہ اهو ٿلهو ماڻهو جيڪو چمڪندڙ شوخ رنگ وارا ڪپڙا پايو ماٺ ڪيو وينو هو لعزر آهي، تہ هنن کي ڏاڍو عجب لڳو ۽ ڊپ وچان هنن جون دليون ڏڪڻ لڳيون. هن جي نگاهہ جي اثر کان ائين نہ ٿيو تہ سج چمڪڻ ڇڏي ڏنو يا پاڻيءَ جو ڦوهارو هلندي هلندي بيهي رهيو. اوپر پاسي آسمان بہ هميشہ جيان صاف ۽ نيرو هو پر جيڪو ماڻهو بہ هن جي اسراسر پري نگاهہ جي

ڪنڌيءَ ۾ ڦاسي تي ويو اهو نہ چمڪندڙ سج کي ڏسي تي سگهيو نہ ٺهڪڙا ڏيندڙ ڦوهاري جو آواز ٻڌي تي سگهيو ۽ نہ پنهنجي مٿان آسمان کي سجائي تي سگهيو. لعزر جي نگاهہ جي ماريل ماڻهو ڏاڍي پيڙا هيٺ دانهون ڪوڪون تي ڪيون، ڪڏهن تہ هن پنهنجا وار تي پٽيا ۽ ڪنهن ڳجهي عذاب ۾ ڦٿڪي رڙيون ڪري ماڻهن کي سڏيو تي پر ماڻهو تہ پنهنجي ئي اندر ۾ گهٽبا رهيا. سندن ساهہ ٻوساٽبو رهيو ۽ اهڙيءَ طرح ڇُڙي ڇُڙي ويڳاڻا تي ڪري تي پيا ۽ مري تي ويا.

ان شخص ٽيون ڀيرو پڇيو "لعزر، تون هُن جهان ۾ جيڪو ڏٺو اهو اسان کي ٻڌائيندي؟" هاڻي هن جو آواز ٿورو جهڪو هو ۽ هن جي اکين مان هڪ مٺل ۽ ويران بيزاري ليئا پئي پاتا. جيڪا هڪ لڙاٽ وانگر اتي ويٺل ماڻهن جي مٿان پکڙجي ويئي. اهي موڳا تي هڪ ٻئي کي گهورڻ لڳا. هنن ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو ۽ ماٺ ميٺ ۾ اتان کسڪي وڃڻ جو خيال ڪيو. پر ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ بہ هو ان سستي ۽ ڪاهلي مان پاڻ ڇڏائي نہ سگهيا. جيڪا سندن رڳ رڳ ۾ ويهي رهي هئي. پوءِ جڏهن رات جي ماڻڻ هر طرف پکڙجڻ لڳي ۽ ماڻهن کي ساهہ کڻڻ ۾ ٿوري سولائي ٿي، تڏهن هُنن وري لعزر کي اچرج ۽ غور سان ڏٺو. هن جو نيرو چهرو هڪ لاش جو چهرو هو هن جو لباس چمڪندڙ ۽ قيمتي هو ۽ هن جي اکين ۾ ساڳئي بي رحمي ۽ دهشت ويٺل هئي، جنهن جي اونهائين مان ٻئي جهان جي وحشت ليا ڪا پئي پاتا. سيئي ماڻهو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي پنڊ پهڻ ٿيا ويٺا هئا. چوڏاري رات جي اونداهي پکڙجي ويئي هئي، جنهن ۾ هڪ پوائتو چهرو، هڪ اهڙو جسم چمڪي چلڪي رهيو هو جيڪو ٽن ڏينهن تائين ·موت جي زبردست ۽ هيبت ناڪ طاقت جي چنبي ۾ ڦاٿل رهيو. هو ٽن ڏينهن تائين قبر ۾ مڙدو ٿيو پيو هو ٽن ڏينهن تائين ٻارڙن رانديون رهيون هيون، ٻهاڙن ۽ ٺڪرين کي پاڻي چيريندو هيٺ ندين ۽ درياهن ۾ لٿو هو رستن تي مٽيءَ جا تهہ جمي ويا هئا ۽ هو قبر ۾ مڙدو ٿيو پيو هو. پر هينئر هو جيئرن جي جهان ۾ هو هن جيئرن کي ڇهيو ٿي. هنن ڏانهن ڏٺو ٿي، سچ پچ هنن ڏانهن ڏٺو ٿي ۽ هن جي اکين جي ڪارين پتلين، جن جي اونهائين ۾ ٻئي جهان جي هيبت لڪي پئي هئي، هڪ خوفناڪ ۽ عجيب نگاهہ سان انسان ذات کي پئي گهوري ڏٺو.

(3)

لعزر جي سنڀال ڪنهن بہ نہ ڪئي. ڪو بہ مائٽ، ڪو بہ دوست هن جي ويجهو نہ ٿي آيو. رڳو بيت المقدس جي چوڏاري پکڙيل ۽ ڪشادو رڻ هن جي گهر جي ڏيڏيءَ تائين هو. هن جي گهر ۾ اچڻ جي همت رڳو رڻ جي واريءَ ڪي هئي. رڻ ڪنهن گهر ڏياڻيءَ جيان ڏاڍي بي پرواهيءَ سان هن جي ڪرسي تي ليٽي ٿي پيو ۽ ٻرندڙ ڪوئلن ۽ ٽمڪندڙ ڏيئن کي وسائي ٿي سگهيو. لعزر جو خيال ڪنهن بہ نہ رکيو. ايتري قدر جو سندس سڳيون ڀينرون ميري ۽ مارٿا بہ هن کي ڇڏي هليون ويون. مارٿا ڪي ڏينهن اتي رهي بہ هئي، پر هوءَ سچو ڏينهن خوف ۾ وڪوڙي پئي هوندي هئي ۽ دعائون پئي گهرندي هئي. پر هڪڙي رات جڏهن رڻ جي سيني مان تيز هوائن جا خوفناڪ ۽ ڀوائتا سرڙاٽ پئي! ٿيا، تڏهن هوءَ ماٺ ميٺ ۾ گهر مان ٻاهر نڪري ويئي. لعزر شايد دروازي جي زور سان بند ٿيڻ جو آواز ٻڌي ورتو هو ۽ چڱيءَ طرح سان بند نہ ٿيڻ جي ڪري دروازي جي طاقن جي ڪڙ ڪڙ جو آواز چٽو پئي آيو. پر هو پنهنجي جاءِ تان ٻنهہ نہ چريو نہ ٻاهر نڪتو ۽ نہ وري هن دروازي جي ڪڙڪي ڏانهن ڪو ڌيان ڏنو. ساري رات هن جي مٿان سرو جي وڻن مان سوساٽ پئي نڪتا ۽ دروازي جا طاق پئي کليا ۽ بند ٿيا. ساري رات رڻ جي برف جهڙي ٿڌي واري کليل دروازي مان گهر اندر ايندي رهي. هر ڪو هن کان اٿين ٿي پري ڀڄو جڻ تہ هو ڪوڙهہ جو مريض هجي. ماڻهن تہ اهو بہ سوچيو هو تہ هن جي ڳچيءَ ۾ گهنبڙي ٻڌي ڇڏجي تہ جيئن هن جي اچڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ۽ ماڻهو هن کان پاسو ڪرڻ لاءِ لڪي وڃن. اها ڳالهہ ٻڌي هڪ شخص ٻپ وچان ڏڪندي چوڻ لڳو. "ڀائرو جڏهن رات ٿيندي ۽ هن جي گهران سندس ڳچيءَ ۾ ٻڌل گهنبڙيءَ جا ڀوائتا آواز ٻڌڻ ۾ ايندا تڏهن اوهين ڇا ڪندؤ؟"

ٻپ وچان ٻاڙيسري ٻارن جي هٿان هن ڏانهن ماني ڏياري موڪليندا هئا. ٻار نہ هن کان ڊڄندا هئا ۽ نہ وري هن کي ستائيندا هئا. ٻارن کي تہ ڪا بہ پرواهہ نہ هوندي هئي. لعزر بہ هنن ڏانهن ڪو نہ نهاريندو هو. هن ڪڏهن بہ نہ ٻارن جي ننڍڙن ننڍڙن هٿن کي ڇهيو ۽ نہ وري هنن جي معصوم اکين ۾ چتايو. هن جو گهر رڻ جي بي رحم واريءَ سان لٽبو

رهيو. هن جي پيڪيدار ۽ شوخ لباس جو رنگ ڦڪو ٿي ويو ۽ اهو ليڙون ليڙون ٿي ويو ۽ هن جي منهن تي وارن جو ڇار پکڙجي ويو.

سج پنهنجي تيز ۽ ساڙيندڙ شعاعن ۾ هر جيو جنٽي کي جڻ تہ ساڙيندو رک ڪندو رهيو پر لعزر پنهنجي ڪنڊريل ڏاڙهي واري نيري منهن کي سج ڏانهن ڪيو سڄو ڏينهن چيچلائيندڙ آس ۾ ويٺو هوندو هو. نيٺ ماڻهن کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي تہ قبر ۾ ٽي ڏينهن رهڻ جي ڪري هن کي ايتري تہ ٿڌ لڳي ويئي آهي ۽ اتي ايتري تہ اونداهہ هئي جو زمين تي ڪٿي بہ ايتري گرمي ڪانهي جيڪا لعزر جي جسم کي گرم ڪري سگهي ۽ اهڙي روشني ڪانهي جو هن جي اکين ۾ پيهي ويل اونداهہ کي ٽڙي ٻاهر ڪڍي سگهي. وري جڏهن ٻرندڙ سج شام ڏاري لهڻ وارو هوندو هو تہ لعزر گهر مان نڪري رڻ ۾ ويندو هو ۽ سج ڏانهن اهڙي طرح وڌندو ويندو هو جڻ تہ ان کي جهٽڻ جا جتن ڪندو هجي. هو سڌو سج ڏانهن ويندو هو ۽ ماڻهو اهو ڏسڻ لاءِ هن جي ڪڍ لڳندا هئا تہ هو شام جو رڻ ۾ ڇا ٿو ڪري. پر پري پري تائين پکڙيل سرخ روشنيءَ جي پس منظر ۾ هڪ سگهاري ۽ ڊگهي ماڻهوءَ جو ڪارو پاڇولو هنن جي ذهنن تي هميشہ هميشہ لاءِ نقش ٿي ويندو هو ۽ اهي رات جي دهشت ناڪين کان ڌهلجي پٺجي ايندا هئا. ان پوائتي پاڇولي جو نقش هنن کي ڦٽڪائيندو ۽ تڙپائيندو رهندو هو.

پري پري جي ماڻهن اڃان لعزر کي ڪو نہ ڏٺو هو پر هن جي باري ۾ هنن عجب جهڙيون ڳالهيون ضرور ٻڌيون هيون. ڪي ماڻهو ڊچندي ڊچندي پر همت ڪري هن کي ڏسڻ ايندا هئا ۽ هن سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. لعزر نتهڻ آس ۾ ويٺو هوندو هو. هاڻي هن جي ظاهري حالت گهٽي ڦري ويئي هئي ۽ سندس منهن تي اها اڳوڻي هيبتناڪي نظر ڪين ٿي آئي. هن کي ڏسندي ئي پهرين تہ انهن اوپرن ماڻهن کي ڏنڌين آڱريون اچي ويندڙيون هيون ۽ اهي ان پاڪ شهر جي پورڙن ماڻهن تي هزارين لعنتون وجهندا هئا پر جڏهن لعزر سان سندن ٿوري ڳالهہ ٻولهہ ٿي ويندي هئي ۽ اهي جڏهن پنهنجن گهرن ڏانهن موٽندا هئا، تڏهن هنن جي ڏريل حالت کي ڏسي پاڪ شهر جا رهاڪو سمجهي

ويندا هئا تہ ڇا ٿيڻ وارو آهي ۽ هڪ ٻئي کي چوندا هئا. "ڀاڻرو ڏسو لعزر تہ هنن ڇرين ڏانهن بہ ڏٺو آهي."

لعزر کي ڏسڻ لاءِ ٻيا بہ ڪيترائي اوپرا ماڻهو آيا. انهن ۾ اهي جهونجهار جنگي جوان بہ هئا جن جي جسمن تي زرهون پيل هيون ۽ جن ڪڏهن بہ ڊپ ۽ خوف جو نالو بہ نہ ٻڌو هو ٻيا وري اهڙا چرچائي ۽ بي پرواهہ جوان بہ هئا جيڪي هر وقت ٻين کي پيا چرچا هڻندا هئا. وڏا وڏا سوداگر وري پنهنجا ڪيسا پئسن سان ڀري ٿي آيا. وڏا مغرور ۽ هٺيلا سرڪاري ڪامورا بہ آيا ۽ لعزر جي گهر جي دروازي تي پنهنجن خدمتگارن کي ويهاري اندر ٿي ويا پر ڪو بہ شخص جنهن نموني سان ايندو هو اهڙي طرح سان واپس نہ ويندو هو. اهڙن ماڻهن جي روحن تي دهشت ۽ هيبت جو هڪ نہ لهندڙ تهہ چڙهي ٿي ويو ۽ هنن لاءِ هيءَ چاتل سڃاتل دنيا ڪنهن ٻي دنيا ۾ بدلجي ٿي ويئي.

لعزر جي نگاهن جو شڪار ٿي ويل ماڻهن مان جيڪڏهن ڪنهن ڳالهائڻ گهريو ٿي تہ ان پنهنجي باطني ۽ ظاهري ڦير گهير کي هن ريت بيان ٿي ڪيو:

"اهي سيئي شيون جيڪي اکيون ڏسن ٿيون ۽ هٿ محسوس ڪن ٿا. ايتريون خالي، هلڪيون ۽ بي صورت ٿي وڃن ٿيون، جيئن گهگهہ اونداهہ ۾ هلڪا هلڪا پاڇا ڏڪندا ۽ ٿڙڪندا هجن. اها گهگهہ اونداهہ سڄي ڪائنات تي ائين تہ پکڙجي وڃي ٿي جو نہ تہ سج ان جي ٿلهي تهہ کي ٽوڙي سگهي ٿو ۽ نہ چنڊ ستارا. اها گهگهہ اونداهہ زمين کي اهڙيءَ طرح ٻڪ ۾ جهليو ويٺي آهي جيئن ڪا ماءُ پنهنجي ٻار کي جهلي ويهي. زمين جي چهري تي اونداهو نقاب پيل آهي."

"ان اونداهہ ۽ پولار ۾ وڪوڙيل انسان ان لامحدود ذات جي هيبت کان ائين ڏڪي رهيو آهي، جيئن ڪا نرم نازڪ ٽاري تيز هوا ۾ ڏڪندي آهي."

جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي چوڻ ٿي گهريو تہ هن اهي ئي ڳالهيون ٿي ڪيون. پر شايد اهي ماڻهو انهن کان بہ وڌيڪ ڳالهيون ٻڌائي ٿي سگهيا ۽ ڪين چاڻ هئي، جن ڳالهائڻ نہ ٿي گهريو ۽ جيڪي ماٺ ميٺ ۾ هميشہ هميشہ جي لاءِ ماٺ ٿي ويا هئا.

(4)

ان زماني ۾ روم شهر ۾ هڪ مشهور بت تراش رهندو هو. جنهن جو نالو آريليس هو. مٽي، سنگمرمر ۽ ڪنجهي مان هو ديوتائن ۽ انسانن جا اهڙا تہ خوبصورت بوتا تخليق ڪندو هو جن جي حسن تي ماڻهو حيران ٿيندا هئا پر ڪيس پنهنجي فن مان پوري خوشي نہ ملندي هئي. هو چوندو هو "مون اڃا تائين چنڊ جي چانڊوڪي گڏ نہ ڪئي آهي. آئون اڃان تائين سج جي تجلي کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي نہ سگهيو آهيان. منهنجن سنگمرمر جي بوتن ۾ روح ڪونهي، ڪنجهي جي بوتن ۾ زندگي ڪانهي." ۽ رات جو جڏهن هو چانڊوڪيءَ ۾ ڏڪهن ڏڪهن وڻن جي ڪارن ڪارن پاڇولن جي وچ مان لنگهندو هو تہ ماڻهو کيس کيڪاريندا هئا ۽ پڇندا هئا تہ "آريليس، چانڊوڪيءَ کي ميڙڻ آيو آهين ڇا. اڙي تو وٽ تہ ڇٻي بہ ڪانهي. رکندين ڪٿي؟"

اهو ٻڌي هو مرڪي ڏيندو هو ۽ پنهنجين اکين ڏانهن اشارو ڪري چوندو هو. "يارو هي آهن منهنجون ڇٻيون. آئون چنڊ جي چانڊوڪي ۽ سج جو سوجهرو انهن ئي ڇٻين ۾ سنڀالي رکندو آهيان."

۽ اها حقيقت بہ هئي تہ هن جي اکين ۾ چنڊ جهڙو چمڪو ۽ سج جهڙو سوجهرو هو. پر سندس ٺاهيل بوتن ۾ اهي ٻئي شيون ڪو نہ هيون. اها هن جي بدنصيبي پڻ هئي. هو روم جي پراڻي خاندان جي نسل مان هو. دولتمند، خوبصورت زال جو مڙس ۽ ڪيترن ئي ٻارن جو پيءُ، وٽس هر ڪا شي هئي، پر هو اداس ۽ غمگين هو.

هن جڏهن لعزر جي باري ۾ عجيب افواهہ ٻڌا، تڏهن معجزي سان جيئرو ٿي اٿندڙ ان شخص کي پنهنجي اکين سان ڏسڻ لاءِ هڪ ڏکي سفر ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو. هن پاڻ بہ موت تي سوچيو ويچاريو هو. کيس موت جي ڳالهہ اصل نہ وڻندي هئي. سندس خيال هو تہ هڪ طرف هيءَ خوبصورت ۽ پياري زندگي آهي ۽ ٻئي پاسي پراسرار موت آهي. اهو ماڻهو ڪيترو نہ خوش نصيب آهي، جيڪو زندگيءَ کي پسند ڪري ٿو جئي ٿو جيئڻ جا مزا ماڻي ٿو. هن دل ئي دل ۾ چيو تہ آئون لعزر کي بہ اها ڳالهہ مڃائيندس ۽ جهڙيءَ طرح هن جو جسم جيئرو ٿي ويو آهي،

اهڙي ريت هن جي روح کي بہ زندهہ ڪندس. لعزر جي باري ۾ ماڻهو جيڪي ڳالهيون ڪن ٿا، اهي سڀئي سچيون ڪونهن.

اهو رئيس رومي فنڪار هڪڙي شام جو جڏهن پنهنجي هٿياربند ٻانهي سان اتي پهتو تڏهن لعزر هڪڙي پٿر تان اٿي لهندڙ سج ڏانهن وڃڻ لڳو. فنڪار ڏاڍي اُڪير مان هن جو نالو وٺي سڏ ڪيو.

لعزر پنتي مڙي هن ڏانهن نهاريو. هن جي اڳيان هڪ هٽيلو ۽ حسين شخص بيٺو هو. جنهن جو منهن ڀهڪي رهيو هو ۽ جنهن جو قيمتي لباس بہ جرڪيو پئي. لعزر کي لڳو تہ سج جا ڳاڙها ۽ اڇا ڪرڻا چڙ تہ ڪنهن ڪنجهي جي بت جي مٿي ۽ منهن تي پئي پيا. هو هڪ عجب بي نيازي سان ان پٿر تي وڃي ويٺو ۽ ورچندي هن پنهنجيون اکيون هيٺ ڪري ڇڏيون.

رومي فنڪار پنهنجي سوني زنجيريءَ ۾ آڱريون ڦيرائيندي آهستي چيو "لعزر، ائين برابر آهي تہ تون خوبصورت ڪونہ آهين ۽ منهنجا دوست، اها ڳالهہ بہ صحيح آهي تہ توکي ڏسي ماڻهو ڊڄي وڃن ٿا. ڏاڍو سنو ٿيو جو موت توکي پنهنجي چنبي ۾ سوگهو جهلي وري ڇڏي ڏنو ۽ ان جي ڪري تون سانداري وانگر ڦوڪجي ويو آهين. پر اهو پڻ ياد رکہ تہ ٿلها ماڻهو دل جا خراب نہ هوندا آهن. ان ڪري آئون سمجهي نہ ٿو سگهان تہ ماڻهو توکان ايترو ڊڄن ڇو ٿا. هاڻي جيڪڏهن تون اجازت ڏين تہ آئون هڪ رات تو وٽ رهان. هينئر گهڻي دير ٿي ويئي آهي ۽ ڪنهن ٻئي هنڌ رهڻ لاءِ ڪا جاءِ بہ نہ ٿي سجهيم."

اڳي تہ ڪنهن بہ ماڻهوءَ لعزر سان گڏ رات گذارڻ جي ڳالهہ نہ ڪئي هئي. لعزر وراڻيو "مون وٽ نہ کٽ آهي نہ هنڌ." روميءَ چيو "آئون هڪ سپاهي آهيان. هنڌ ۽ کٽ کان سواءِ بہ سمهي سگهان ٿو. ليٽي يا ويهي بہ رات گذاري سگهان ٿو باهڙي بہ ٻاري ويهنداسين."

"مون وٽ باهہ ڪانهي."

"باهہ نہ آهي تہ ڇا ٿيو. پاڻ ٻئي اونداهہ ۾ بہ ڳالهيون ڪنداسين. شراب تہ هوندو تو وٽ؟"

"مون وٽ شراب ڪونهي."

رومي فنڪار کلي ڏنو. ”هاڻي مون سمجهيو ان ڪري تـ تون ويڳاڻو ۽ ڏکارو رهين ٿو. لعزر شراب ڪونهي تـ ڇا ٽيو پاڻ شراب کانسواءِ رات گذاريندا سين. توکي تـ خبر آهي تـ ڪن ماڻهن جي ڳالهين ۾ شراب کان بـ وڌيڪ گرمي هوندي آهي.“

لعزر ڪو بـ جواب نـ ڏنو.

رومي فنڪار وري چيو ”لعزرهاڻي تنهنجو مهمان آهيان. ان ڪري تون مون سان اهڙو ئي ورتاءُ ڪندين، جو تـ مهمان نوازي انهن ماڻهن تي بـ واجب آهي جيڪي ٽي ڏينهن قبر ۾ رهيا هجن. مون ٻڌو آهي تـ تون بـ ٽي ڏينهن هُن دنيا ۾ رهيو آهين. اتي تـ ڏاڍي ٿڌ هوندي لعزر...... ۽ هيءَ روشني ، گرمي......“

اوچتو سج لهي ويو. هڪ خوفناڪ ۽ پوائتو ڪارو پاڇولو اولهـ پاسي کان ڊوڙندو آيو. لڳو ٿي تـ واريءَ تي ڳرا ۽ اگهاڙا پير ٺڪ ٺڪ ڪندا پئي آيا. جن جي پٺيان ٿڌي هوا بـ هئي.

”لعزر اوندهـ ۾ تـ تون ويتر وڏو ٿو ڏسجين. توبهـ، ڪيتري نـ گهگهـ اونداهـ آهي، مون کي تـ سيءُ بـ پيو لڳي. هت تـ ڏاڍي ٿڌڪار آهي. تون مون کي ايترو غور سان ڇو پيو ڏسين لعزر؟“

سموري مانداڻ تي رات جي پوائتي ڪاراڻ پکڙجي ويئي.

”صبح جو جڏهن سج ايرندو تـ ڪهڙو نـ سٺو لڳندو. تو کي خبر آهي لعزر تـ آئون هڪ وڏو فنڪار آهيان. ٿڌي ۽ بي جان سنگمرمر ۾ زندگي ڦوڪيندو آهيان. آئون تخليق ڪندو آهيان. خالق آهيان پر منهنجي تخليق جي لاءِ سج جي روشني ۽ گرمي ضروري آهي. اڙي، تو مون کي هٿ ڇو لاتو لعزر.“

”هل مون سان.“ لعزر چيو ”تون منهنجو مهمان آهين.“

پوءِ گهر اندر هليا ويا ۽ رات جي ڪاراڻ ويتر وڌي ويئي.

رومي فنڪار جو نوڪر ساري رات پنهنجي مالڪ جي انتظار ۾ گهر جي دروازي وٽ ويٺو هو. صبح جو سج نڪتو تـ هن ڏٺو تـ لعزر ۽ سندس مالڪ سج جي ساڙيندڙ اُس ۾ گڏ ويٺا آهن. ٻنهي ماٿ ڪيو نوڪر ڏانهن پئي نهاريو.

نوڪر روئي ڏنو ۽ دانهن ڪري چوڻ لڳو "منهنجا مالڪ توکي ڇا ٿي ويو؟"

آريليس ان ڏينهن ئي روم هليو ويو. رستي ۾ هن هر شيءِ کي هر ماڻهوءَ کي جهاز کي، سمنڊ کي ائين اکيون ڦاڙي پئي ڏٺو ڄڻ ڪنهن ڳالهه کي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هجي. هن کي ماٺ وڪوڙي ويئي هئي.

آريليس جڏهن پنهنجي گهر پهتو ته سندس اها حالت ڏسي گهر وارن ۽ دوستن کي ڏاڍو ڏک ٿيو پر هن آڱر چپن تي رکي هنن کي ماٺ ڪرائيندي رڳو ايترو چيو "مون حقيقت کي ڳولي لڌو آهي."

پوءِ آريليس ڪا به شي تخليق نه ڪئي. هاڻ هو پنهنجن ناهيل سنگمرمر ۽ ڪنجهي جي بوتن کي ڏاڍي بي پرواهيءَ ۽ بي زاريءَ سان ڏسندو هو سندس دوست هن جي تخليقي امنگن کي اڀارڻ جي اميد ۾ هن کي ٻين جون ناهيل خوبصورت شيون ڏيکاريندا هئا پر هو ڏاڍي بيزاريءَ سان انهن کي ڏسي منهن ڦيرائي ڇڏيندو هو ۽ دوستن جي زور رکڻ تي رڳو ايترو چوندو هو ته. "سڀ ڪوڙ آهي، نسورو ڪوڙ." -

(5)

نيٺ هڪڙي ڏينهن روم جي شهنشاهه سيزر لعزر کي روم گهرايو.

ماڻهن لعزر جو پراڻو ۽ ڦاٽل لباس لاهي هن کي هڪ شاندار ۽ قيمتي لباس پارايو. بادشاهه جي ماڻهن منادي ڪئي. خوف وچان ماڻهو پنهنجن گهرن ۾ لڪي ويا. رستا ويران ۽ خالي خالي ٿي ويا.

لعزر جيڪو مرڻ کان پوءِ معجزي سان جيئرو ٿي اٿيو هو. ان جو نالو ٻڌندي ئي ماڻهن ۾ ڏاڪوڙو ٿي پئجي ويو. سپاهي انهن خالي رستن تان توتاڙا وڄائيندا لعزر کي پاڻ سان سامونڊي جهاز ۾ چاڙهي روم وٺي ويا.

روم شهر جي اميرن ۽ ارڏن ماڻهن پهرين ته لعزر کي هڪ ڪمزور ماڻهو سمجهيو هو پر هن کي ڏسندي ئي هنن جا حوصلا هارجي ويا. هنن جي چوڌاري هڪ اهڙي ڀوائتي دهشت پکڙجي ويئي، جنهن جو کين گمان ئي نه هو. وڏا وڏا بهادر دانا، عالم، لعزر جي ويجهو آيا. جن هن تي پنهنجو اثر وجهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جيئن ئي لعزر اکيون مٿي کڻي هنن ڏانهن نهاريو ته هنن جا حوصلا هارجي ويا ۽ اهي ڀانيولجي واٺڙن وانگر

تڙي پکڙجي ويا. ڪن اميرن کي وري اها ڳڻتي اچي ٿي تہ ڪٿي لعزر جو نحس پاڇو شهنشاهہ تي اثر نہ ڪري.

لعزر کي شاهي محل ۾ آندو ويو پر اتي جي شان شوڪت جو هن تي ذرو بہ اثر نہ ٿيو. هو ڏاڍي بي پرواهي ۽ بي نيازيءَ سان اڳتي وڌندو ويو. درٻارين ۽ اميرن هن جي ڳرن قدمن جو آواز ٻڌي پنهنجا منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيا.

شهنشاهہ سيزر کي سموري ڄاڻ هئي تہ لعزر ڪير هو ۽ ماڻهو هن کان ايترو خوف ڇو ٿا ڪن. هو لعزر سان ملاقات ڪرڻ لاءِ تيار ويٺو هو. سيزر هڪ دلير ۽ بي ڊپو انسان هو. هن کي پنهنجي طاقت ۽ حشمت جي پوري ڄاڻ هئي. لعزر سان ملاقات ڪرڻ لاءِ جيڪو ٽي ڏينهن قبر ۾ پوريو پيو هو ۽ معجزي سان جيئرو ٿي اٿيو هو هن کي ڪنهن بہ ٻئي ماڻهو جي مدد جي حاجت نہ هئي، سيزر لعزر جي اکين ۾ اکيون وجهي هن سان مليو.

سيزر حڪم ڪندي چيو "لعزر، مون کي تون اهڙي طرح نہ ڏس، مون کي ٻڌايو ويو آهي تہ تون جنهن کي ڏسين ٿو اهو پٿر پاهڻ ٿيو وڃي. پر آئون پٿر ٿيڻ کان پهرين توکي چڱيءَ طرح ڏسڻ گهران ٿو ۽ ٽي گهڙيون توسان کلي ڳالهائڻ گهران ٿو."

پوءِ سيزر ويهي رهيو ۽ هن کي چوڻ لڳو "تو مون کي سلام ڇو نہ ڪيو؟"

"سلام ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ هئي." لعزر بي پرواهيءَ سان وراڻيو.

"ڇا تون عيسائي آهين؟"

"نہ".

"تمام سٺو." بادشاهہ کي هن جو جواب وڻيو. "آئون عيسائين کي اصل پسند نہ ڪندو آهيان. اهي زندگيءَ جي ميويدار وڻ کي اهڙو تہ ڌونڌاڙين ٿا. جو وري ان ۾ ميوو ئي نہ ٿو ٿئي؛ اهي ماڻهو ان وڻ جون ننڍڙيون ننڍڙيون خوشبودار مکڙيون ٽڪي انهن کي مهٽي بي درديءَ سان اڇلائي ٿا ڇڏين. ڀلا تون جيڪڏهن عيسائي نہ آهين تہ پوءِ ڪير آهين؟"

"آئون مري ويو هوس." لعزر ٿوري ڪوشش ڪندي وراڻيو.

"اهو تہ آئون بہ ڄاڻان ٿو پر تون آهين ڪير؟"

لعزر ڏاڍو آهستي ۽ بي ڌيانيءَ سان جواب ڏنو "آئون مري ويو هوس."

"هائي پڌ. اي اوپرا انسان." شهنشاهہ هڪدم چيو. هن جي زبان مان هينئر اهي سيئي ڳالهيون نڪرڻ لڳيون، جيڪي هن پنهنجي ذهن ۾ روڪي رکيون هيون. "منهنجي بادشاهت جيئرن جي دنيا آهي. منهنجي قوم مردن جي نہ پر زنده ماڻهن جي قوم آهي. ان ڪري منهنجي بادشاهت ۾ تنهنجي وجود لاءِ ڪا بہ جاءِ ڪانهي. مون کي خبر نہ آهي تہ تون ڪير آهين، تو هُن جهان ۾ ڇا ڏٺو آهي. جيڪڏهن تون ڪوڙو آهين تہ مون کي تنهنجي ڪوڙ کان نفرت آهي. جيڪڏهن تون سچو آهين تہ بہ تنهنجي سچ کان مون کي نفرت آهي. مون کي هتي جي هر ڳالهہ کان، پوءِ اها سچ هجي يا ڪوڙ نفرت آهي. مون کي رڳو ايتري خبر آهي تہ منهنجي دل جي ڌڙ ڌڙ زندگيءَ جي موجودگي جو ثبوت آهي. مون کي خبر آهي تہ منهنجا هٿ تمام طاقتور آهن. منهنجا خيال عقاب پکي وانگر آسمان تي اڏامن پيا ۽ منهنجي اقتدار ۽ حاڪميت هيٺ ۽ منهنجي ڏنل قانون مطابق ماڻهو زندگي بسر ڪن ٿا. محنت ۽ مشقت ڪن ٿا. پاڻ وندرائين ٿا. ٻڌين پيو نہ؟ اها ئي زندگي آهي تہ انسان پنهنجي جدوجهد سان، ڪوشش سان ايندڙ وقت سان منهن مقابل ٿيڻ لاءِ هميشہ پاڻ کي تيار رکي."

لعزر ڪو بہ جواب نہ ڏنو. هو ماٺ ڪيو ويٺو هو. شهنشاهہ ويتر ناراض ٿيندي سختيءَ سان چيو. " هن ڌرتيءَ تي تنهنجي ڪا بہ ضرورت ڪانهي. اي موت جا اڌ ماريل انسان، جيتوڻيڪ توتي ترس اچي ٿو پر تنهنجو وجود ماڻهن ۾ مايوسي پکيڙي ٿو تو هنن جي دلين ۾ زندگيءَ لاءِ بيزاري پيري ڇڏي آهي، تنهنجي سچائي، تنهنجي صداقت زنگ لڳل ترار جهڙي آهي. تون قاتل آهين. آئون توکي اها سزا ڏيڻ کان پهرين آئون تنهنجين اکين سان اکيون ملائڻ گهران ٿو. انهن اکين کان رڳو اهي ماڻهو ڊڄن ٿا، جيڪي بزدل ۽ ڪاتر آهن ۽ جيڪي نہ ٿا ڊڄن اهي بهادر ۽ بي ڊپا آهن. جيڪڏهن ائين آهي تہ آئون توکي سزا نہ ڏيندس، پر مرڳو توکي انعامن سان نوازيندس. هاڻ مون ڏانهن ڏس لعزر."

لعزر جي نگاهن ۾ ڪيتري نہ ڪشش هئي. ڪيڏو نہ پيار هو ڪيترو نہ جادو پريل هو. ان موهيندڙ انداز سان هو سيزرڏانهن ڏسي رهيو هو. انهن نگاهن ۾ خوف نہ هو دهشت نہ هئي. لعزر جي چهري تي ڏاڍو آرام هو ڏاڍو اطمينان هو. پوءِ انهن نگاهن جي اثر ۾ تيزي اچڻ لڳي، ايتري

قدر جو سيزر کي پنهنجي ساهہ جي چرپر گهٽ ٿيندي محسوس ٿي، وري هن کي محسوس ٿيو تہ کيس ڪو لوهي زنجير ۾ وڪوڙي ويو هو. هن جي دل ڇيپانجڻ لڳي هئي ۽ ان هوريان هوريان ٻڏڻ شروع ڪيو هو.

”ڏاڍي تڪليف پئي ٿي مون کي.“ سيزر چئي ڏنو. هن جو منهن هيٺ ڪري ويو ”پر مون ڏانهن ڏسندو رهہ لعزر“ هن کي محسوس ٿيڻ لڳو تہ ڪي تمام وڏا ۽ ڳرا دروازا هوريان هوريان کلندا ويا ۽ انهن مان ماٺ ميٽ ۾ ابد جي ڀوائتي دهشت آهستي آهستي اندر اچي رهي هئي. اوندهہ ۽ انڌڪار جو هيبت ناڪ پاڇولو اندر ڏوڪيندو پئي آيو. سج جي روشني اجهامي ويئي، هن جي پيرن هيٺان زمين سرڪڻ لڳي. مٿي تان آسمان جو غلاف لهندو ويو ۽ سندس برف جهڙي دل ۾ گرميءَ جي لهر ڊوڙي ويئي.

”مون ڏانهن ڏسندو رهہ لعزر.“ سيزر ٿڙڪندي هن کي حڪم ڏنو.

وقت هڪ هنڌ بيهي رهيو بادشاهي تخت پرزا پرزا ٿيڻ لڳو روم شهر هوريان هوريان کنڊر ٿيندو ويو. سيئي شهر ۽ وسنديون ويران ٿينديون ويون. هر پاسي رڳو ڀولار پئي نظر آيو.

”بس ڪر بس.“ سيزر دانهن ڪندي چيو. هن جو آواز ۽ لهجو ڦري ويو هٿن ڏڪڻ شروع ڪيو ۽ ڀوائتي اونداهہ ۾ هن جون عقاب جهڙيون اکيون ڪڏهن چمڪيون ٿي تہ ڪڏهن وسامي ٿي ويون.

”لعزر تو مون کي ماري وڌو ظالم.“ سيزر جهوٽا کائڻ لڳو. پر ڏک ۽ پيڙا جي هڪ تکي لهر هن جي دل کي لوڏي ڇڏيو ۽ کيس پنهنجي قوم ۽ رعيت جي آئندي جي ڳڻتي وڪوڙي ويئي، هو سچو ڏکي ويو.

”آئون اجان جيئرو آهيان لعزر سلامت آهيان. آئون تنهنجي هٿان ڪونہ مرندس.“ سيزر همت ڪندي چيو ”هاڻي آئون توکي ماريندس. وڃ، پڇي وڃ هتان.“

ان رات سيزر ڏاڍي آرام سان ماني کاڌي ۽ شراب پيتو. پر ڪنهن ڪنهن وقت هن جا هٿ نستا ٿي ويا ٿي ۽ سندس چمڪندڙ اکيون وسامي ٿي ويون. هن کي ائين پئي لڳو تہ ڪا هيبتناڪ لهر سندس پيرن مان اهڙي تيزيءَ سان مٿي جي وارن مان نڪري ٿي ويئي. لعزر هن کي ماريو تہ ڪونہ هو پر هن جي هيبت جا پاڇولا اجا تائين ”ي موجود هئا. رات جي وقت ننڊ ۾

هن کي چرڪ پوندا هئا. پر ڏينهن جو سج جي روشنيءَ ۾ اهي ڦڙو ڦڙو ٿي ڳري ويندا هئا ۽ هو زندگيءَ جون سموريون خوشيون ماڻيندو هو.

هڪڙي ڏينهن شهنشاهه سيزر جي حڪم تي لعزر جي اکين ۾ ٻرندڙ سيخون وجهي هن کي انڌو ڪيو ويو ۽ پوءِ هن کي سنڌس ڳوٺ ڏانهن موڪليو ويو.

هاڻي لعزر واريءَ جي دڙن ڏانهن موٽي آيو هو. گرم تپندڙ واري، سوساٽ ڪندڙ هوا ۽ چيچلائيندڙ اُس هن جي آجيان ڪئي. هو ڪنهن پٿر تي ويهي پنهنجي چيڙهه پيل ڏاڙهي مٿي سج ڏانهن ڪندو هو. هن جي اکين جي جاءِ تي ٻه ڪارا چگهه ڏاڍي ويراني ۽ ويڳاڻپ سان آسمان کي پيا گهوريندا هئا. سنڌس چوڌاري موت جهڙي سانت هئي. هاڻي هن جي ويجهو ڪو ٻه نه ايندو هو. سڀ الائي ڪهڙي پاسي هليا ويا هئا.

شام جو جڏهن سج ڳاڙهو ٿي، پڪڙجي وڃو ٿي ويندو هو ۽ اولهه ۾ لهڻ لڳندو هو تڏهن انڌو لعزر هٿوراڙيون ڏيندو ان پاسي ويندي ٿاٻڙجي ڪري پوندو هو ۽ ٻاهران ڳري جسم وارو ۽ اندران ڪمزور ۽ نستو لعزر ڏاڍي تڪليف سان اٿي وري جڏهن هلندو هو تڏهن لهندڙ سج جي ڳاڙهي پردي تي هن جو ڪارو بوتو ۽ پکڙيل ٻانهون بنهه صليب جهڙيون نظر اينديون هيون.

(ماخوذ)

----

(يارت)

سربندر پرڪاش

# اوڙو

هاري ايترو تہ پوڙهو هو جو هن جا پرون ۽ پنبڻ بہ اڇا ٿي ويا هئا. چيلهہ جهڪي ويئي هئي ۽ هٿن جون نسون ڪاري ۽ کهري ماس مان اڀري آيون هيون.

هاريءَ کي بہ پٽ ٿيا هئا. جيڪي هن وقت ڪونہ هئا. انهن مان هڪ درياهہ ۾ وهنجندي ٻڏي ويو هو ۽ ٻيو پوليس سان وڙهندي مارجي ويو هو. هن جو پوليس سان جهيڙو ڇو ٿيو هو؟ ان باري ۾ ڪي چوڻ اجايو ٿيندو ڇاڪاڻ تہ جڏهن بہ ڪو ماڻهو پنهنجي وجود مان واقف ٿيندو آهي ۽ پنهنجي چوڌاري پکڙيل ڇڪتاڻ کي محسوس ڪندو آهي، تڏهن هن جو پوليس سان جهيڙو ضرور ٿيو پوي. هُن سان بہ اهو ئي ٿيو — پوءِ پوڙهي هاريءَ جا هٿ هَرَ جي هَٿئي کي جهليندي هڪ ٻيرو ڏڪيا. ڍرا پئجي ويا. پر انهن ۾ پاڻ مرادو مضبوطي ۽ سگهہ اچي ويئي. هاريءَ ڍڳن کي هڪل ڏني ۽ هر زمين جو سينو چيريندو اڳتي وڌي ويو.

هاريءَ جا ٻئي پٽ پرڻيل هئا ۽ ٻنهي کي ڪل پنج ٻار هئا. ٽي ٻار درياهہ ۾ ٻڏڻ واري جا ۽ ٻہ پوليس سان وڙهندي مرڻ واري جا. انهن سڀني ٻاتين جو ٻوجهہ هاريءَ جي ڪلهن تي هو.

ان ڏينهن سج نڪرڻ کان پهرين آسمان ٿورو وڌيڪ ڳاڙهو پئي نظر آيو. هاريءَ جي گهر جي اڱڻ ۾ کوهہ وٽ پنج ئي ٻار اگهاڙا ويٺا هئا. وڏي پٽ جي زال کوهہ مان پاڻي پئي ڀريو ۽ ٻارن جي مٿان پئي اوتيو. ٻار دانهون ڪوڪون ڪندا. پنهنجو پنهنجو ٻت مهٽيندا هڪ ٻئي تي پاڻي اڇلائيندا رهيا. ننڍي پٽ جي زال وري ڍوڍا پچائيندي پنڊيءَ ۾ رکندي ويئي. هوڏانهن هاريءَ اندر ڪوٺيءَ ۾ ڪپڙا مٽائي مٿي تي پٽڪو پئي ٻڌو. پٽڪي ٻڌڻ کان پوءِ هن طاق ۾ رکيل درسنيءَ ۾ پنهنجو مُنهن ڏٺو. سڄي مُنهن تي ليڪون ئي ليڪون هيون. اهو ڏسي هن ڪٽي ڪنڌ جهڪايو ۽ ٻاهر اڱڻ ۾ نڪري آيو.

"سيئي تيار آهيو؟" هن رڙ ڪندي پڇيو.

"هل ڏاڏا!" سيئي ٻار گڏجي چوڻ لڳا. هاريءَ جي ننُهن پنهنجن مٿن تي پوتيون ڪيون. هنن جا هٿ تيز تيز هلڻ لڳا. هاريءَ ڏٺو ته اجا ڪوهه ڪونه سنبريو هو سيني پئي ڪوڙ ڳالهايو. هن ويچار ڪيو ته اهو ڪوڙ اسان جي زندگيءَ لاءِ ڪيترو نه ضروري آهي. جيڪڏهن اسان کي ڪوڙ جهڙي نعمت نه ملي ها ته ماڻهو هڪ ٻئي جي پنيان مرندا وڃن ها. اسين پهرين ڪوڙ ڳالهائيندا آهيون ۽ پوءِ ان کي سچ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ گهڻي وقت تائين جيئرا رهندا آهيون.

هاريءَ جا پوٽا، پوٽيون ۽ ننُهون پنهنجي تازي ڳالهايل ڪوڙ کي سچ ثابت ڪرڻ ۾ جنبي ويا. ايتري ۾ هاريءَ هڪ ڪنڊ ۾ پيل لاباري جو سامان ڪڍي ٻاهر ڪيو. ايتري ۾ ٻيا به سنبري تيار ٿيا. سندن پلي زمين تي فصل پچي راس ٿيو هو ۽ اڄ لاباري جو ڏينهن هو خوشيءَ جو ڏينهن هو.

هاريءَ ٻوڇڻ ڪلهي تي رکندي سوچيو ڪهڙو نه سٺو وقت آيو آهي، نه ڪمدار جو ڏپ نه واڻئي جو ڪتڪو نه صاحب لوڪ جي زور زبردستي ۽ نه وري زميندار جو حصو — هن جي اکين اڳيان سونهري سنگ جهومڻ لڳا.

"هل ڏاڏا!" هن جي وڏي پوٽي هاريءَ کي آڱر کان جهليندي چيو. ٻيا ٻار سندس ننگن سان چهٽي پيا. وڏيءَ ننُهن ڪوٺيءَ جو در بند ڪري ڪڙو ڏنو ۽ ننڍي ننُهن مانين جي هڙ مٿي تي کنئي.

سيئي گهر مان ٻاهر نڪتا ۽ گهٽيءَ مان لنگهندا، ساڄي پاسي ڦري پنهنجي ٻنيءَ ڏانهن وڌڻ لڳا.

ڳوٺ جي گهٽين ڳلين ۾ صبح کان ئي اڄ وڃ شروع ٿي ويئي هئي.

سيئي ڳوناٽا ٻنين ڏانهن ڊوڙندا پئي ويا. هنن جي دلين ۾ خوشيءَ جي آتشبازي پئي ٿي. پڪل فصل کي ڏسي هنن جون اکيون چمڪڻ لڳيون هيون. هاريءَ کي لڳو ته ڪالهه جي پيٽ ۾ اڄ زندگي وڌيڪ سٺي آهي. هن ڪنڌ ورائي پنهنجي پنيان ايندڙ ٻارن کي ڏٺو. اهي بلڪل اهڙا پئي لڳا جيئن هارين جا ٻار ٿيندا آهن؛ ڪارا، سڪل ۽ سڙيل — جيڪي جيپ جي ڦيٿن جي آواز ۽ موسم جي ڪڙڪي کان به ڊڄي

ويندا آهن. نُنهون بہ ايئن هيون، جيئن غريب هارين جون رنڙ زالون هونديون آهن. مُنهن گهونگهٽن ۾ لڪل ۽ پوشاڪ جي هر هڪ سَرَ ۾ غريبي ۽ هيٺائي جونئِ وانگر لڪل!

هاريءَ ڪنڌ جهڪايو ۽ اڳتي هلڻ لڳو. ڳوٺ جي ڇيڙي واري گهر کان پوءِ ٻنيون هيون. ويجهو ئي نار هو. نم جي هڪڙي وڻ هيٺان ڪو ڪتو مزي سان ستو پيو هو. پريان وٽاڻ ۾ ڍڳيون، مينهون ۽ ڍڳا ڪتر کائي اوڳر ورائي رهيا هئا. سامهون پري پري تائين جهومندڙ سونهري کيت هئا. انهن سيني ٻنين کان پوءِ ٿورو پري ڇيڙي تي، اڌ جي پرينءَ پر سيني کان جدا ۽ اڪيلي هاريءَ جي ٻني هئي، جنهن ۾ ڪٽڪ جا پڪل سنگ پئي جهوميا.

سيئي پيچرن تان اڳتي پئي ويا. اهڙيءَ طرح جئن سڪل گاهہ تي رنگ برنگي ڪيئان سرندا آهن. سيئي پنهنجين پنهجين ٻنين ڏانهن پئي ويا. جن جي پٺيان ڪلر هو پري پري تائين پکڙيل، جنهن ۾ ڪا بہ ساوڪ نظر نہ ٿي آئي. رڳو خشڪ ۽ بي جان مٽي هئي، جنهن ۾ پير رکڻ سان گهڙي ٿي ويو. اهو ڪلر آهستي آهستي وڌندو پئي ويو. هاريءَ کي ياد آيو تہ گذريل پنجاهہ ورهين ۾ اهو ڪلر ٻن هٿن جيترو اڳتي وڌي آيو آهي. هن گهريو پئي تہ جيستائين ٻار وڏا ٿين اهو ڪلر سندس ٻنيءَ تائين نہ پهچي وڃي. ان وقت تائين تہ هو پاڻ بہ ڪنهن ڪلر جو حصو ٿي ويندو.

پيچرا تہ ختم ئي ڪونہ ٿي ٿيا ۽ هڪڙي پيچري تي هاري ۽ سندس ڪٽم جي ماڻهن جا چرندڙ اگهاڙا پير.....

سجَ آسمان جي درياءَ مان جهاتي پائي پئي ڏٺو.

هلندي هلندي هنن جا پير مٽيءَ ۾ لتجي ويا. اوسي پاسي وارين ٻنين ۾ ڪيترائي ماڻهو لاباري وجهڻ ۾ رڌل هئا. هنن هر ايندڙ ويندڙ کي پئي ڪيڪاريو ۽ پوءِ وري ڪنهن اڻ ڄاڻ جوش ۽ اُتساهہ وچان گاهہ کي ڏاٽي سان وڍي هڪ پاسي پئي رکيو.

هن هڪ هڪ تي اَڌ اُکري. اڌ ۾ ڦڙيءَ جيترو بہ پاڻي ڪونہ هو. ان ۾ واري مليل مٽي سڪي خشڪ ٿي ويئي هئي، جنهن تي انگڙ ونگڙ نشان ۽ ليڪا پيا ڏٺا. اهي پاڻيءَ جي پيرن جا نشان هئا. ـ ۽ سامهون

سائي سائي ۽ جهومندڙ ٻني ڏسڻ ۾ آئي. سيني جون دليون زور زور سان ڌڪڻ لڳيون — فصل لهندو تہ سندس اڱڻ تازي ۽ سائي گاهہ سان ستجي ويندا ۽ گنديون اَن سان پرجي وينديون. پوءِ کٽ تي ويهي ڪوسي ڪوسي دال پت کائڻ ۾ بہ مزو ايندو. پيٽ پرجڻ کان پوءِ اوگرايون بہ ڏاڍيون اينديون. هنن سيني اهو ئي سوچيو.

هلندي هلندي هاري ويهي رهيو. پيا بہ هن جي پٺيان ويهي رهيا. هاريءَ اچرج وچان ٻنيءَ ڏانهن پئي ڏٺو. پين هر هاريءَ کي پئي ڏٺو تہ هر ٻني ڏانهن. اوچتو هاريءَ جي بدن ۾ بجليءَ جهڙي ڦڙتي اچي ويئي. هن ٻہ ٽي قدم اڳتي وڌي ڪروڌ وچان رڙ ڪئي.

"اڙي ڪهڙو آهين.... اي..... اي.....؟"

۽ پوءِ سيني ڏٺو تہ سندن ٻنيءَ جي پڪل فصل ۾ ڪا چُرپُر هئي. سيئي هاريءَ جي پٺيان وڏيون وڏيون پرانگهون پريندا هليا. هاريءَ وري ڪاوڙ وچان رڙ ڪئي.

"اڙي ڪهڙو آهين؟ ڪچين چو نہ ٿو؟ منهنجو فصل پيو لٽين؟"

پر ٻنيءَ مان ڪوبہ جواب ڪونہ آيو. ايتري ۾ اُهي بہ ٻنيءَ جي ويجهو پهچي ويا. جتي ٻيءَ ڪنڊ وٽان ڏاٿي هلڻ جو آواز چٽو پئي ٻڌو. سيئي ٿورو هيسجي ويا. پر هاريءَ همت ڪري هڪل ڪئي.

"اڙي پيٽيان ڪير آهين؟ وات ۾ منگ اٿئي ڇا؟" ايئن چئي هاري ڏاٽو اُپو ڪري هن تي الر ڪئي.

اوچتو ٻنيءَ جي پرئين حصي مان هڪڙي پيري جهڙي شڪل ظاهر ٿي ۽ مُرڪندي هنن ڏانهن ڏسڻ لڳي — پوءِ هن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو:

"آءٌ آهيان چاچا اوڙوا" هن پنهنجي هٿ ۾ ڏاٽو ڦيرائيندي وراڻيو.

ڏپ وچان سيني کان ڇرڪ نڪري ويا. هنن جا رنگ هيڊا ٿي ويا ۽ هاريءَ جي چپن تي خشڪي جمي ويئي — ٿوريءَ دير لاءِ تہ سيني جو ساهہ سڪي ويو ۽ وات مان اکر بہ نہ اُکلين. اها ٿوري دير ڪيتري هئي؟ هڪ پل، هڪ صدي يا وري هڪ جُڳ — ان جي تہ ڪنهن کي بہ خبر نہ پئي. جيستائين هنن هاريءَ جو ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ ڏڪندڙ آواز نہ ٻڌو تيستائين هنن کي پنهنجي بہ سمڪ نہ رهي.

"تون.... اڙي تون...... اوڙو..... اڙي توکي تہ مون ٻنيءَ جي سنڀال ڪرڻ لاءِ ٺاهيو هو. بانس جي لڪڙن مان ۽ توکي ان گوري شڪاريءَ جا ڪپڙا پارايا هئم. جنهن کي بابو شڪار ڪرائيندو هو ۽ جنهن وڃڻ وقت خوش ٿي پنهنجا فالتو خاڪي ڪپڙا بابي کي ڏنا هئا. اڙي تنهنجو مُنهن منهنجي گهر جي ڀڳل هنديءَ مان ٺهيو. جنهن تي ان ساڳئي گوري شڪاريءَ جو ٽوپ رکيو هئم. اڙي تون بي جان پتلو ٿي ڪري منهنجو فصل ٿو لٽين؟"

ايئن چوندو هاري اڳتي وڌندو ويو پر اوڙو ساڳيءَ طرح هن ڏانهن ڏسي پئي مرڪيو جڏهن تہ مٿس هاريءَ جي ڪنهن بہ ڳالهہ جو اثر نہ ٿيو هجي. پوءِ جيئن ئي هاري ۽ هن جا ٻار اوڙي جي ويجهو پهتا تہ هنن ڏٺو تہ فصل جو چوٿون حصو لٽجي ويو هو. اوڙي جي هٿ ۾ ڏاٽو ۽ مُنهن تي مرڪ پکڙيل هئي. سيئي اچرج ۾ پئجي ويا تہ هن وٽ ڏاٽو ڪٿان آيو – هنن تہ ڪيترن ئي مهينن کان اوڙي کي لاڳيتو ڏٺو هو. بي جان اوڙي جا ٻئي هٿ خالي هوندا هئا. پر اڄ.... اڄ تہ هو ماڻهوءَ وانگر پئي لڳو – جيئرو جاڳندو ماس جو ٺهيل هنن جهڙو ماڻهو. اهو لقاءُ ڏسي هاري تہ ٻنهہ چتو ٿي ويو. هن ڪاوڙ ۾ اڳتي وڌي اوڙي کي ڏاڍي زور سان ڌڪ هنيو – پر اوڙو تہ پنهنجيءَ جاءِ تان چريو بہ ڪين. البت هاري پنهنجي ئي ڌڪ جي زور سببان ڌڪجي پري وڃي ڪريو. سيئي ٻار ۾ زالون رڙيون ڪنديون هاريءَ ڏانهن ڊوڙيون. هو چيلهہ جهلي اٿڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. سيني کيس اٿاريو ۽ هن ڊڄندي ڊڄندي اوڙي ڏانهن نهاريو ۽ چوڻ لڳو "تون ...... اڙي تون تہ مون کان بہ وڌيڪ ڏاڍو مڙس ٿي پيو آهين. اوڙا! ..... مون کان بہ وڌيڪ..... اڙي مون تہ توکي پنهنجن هٿن سان جوڙيو هو – پنهنجي فصل جي سنڀال لاءِ؟"

اوڙو ساڳيءَ طرح پئي مرڪيو ۽ هاريءَ کي چوڻ لڳو "تون تہ اجايو پيو ڪاوڙجين. چاچا! مون تہ رڳو پنهنجي حصي جو فصل لٽيو آهي. چوٿون حصو."

"اڙي پر توکي ڪهڙو حق آهي منهنجي ٻچن جي حصي ڪٽڻ جو. تون ٿيندو ڪير آهين؟"

"منهنجو بہ حق آهي، چاچا! — چو تہ آئون بہ موجود آهيان - ۽ مون تہ هن ٻنيءَ جي سنڀال ڪئي آهي؟"

"اڙي پر مون توکي ساهہ وارو سمجهي هٿ ڪونہ ٻيهاريو هو. تون تہ ٻي جان آهين. اهو جنهن ۾ ساهہ ئي ڪونهي، تہ ان جو ڪهڙو حق ۽ ڇا جو حق؟ هون... ۽ اهو ڏاٽو تنهنجي هٿ ڀلا ڪيئن لڳو؟ هون!"

اوڙي هڪ وڏو ٺهڪ ڏنو. "تون تہ ڪو ڏاڍو پورڙو آهين چاچا! تون تہ پاڻ مون سان پيو ڳالهائين - ۽ پوءِ بہ مون کي ساهہ وارو نہ ٿو سمجهين!"

"پر توکي اهو ڏاٽو ڪنهن ڏنو اها حياتي ڪنهن ڏني؟ مون تہ ڪانہ ڏني!"

"اها تہ مون کي پاڻهي ملي ويئي — جنهن ڏينهن مون کي ٺاهڻ لاءِ تو بانس جا لڪڙا چيريا هئا. گوري شڪاريءَ جا لاٿل ڪپڙا آندا هئا. گهر جي پڳل هنڌيءَ تي منهنجيون اکيون، نڪ، ڪَن ۽ وات ٺاهيو هو — ان ڏينهن انهن سيني شين ۾ زندگيءَ سُرڻ ۽ چرڻ پرڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. پوءِ انهن سيني مان آئون جڙي تيار ٿيس ۽ فصل بچڻ تائين هٿ ئي بيٺو رهيس. ايتري ۾ هڪڙو ڏاٽو منهنجي هن وجود مان هوريان هوريان نڪرڻ لڳو — وري جڏهن فصل پچي تيار ٿيو تہ اهو ڏاٽو منهنجي هٿ ۾ هو — پر تون دل نہ لاهہ. مون تنهنجي امانت ۾ ڪا بہ خيانت نہ ڪئي آهي — آئون تہ اڃوڪي ڏينهن جي اوسيئڙي ۾ هوس، ۽ اڄ ئي تون بہ پنهنجو فصل لڻڻ آيو آهين. مون تہ پنهنجو حصو اڳوات ئي لٽي ڇڏيو آهي، ان ۾ ڪاوڙ ڪرڻ جي ڪهڙي ڳالهہ!" اوڙي ڏاڍي ڌيرج سان اهي سيئي ڳالهيون چيون تہ جيئن هنن کي اهي چڱي طرح سمجهہ ۾ اچن.

"نہ، نہ، ائين نہ ٿيندو. اها پڪ ڪا سٺا سٺيل آهي. آئون تہ توکي ساهوارو سمجهان ئي نہ ٿو. اهو سڀ ڪوڙ آهي، سمورو ڈوڪو آهي. آئون چئن چڱن کان فيصلو ڪرائيندس. هاڻي اهو ڏاٽو پري ڦٽو ڪر. پر آئون توکي اَن جو ڪڻو بہ ڪٽي وڃڻ ڪونہ ڏيندس." هاريءَ رڙيون ڪندي چيو.

اوڙي مرڪندي ڏاٽو پري اڇلائي ڇڏيو.

ڳوٺ جي هڪ کليل ميدان ۾ چار چڱا اچي گڏ ٿيا. پوڙها، پڪا ۽ جوان گولائيءَ ۾ ٿي ويٺا. هاري بہ پنهنجن پوٽن ۽ پوٽين سميت وچ ۾

ويٺو هو. ڏک ۾ ڪاوڙ سندس مُنهن جو پاڻي وٺي ڇڏيو هو. هن جون ٻئي نُنهون ڳوٺ جي ٻين عورتن سان گڏ بيٺيون هيون. سيئي اوڙي جي اوسيئڙي ۾ هئا. چئن چڱن کي اڄ ئي تہ پنهنجو فيصلو ٻڌائڻو هو. ٻنهي ڌرين پنهنجو پنهنجو بيان اڳ ۾ ئي ڏئي ڇڏيو هو.

نيٺ ماڻهن پري کان اوڙي کي ڏاڍي آرام سان ايندي ڏٺو. سيني جون هن ۾ ئي اکيون کتل هيون. اوڙي جي مُنهن ۾ اها ئي اڳوڻي مرڪ هئي. جيئن ئي هو ڳوٺ جي ان کليل ميدان ۾ پهتو تہ ڪيس عزت ڏيڻ لاءِ سيئي ڳوڻاڻا ادب سان ڪنڌ جهڪائي اٿي بيٺا. اهو ڏسي هاريءَ جو تہ هانءُ ئي سڙي رک ٿي ويو. ايئن لڳس ڄڻ تہ اوڙي ڳوٺ جي سيني ماڻهن جو ضمير خريد ڪيو هجي، چئن چڱن جو انصاف خريد ڪيو هجي. هو پاڻ کي پاڻيءَ جي تيز وهڪري ۾ ڪنهن بي وس ماڻهوءَ جيان هٿ پير هڻندي محسوس ڪرڻ لڳو.

نيٺ هڪڙي چڱي مڙس فيصلو ٻڌايو.هاريءَ جو سڄو بت ڏڪي ويو. هن چئن چڱن جو فيصلو قبول ڪندي پنهنجي فصل جو چوٿون حصو اوڙي کي ڏئي ڇڏيو. پوءِ هو اٿيو ۽ پنهنجي پوٽن کي چوڻ لڳو:

”هاڻي ٻڌو — اهو شايد اسان جي حياتيءَ جو آخري فصل آهي! اڄا ڪلر ٻنيءَ کان ٿورو پريرو آهي. آئون اوهان کي نصيحت ڪريان ٿو تہ پنهنجي فصل جي سنڀال لاءِ وري ڪڏهن بہ اوڙو نہ ڻاهجو — ايندڙ سال جڏهن زمين تي هر هلندو ۽ ڄنبو مينهن جو حياتي ڏيندڙ پاڻي سنهڙن سلن ۾ ساهہ ڦوڪيندو تڏهن اوهين مون کي هڪ بانس سان ٻڌي ٻنيءَ جي وچ ۾ بيهاري ڇڏجو — اوڙي جي جاءِ تي — آئون اوهان جي فصل جي ان وقت تائين سنڀال ڪندس، جيستائين ڪلر اڳتي وڌي، اوهان جي ٻنيءَ جي مٽيءَ کي وڪوڙي پُرٽي نہ ڪري. مون کي ان هنڌان نہ هٽائجو. اتي ئي بيٺل ڇڏجو تہ جيئن ماڻهو مون کي ڏسي ياد ڪن تہ اوڙو ڪڏهن بہ نہ ڻاهجي — ڇو جو اوڙو بي جان نہ هوندو آهي — هن کي پاڻهي حياتي مليو وڃي ۽ هن جو وجود سندس هٿن ۾ ڏاڻو بہ ڏيو ڇڏي ۽ هن جو فصل جي چوٿين حصي تي حق بہ ٿيو پوي.“

اهو چئي هاري هوريان هوريان پنهنجي ٻنيءَ ڏانهن وڃڻ لڳو. سندس پوئتا ۽ پوئيون بہ پٺيان وڃڻ لڳيون. هنن جي پٺيان هاريءَ جون ٿُنهون ۽ آخر ۾ ڳوٺ جا ماڻهو بہ ڪنڌ جهڪايو هلندا ويا.

ٻني جي ويجهو پهچي هاري زمين تي ڪريو ۽ مري ويو. سندس پوٽن ۽ پوٽين هن کي هڪڙي بانس جي چڙهہ سان ٻڌڻ شروع ڪيو. سيئي ڳوٺاڻا اهو تماشوڏسڻ لڳا. اوڙي پنهنجي مٿي تان گوري شڪاريءَ جو ٽوپ لاهي ڇاتيءَ تي رکيو ۽ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

----

(آمريڪا)

ارسڪن ڪاڊويل

# اڇو رڇ

سخت سياري جي وچڻ کان پوءِ گهڻن ماڻهن اڇي رڇ جي ڳالهه کي وساري ڇڏيو. جيئن جيئن سج جي گرمي وڌندي ويئي ۽ مکڙيون ٽڙنديون ويون، سيني ڳوٺن ۾ اچا توڙي ڪارا ماڻهو هيمرڪ تان ٺٺوليون ڪرڻ لڳا، جنهن اڇي رڇ جي ڳالهه ڪري ماڻهن کي بيوقوف بڻايو هو. جيتوڻيڪ ان تهه سياري ۾ اها ڪا معمولي يا چرچي جي ڳالهه نه هئي. انهيءَ سياري ۾ سيءَ اهڙو ته پيو هو جو اتر قطب جي انهيءَ اڇي رڇ کان سواءِ گهر کان ٻاهر نڪرڻ جي ڪنهن به ٻئي جانور کي همت نه ٿي هئي. جارجيا جا رهاڪو چون ٿا ته اهڙو ٿڌو سيارو اسان ڪي نه سجهي.

"هُش!" ڊاڪٽر چيو "جيڪڏهن اوهين ماڻهن کي ڳالهه چڱيءَ طرح ٻڌائيندؤ ته اهي به قبول ڪندا. ميان! منهنجو دماغ ٺيڪ آهي ۽ آئون ڪنهن به بيوقوفي واريءَ ڳالهه تي اعتبار نه ڪندس. جيڪا بنا ڏٺي ڪئي وڃي."

سياري گذرڻ کان پوءِ ڊاڪٽر برنارڊ به ٻين ماڻهن جهڙو ٿي پيو ۽ هاڻي جڏهن بهار جي مند آئي تڏهن ڊاڪٽر هر اينڊڙ ويندڙ کي پيو ٻڌايو ته مون کي انهيءَ ڳالهه تي ڪڏهن به اعتبار ڪو نه ٿيو ته هتي اتر قطب جو ڪو وڏو ۽ اڇو رڇ آيو هو.

"هُش!" هن چيو "مون جڏهن پهريون ڀيرو رڇ جي ڳالهه ٻڌي تڏهن آئون بلڪل سمجهي ويس ته اِن بيوقوفي جهڙيءَ ڳالهه تي ته اسان وٽ اڇو رڇ موجود آهي، ماڻهو ڳنڍ ٻڌي ويهي رهندا."

اپريل ۾ هيمرڪ وري ٻڌايو ته اڇو رڇ اڃا به هت موجود آهي ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو منهنجيءَ ڳالهه تي اعتبار نه ٿو ڪري ته پوءِ منهنجي چراگاهه کان هيٺ جهنگ ۾ هليو وڃي ۽ وڃي پاڻ ڏسي.

هيمرڪ جي ڳالهہ تي ڪنهن بہ گهڻو خيال نہ ڏنو ڇاڪاڻ تہ گرميءَ جي مند شروع ٿي ويئي هئي ۽ گذريل سياري جي سخت سردي کي ماڻهن بلڪل وساري ڇڏيو هو. هنن ان وقت لومڙيءَ جو شڪار ڪرڻ ۽ مڇيءَ مارڻ جو پئي سوچيو. مئي جي پهرين هفتي ۾ هڪڙي ڏينهن ماڻهن جڏهن نيرن ڪائي پوري ڪئي تڏهن مسٽر فيلڪس هاورڊ جي بورچيخاني جي در وٽ اڇو رڇ ڏاڪا چڙهڻ لڳو. سيئي مرد ماڻهو ٻنيءَ تي ويل هئا. جيڪا گهر جي پوئين پاسي هئي ۽ مسز هاورڊ گهر ۾ اڪيلي هئي. اڇو رڇ جڏهن بورچيخاني جي ڏاڪڻ تي چڙهيو تہ هن اتي ٻهاري پئي ڏني. پوءِ هن ٻڌايو تہ ان ڏينهن صبح جو آئون انهن ويچارن ۾ رڌل هيس تہ پنهنجي ڪمري جي پردن لاءِ ڪهڙو ڪپڙو خريد ڪريان. هن بورچيخاني جو ڪچرو ٻهاري دروازي مان ٻاهر وراندي ڏانهن ڪيو ۽ ان ڪم مان واندي ٿيڻ واري هئي تہ هن کي اڇو رڇ ڏسڻ ۾ آيو.

"مٺا. شل مرين". هن اڇي رڇ جي مٿي تي ٻهارو هڻندي چيو "نڪر منهنجي گهر مان."

ڏڪ لڳڻ سان اڇو رڇ وراندي مان ڀڳو ۽ ٻاهرين ديوار ٽپي گهٽيءَ جي وَر وٽ اکين کان غائب ٿي ويو. هو هڪ وڏو جانور هو ۽ سندس وزن چار مڻ کن هوندو پر هن جا مُرا سنها هئا.

مسز هاورڊ پوءِ موٽي بورچيخاني ۾ وئي ۽ سوچڻ لڳي تہ اڄ پنپهرن لاءِ ڪهڙو ڳنڍڻ ناهجي. هن بصرن جو ٻوڙ رڌڻ جو ارادو ڪيو تہ اوچتو هن کي خبر پئي تہ ٻہ ٽي منٽ اڳ جنهن جانور جي مٿي تي ٻهارو هنيون هئائين اهو تہ اڇو رڇ هو.

"رب منهنجا پناهہ ڏجانءِ". هن کان رڙ نڪري وئي، "اهو ٿي تہ هيمرڪ وارو اڇو رڇ آهي!"

هن هانءَ ڦاڙ رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون ۽ گهر مان ڊوڙندي رڙيون ڪندي پنهنجي پاڙي جي دڪان ڏانهن ڀڳي، ۽ جڏهن اتي پهتي تہ سجي پئي سهڪي.

"اڙي ايما! توسان تہ خير آهي؟" پاٽس ايڊ هن کي سهڪندو ڏسي پڇيو"تنهنجي منهن جو تہ پنوئي لٿو پيو آهي. ڪو جن ڏٺو اٿئي ڇا؟"

"ادا، مون کي تہ تنهنجيءَ ڳالھ تي پورو اعتبار آهي. اهو ريچ پڪ سان هٽ پيو رلي"، ايڊ هن کي ٻڌايو. "ايما هن کي ضرور ڏٺو آهي، ڇاڪاڻ تہ هن جي منهن مان اهڙو ڊپ ۽ خوف پئي ظاهر ٿيو جيڪو مون اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو".

"اهو ريچ بڪيو ٿو ڏسجي." هيمرڪ وراڻيو. "سچو سيارو تہ هن نندون ڪيون آهن پر هاٿي هن کي سمهڻ ۾ گهٽي گرمي ٿيندي هوندي، تنهن ڪري هاٿي هن کي گهٽو ٿي ڪي ڪاٺڻ لاءِ ڪپندو. هن کي پڪ سان تنهنجي پيڻ جي گهران ڪڪڙين يا ٻي شيءِ جي ڏپ آئي آهي جنهن تي هو بورچيخاني تائين پهتو آهي. ٻي ڳالھ هيءَ تہ هاٿي هو ڍڳيون ماريندو انهن کان پوءِ خچرن کي ماريندو ۽ پوءِ ماڻهن جو وارو ايندو".

ايڊ واپس دڪان ڏانهن وڃڻ لاءِ اُٿيو.

"پلا تنهنجي خيال ۾ اُتر قطب جو اهو اڇو ريچ هنن پٽن ۾ ڪيئن پهتو؟" هن پڇيو.

"ميان! مون سچو سيارو منهن مٿو پئي پٽيو تہ هٽ اڇو ريچ پيو ڏسجي، پر اوهان ماڻهن منهنجيءَ ڳالھ کي ڪو وزن نہ ڏنو. سيني مون کي ڪوڙو سمجهيو. خير، آئون سمجهان ٿو تہ اڇو ريچ گذريل سرءُ جي مُند ۾ ڪنهن سرڪس يا ڪارنيوال مان ڪسڪي پڳو ۽ اچي جهنگ ۾ لڪو. ٿي سگهي ٿو تہ هو هتان کان بہ ٽي سؤ ميل پري ڪنهن هنڌان پڳو هجي ۽ هلندو هلندو اچي هٽ پهتو ۽ سچو سيارو هٽ سمهي آرام ڪيو اٿس".

"آئون هاورڊ وارن وٽ وڃان ٿو ۽ ٿيو تہ ڊاڪٽر برنارڊ سان بہ ملندس،" ايڊ چيو. "اسان کي هن وقت پهريون ڪم هيءَ ڪرڻو آهي تہ اڇي ريچ جي ڪڍ لڳون ۽ هن جو پيرو ڪٽي گولي هڻي ماريونس".

ايئن چئي هو هيمرڪ کي پنهنجي پانڊي جي در وٽ اناج چڙهيندي ڇڏي روانو ٿيو. دڪان ڏانهن واپس ويندي رستي ۾ هن هنيڪٽ برانچ کي ووڏن جي پوڪ مان ڊوڙندي ڏٺو. جڏهن هنيڪٽ ايڊ کي ڏٺو تہ هو ڦري ڊوڙندو هن سان ملڻ لاءِ رستي ڏانهن آيو.

"هنيڪٽ! خير تہ آهي؟" "ايڊ هن کان پڇيو "ريچ ڏٺو اٿئي ڇا؟"

"هائو هائو بلڪل ڏنو اٿم". هنيڪٽ پنهنجين سٽرن تي هٿ هٽندي چيو. "تمام وڏو اڇو رڇ! اتر قطب جو تمام وڏو رڇ جنهن جون ڳالهيون والٽر هيمرڪ پويون سڄو سيارو پئي ڪيون!"

"اهو رڇ هينئر آهي ڪٿي؟"

"اڙي ميان! مون واري ڪراڙيءَ تہ ڪمال ڪري ڇڏيو. چا ڪيائين جو رڇ کي ڏسندي ئي بندبي ڪٽي ٽڪاءَ ڪيائينس مٿي ۾، پوءِ تہ رڇ وٺي جهنگ ڏانهن ڀڳو".

"ايئن ٿو ڀانئجي تہ اسان کان ڀرين اهي زالون ئي رڇ کي ماري ڇڏينديون."

"مون پنهنجي ڪراڙيءَ کي چيو تہ تون پڪ سان ڇتي ٿي پئي هوندينءَ جو اهڙيءَ طرح رڇ کي بندبيون هڻي ڀڄايو اٿئي. پر هن چيو تہ باغ ۾ رڇ کي پٽاٽا کائيندي ڏسي هن کان اصل ڪو نہ ڊنس."

"انهيءَ رڇ پوئين هفتي والٽر هيمرڪ جي هڪ ڳابي کي ماري کاڌو آهي". ايڊ هن کي ٻڌايو. "آهستي آهستي هاڻي ماڻهن تي ورندو."

"منهنجو بہ اهو ئي خيال آهي،" هنيڪٽ بہ پنهنجي پنيان چوڏاري نهاريندي چيو. "مون کي پڪ آهي تہ اهو ايئن ڪندو."

هڪ منٽ ٿيو آهي جو برنارڊ جي زال فون ڪري چيو تہ اڇو رڇ سندس گهر ڏانهن آيو هو. هن ٻڌايو تہ مون در کي ڪلف ڏئي ڇڏيو آهي ۽ ٻاهر نڪرندي ڊپ ٿو ٿئي. هن پنهنجي ڊيئرن جي باري ۾ بہ ڪي چيو پئي پر هوءَ ڪا ايتري تہ هراسيل هئي جو منهنجي سمجهہ ۾ ڪي بہ نہ آيو تہ ڇوڪرين لاءِ هن ڇا ٿي چوڻ گهريو".

ايڊ وڌيڪ سوال پڇڻ جي بدران ڊاڪٽر برنارڊ جي گهر ڏانهن ڀڄڻ لڳو. ڊاڪٽر جو گهر اتان چڱو خاصو پري هو رستي ۾ هو ٻيهي رهيو ۽ پنهنجي بندوق جي ٻنهي نالين ۾ ڏسڻ لڳو تہ انهن ۾ ڪارتوس پيل آهن يا نہ.

جڏهن هو ڊاڪٽر برنارڊ جي گهر پهتو تہ اتي ڪنهن بہ پاسي کو بہ ماڻهو ڏسڻ ۾ ڪو نہ آيو. اتي تہ اتر قطب جو اڇو رڇ بہ ڪو نہ هو.

هن دروازو کڙڪايو. اندران ڊاڪٽر برنارڊ جي گهر واري وچ ۾ پيل ڪرسين کي پاسي ڪندي دريءَ جي ويجهو آئي ۽ هڪڙو طاق ٿورو کوليائين.

"بيگم صاحب! ڪٿي آهي ريڇ؟"

"ادا خدا کي خبر ته ڪيڏانهن ويو" هن رڙ ڪري چيو. "پر منهنجيون ڇوڪريون ڪٿي آهن؟"

ڊاڪٽر برنارڊ جون اهي ٻه ڌيئرون جيڪي ارڙهن ۽ ويهن ورهين جي عمر جون هونديون، ان سال اتي پنهنجي گهر ۾ رهيل هيون. اهي هڪ ٻه سال اسڪول ۾ ٻه پڙهائينديون رهيون، پر پوئين سال سرءُ ۾ گهر موٽي آيون هيون ۽ شهر ۾ ڪٿي نوڪري هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ٻئي ڪيائون.

"نيلي ۽ گزي گهر ۾ آهن يا ٻاهر؟"

"ريڇ جي اچڻ تائين ته گهر ۾ ويٺيون هيون." ڊاڪٽر برنارڊ جي گهر واري وراڻيو. "هنن شهر وڃڻ جي لاءِ پنهنجي ڪمري ۾ ڪپڙا پئي مٽايا ته ريڇ گهر ۾ گهڙي آيو. انهيءَ تي هو ايترو ته ڊڄيون جو دريءَ مان ٽپو ڏئي ٻاهر هليون ويون. هاڻي خدا کي خبر ته ساٽن ڪهڙي ويڏن تي!"

ايڊ گهر مان ٻاهر اچي رستي ڏانهن نهاريو انهيءَ خيال کان ته ريڇ کي ڳولڻ لاءِ پيو ڪو همراهه ٻه اچي ٿو يا نه. ايما کي اهو چوڻ هن کان وسري ويو هو ته ڪنهن کي فون ڪري مدد لاءِ گهرائي. پر هن سوچيو ته هوءَ پنهنجي عقل کان ڪم وٺي ڪنهن نه ڪنهن کي ٽيليفون ڪري چوندي. تنهن ڪري هن ڊاڪٽر برنارڊ جي گهر جي ڪنڊ وٽان ڦري اڳتي وڌڻ شروع ڪيو. هن بندوق تيار ڪري جهلي ته جي اچو ريڇ نظر آيو ته گولي هلائيندس.

ڊاڪٽر جي گهر جي پٺيان سڄي پٽ ۾ ڪڪڙين جا اچا ۽ ڳاڙها کنڀ پکڙيا پيا هئا. ايئن پئي ڏٺو ته ڪنهن ڪنين سان پريل ٻه ٽي سوڙيون چيري ڦاڙي انهن مان کنڀ ڪڍي اتي پکيڙي ڇڏيا آهن. پر اها ڳالهه نه هئي. اچي ريڇ اتي جي سيني ڪڪڙين کي ڪائي چٽ ڪري ڇڏيو هو. هن گهٽ ۾ گهٽ پنجويهه ٽيهه ڪڪڙيون ۽ چوزا ضرور ڪاڏا هوندا.

اتي ايڊ کي ريڇ جي پيرن جا نشان ڏسڻ ۾ آيا. جيڪي وڻن جي پوک مان ٿيندا ٽي يا چار سؤ وال پري هڪڙي ننڍي جهنگ ڏانهن پئي ويا. زمين نرم هئي تنهن ڪري ريڇ جو پيرو کڻڻ سولو هو.

هو انهيءَ گهاٽي جهنگ جي ڪناري وٽ پهتو تہ هن کي ڪو سرڙاٽ ٻڌڻ ۾ آيو. هن هڪدم بندوق سڌي ڪئي تہ جيئن ئي رڇ اٿي بيهي يا ڏيکائي ڏئي تہ نشانو وٺي گولي هلائي.

"اڙي ايڊ صاحب گولي نہ هلائجان!" اندران ڪنهن رڙ ڪري چيس. "مهرباني ڪري مون تي گولي نہ هلاءِ!"

ايڊ پنهنجي بندوق ٿوري هيٺ ڪئي.

"اڙي ڪير آهين؟"

"آءٌ آهيان — آءٌ، هنيڪٽ برانچ!"

"هنيڪٽ! ڇا ڳالهہ آهي، خير تہ آهي؟"

"اڙي خوف وچان آئون تہ ذري گهٽ مرڻ وارو آهيان، ايڊ صاحب." ايڊ بندوق جو ڪندال هيٺ زمين تي رکي گهاٽي جهنگ ۾ هنيڪٽ کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي، گهاٽي جهنگ ۾ هنيڪٽ شيدي هڪڙي ٻوٽي تي ڪرونڊڙو ٿيو پيو هو.

"ڪنهن کان ڊنو آهين ڇا؟" ايڊ هن کان پڇيو.

"انهيءَ ساڳئي ٽوٽانگ جهڙي اڇي رڇ کان، ايڊ صاحب! انهيءَ اڇي رڇ کان ڊنو آهيان."

"هينئر تو هن کي ڪٿي ڏٺو؟"

"اجهو هتي ڏٺم. بلڪل هن هنڌ. هن جهنگ ۾. مون هن کي ٻنيءَ جي پرينءَ پڊ ڊاڪٽر برنارڊ جي گهران ايندي ڏٺو. آئون ڊوڙي اچي هن جهنگ ۾ لڪس. هت پهچڻ کان پوءِ خبر پئي تہ هو بہ هت بيٺو آهي! هو مون کي ٻڪ وجهي مون سا ملهہ وڙهڻ لڳو!"

"توسان ملهہ وڙهڻ لڳو!"

"بلڪل ملهہ وڙهڻ لڳو! اهو رڇ ملهہ جو زبردست کيڏاري آهي. مون اهڙو کيڏاري اڳ نہ ڏٺو. ايئن پئي لڳو تہ هن جو پيٽ پريل هو تنهن ڪري هن مون کي ڪو نہ کاڌو. باقي خوشيءَ سان راند کيڏڻ لڳو جنهن جي سکيا هن کي ننڍي هوندي کان مليل آهي. هت پهچي هن پنهنجيُن ٻڌين ٻانهن سان مون کي ٻڪ وجهي ملهہ وڙهڻ شروع ڪئي. آئون بلڪل ملهہ وڙهڻ لاءِ تيار ڪو نہ هوس، پر هن مون کي پنهنجي ٻڪ مان نہ ڪڍيو."

"هنيڪٿا تون وڏو ڪوڙو آهين. "ايڊ چيو" تون ڪوڙو شيدي آهين."

"آئون قسم کڻي ٿو چوان تہ مون سڀ سچ ٻڌايو آهي. جناب ايڊ!" هنيڪٿ حجت ڪندي چيو."توکي خبر آهي تہ آئون توسان ڪوڙ نہ ڳالهائيندس. رڇ ايستائين مون سان ملهہ وڙهندو رهيو جيستائين هن مون کي هيٺ پٽن پر نہ ڪيرايو. پوءِ هو پوئين ٽنگن تي اٿي بيٺو ۽ پنهنجو هڪڙو چنبو مٿي کڻي اهڙيءَ طرح لوڏڻ لڳو جيئن ميدان ۾ هڪڙو ملهہ ٻئي ملهہ کي هارائڻ کان پوءِ هٿ مٿي کڻي لوڏيندو آهي."

ايڊ اندر گهاٽي جهنگ ۾ گهڙي ان هنڌ ويو جتي ٽاريون ڀڄي ڪري پيون هيون.

"چگو هاڻ اُٿ ۽ وڃي ڳوٺ مان ماڻهن کي وٺي اچ. ڀيو تہ دڪان تي منهنجي ڀيڻ ايما کي چئو تہ ٽيليفون ڪري ماڻهن کي چوي تہ انهيءَ رڇ کي ڳولي لهڻ ۾ منهنجي مدد ڪن."

جڏهن هنيڪٿ جهنگ مان نڪري ٻاهر ويو تہ ايڊ ٻئي رستي ڏانهن جيڪو ٽڪريءَ جي هيٺان ويو ٿي، روانو ٿيو. اتان هلندو هو جهنگ ۾ هڪ کليل ميدان تائين پهتو جنهن کان هيٺ هاريءَ جي جهوپڙي هئي. اُتي چوڌاري ماٺ لڳي پئي هئي. جهوپڙي کي ڏسي هن کي خيال آيو تہ اتي بہ ڏسندو هلان. اهو سوچي هن اندر جهاتي پاتي ۽ چرڪي پٺتي هٽيو ۽ ٽي چار پيرا ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ پاڻ کي سنڀالي سگهيو نہ تہ ڪري پوي ها.

"ڇا آهي؟.... ڪير آهي؟." هو ھِڪيو.

ايتري ۾ هڪ کليل ڪنڊ مان ڊاڪٽر برنارڊ جي وڏي ڌيءَ ٻاهر جهاتي پائي ڏٺو ۽ هڪدم پٺتي هٽي نظرن کان لڪي وئي.

"اڙي نيلي تون آهين ڇا؟" هن پڇيو. "پر توسان گڏ ٻيو ڪير آهي؟" انهيءَ تي گزي ٻاهر جهاتي پائي ڏٺو.

"اوهين بہ رڇ کان ڀڄي هت اچي لڪيون آهيو ڇا؟"

"ها. هن جي ڪري تہ هت آيون آهيون." نيلي ورائيو. "جيڪڏهن هو رستي مان ڦري ٻنيءَ ۾ نہ گهڙي وڃي ها تہ اسين اجا تائين پيون ڀڄون ها."

"چگو هاڻي ٻاهر اچو" ايڊ هنن کي چيو. "هاڻي اوهان گهر هليون وڃو. ٻاهر ڊڄڻ جي ڪا بہ ڳالهہ ڪانهي، آئون رڇ کي مارڻ لاءِ هن جي ڪڍ لڳو پيو آهيان."

"اسين ڪيئن وڃون؟" نيلي جهيٽي آواز ۾ چيو. "ڇو ڇو نہ وينداسين؟ "اسان گهر ۾ ڪپڙا پئي مٿايا تہ ريڇ گهڙي آيو. پوءِ اسان کي پوريءَ طرح ڪپڙا پائڻ جو وقت ئي نہ مليو."

"تہ پوءِ،" هن چيس، "اوهان کي ان وقت تائين هت ئي ترسڻو پوندو جيستائين ڪو اوهان جا ڪپڙا کڻي اچي. يا وري اوهان انهيءَ حال ۾ واپس گهر وڃو. مون وٽ ڪو بہ اهڙو ڪپڙو ڪونهي جيڪو آئون اوهان کي ڏئي سگهان."

هو ڪنڌ ورائي ٻنيءَ مان هلڻ لڳو ۽ نرم زمين تي ريڇ جي چنبن کي ڏسڻ لڳو. جڏهن هو جهوپڙيءَ کان هڪ سؤ قدم کن پري پهتو تڏهن هن ڪنڌ ورائي لانديءَ ڏانهن نهاريو.

"نيلي! لانديءَ ۾ تہ ڪو دروازو بہ ڪو نہ ٿو ڏسجي"، هن ڏانهن منهن ڪندي ايڏ چيو. "۽ جيڪڏهن اچي ريڇ جي مٿي ۾ ان طرف اچڻ جي ڳالهہ وٺي تہ پوءِ لانديءَ ۾ اندر گهڙڻ کان هن کي ڪو بہ روڪي نہ سگهندو."

هو وري ٻنيءَ مان اڳتي هلڻ لڳو. اوچتو هن پنهنجي پٺيان گوڙ گهمسان جو آواز ٻڌو. هن پٺيان ڦري ڏٺو تہ نيلي ۽ گزي لانديءَ مان ڊانهون ڪنديون نڪتيون ۽ تمام تيزيءَ سان لانديءَ جي ڪنڌ وٽان جهنگ ڏانهن ڀڄنديون ويون. هنن کي سٽٽين کان سواءِ ٻي ڪا ليڙ بہ پاتل نہ هئي. جيسائين هو پنهنجون اکيون ٻوٽي ان کان اڳ ۾ ئي ٻئي ڇيڻرون جهنگ ۾ غائب ٿي ويون.

ٻنيءَ کان ڦورو پري هن ڏٺو تہ هڪڙي وڻ جي چوٽيءَ کي ڪنهن زور زور سان پئي ڌونڌاڙيو. هو بندوق سڌي ڪري وڻ جي چوٽيءَ کي ڏسندو اڳتي وڌيو. هو اجا ان وڻ کان پندرهن فوٽ کن پري هو تہ هن اتر قطب واري اڇي ريڇ کي ڏٺو جيڪو وڻ جي چوٽيءَ تي چڙهيل هو ۽ ان کي پنهنجين اڳين ٽنگن ۾ جهلي هن پوريءَ طاقت سان پئي ڌونڌاڙيو. ريڇ اهڙي ڏيکائي پئي ڏني جڻ تہ هن وڻ تي چڙهي هڪڙو پن ڪاڍو هو جيڪو هن کي اهڙو تہ سٺو لڳو جو هاڻي هن وڻ کي ڌونڌاڙي ان جا سيئي پن هيٺ ڪيرائي کائڻ تي گهريا.

ايڏ بندوق سان هن جو نشانو ورتو پر بلڪل اوڏيءَ مهل ريڇ هن کي ڏسي ورتو ۽ وڻ تان تيزيءَ سان هيٺ لهي ايڏ کان ٻہ ٽي فوٽ پري زمين

تي تي بيٺو. ايڊ هن کي وقت تي ڏسي ورتو ۽ هن جي حملي ڪرڻ کان اڳ بندوق جو گهوڙو چڪي هلايو.

ڪجهه به نه ٿيو. ايڊ ٻيو ڀيرو گهوڙو چڪيو پر پوءِ به ڪجهه نه ٿيو. ان وقت رڇ هن جي مٿان اچي ڪڙڪيو ۽ هن جي هٿن مان بندوق کي ٻري اڇلائيندي پنهنجين اڳين ٻانهن سان هن کي وچي ٻڪ وڌا. ايڊ هيٺ ڪري پيو. هو چڙهيون هڻڻ لڳو رڙيون ڪرڻ لڳو ۽ رهنڌا هڻڻ لڳو رڇ هر هر اهڙيءَ طرح چهرا پئي ڏنا. جو لڳو ٿي ته پنهنجي وات مان ساون پنن جو سواد ڇڪي ڪڍڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين.

پوءِ جڏهن ايڊ سمجهيو ته هاڻي آخري وقت اچي ويو آهي. تڏهن هن کي اوچتو هنيڪٽ جي ڳالهه ياد آئي. ايڊ پٽن پر وَر کاڻي، زمين تي ٻانهون ٻگهيري پئجي رهيو. جيئن ئي هن ائين ڪيو ته رڇ پٽين ٽنگن تي اٿي بيٺو ۽ پنهنجو ساڄو چنبو هوا ۾ مٿي ڪڍي لوڏڻ لڳو.

ايتري ۾ هاورڊ وارا. والٽر هيمرڪ ۽ ٻيا ڪيترائي ماڻهو ٻنيءَ مان ڊوڙندا هن ڏانهن پئي آيا. ايڊ اٿي ڪڙو ٿيو ۽ ٻانهون لوڏي رڙيون ڪري هنن کي بندوق هلائڻ کان منع ڪرڻ لڳو. پوءِ پنهنجيءَ ڪمر مان پٽو کولي ايڊ رڇ جي ڳچيءَ ۾ ٻڌو ۽ هن کي ڪاهيندو ماڻهن ڏانهن هليو.

”هن کي رڳو ايترو گهربو هو ته ڪو ماڻهو هجي جنهن سان هي وڙهو ملهه وڙهي.“ ايڊ هنن جون بندوقون هڪ طرف ڪندي چيو.“ هي هڪ سڪيا ورتل ملهه وڙهندڙ رڇ آهي. هي ڪنهن کي به ڪو نقصان نه پهچائيندو. جيڪڏهن هن کي ضروري ڪاڏو ملندو رهيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪو هن سان ملهه وڙهندو رهيو ته هيءُ به بلڪل اوهان وانگر شريف ٿي رهندو. آئون سمجهان ٿو ته هي ضرور بکيو به آهي ۽ ملهه وڙهڻ لاءِ آتو به.“

سيئي ماڻهو ايڊ ڏانهن گهورڻ لڳا. هنن جي سمجهه ۾ ئي ڪي نه پئي آيو ته ڇا چون. ايڊ رڇ جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل پٽي کان جهليو هن کي رستي ڏانهن وٺيو پئي ويو ۽ اتر قطب جو اڇو رڇ ٻليءَ جي هڪ پلونگڙي وانگر هن جي پرسان ماٺڙي ڪيو پئي هليو.

— — —

(بنگال)

تارا شنڪر بئنرجي

# جلسي گهر

بشومير راءِ عادت مطابق صبح جو ٽين وڳي ننڊ مان اٿيو ۽ ڇت جي چبوتري تي پسار ڪرڻ لڳو. هن جو پراڻو نوڪر اننت ننڍڙو غاليچو ۽ ويهاڻو کڻي آيو. نوڪر چبوتري تي غاليچو وڇائي ان تي ويهاڻو رکيو ته جئن سندس مالڪ اتي ويهي. پوءِ هن جو حقو آڻڻ لاءِ هو هيٺ لهي ويو. بشومير راءِ هڪ نظر غاليچي تي وڌي پر هو اتي ڪو نه ويٺو ۽ ساڳيءَ طرح ڪنڌ هيٺ ڪيو پسار ڪندو رهيو. ٿورو پريان هيٺ سندن خانداني ڪالي مندر جي پرسان گنگا نديءَ جو اڇو اوجل پاڻي هڪ ننڍي واهه جي صورت ۾ پئي وهيو.

آسمان جي ڏکڻ اوڀر ڪنڊ ۾ صبح جو تارو هڪ اڇي شعلي وانگر پئي جرڪيو. نئين شاهوڪار گنگولي خاندان جي محل جي ڇت تي بجليءَ جو بلب ائين پئي چمڪيو جڻ ته اُن تاري جي روشنيءَ سان مقابلو ٿي ڪيو. انهيءَ محل جي ڇت تي لڳل گهڙيال ۾ ٽِن جا ٽڪاءَ ٿيا. ٻن سؤ ورهين کان وٺي هن وقت تائين اهو گهڙيال راءِ خاندان جي گهر ۾ هوندو هو پر هاڻي ان جا ٽڪاءَ اتان ٻڌڻ ۾ ڪونه ٿي آيا. هاڻي رڳو پنهنجي عادت مطابق ۽ صبح جي تاري جي اڀرڻ سان ڪبوترن جي گهوگهو جي آواز تي بشومير ننڊ مان اٿندو هو بهار جي ٿڌڙي هير ۾ ڏاڍي وڻندڙ خوشبوءِ هئي. راءِ خاندان جي محل ۾ هاڻي بهار جي مند پنهنجي اچڻ جو اعلان اڳوڻي شان مان سان ڪونه ٿي ڪيو. نه وري هن خاندان وٽ بهار جي آدر ڀاءَ ڪرڻ لاءِ ڪي رهيو هو. گلن وارو باغ اُجڙ ٿي ويو هو ڇاڪاڻ ته ان جي سنڀال لاءِ ڪو به باغائي ڪو نه هو. البت ڪي گلن وارا وڻ اڃا تائين هئا: مُچڪندا، بوڪل، ناگيشور، چمپا. اهي وڻ به راءِ خاندان وانگر تارين ۽ تلهڙن کان خالي هئا، هن پڳل ٽٽل جبل جيڏي پراڻي محل وانگر اهي وڻ به پراڻا ٿي ويا هئا. سڙي سڪي ويا هئا ۽ انهن کي ڏُتو لڳي ويو هو.

اصطبل مان هڪڙي گهوڙي هڻڪار ڪئي.

ايتري ۾ اننت چلم جي ٽوپي دکائي آيو ۽ اچي چلم تي رکي چپائين، "حضور".

بشومبر پنهنجن ئي خيالن ۾ هو. هن چرڪ پرينديءَ چيو "چڱو".

هو هوريان هوريان هلندو اچي غاليچي تي ويٺو. اننت چلم جو ڊگهو نڙ هن جي هٿ ۾ ڏنو. هيٺ اصطبل ۾ هڪ پيرو وري گهوڙي هڻڪار ڪئي.

بشومبر نڙ مان ٻئي هلڪيون ڦوڪون پريون ۽ چيو "مڇڪندا گل هاٿي تڙيا آهن. ٻئي گل منهنجي شربت ۾ وجهندو ڪر."

اننت پنهنجو مٿو ڪنهندي ورائيو "اڄا انهن جا پَن ساوا ڪين ٿيا آهن."

اصطبل ۾ گهوڙو هر هر بيقراريءَ سان پٽي هڻڪيو. راءِ ٽڏو ساهه کڻندي ٿورو بيزاريءَ وچان چيو "اهو شخص نِتي هاٿي پيريءَ ۾ دير سان اٿڻ لڳو آهي ڇا؟ وڃي هن کي سڏ. طوفان ڏاڍو بيقرار آهي. تون هن جون هڻڪارون نہ ٿو ٻڌين؟"

راءِ خاندان جي انهن وڏن نَون طبيلن ۾ باقي اهو اڪيلو گهوڙو طوفان وڃي بچيو هو. پنجويهہ سال اڳ اهو ڪراڙو طوفان نوجوان ۽ بي ڊپي بهادر بشومبر راءِ جي سواريءَ جو گهوڙو هوندو هو. هر صبح جو پرهہ ڦٽيءَ ويل اهو ارڏو طوفان پنهنجي پٺيءَ تي بشومبر راءِ کي کڻي ٻاهر نڪرندو هو پر ٻہ سال اڳ جڏهن وياج خور گنگولين هر ڳوٺ ۾ پنهنجي ملڪيت جو ڍنڍورو ڏياريو تڏهن کان وٺي طوفان جي پٺن تي ڪو بہ ڪونہ ويٺو.

هڪڙي ڏينهن بشومبر جي منشيءَ تارا پرسن هن کي چيو "اها اوهان جي تمام پراڻي عادت رهي آهي، جيڪڏهن هينئر اوهان سواريءَ کي ڇڏيندا تہ اوهان جي صحت ـ ." پر بشومبر جي اکين کي ڦرندو ڏسي هن پنهنجي ڳالهہ اڌ ۾ ڦٽي ڪئي. راءِ هن کي ان جو جواب فقط ٻن لفظن ۾ ڏنو "شرم، تارا پرسن."

اننت ڏاڪڻ تان هيٺ پٽي لٿو تہ بشومبر هن کي سڏ ڪندي چيو "ڪالهہ نِتي چيو پي تہ طوفان کي پورو داڻو بہ ڪو نہ ٿو ملي"

اننت ورائيو "هن سال اسان جي چٽن جو فصل پلو ڪونہ ٿيو آهي، تنهن ڪري" منشيءَ چيو.

”هون!“ پوءِ نڙ مان ڦوڪ پريندي بشومبر وري پڇيو ”پلا طوفان ڳري ويو آهي ڇا؟“

اننت پٽڪيو ”نہ! ايترو نہ.“

”هون!“ پوءِ ٿورو ترسي بشومبر وڏيڪ چيو ”هن کي داڻو پورو ڏيندا ڪريو. سمجهئي؟ منشيءَ کي ٻڌاءِ تہ اهو منهنجو حڪم آهي. هاٿي وچ ۾ نِتي کي سڏي اچ.“

اننت هليو ويو. وهاٽي کي ٽيڪ ڏيندي بشومبر مٿي آسمان ۾ نهارڻ لڳو. هن جي چلم جو ڌڳهو نڙ سندس پرسان پيو هو. آسمان ۾ تارا هڪ ٻئي جي پٺيان غائب ٿيندا ويا. بشومبر بي خياليءَ ۾ پنهنجي نرم چاتيءَ تي هٿ ڦيرڻ لڳو. هڪ، ٻہ – جڏهن پهرئين ڏينهن هن طوفان تي سواري ڪئي هئي تہ سندس پاسراتي ضربجي پئي هئي. ان ڏينهن طوفان ڪهڙو نہ ارڏو ٿي نظر آيو! هن رڳو ان وقت ماٺ ٿي ڪئي جڏهن هن جي ڪن ۾ راڳ جو آواز آيو هو. جڏهن راڳ ٿيندو هو تڏهن طوفان جي چال ئي ڦري ويندي هئي ۽ هو ڳچيءَ ۾ وَر ڏئي ڪئَن نہ نچندو هو!

بشومبر اٿي بيٺو جٿَن سج جي روشنيءَ ۾ تارن جي روشني جهڪي ٿيو وڃي، تئَن هن جي گذريل وقت جون يادون سندس خانداني وڏائيءَ ۽ فخر جي ڪرٽن ۾ هميشہ اُجهامي ويندڙيون هيون. اڄ خانداني فخر جي انهيءَ ٻرندڙ سج کي اوچتو ئي اوچتو هڪ عجب جهڙي رحمدليءَ جو گرهڻ لڳو هو. هن جي يادگيرين جو سڀ کان وڏيڪ روشن تارو – طوفان – بشومبر جي دل جي آسمان تي هڪڙي پنيٺ وانگر ٻرڻ لڳو هو. ڇاڪاڻ تہ ٻہ سال ٿي ويا هئا جو هو ڏاڪڻ تان هيٺ ٻہ نہ لٿو هو هينئر طوفان کي ڏسڻ جي سخت طلب جي ڪري هو هيٺ لهي آيو هو. هن جي گهَر جي ڪشادي آڳنڌ جي چوڌاري جيڪي ڍڳها وراندا هئا، انهن ۾ راءِ جي چاڪرين جي آواز جو پڙاڏو ٿيڻ لڳو. گول ٿنين جي ڪيترين ئي قطارن جي ڳڙکين مان چمڙا چرڪي ٻاهر نڪري اڏامڻ لڳا. اُونداهن ۽ ڪُلف لڳل ڪمرن جي اندران چمڙن جي پَرن جو سرڙاٽ پڻ ٻڌڻ ۾ پئي آيو. ڏاڪڻ جي پر واري ڪمري ۾ غاليچا، گلم، فراسيون ڪنهن ڪمري جي فرش تي وڏيون ۽ اڇيون چادرون رکيل هيون. انهيءَ جي پرسان ڪمري

مان چمڙن جي پرن جي سرڙاٽ جي آواز ۾ ڪنهن شيءِ جي ڇٽڪي جو آواز ملي ويو هو. اهو ڏيئن، فانوسن ۽ شمعدانن رکڻ جو ڪمرو هو. شايد اهو چمڪو ڇت ۾ ٽنگيل وڏن فانوسن جي بلوري ٽڪرن جي پاڻ ۾ لڳڻ جي ڪري ٿيو هو.

راءِ ڪنڌ وٺان ٿري اڳتي وڌيو هاڻي اهي ڪمرا ٿي ڏنا جتي جدا جدا ضلعن مان اينڊڙ وڏن وڏن مقاطعدارن کي رهايو ويندو هو. انهن ضلعن جا ڪي تمام شاهوڪار مقاطعدار راءِ خاندان جي جاگير جي حدن ۾ رهندا هئا. انهن مان ڪيترائي مقاطعدار ساليانې مقاطعي جي رقم پنج سؤ کان پنج هزار روپين تائين ڏيندا هئا.

ورانڊي جي اُپرندي طرف ڪنڌ ۾ هڪ ڏاڪڻ هئي. ان ڏاڪڻ تان راءِ لهي هيٺئين طبق ۾ آيو. اتي ڪيترن ئي ڪمرن جي هڪ ڊگهي قطار هئي، جن ۾ راءِ خاندان جو ڪيترن ئي تلهن تلهن جلدن ۾ دفتر رکيل هو.

انهن دفترن ۾ راءِ خاندان جي سٽن پيڙهين جي تاريخ محفوظ هئي. بشومبر راءِ ان زميندار خاندان جي سلسلي جو ستون زميندار هو. هن اهو ياد ڪندي اوندهه ۾ مرڪي ڏنو ته راءِ خاندان جو پهريون بزرگ چوندو هو ته، "دولت جي ديوي لڪشميءَ کي سوگهو ڪرڻ لاءِ علم جي ديوي سرسوتيءَ جو راضپو حاصل ڪرڻ تمام ضروري آهي. ڪاغذ تي مس سان ڻاهيل زنجير حقيقت ۾ تمام مضبوط زنجير ٿين ٿا. پنهنجي حساب ڪتاب جو زنجير صحيح سلامت رکو. پوءِ لڪشمي ديوي اوهان وٽان ڪڏهن به ڪين ويندي." هو نوابن جي دربار ۾ زمين جي پئمائش جو عملدار هو. ڪاغذ، قلم، مس – اتي هر ڪا شيءِ هئي، پر ان هوندي به لڪشمي ديوي هن وٽان هلي ويئي هئي. دفترن واري ڪمري کان اڳتي ساڄي پاسي ڊگهين جو وٽاڻ هو ۽ ڪاٻي طرف اصطبل هئا. انهن کان اڳتي مندر هئا.

راءِ سڏ ڪيو "نِتي".

"حضور"، ادب وچان جواب آيو جيڪو طوفان جي وڏي هٽڪار ۾ ٻڏي ويو. ٻئي پاسي کان هاٿيءَ جي گجڻ جو آواز آيو.

راءِ اوڏانهن ويو ۽ طوفان جي اڳيان وڃي بيٺو.

بي صبريءَ وچان ڏڙها هڻندي پوڙهو طوفان ٻارن جهڙيون حرڪتون ڪرڻ لڳو هن جي مُنهن تي هٿ گهمائيندي راڄ چيو "پٽ". — "منهنجا پٽ"! طوفان پنهنجو منهن مالڪ جي هٿ تي مهٽڻ لڳو. هاٿيءَ کي بہ بيچئني وڪوڙي ويئي. ڪيترائي ڀيرا گجڻ کان پوءِ هن زنجير ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي. رحمت مهاوت پنهنجي مالڪ جو آواز ٻڌي پنهنجي هاٿيءَ جي ويجهو تي بيٺو. هن ڊڄندي ڊڄندي دانهن ڏني، "مالڪ، ننڍي مالڪياڻي زنجير ٽوڙي ڇڏيندي."

هاٿيءَ کي ننڍي مالڪياڻي چيو ويندو هو. اهو هاٿي بشومڀر جي ماءُ جي ڏيج ۾ آيو هو. پهرين هن کي موتي جي نالي سان سڏيو ويندو هو پر جڏهن هڪ دفعي هن جو مالڪ ڏنيشور راڄ شڪار تان واپس وريو هو تہ اوچتو پنهنجي آپي مان ئي ٻاهر نڪري ويو هو ڇو جو موتيءَ چيتي کي پنهنجيءَ سونڊ ۾ جهليو هو ۽ پوءِ پنهنجن پيرن هيٺ رکي چيپاٽي ڇڏيو هو موتيءَ تي پنهنجي مڙس جون مهربانيون ڏسي، بشومڀر جي ماءُ هاٿيءَ جو نالو "ڀهاڄ" رکيو هو. اهو ٻڌي هن جي مڙس چيو هو "ٺيڪ آهي بيگم راڄ، اڄ کان هن جو نالو بہ بيگم راڄ هوندو" ۽ بشومڀر جي ماءُ ورنديءَ ۾ چيو هو تہ، "نہ، نہ رکو بيگم راڄ، هن کي ننڍي مالڪياڻي ڪري سڏيو ويندو. هوءَ تنهنجي ٻيءِ زال آهي"

رحمت جي عرض ڪرڻ تي بشومڀر طوفان کي ڇڏي ننڍي مالڪياڻي ڏانهن ويو. هن جي پٺيان طوفان جون ڪاوڙ ڀريل هڪارون صاف ٻڌڻ ۾ پئي آيون. راڄ هاٿيءَ کي چيو "ننڍي مالڪياڻي، ڇا حال آهي؟" هاٿيءَ پنهنجيءَ سونڊ کي وٽ ڏئي راڄ جي اڳيان ڪيو. اهو هن جي طرفان عرض هو تہ منهنجي پٺيءَ تي سوار ٿي، راڄ سدائين هاٿيءَ جي پٺن تي سوار ٿيڻ لاءِ هن جي سونڊ تي پير رکي چڙهندو هو. راڄ هاٿيءَ جي سونڊ تي هٿ ڦيرائيندي چيو "هن وقت نہ، امان ..... " ننڍي مالڪياڻي هن جي ڳالهہ سمجهي ويئي، هوءَ پنهنجي سونڊ راڄ جي ڪلهي تي رکي هڪ ننڍڙي ڇوڪريءَ وانگر انتظار ڪرڻ لڳي. راڄ وڏي آواز ۾ چيو "نِتي، طوفان کي گهمائڻ لاءِ ٻاهر وٺي وڃ."

نتي لنوائيندي وراڻيو ”طوفان اڄ اوهان کي ڏسي ورتو آهي. جيستائين اوهين هن تي سوار نہ ٿيندا، هو ٻاهر نہ ايندو.“

راڄ ان جو ڪو بہ جواب نہ ڏنو ۽ ننڍي مالڪياڻي جي سونڊ تي هٿ گهمائيندي هن پٽڪيو ”منهنجي امڙ ڪهڙي نہ سٺي آهي!“

اوچتو بئنڊ باجن جي آواز صبح جي سانت کي ٽوڙي ڇڏيو. راڄ هاٿيءَ جي سونڊ کي ڇڏي پري هٽي ويو ۽ پڇڻ لڳو ”اها بئنڊ ڪٿي پئي وڄي؟“

نتي جهيڻي آواز ۾ وراڻيو ”گنگولين جي گهر ۾ ٻار جي سُکا ڪئي اٿن.“

راڄ هميشہ جيان وراڻيو ”هون“.

ايتري ۾ طوفان بئنڊ جي موسيقي جي ڌن تي زمين تي سُنب هڻي نچڻ لڳو ۽ ننڍي مالڪياڻي جي پيرن ۾ پيل زنجير ڪنهن نچڻيءَ جي پازيبن جي گهنگهرن وانگر وڄڻ لڳا، ڇم، ڇم، ڇم.

راڄ وڏي دروازي مان واپس اونداهي محل ۾ هليو ويو. هن کي ياد پيو تہ ڪنهن زماني ۾ هر صبح جو راڄ جي محل ۾ شرنايون وڄنديون هيون. پوءِ اهي هئي انهن جي موسيقيءَ تي ائين ئي ناچ ڪندا هئا، هڪ پاسي طوفان ۽ ٻئي طرف ننڍي مالڪياڻي. هن مٿان سڏ ڪيو ”اننت“.

”حضور“

”منشيءَ کي سڏ ڪر.“

راڄ وڃي ڇت جي چبوتري تي ويٺو. ڪراڙو منشي تارا پرسن ڊوڙندو آيو ۽ اچي هن جي اڳيان بيٺو. راڄ هن کان پڇيو ”اڄ موهن گنگوليءَ جي پٽ جي سُکا آهي ڇا؟“

”جي حضور.“

”هنن اسان ڏانهن دعوت ضرور موڪلي هوندي؟“

”جي حضور“، تارا پرسن وراڻيو.

”تہ پوءِ چانديءَ جي ٿالهيءَ ۾ سوني مهر رکي هنن ڏانهن موڪل.“

تارا پرسن ڪو بہ جواب نہ ڏنو. هن ۾ اعتراض ڪرڻ جي همت ئي ڪين هئي. ظاهر هو تہ هن کي مالڪ جي اها ڳالهہ نہ وڻي هئي.

"اوڏانهن وڃين تہ مون کان سوني مهر وٺي وڃجان."

تارا پرسن هليو ويو. راڄ ماٺڙي ڪري ويهي رهيو. اننت اچي چلم جي ٽوپي مٿائي ۽ نڙ اڳتي ڪندي چيو "حضور" عادت مطابق راڄ پنهنجو هٿ وڌايو. پوءِ حڪم ڏنو "وڃي ننڍي مالڪياڻيءَ جي پالڪي ۾ گهنگهرو ڪيڏاءِ. منشيءَ کي گنگولين جي گهر وڃڻو پوندو."

راڄ خاندان جي ٽن پيڙهين ڏن دولت جا انبار گڏ ڪيا هئا. چوٿين پيڙهيءَ راڄ ڪيو هو. پنجين ۽ ڇهين پيڙهيءَ آرام ۽ عيش عشرت ڪري پاڻ کي قرضن جي ڪوٽن ۾ قابو ڪيو هو. ۽ ستين پيڙهي شروع ٿي تہ راڄ خاندان جي لڇمي قرضن جي سمنڊ ۾ غرق ٿي ويئي هئي - ۽ بشومير هاٿي هڪ اهڙي ديوتا وانگر هٿ هٿ تي رکيو ايئن ويٺو هو جنهن جي لڇمي هلي وئي هئي. نہ رڳو ايترو پر راڄ خاندان جي پيڙهي بہ هن تي ختم ٿي وئي هئي. ننڍي عدالت ۽ وڏي عدالت جي فيصلن اڳ ۾ ئي لڇميءَ کي دروازي مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو. ايئنءَ ٿي لڳو تہ هاٿي اها هٿ ۾ ٽوڪري کنيون هميشہ هميشہ لاءِ غائب ٿي وڃڻ واسطي پروي ڪائونسل جي فيصلي تائين ترسيل هئي.

پُٽ کي جٽيي پارائڻ جي رسم جي موقعي تي راڄ خاندان جي گهر ۾ زبردست جشن ملهايو ويو هو. جڏهن چوڏهين جي چنڊ جي هر طرف چانڊوڪي پکڙجي ويندي آهي، تڏهن سڄي محل ۾ ڪاڏي پيتي ۽ خيراتي شين جا انبار لڳي ويا هئا. پوءِ سمنڊ جي وير لهڻ لڳي ۽ ان لهندڙ وير سان گڏ ئي راڄ خاندان جي اقبال جي چانڊوڪي اونداهيءَ ۾ بدلجي ويئي، عيش عشرت ۽ خوشيءَ جو اهو ستن ڏينهن وارو جشن ڦري زهر ٿي ويو. محل ۾ وبا پکڙجي ويئي. ايندڙ ستن ڏينهن ۾ راڄ جي زال، بہ پُٽ، هڪ ڌيءَ ۽ ڪيترائي مٺ مائٽ سيئي مري ويا. رڳو راڄ وڃي بچيو جيڪو ڪنڌ جهڪايو چرڻ پرڻ کان سواءِ صبر سان موت جو ائين انتظار ڪري رهيو هو جڏهن بنڌياگري جبل ازل کان اگستا اوتار جي واپسيءَ جو انتظار ڪيو هو.

نہ ائين بہ چوڻ صحيح نہ ٿيندو تہ هن موت جو انتظار پئي ڪيو. ڪنهن کي بہ خبر نہ هئي تہ ان ڏينهن کان هن موت جو انتظار بہ ڪيو هو

يا نہ. پر ان هوندي بہ هن ڪڏهن بہ پنهنجو ارڏو ڪنڌ جُهڪايو ڪونہ. ٻہ سال پوءِ هن کي ان ڏينهن اهو ڪنڌ جهڪائڻو پيو جڏهن پروي ڪائونسل فيصلو ڏنو هو. ان کان اڳ هن جي زال، پٽن ۽ ڌيءَ جي ديهانت کان پوءِ بہ جلسي گهر جون روشنيون اجهاميون ڪين. ستار سارنگي، طبلي ۽ گهنگهرن جي سُرن ۽ ڇمڪي جو پڙاڏو اتي ٿيندو رهيو آڌيءَ رات جي ماٺ ۾ خوشين سان ڀرپور ٽهڪن جا گونجندڙ آواز ٻُرندا رهيا. ننڍي مالڪياڻي جي پٽن تي شڪار ڪرڻ جي خيال کان ڪيترائي پيرا پالڪي ٻڌي ويئي، ايتري قدر جو اهو ڏسي ڪارڙ ۽ ڪروڌ ۾ طوفان پنهنجو رسو ٽوڙائڻ جي بہ ڪوشش ڪئي هئي.

آخرڪار پروي ڪائونسل جي فيصلي سان ٺي راءِ خاندان جي سموري زميني دولت ڪائون ڇڏائجي وئي. رڳو اهو محل ۽ ان سان لڳ عمارتون ۽ مندر جي ٽرسٽ واري جائداد باقي بچي هئي. راءِ خاندان جي پهرئين بزرگ انهيءَ جائيداد کي ڪاغذ تي مس سان ايئن تہ زنجير وڌا هئا جو ڪو بہ ان جو نالو نہ تي وٺي سگهيو. اها نہ تہ وڪامي تي سگهي نہ وري قرضدار ان کي ضبط ڪري ٿي سگهيو. ٽرسٽ جي انهيءَ جائداد مان مندر جون ريتون رسمون ٿينديون هيون. ننڍي مالڪياڻيءَ لاءِ داڻو ايندو هو رحمت کي پگهار ملندو هو. مطلب تہ هينئر بہ سمورو خرچ پڪو اتان ٿي ايندو هو 'هينئر بہ گهر جي لاءِ سڄي مهيني جي ضرورت جا تمام سنا چانور جيڪي نواب ۽ حاڪم کائيندا هئا. بنا ڪنهن رنڊڪ جي ايندا هئا. مڇي مندر جي تلاءَ مان ايندي هئي تہ پکي ان جي ڏيٺن مان ملندا هئا. راءِ خاندان جو اهو شان شوڪت ۽ ٻيڪو تہ ختم ٿي ويو هو پر ان جي ياد اڃا قائم ۽ دائم هئي. اهو ئي سبب هو جو راءِ خاندان جي اها ڦٽل ۽ ويران عمارت اڃا تائين راجا جو محل ڪري سڏبي هئي ۽ بدنصيب بشومبر راءِ حضور ڪري سڏيو ويندو هو.

گذريل شان شوڪت جا اهي ٿورا آثار بہ انهن گنگولين جي ڪُک ۾ ڪانءَ مثل هئا. جن وٽ هينئر جام ڌن دولت هئي. هنن کي ائين لڳندو هو ڄڻ تہ هنن پنهنجو سونو محل ڪنهن پراڻي مئل جبل جي پنيان جوڙايو هجي، جنهن ڪري دنيا جي نظر سندن سوني محل تي پوڻ

جي بدران انهيءَ پراڻي مئل جبل تي پوندي هئي. هنن جي قيمتي موٽر ڪار جي پيٽ ۾ راءِ خاندان جي هاٿيءَ کي وڏي عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ٿي ويو.

موهن گنگولي انهن سيني ڳالهين تي غور ڪندو رهيو ۽ سوچيندو رهيو تہ هڪڙي ڏينهن انهيءَ پراڻي مئل جبل جي چوٽيءَ کي ڊاهي پَٽ ڪرڻو ئي پوندو.

ننڍيءَ مالڪياڻيءَ جي ڳچيءَ ۾ ٽليون ٻڌڻ سان ئي فخر وچان هن جو سمورو جسم جهولڻ لڳو ٽلين جا آواز گونجڻ لڳا. ٽن، ٽن، ٽن، ٽن.

تارا پرسن منشي اڇي بشومير جي اڳيان بيٺو. هو زنانخاني جي وڏي ڪمري ۾ ويٺو هو. هاٿي هو اتي رهندو هو. ڪمري جي ڀتين تي راءِ خاندان جي مردن ۽ عورتن جون سندن اڌڙوٽ عمر واريون ٺهيل تصويرون ٽنگيل هيون. سيني کي شالون ويڙهيل هيون جن تي ڪالي ماتا جا نالا لکيل هئا. سندن ڳچين ۾ زورڪشا جا هار پيل هئا ۽ هنن جي هٿن ۾ مالهائون هيون. بشومير انهن تصويرن کي پٺي ڏنو. تارا پرسن جي اچڻ تي هن اتان آهستي پنهنجو ڪنڌ ورائي سڌ ڪيو "اننت، اها پئسن واري پيتي تہ کڻي آ."

هن انهيءَ پيتيءَ مان هڪ ڪنجي ڪڍي ۽ لوهہ جي ٽجوڙي کولي. ٽجوڙيءَ جي مٿين خاني ۾ راءِ خاندان جي لڇميءَ جو دٻلو رکيو هو. هيٺين خاني ۾ ٻئي دٻليون رکيون هيون. راءِ اتان جواهرات جي هڪ خوبصورت دٻلي ڪڍي. جيڪا سندس سرڳواسي زال جي هئي. هن اها کولي، پر ان ۾ ڪي بہ نہ هو. اتي رڳو هڪ زيور سنڌي رکيل هو جيڪو راءِ خاندان جون ڪنوارون پيشانيءَ تي پائينديون هيون. ستن پيڙهين تائين جڏهن بہ ڪا نئين ڪنوار گهر ۾ پير رکندي هئي تڏهن هن جي آجيان انهيءَ زيور ڏيڻ سان ڪئي ويندي هئي. ان کان سواءِ ٻيا سمورا زيور وڪامجي ويا هئا. هڪ دٻليءَ جي ڪنڊ ۾ ٻئي سونيون مهرون پيون هيون. انهن مان ڪي مهرون سندس زال کي شاديءَ جي خوشيءَ ۾ مليون هيون ۽ ڪي وري اهي هيون جيڪي نوجوان بشومير پنهنجيءَ زال کي ڏنيون هيون. جنهن سال هن جي شادي ٿي هئي، ان سال هو پهريون ڀيرو

پنهنجي جاگير گهمڻ ويو هو. اتي پٽيدارن نذراني طور هن جي خدمت ۾ جيڪي مهرون پيش ڪيون هيون، اُهي هن آٽي پنهنجيءَ زال جي اڳيان رکيون هيون. هن ماٺ ميٺ ۾ انهن مان هڪ مهر ڪٽي منشيءَ کي ڏني. منشي هليو ويو. ٿوريءَ دير کان پوءِ ننڍي مالڪياڻيءَ جا گهنگهرو زور زور سان وڄڻ لڳا. راءِ اتي دريءَ جي ويجهو وڃي ويٺو. ننڍي مالڪياڻيءَ جي مٿي تي تيل هٽي چمڪايو ويو هو ۽ سيندور جي ٽِڪن سان سينگاريو ويو هو. ننڍي مالڪياڻي خوشيءَ وچان جهومندي ٿي ويئي.

ٻنپهرن جو گنگولين جي ڏکهي ۽ چمڪندڙ موٽر ڪار اچي راءِ محل جي ٻڳل ڏيڍيءَ ۾ بيٺي. ڪار مان موهن گنگولي پاڻ لهي آيو. تارا پرسن ڊوڙي اچي هن جو آدر ڀاءُ ڪيو ۽ چيو "ڀلي ڪري آيا."

اننت پڻ ڏاڪڻ تان هن کي ايندي ڏٺو. هو ڊوڙندو هيٺ لٿو. هن ملاقات واري وڏي ڪمري جو دروازو کوليو. موهن پڇيو "دادا ڪٿي آهي؟ آءٌ هن سان ملڻ گهران ٿو." ڪيترين ئي پيڙهين کان گنگولي وارا راءِ خاندان جي جاگير ۾ وياج تي قرض ڏيڻ جو ڌنڌو ڪندا آيا هئا. موهن جو پيءُ جنارڌن بہ راءِ محل جي مالڪ کي حضور چوندو هو. بشومڀر کي دادا چئي موهن جيڪا بي ادبي ڪئي هئي ان تي تارا پرسن ناراض ٿيو هو پر هن کلندي وراڻيو "حضور جن اجا اُٿيا ڪونهن، هن وقت آرامي آهن."

موهن چيو "تون هن کي اُٿاري ٻڌائينس تہ آئون ساڻس ملڻ گهران ٿو."

تارا پرسن ٿلهي مرڪ مرڪندي وراڻيو "اسان مان ڪنهن کي بہ اهو اختيار مليل ڪونهي. جيڪڏهن اوهان کي حضور لاءِ ڪي چوڻو آهي تہ مون کي ٻڌايو. آئون حضور تائين اوهان جو پيغام پهچائيندس."

موهن بي صبريءَ وچان وراڻيو، "نہ نہ. منهنجو هن سان ملڻ تمام ضروري آهي."

ايتري ۾ اننت شربت جو ڀريل گلاس کڻي اچي موهن گنگوليءَ جي اڳيان پيش ڪيو. موهن اهو هن کان وٺندي پڇيو تہ "دادا ننڊ مان جاڳيو آهي؟"

"جي هائو جاڳيو آهي. مون اوهان جي اچڻ جو حضور کي اطلاع ڏنو آهي، حضور اوهان کي مٿي ياد ڪيو آهي."

موهن شربت جو گلاس پي اٿيو ۽ چوڻ لڳو ”ڪيڏي نہ پياري خوشبو آهي! هيءُ شربت ڇا جو ٺهيل آهي؟“

اننت ڪوڙ ڳالهايو ”مون کي خبر ڪانهي، اهو بنارس مان ايندو آهي.“

مٿئين ڪمري ۾ قدم رکندي موهن چيو ”دادا، اوهان اسان وٽ دعوت ڪائڻ ڪونہ آيا؟“

بشومبر مُرڪڻ لڳو ۽ چيائين، ”هلي آءُ، اندر اچي ويهہ.“

”دادا، مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو آهي، اوهان جي نہ اچڻ تي!“

بشومبر وري مُرڪي ڏنو ۽ جواب ۾ چيو ”توکي ڄاڻڻ گهرجي تہ تنهنجو دادا پراڻي جڳ جو آهي، آئون ڪراڙو ٿي ويو آهيان، هاٿي بدن ۾ اچڻ وڃڻ جي سگهہ ڪانهي.“

”چڱو آئون اهو ڏک دل مان ڪيئي ٿو ڇڏيان، پر اڄ رات اوهان کي اچڻو پوندو.“

بشومبر هن جي ڳالهہ لنوائيندي چلم ڇڪيندو رهيو. هن ڪوبہ جواب نہ ڏنو.

موهن پنهنجي ڳالهہ ڪندو رهيو ”مون لکنؤ مان ڪي نچڻيون گهرايون آهن، هنن جي ناچ ۽ راڳ جو اوهان ئي قدر ڪري سگهو ٿا.“

بشومبر ماڻڙي ڪيو چلم ڇڪيندو رهيو. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ هن نڙ هيٺ رکندي چيو ”موهن، منهنجي طبيعت چاق نہ ٿي رهي، اڄڪلهہ ٿوري دل جي بہ تڪليف اٿم. ڪڏهن ڪڏهن تہ اها وڌيو بہ وڃي.“

موهن ٿوريءَ دير لاءِ ماٺ ڪيو ويٺو رهيو پوءِ اٿيو ۽ چوڻ لڳو ”دادا، ڀلا آئون هلان ٿو ڄاڪاڻ تہ مون کي شهر بہ وڃڻو آهي، جتان صاحبلوڪن کي بہ وٺي اچڻو آهي، اڄ رات جي محفل ۾ هنن کي دعوت ڏني اٿم.“

بشومبر رڳو ايترو چيو ”منهنجي نہ اچڻ جي ڪري دل ۾ نہ ڪجانءِ.“

موهن ڪمري مان نڪري ورانڊي ۾ ٿوري دري لاءِ بيهي رهيو ۽ اوچتو چوڻ لڳو ”دادا، گهر جي حالت ڇا ڪئي اٿوَ! هن جي تہ مرمت ٿيڻ کپي.“

ان جو هن کي ڪنهن بہ جواب نہ ڏنو رڳو اننت هن کي چيو ”اچو حضور.“

**

گنگولين جي گهر واري جنهن وڏي ڪمري ۾ ناچ راڳ جي محفل ٿيڻي هئي. اهو بجليءَ جي ڪيترن ئي جهاڙن ۽ بلبن سان سينگاريل ۽ روشن هو. شاميانيءَ ۾ چوڌاري بجليءَ جا رنگ برنگي بلب پئي ٻريا. بجليءَ جو هنن وٽ سمورو انتظام هو. جنهن ڪري ان لاءِ ڪين ڪا به پيچ ڊُڪ نہ ڪرڻي پئي هئي. شاميانيءَ جي ٿنڀن تي گلن جا هار ۽ رنگين ڪاغذ جون جهالرون ويڙهيل هيون. زمين تي هڪ وڏو گلم وڇايل هو. جنهن تي ڳائڻين نچڻين ۽ سازندن جي ويهڻ لاءِ اڇي چادر وڇائي وئي هئي. ان جي هڪ پاسي خاص مهمانن جي ويهڻ لاءِ ڪرسين جون قطارون لڳل هيون ۽ ٻئي طرف باقي مهمانن لاءِ فرش تي غاليچا وڇايل هئا. پٺيان هڪ سنهو پڙدو ٽنگيل هو جنهن جي ٻئي طرف مهمان عورتن جي ويهڻ جو بندوبست ڪيل هو. رات جو ائين بجي تائين سڀئي مهمان پهچي ويا هئا ۽ سڄو شاميانو ڀرجي ويو هو. طبلچين، سارنگي ۽ ستار وڄائيندڙن پنهنجا ساز ملائڻ شروع ڪيا.

پوءِ اتر هندستان جون ٻہ نچڻيون شاميانيءَ ۾ آيون. هنن کي پيرن تائين گهاگهرا پيل هئا ۽ زيورن سان جهنجهيرن پيون هيون. مهمانن ڳالهائڻ بند ڪيو. چوڌاري ماٺ ٿي وئي. سڀني جون نظرون هنن ۾ هيون. ٻئي ڇوڪريون خوبصورت هيون!

موهن گنگولي خاص مهمانن سان گڏ ڪرسيءَ تي ويٺو هو. ناچو ڇوڪرين مان هڪ جيڪا عمر جي وڏي هئي، ڳائڻ لاءِ اڳتي وڌي. پڪي راڳ جي ڏکي ۽ سُست ڌُن جڏهن ٿي تہ ويٺل مهمانن کي سمهاري تي ڇڏيو. هنن مان ڪن پاڻ ۾ هوريان هوريان ڳالهائڻ شروع ڪيو. خاص مهمانن جي هڪ ٽوليءَ چرچا پئي ڪيا ۽ ٽهڪ پئي ڏنا.

جڏهن راڳ ختم ٿيڻ تي آيو تہ موهن مروت ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندي چيو "واهہ واهہ. تمام سٺو." ڇوڪري جنهن راڳ جي ڌُن تي ناچ پئي ڪيو اهي لفظ ٻڌي اوچتو بيهي رهي. هن راڳ ڳائڻ بند ڪيو ۽ ويهي رهي. هن پاڻ کان ننڍي سهيليءَ جي ڪن ۾ ڪا ڳالهہ ڪئي ۽ مُرڪي هن کي اُٿي نچڻ لاءِ اشارو ڪرڻ لڳي. مهمانن ۾ جڻ تہ ساهہ پئجي ويو. هن جي راڳ جي تکيءَ ڌُن ۽ ناچ جا تيز لَهرا، مهمانن جي

وچ ۾ جڻ تہ ڪنهن پهاڙي جهرڻي وانگر ٿي لڳا. چؤڏاري واهہ واهہ ٿي ويئي. مهمانن ناچو ڇوڪرين جي مٿان روپين جو مينهن وسائي ڇڏيو.

ننڍي ناچو ڇوڪري هر هر نچڻ لڳي، مهمانن جي اکين مان ننڊ نڪري ويئي. جڏهن ناچ ۽ راڳ جي وندر پوري ٿي، تڏهن موهم ناچو ڇوڪرين کي پاڻ وٽ گهرائي چيو ”سيئي ڏاڍو خوش ٿيا آهن اوهان جي راڳ، ناچ مان.“

وڏي ناچو ڇوڪريءَ وراڻيو ”اوهان جا احسان آهن“. حقيقت ۾ موهن جي احسانن جي ڪا حد ئي نہ هئي. هنن کي ٽن ڏينهن جي لاءِ گهرايو ويو هو پر راڳ ناچ جي اها وندر پنجن ڏينهن تائين هلندي رهي.

آخري ڏينهن تي موڪلائڻ کان اڳ موهن مٿن هڪ ٻي مهرباني ڪئي. هُن کين ٻڌايو تہ، ”هتي اسان جي راجا جو محل آهي. اوهين اتي ضرور وڃو. بشومپير راءِ رئيس آهي ۽ راڳ جو وڏو قدردان. ٿي سگهي ٿو تہ هو اوهان کي پاڻ ڳائڻ ۽ نچڻ لاءِ چوي. وڏي ناچو ڇوڪري ڏاڍي ادب سان وراڻيو ”حضور، اسان بہ اهو ئي ٻڌو آهي. راجا بهادر جي دربار ۾ ضرور حاضري ڀربي. هت اچڻ کان پوءِ مون اهو ئي سوچيو هو.“

❊ ❊

تارا پرسن حقيقت ۾ ڏاڍو ڪاوڙجي پيو هو. هو سمجهي ويو هو تہ اها ڪريل حرڪت ان بدمعاش موهم گنگولي جي هئي.

”هنن رنڊين کي اسان ڏانهن اماڻي هن اسان کي خوار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي“ هن دل ئي دل ۾ چيو. پر ظاهري طرح هن گنڀير ٿيندي چيو ”سرڪار جي طبيعت چاڪ ڪانهي. راڳ ناچ ڪيئن ٿيندو.“ پر ناچو ڇوڪرين ليلائيندي چيو ”اسان تي مهرباني ڪر.“

تارا پرسن هنن جي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽيندي چيو، ”نہ، اهو ممڪن ئي ڪونهي.“

ناچو ڇوڪرين ڏک ۽ افسوس ڪندي چيو ”اها اسان جي بدقسمتي چئبي.“

اهي اتان وڃڻ لڳيون تہ ماڙيءَ تان رڙ ٿي، ”تارا پرسن!“

جڏهن ئي تارا پرسن بشومبر جي اڳيان حاضر ٿيو ته هن پڇيس "ڪير آهن؟"

تارا پرسن ڪنڌ جهڪائي وراڻيو "گنگولين وٽ جيڪي ڇوڪريون ڳائڻ ۽ نچڻ آيون هيون."

"هون." پوءِ ٿوري دير رکي بشومبر پڇيو "ڇا تو هنن کي خالي هٿئين موٽائي ڇڏيو؟"

"حضور جي خدمت ۾ بندي سلام عرض ڪري ٿي". ناچو ڇوڪريءَ فرشي سلام ڪندي چيو. "حضور سرڪار، بنديءَ کي معاف ڪندا جو اجازت کان سواءِ اندر حاضر ٿي آهي."

اجازت کان سواءِ ڪمري ۾ گهڙي اچڻ جي گستاخي ڪرڻ تي بشومبر کي پهرين ته ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، پر هن جي سوبهن کي ڏسي هو ميڻ ٿي ويو هن ڇوڪريءَ کي چٽائي ڏٺو. ڏاڙهونءَ جي داڻن جهڙو رنگ، ڪجل ڪڪوريون خوبصورت خوابي اکيون، گلاب جي پنن جهڙا چپ، قداور، سنهي چيلهه. لڳو ٿي ته انهيءَ پياري جسم ۾ ناچ جي هلڪي موزونيت پريل هئي، جيڪا ٿوري ئي اشاري تي هُن جي چُرڻ سان ظاهر ٿي پوندي.

بشومبر جي مُنهن تي مُرڪ پکڙجي ويئي ۽ هُن ڇوڪريءَ کي ويهڻ لاءِ چيو. هوءَ غاليچي تي ادب سان ويهي رهي ۽ چوڻ لڳي، "هيءَ بندي حضور بهادر جي دربار ۾ ڳائڻ جي لاءِ منتظر آهي".

بشومبر چوڻ وارو هو ته آئون ڇاڪ ڪونه آهيان. پر شرم ۽ حجاب وچان هو اهو چئي نه سگهيو. نچڻيءَ جي اڳيان ڪوڙ ڳالهائڻ سندس شان وٽان ڪونه هو.

ناچو ڇوڪريءَ وڌيڪ چيو "مون کي هر هڪ پئي ٻڌايو ته هتي حضور ئي موسيقيءَ جا سچا قدردان آهن. گنگولي بابوءَ به اهو ئي ٻڌايو ته اوهان رئيس آهيو اوهان هتي جا راجا آهيو."

راءِ چلم جو نڙ وات مان ڪڍيو. هن ناچو ڇوڪريءَ جي مُنهن ۾ چٽائي ڏٺو ۽ مرڪندي چيو "اج رات جو هت محفل ٿيندي." پوءِ هن سڏ ڪيو "اننت."

اننت ٻاهر انتظام ۾ بيٺو هو. هو جڏهن ئي اندر آيو ته راءِ هن کي چيو "هيٺ مهمان خاني جو دروازو کولي هنن کي سندن ڪمرن ۾

رهايو." اننت هنن کي پاڻ سان وٺي ويو. جيتوڻيڪ هوءَ بنگالي ڳالهائي نه پئي سگهي پر هن اها هڪدم پئي سمجهي. تنهن ڪري هوءَ اننت جي پٺيان ڪمري مان ٻاهر نڪري ويئي.

تارا پرسن جي ته وائي بند ٿي ويئي ۽ هو اتي ئي ماٺ ڪيو ويٺو هو. ٿوريءَ دير کان پوءِ هن چيو "هن گنگولين کان هڪ رات جا سؤ روپيه ورتا آهن."

"ٺيڪ آهي." راءِ ڪيترائي پيرا نڙ چڪيندي چيو "تو وٽ" پوءِ پنهنجو جملو پورو ڪرڻ کان پهرين هن وري نڙ مان ڦوڪ ڪڍي. تارا پرسن وراڻيو "مندر جي خرچ لاءِ رکيل پيسن ۾ فقط ڏيڍ سؤ روپيه پيل آهن."

راءِ ٿوريءَ دير لاءِ سوچيندو رهيو. پوءِ هو اٿيو ۽ تجوڙي کولي ان مان ساڳي جواهرات واري دٻلي ڪڍي. ان ۾ رکيل سنڌي ڪڍي. هيءُ اهو زيور هو جيڪو ڪيترين ئي پيڙهين کان راءِ خاندان جي ڪنوارن کي سوکڙيءَ طور ڏنو ويندو هو. هن سنڌي تارا شنڪر جي هٿ تي رکندي چيو "مندر جي ديوي آنند ميا جي لاءِ هيءَ سنڌي خريد ڪرڻ واسطي مندر جي پئسن مان ڏيڍ سئو روپيه ڪٽي اچ." آنند ميا راءِ گهراڻي جي خانداني ديوي هئي.

گهڻي گهڻي عرصي کان پوءِ راءِ خاندان جي خاموش محل جي ڪلفن کلڻ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. ان جي ڪشادي ۽ وڏي جلسي گهر جا دروازا ۽ دريون کلي ويون. شمعدانن ۽ غاليچن وارا ڪمرا پڻ کوليا ويا. جن ڪيترن ڏينهن کان پوءِ ڏينهن جي روشني ڏٺي.

اننت ڪمرن جي چنڊ ڦوڪ ۾ لڳي ويو هو. نتي ۽ رحمت هن جي مدد پئي ڪئي. مندر جي ڪراڙي ٻانهي وري وڏا طشت، چانديءَ جون چلمون، گلاب دانيون ۽ عطر دانيون پئي چنڊيون ۽ صفا ڪيون. ان سموري ڪم جي نظرداري وري تارا پرسن پئي ڪئي. اننت هن کي چيو "ڪنهن همراهه کي شهر اماڻڻو پوندو."

"مون ڪي شيون لکيون آهن. تون ٻڌ. ڪا شيءَ رهيل هجي ته ٻڌاءِ." تارا پرسن وراڻيو.

شين جي فهرست پڙهڻ کان پوءِ اننت چيو "سيئي شيون ٺيڪ آهن، رڳو ٻہ شيون کٽل آهن – ٻہ تولا کن عطر ۽ ولايتي شراب جون ٿوريون بوتلون".

"هڪڙي بوتل تہ رکي هئي؟"

"ان ۾ ٿورو رهيل آهي. تون تہ ڄاڻين ٿو تہ ڪڏهن ڪڏهن هو پيئندو آهي. پر اڄ رات جيڪڏهن هن گهر ڪئي تہ هڪڙي بوتل پوري نہ پوندي."

"تہ پوءِ ڪنهن کي موڪلجي؟ جيڪڏهن ڪنهن کي پنڌ روانو ڪبو تہ رات کان اڳ واپس نہ ورندو."

اننت منجهي پيو پر چوڻ لڳو "نتي کي طوفان تي اُماڻيو."

نتي اعتراض ڪندي چيو "حضور چوندو تہ ويندس"

تارا پرسن وراڻيو "چڱو آئون وڃي ٿو موڪل وٺي اچان."

بشومبر ليٽيو پيو هو. هن جڏهن تارا پرسن کي ڏٺو تہ چيائين، "مون سوچيو پئي تہ توکي سڏايان. تون گنگولين جي گهر وڃ ۽ موهم کي دعوت ڏئي اچ، ڳوٺ جي ٻين چڱن ماڻهن کي بہ دعوت ڏي. پر گنگولين وٽ تون پاڻ وڃ."

"هائو آئون پاڻ ويندس."

راءِ چيو"ننڍي مالڪياڻي تي پالڪي رکي وڃي."

تارا پرسن ٿوري دير ترسي چوڻ لڳو" نتي کي طوفان تي شهر اماڻيون ٿا."

"ڀلي موڪليوس."

هڪ وڏي عرصي کان پوءِ راءِ خاندان جي محل ۾ راڳ رنگ جي محفل ٿيڻي هئي.

ڪنهن طرف کان، شايد جلسي گهر مان، جهاڙن ۽ فانوسن جي چمڪندڙ بلورن جي پاڻ ۾ لڳڻ سبب موسيقيءَ جهڙا آواز پئي آيا. راءِ پنهنجي ڪمري مان نڪري ورانڊي ۾ آيو. اننت بلوري فانوس ۽ جهاڙ پئي ٽنگيا. پيرن جي آواز تي هن دروازي ڏانهن ڏٺو. جتي بشومبر راءِ بيٺو هو. هن ديوار تي ٽنگيل تصويرن کي پئي ڏٺو. وڏي ڪمري جي سيني ديوارن تي هٿ جون ٺهيل تمام وڏيون تصويرون ٽنگيل هيون، جيڪي راءِ

خاندان جي وارثن جي جوانيءَ جون هيون. پهرئين راءِ کان شروع ٿي خود هن تائين سڀئي خوش خورم ۽ عيش پسند پئي نظر آيا. پڙ ڏاڏو رونيشور راءِ هڪڙي چيتي جي جسم تي لت رکيو بيٺو هو جيڪو هن شڪار ڪندي ماريو هو. هن جي هٿ ۾ ڀالو هو ۽ پٺن تي ڍال هئي. پيءُ ڏنيشور هڪ گاديءَ تي ويٺو هو ۽ هن جي پر ۾ هڪ نؤجوان سريت ڪنڌ جهڪايو بيٺي هئي. نؤجوان بشو مير طوفان جي پُٽ تي ويٺو هو.

راءِ خاندان جي ماڻهن ان ڪمري ۾ ڪيترائي طوفاني ڪيل ڪيڏيا هئا. رونيشور پهريون ارڏو راءِ هو جنهن عيش عشرت واري زندگي گذاري هئي. بشومير کي ڪيتريون ئي ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون. هيءَ جلسي گهر بہ رونيشور ٺهرايو هو پر آخر ۾ هن ان مان ڪو بہ مزو ڪونہ ماڻيو هن پهريون ڀيرو جڏهن هن جلسي گهر ۾ پارٽي ڪئي هئي، تڏهن ان ڏينهن رونيشور جي زال ۽ پٽ ٻيڙيءَ ۾ نديءَ مان لنگهندي طوفان ۾ وڪوڙجي ويا هئا ۽ ٻڏي ويا هئا. بلوري فانوسن ۽ جهاڙن ۾ ٻرندڙ شمعون وسايون ويون. ان کان پوءِ هن ڪي جلسي گهر جي دروازن کولڻ جي نہ همت ٿي هئي نہ خواهش.

ڪهڙو نہ چڱو ٿئي ها جو ان ڏينهن راءِ خاندان جو نسل ئي ختم ٿي وڃي ها. پر رونيشور جي دل ۾ خاندان جو نالو روشن رکڻ جي خواهش تمام گهڻي وڌي ويئي. هن پنهنجي ساليءَ سان شادي ڪئي. هو چوندو هو تہ مون ديوي انند مَيا جي حڪم تي اها شادي ڪئي آهي، هن جي پٽ تارا ڪيشور هڪ ڀيري وري جلسي گهر جا دروازا کوليا هئا ۽ ان جا فانوس بہ روشن ڪيا هئا. هن پنهنجي هڪ امير دوست سان مقابلو ڪندي هڪ نچڻيءَ کي پنج سؤ سونيون مهرون بخشيش ۾ ڏئي ڇڏيون هيون.

بشومير وري پنهنجي حياتيءَ جي ننڍڙن ننڍڙن واقعن کي ياد ڪيو. چندرا! چندرا ٻائي! هن جي صورت سندس اکين اڳيان ڦرڻ لڳي. محفل جي پڄاڻيءَ تي هو دوستن کان لنوائي هن جي پنيان ويو هو. چندرا سان راز و نياز واري گڏجاڻي هن کي چڱيءَ طرح سان ياد هئي. چندار هڪ خوشبودار ۽ نہ وسرندڙ ياد هئي؛ هوءَ تازن گلن جي ڇڳي وانگر بيحد پياري ۽ خوبصورت هئي.

اننت ڪم ڪندي ڏسندي بيهي رهيو. پنهنجي مالڪ جو مُنهن ڏسڻ کان پوءِ هن جي آڱرين ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. راءِ جي مُنهن تي لالاڻ پکڙيل هئي ۽ لڳو ٿي تہ ڇُهڙي جي ڪنهن رڳ ۾ قاتل خون اوڇتو فوهاري وانگر ڦاٽي نڪرندو ۽ ان مُنهن تي پکڙجي ويندو.

موٽر جي هارن جو تيز آواز ٿيو. موهن گنگولي پهچي ويو هو. ڏاڪڻ تي قدمن جا آواز ٿيڻ لڳا. مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو ويو ۽ پوءِ انهي جي ڳالهائڻ جا ٽڪا پڌري ۾ آيا. ايتري ۾ جلسي گهر مان سازن جي ملائڻ جا آواز اچڻ لڳا. اننت دروازي تي اچي بيٺو. "حضور سيٺي انتظار ۾ آهن."

بشومير ڪپڙا مٽائي ڇڏيا هئا ۽ هن ڪمري ۾ پسار پئي ڪيو. "هائو"، پوءِ ٿورو رکي هن چيو "منهنجي جُتي ڪٽي ڏي."

اننت هيڪي بيٺو پوءِ ڪنڊ ۾ رکيل هڪ ڪبٽ مان بوتل ۽ گلاس ڪڍي آيو هن اهي هڪ ننڍي ميز تي رکيا ۽ پوءِ راءِ جي جُتي ڪٽي آيو. راءِ کي اوچتو ماٺ وٺي ويئي، هيٺ موسيقيءَ جو آواز وڌندو ويو.

اننت وري چيو "حضور" راءِ عادت مطابق جواب ڏنو

"هائو" ۽ پوءِ ڪمري ۾ ٿورو پسار ڪرڻ لڳو هن جي چال ۾ ٿوري تيزي اچي ويئي هئي. اننت اجا تائين انتظار پئي ڪيو. راءِ ميز جي ويجهو آيو ۽ چوڻ لڳو "سوڊا".

وڏي ۽ ڪشادي ڪمري جي ٽن پتين سان سوزني وڇائي ان تي اڇيون کير جهڙيون چادرون وڇايون ويون. انهن تي پتين سان لڳ تلها ويهاڻا رکيا ويا تہ جئن مهمان انهن کي ٽيڪ ڏئي آرام سان ٽي ويهن. ڇت ۾ ٽي شاهي بلوري جهاڙ ٽنگيل هئا. ديوارن ۾ لڳل فانوسن ۾ موم بتين جي روشني هلڪي هوا ۾ پئي لرزي.

ڪن فانوسن ۽ جهاڙن جا شيشا ٽٽل هئا. انهن ۾ جيڪي موم بتيون ٻاريون ويون هيون اهي اجهامڻ لڳيون، انهن اجهاميل موم بتين جي ٻاچن، پتين تي ڪنهن لڪل ڏک کي پئي ظاهر ڪيو.

ڪمري ۾ سازن ملائڻ جا سُر پکڙجڻ لڳا. ٽيهن چاليهن مهمانن پاڻ ۾ هوريان هوريان ڳالهيون پئي ڪيون ۽ چار پنج حقا بہ پئي ڇڪيا. ٻہ نچڻيون ماٺ ڪيو ويٺيون هيون. انهن آوازن ۾ رکي رکي موهن

گنگوليءَ جو آواز ڇتو ٻڌڻ ۾ پئي آيو. سگريٽ جو سوٽو هٽندي هن اجهاميل موم بتين ڏانهن نهاريو ۽ اوچتو وڏي واڪ چيو "اڙي ڏسو ته ڪيتريون ئي بتيون وسامي ويون آهن." ڪنهن به هن کي جواب نه ڏنو. وري هن رڙ ڪري چيو "منيم بابو!" اهو ٻڌي تارا پرسن هن وٽ آيو ته موهن چيس، "ٻڌ روشني تمام ٿوري آهي. ان ۾ محفل ڪئن ٿيندي. منهنجي موٽر ڊرائيور کي چئو ته به پيٽروميڪس بتيون ڪٽي اچي" تارا پرسن ڪجهيو ئي نه. پر وڏي نچڻيءَ پنهنجي مُنهن پٽڪيو "هن ڪمري ۾ اُهي بتيون ڪي سوهنديون ڇا؟

پاهران ڳرن قدمن جو آواز ايندو ٻڌي تارا پرسن ادب وچان پاسي ٿي بيٺو. ٻيا مهمان پڻ اٿي بيٺا. موهن به بي اختيار پنهنجي ڪرسيءَ تان ٿورو اٿيو پر پنهنجي غلطيءَ کي محسوس ڪندي هڪدم ويهي رهيو.

راءِ سيني ڪان معافي گهرندي کلي چيو. "معاف ڪندا، مون کي ٿوري دير ٿي ويئي." موهن هڪ ويهاڻو پاڻ ڏانهن ڪيو. پر پوءِ ان کي ڪندي پنهنجي کيسي مان رومال ڪڍي ويهاڻي کي ڇنڊيو ۽ڏاڍي ڪاوڙائيندڙ لهجي ۾ چيو "توهه سچو مٽيءَ سان ڀريو پيو آهي." تارا پرسن سيني مهمانن ۾ عطر ورهايو. اننت سيني حقن جون نوبيون چنڊي ٻيهر ٺاهي آيو. هو راءِ جو به حقو ڪٽي آيو ۽ ان جو ڊگهو نڙ اچي هن جي هٿ ۾ ڏنو.

وڏي نچڻيءَ سلام ڪيو ۽ اٿي بيٺي. هن پڪي راڳ سان ڳائڻ جي شروعات ڪئي. سيئي مهمان ڏاڍي خاموشيءَ سان راڳ ٻڌڻ لڳا. راءِ اکيون ٻوٽيو گنڀيرتا سان راڳ ٻڌندو رهيو. راڳ جي ڏيمي لئي ۾ هن جو ڳرو بدن جهومڻ لڳو. وقتي هن جو کاٻو هٿ پاسي ۾ رکيل ويهاڻي تي تال ملائيندو رهيو. اوچتو طبلي تي وڄت ٿي. راءِ پنهنجيون اکيون کوليون. نچڻيءَ جي پيرن ۾ ٻڌل ڇير جي هلڪي ڇم ڇم ٿي ۽ ناچ شروع ٿيو. هڪ سچي فنڪار جو ڪمال. ناچ کي ڏسي مور جي ناچ جي ياد ٿي آئي، جيڪو آسمان ۾ ڪڪرن کي مڙندو ڏسي نچندو آهي. هن جي ڳچي ٿوري وريل هئي ۽ سنديس گهاگهري جون ٻئي ڪنڊون سنديس هٿن ۾ ايئن پئي لڳيون جئن مور ناچ ڪرڻ وقت پنهنجي پُڇ جو پکو

ٺاهيندو آهي. ڇيرن جي ڇم ڇم جو آواز وڌندو ويو. راءِ وڏي آواز چيو "واهه. واهه! ڏاڍو سٺو!!"

پوءِ نچڻيءَ جا پير بيهي رهيا. راڳ ختم ٿيو ۽ طبلو وڄڻ بہ بند ٿي ويو.

موهن رڙهي راءِ جي ويجهو ويو ۽ هن جي ڪن ۾ چوڻ لڳو "دادا. راڳ مزو ڪونہ ڪيو. مهمان پيا اوٻاسيون ڏين ۽ منهنجي تہ نڙي سڪي ويئي آهي. ڪرشنا بائي تہ لئي ٿڌائي ڇڏي!"

ڪرشنا بائيءَ مرڪي ڏنو. هوءَ شايد موهن جي ڳالهہ سمجهي ويئي هئي. اننت شربت جو گلاس کڻي اچي موهن جي اڳيان پيش ڪيو. پر موهن شربت وٺڻ کان انڪار ڪندي چيو "نہ، بہ ٽي راتيون جاڳڻ کان پوءِ مون کي ذڪام ٿي پيو آهي."

راءِ مرڪي اننت کي اشارو ڪيو جيڪو هڪ طشت تي وسڪيءَ جي بوتل، گلاس ۽ سوڊا کڻي آيو.

اننت هڪ گلاس ۾ وسڪي ۽ سوڊا ملائي موهم کي پيش ڪيو ۽ ٻيو گلاس ٺاهي مهمانن ڏانهن ڏٺو پر اهي سيئي ڪنڌ جهڪايو ويٺا هئا. اننت اهو گلاس بشو مير جي اڳيان رکيو. راءِ ماٺ ڪري اهو گلاس کنيون. موهن ڪيتري وقت کان ننڍي نچڻيءَ کي پئي گهوريو. هن ڪيترائي پيرا پاسا ورايا ۽ نيٺ چيو "پياري بائي، هاڻي تون ڪا دونهڙي دڪائي ينيٺ ڪر". پياري هڪ تکي لئي وارو گيت ڳائڻ لڳي. راءِ گنڀير ٿي ويو ۽ اکيون ٻوٽي ٻڌڻ لڳو. گيت جي وقفي ۾ هن چيو "تورو هوريان". پر عادت مطابق پياري بائي مهمانن جي وچ ۾ شوخيءَ سان ڳائيندي ۽ نچندي رهي. موهن هر هر رڙ ڪندي پئي چيو "واهہ! واهہ!!"

راءِ جي پيشانيءَ مان ڪاوڙ ليئا ڏيڻ لڳي. پر ان هوندي بہ هو ان موسيقيءَ جي لئي تي ائين جهومندو رهيو جئين ڪو ناڱ مرليءَ جي آواز تي جهومندو آهي. هن جي سموري جسم ۾ راءِ خاندان جو گرم گرم خون ڊوڙڻ لڳو هو. پياري هڪ رنگين پوپٽ جيان ناچ ڪندي رهي. اهو ڏسي راءِ کي لکنؤ جي نچڻي زهرا ياد اچي ويئي. ڪرشنا وري دهليءَ جي نچڻي چندرا بائي جهڙي پئي لڳي. اها چندرا جنهن هن جي حياتيءَ جي هڪ

حصي ۾ هن جو ساٿ ڏنو هو. پياريءَ جو ناچ پورو ٿيو. راءِ جي ذهن ۾ ماضيءَ جا واقعا پئي ڦريا. ايتري ۾ روپين جي ڇڻ ڇڻ هن جو خواب ٽوڙي ڇڏيو. موهن پياريءَ کي چانديءَ جا روپيا پئي ڏنا. هن محفل جا آداب ٽوڙي ڇڏيا هئا. پهريون انعام ڏيڻ تہ راءِ جو حق هو. راءِ ناراض ٿيندي پنهنجي چوڌاري نهاريو. سندس سامهون تہ ڪي بہ نہ هو. نہ چانديءَ جو ٿالهہ ۽ نہ وري پئسا. جيڪي هجڻ ڪپندا هئا. هو اکيون هيٺ ڪيو ويٺو رهيو. بلڪل ماٺ. پوءِ ڪرشنا بائيءَ ڳائڻ شروع ڪيو. ساموندي ڪناري تي ڇولين جي اُڇلَ وانگر. هن جو راڳ جلسي گهر جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين پکڙجي مهمانن جي دلين کي گرمائڻ لڳو. ڪرشن جي مُرليءَ جو آواز ٻڌي جمنا جون لهريون پوري زور سان ڪناري ڏانهن ڊوڙنديون پيون اچن تہ جڻَن اهو ٽوڙي ڪرشن کي پنهنجي سيني سان لائين. راڳ ۽ ناچ جڻ تہ جادو هو راءِ کي اوسي پاسي جي ڪا بہ سمڪ نہ رهي، هو سڀ ڪي وساري ويٺو. راڳ پورو ٿيو تہ راءِ رڙ ڪندي چيو "واهہ چندرا واهہ!"

ڪرشنا سلام ڪندي ورائيو "حضور، بنديءَ جو نالو ڪرشنا آهي." ٻئي پاسي کان موهم وڏي آواز چيو "ڪرشنا بائي، هيءُ وٺ انعام!"

راءِ اٿي کڙو ٿيو هو هوريان هوريان هلندو ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو.

موهم چيو "پياري بائي، هاڻي وري تون ڪا شيءِ ٻڌاءِ".

ڪرشنا ورائيو "ڀلي حضور بهادر موتي اچي تہ پوءِ".

موهن چيو "هو ايندو پر چاهي شايد هو. اچي پيو!" پر اهو راءِ ڪونہ هو. اهو تارا پرسن هو. هن چانديءَ جي هڪ ننڍڙي ٿالهي نچڻين جي اڳيان اچي رکي. ان ۾ بہ سونيون مهرون پيل هيون. هن چيو "مالڪ انعام موڪليو آهي"

موهن بي صبريءَ وچان پڇيو "پر هو ڪٿي آهي؟"

"هن کي سيني ۾ ٿوري تڪليف ٿي پئي آهي. هاڻي ڪونہ ايندو. اوهان مهرباني ڪري محفل جو مزو ماڻيو. هن اوهان سڀني کان معافي گهري آهي."

مهمانن ۾ هلڪي چؤ پڇؤ شروع ٿي ويئي. موهن اٿيو ۽ نفرت وچان اوپاسي ڏيندي چيو"آئون تہ هاڻي هلان ٿو تارا پرسن. سڀاڻي صبح جو ماجسٽريٽ مون سان ملڻ ايندو."

تارا پرسن کو بہ جواب نہ ڏنو. ٻيا مهمان بہ اٿي ڪڙا ٿيا ۽ محفل پوري ٿي.

راڄ جي زال جو جواهرات وارو دٻلو فرش تي پيو هو. خالي دٻلو.

راڄ بي خيالو سڄي ڪمري ۾ پئي ڦريو. هن جو ڪنڌ فخر وچان مٿي هو. راڄ خاندان جي عزت رهجي آئي هئي بيقراريءَ ۾ شراب جي ڪري هن جو رت ٿهڪڻ لڳو هو. زمان ۽ مڪان جو احساس ڏانوانڏول ٿي ويو هو. هو بي خياليءَ ۾ ڪمري مان ٻاهر نڪري ويو. جلسي گهر جون روشنيون چقمق وانگر هن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيون هيون. هو هڪ ڀيرو وري ڪمري ۾ ويو. سڄو ڪمرو خالي هو. رڳو ديوارن تي راڄ خاندان جا وارث وقت کان آجا سجاڳ بيٺا هئا. بشوميڙ ڪليل درين مان ٻاهر نهاريو. هر هنڌ هر ڪا شيءِ چانڊوڪيءَ ۾ پئي جرڪي. مچڪندي گلن جي خوشبوءِ بهار جي هلڪي هير ۾ پکڙي پئي هئي. ڪٿي ڪنهن وڻ تي ڪوئل پئي ڪوڪيو. ان پنهنجي پريتم کي پئي پڪاريو. اوچتو هن جي دل تي هڪ راڳ تري آيو. گهڻو اڳ جو وسريل راڳ جيڪو هڪ ڀيري چندرا ڳايو هو: "ٻڌ. منهنجا دل وارا ٻڌ!" هن دريءَ مان آسمان ڏانهن ڏٺو. چنڊ وچ آسمان ۾ ڪڙيو بيٺو هو. ايتري ۾ پيرن جو آواز ٿيو. هن مڙي ڏٺو. اننت بتين وسائڻ لاءِ آيو هو.

راڄ چيو "ٻلي ٻيون ٻرن." اننت واپس هليو ويو. راڄ سڏ ڪندي چيو "منهنجو اِسراج کڻي اچ!"

اننت اِسراج کڻي آيو. راڄ اهو ساز پنهنجي گوڏي تي رکي حڪم ڏنو. "جام ڀاهہ." بوتل اچا تائين طشت تي رکي هئي. اننت جام ڀاهي پيش ڪيو ۽ ٻاهر نڪري ويو. هن اِسراج جي تارن تي گز هنيو. خاموش ڪمري ۾ موسيقي ٻُرڻ لڳي. راڄ ساز وڄائيندو رهيو. هن کي پنهنجي بہ سمڪ نہ هئي. اهو ڇا هو جيڪو اِسراج پئي ٻڌايو؟ ائين ٿي لڳو تہ ان جي منڙي ٻولي صاف سمجهہ ۾ پئي آئي.

راڳ جا لفظ راڄ جي ڪنن ۾ پئي ٻُريا:

"رات جي اونداهيءَ ۾ آئون اڪيلي قيد آهيان. منهنجي ڪُنڊي سالي در تي پهرو پئي ڏئي. اکين مان ننڊ اڏامي ويئي آهي. ننڊ جي ٻهاني

آئون تنهنجي پوڄا پئي ڪريان. اي پيارا، تون هينئَر بانسري ڇو ٿو وڄائين؟"

راءِ اِسراج هڪ طرف رکي اٿي بيٺو. هن هورَيان سڏ ڪيو "چندرا"

چندرا! هن جي چندرا! اهو راڳ بہ چندرا ڳايو هو. ٻاهران ڪنهن مٺڙي آواز ۾ سڏ ڪيو. "جناب."

راءِ ڏاڍي اُڪير مان وراڻيو "چندرا! چندرا! هت هلي آئون. هاڻي سيئي دوست هليا ويا آهن."

ڪرشنا آئي ۽ هن شرمائجي سلام ڪيو. پوءِ هن ان گيت جو اهو آخري بند ڳائڻ شروع ڪيو جيڪو راءِ اِسراج وڄائي پئي ڳايو: "اي پيارا، تون هينئَر بانسري ڇو ٿو وڄائين؟" راءِ بہ مرڪندي پنهنجي ڀري مرداني آواز ۾ ڳائڻ شروع ڪيو:

"اي پيارا، ڪهڙي نہ سونهن ڀري رات آهي. منهنجي دل ڪامياٻي جي خوشيءَ سان ٽمٽار آهي. اهڙيءَ رات ۾ ڪو اڪيلو بہ رهي سگهندو ڇا؟"

راءِ بوتل جو ٻوڄ لاهي جام پئي ڀاهيو. ڪرشنا هن جو هٿ جهليندي چيو "جيڪڏهن حضور اجازت ڏين تہ ٻندي جام ڀاهي حاضر ڪري" راءِ مرڪي بوتل هن ڏانهن وڌائي.

وري اِسراج مان سُر نڪرڻ لڳا ۽ ڪرشنا ڪومل آواز ۾ ڳائڻ لڳي. پوءِ هن نچڻ شروع ڪيو. ناچ ۽ راڳ هن ڳايو: "اي پريتم! آئون گلن جي ڪرڀل پنن مان پنهنجو هار ڪو نہ ٺاهيندس، مون کي گلن جو اهو ڇڳو آڻي ڏي جيڪو مٿي وڻن جي چوٽيءَ تي ٽڙندو آهي. مون کي اهو آڻي ڏي يا مون کي ان تائين پهچاءِ. آءٌ تنهنجي لاءِ هڪ هڪ گل پٽي ايندس" هوءَ پنهنجا هٿ مٿي کنيون ڳائي رهي هئي. راءِ پنهنجو اِسراج هڪ پاسي رکيو ۽ اوچتو هن کي جهٽ هڻي پنهنجين ٻانهن ۾ کنيو ۽ مٿي کڻي بيٺو. هوءَ ناچ بہ ڪندي رهي ۽ راڳ بہ ڳائيندي رهي. راڳ ختم ٿي ويو. ڪرشنا هيٺ ڪرڻ جو ٻهانو ڪندي رڙ ڪئي. مدهوش راءِ هن کي هر هر سڏيندو رهيو! "چندرا! چندرا! منهنجي پياري."

گيت تي گيت. جام تي جام پورو ٿيندو رهيو. هڪڙي بوتل اڳ ۾ ئي خالي ٿي ويئي هئي؛ ٻي بوتل خالي ٿيڻ واري هئي. پوءِ نچٽيءَ جو ٿڪل ٽٽل جسم فرش تي ڪري پيو. تڏهن بہ ٻشو مير راءِ مدهوشيءَ ۾ شِوَ وانگر سڌو ويٺو رهيو.

نچٽيءَ جي اها حالت ڏسي هن ٿورو مرڪي ڏنو ۽ هڪ ويهاڻو ڪٽي آهستي هن جي مٿي جي هيٺان رکيو. هن وري اِسراج کڻي وڄائڻ شروع ڪيو. اوچتو گنگولين جي گھر تي لڳل وڏي گھڙيال جا ٺڪاءَ هوا ۾ بلند ٿيا. ٽن، ٽن. ٽن رات جا ٽي ٿيا هئا.

راءِ محل جي سيني ٽنين جي چوٽين تي ويٺل ڪبوترن گھوگھو ڪرڻ شروع ڪيو. راءِ خواب مان ڇرڪ ڀري جاڳيو. هر صبح جو گھڙيال جا اهي ٺڪاءَ هن کي جاڳائيندا هئا. هو اٿي ويٺو. هڪ پيرو وري هن ڪرشنا کي ڇهيو ۽ ڏاڍي نرميءَ ۽ پيار سان سڏيو "چندرا! چندرا!، منهنجي جان!" پوءِ هن ٻاهر ورانڊي ۾ اچي سڏ ڪيو "اننت".

اننت ڇت جي چبوتري تي پنهنجي مالڪ جي ويهڻ لاءِ غاليچو وڇائڻ ويو هو. جڏهن ئي هو هيٺ ڊوڙندو لٿو تہ راءِ حڪم ڪيو "منهنجا سواريءَ جا ڪپڙا ڪڍي اچ ۽ نتي کي چئو تہ طوفان تي هڪدم سَنج رکي".

اننت حيرانيءَ مان مالڪ جي مُنهن ۾ ڏٺو جنهن ڏاڍي فخر مان پنهنجيون مُڇون پٺي وَٽيون.

پرهہ ڦٽيءَ جي سانت ۾ طوفان جي هڻڪار جو پڙاڏو ٿيڻ لڳو. تارا پرسن جي اک کلي ويئي. هن پنهنجي دريءَ مان ٻشومير کي طوفان تي سوار ٿيندي ڏٺو. هن برجيس ۽ ڍڳهو ڪوٽ پاتو هو ۽ مٿي تي اڇو پٽڪو ٻڌل هئس. اجا ٿوري اونده هئي ۽ جيتوڻيڪ هن کي چٽيءَ طرح نظر نہ پئي آيو پر تارا پرسن کي لڳو تہ ٻشومير کي سونهري ڏوري واري ڪم جي جتي پيرن ۾ پيل هئي ۽ هٿ ۾ ڇهبڪ هوس. طوفان ڀڄڻ لڳو.

ٻنين پٺيان ٻنيون ڇڏيندو متيءَ جا واچوڙا اڏائيندو طوفان اڳتي اُڏامندو ويو. صبح جي ٿڌڙيءَ هير راءِ جي گرم پيشانيءَ کي پٺي ڇهيو. هن جي مدهوشي آهستي آهستي پٺي لٿي. ٻنين جي پريان راءِ هڪ ڳوٺ مان پٺي ويو. ڀاڄين سان ڀريل هڪ بيل گاڏي پاسي کان پٺي لنگھي. ان ۾ ٻہ

ڳوناٽا ويئل هئا. جيڪي شايد مارڪيٽ ڏانهن پئي ويا. ٻشو مير جي ڪنن ۾ هنن جي ڳالهين جو پڙڏو پيو: "جڏهن کان ڳنگولين خريد ڪئي آهي"

راڄ طوفان جون واڳون ڇڪي هن جي رفتار ڍري ڪئي. ڍڳي گاڏيءَ ۾ ڳوناٽن پئي چيو: "ڍل ڏيڻ کان پوءِ اسان وٽ ڇا ٿو رهي. ها، راڄ راجا جي ڏينهن ۾ اسين سُکيا هئاسون." راڄ پنهنجي چوڏاري نهاريو ۽ هن کان اوچتو ڇرڪ نڪري ويو. هو طوفان جي پٺ تي ويٺل هو! پر هو ڪٿي هو؟ آهستي آهستي کيس احساس ٿيو تہ پاڻ پنهنجي هڪ اڳوٽي جاگير ۾ اچي ويو هو. هو هڪدم گهوڙي تي سڌو ٿي ويٺو ۽ طوفان جون واڳون سوگهيون جهليندي هن کي پوئتي ورايو ۽ مٿس ڇهبڪن جو وسڪارو لاهي ڏنو. طوفان هوا سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو. راڄ جڏهن پنهنجي طنبيلي جي ويجهو پهتو تہ هن گهوڙو جهلي چوڏاري نهاريو. اوڀر جي افق تي صبح جي اڇاڻ پکڙجي ويئي هئي.

راڄ سڏ ڪيو "نتي"، هو سهڪيو پئي. کيس احساس ٿيو تہ طوفان بہ ڏاڍو پئي ڏڪيو. راڄ هن جي پٺن تان ٽپ ڏئي هيٺ لٿو. هن ڏٺو تہ طوفان جو وات وڏجي ويو هو ۽ ان مان تمام گهڻو خون پئي وهيو. طوفان ڏاڍو ٿڪجي پيو هو ۽ ڏڪندي ڏڪندي ڪري پيو. راڄ هن جي مُنهن تي پيار سان هٿ ڦيرائيندي چيو "پٽ، منهنجا ٻچا". پر طوفان نہ اٿيو ۽ نہ وري هن ڪنڌ کنيو. راڄ جي مدهوشي شايد اڃا پوريءَ طرح ڪين لٿي هئي. هو ڇپن ئي ڇپن ۾ چوڻ لڳو "غلطي ٿي ويئي پٽ، توکان ۽ مون کان پٽ. پر شرمندي ٿيڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. اٿ منهنجا ٻچا! طوفان، اُٿ، جلدي ڪر!"

نتي پنيان انتظار ۾ بيٺو هو. هن چيو "حضور، ڏاڍو ٿڪل ٿو ڏسجي. ٿوري آرام ڪرڻ کان پوءِ پاڻهي اٿندو."

راڄ ڇرڪ ڀريندي پنيان ڏٺو. نتي بيٺو هو. طوفان کي هن جي سنڀال ۾ ڇڏيندي هو تڪڙو تڪڙو محل ڏانهن ويو. ڏاڪڻ مٿي چڙهي هن ڏٺو تہ جلسي گهر جا دروازا اڃا تائين کليا پيا هئا. هن اندر جهاتي پائي ڏٺو. سڄو ڪمرو خالي هو! هو هلي ويئي هئي. فرش تي خالي بوتلون ڪريون پيون هيون. سيني جهاڙن ۽ ديوارن جي فانوسن جي روشني اڃا ڪين اجهاڻي هئي. ڪي جهاڙ ۽ فانوس اڃا روشن هئا. ديوارن تي ٽنگيل

مغرور راءِ خاندان جي وارثن جي چهرن تي هڪ وحشي مرڪ هئي. هڪ اڻ ڇاتل خوف هيٺ بشو ميِر پٽتي هٽي ويو. انهن تصويرن ۾ هن کي پنهنجي اصلي روپ ڏسڻ جو عجيب احساس ٿيو هو. ان ڪمري ۾ نه رگهو سندس پر راءِ خاندان جي ستن وارثن جو وهم ۽ فريب پريل آهي. هو دروازي وٽان ئي واپس وريو ۽ ورانڊي جي جهنگلي کي ٽيڪ ڏئي بيهندي هن هڪ ڀنل ڀار وانگر دانهن ڪئي، "اننتا! اننتا!"

اننت ڀوڙندو آيو. هن ڪڏهن به مالڪ کي اڳ ايئن دانهون ڪندي نه ٻڌو هو. جئن ئي هو ويجهو آيو ته راءِ رڙ ڪري چيو "بتيون جلدي وساءِ! بتيون جلدي وساءِ! جلسي گهر جا دروازا بند ڪر! جلسي گهر..........."

هن جي وات مان ٻيا لفظ ڪين نڪتا. رگهو سندس هٿ ۾ جهليل چهبڪ زور سان وجي جلسي گهر جي در ۾ ٽڪاءُ ڪري لڳو.

بنگاليءَ مان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪندڙ: نيلما ديوي

-----

( لاطيني آمريڪا)

خورخي لوئيس بورخيس

# ابن رشد جي تحقيق

هن جو خيال هو تہ الميہ، رڳو ساراهہ ڪرڻ جو فن آهي."

ـ ارنيسٽ رنان – "ابن رشد".

ابوالوليد محمد ابن احمد ابن رشد "تهافت التهافة" جي يارهين باب لکڻ ۾ پوريءَ طرح رُڌل هو. ان ۾ هن "تحافت الفلاسفة" جي مصنف ايراني نسل زاهد الغزالي جي راءِ جي خلاف هيءُ مقدمو پيش ڪيو آهي تہ خدا جي صفت اها آهي تہ هن کي ڪائنات جو مڪمل فهم آهي، يعني هن کي رڳو انهن عام ڳالهين جو علم آهي، جن جو تعلق نوع (Species) جي ڪليت سان آهي، ۽ نہ اُنهن سان جن جو تعلق نوع جي فردن يا جزن سان. ساڃي ڪان ڪاڻي ابن رشد پوري پروسي واري آهستگيءَ سان لکندو رهيو. خيالن جي جدلياتي اظهار ۽ ڊگهن ڊگهن جملن کي هڪ اڻ ٽر منطقي سلسلي ۾ پوئڻ جي خشڪ مصروفيت جي هوندي بہ، ڪيس پنهنجي چؤطرف پکڙيل گهر جي ڳوڙهي، فرحت ڏيندڙ ٺڏڪار جو پورو پورو احساس هو جڻ تہ اهو آسودگيءَ جو هڪ اونهو احساس هو. پنهرن جي آرام جي ان گهڙيءَ جي اوناهين ۾ پري ڪنهن هنڌ بيقرار ڪبوترين پنهنجي خمار پريل ڳري آواز ۾ غترغون پئي ڪيو ۽ نگاهن کان لڪل ڪنهن جهروڪي جي فوهاري مان پاڻيءَ جي جهر جهر ڪرڻ جو جهونگاريندڙ آواز اڀرندو پئي آيو ابن رشد جا ابا ڏاڏا عرب جي واريا سن پٽن مان لَڏي هت گهر ڪري اچي وينا هئا. پاڻيءَ جي ان وهڪري ۽ گهٽائيءَ تي هن جي رڳن ۾ احسانمنديءَ جو هڪ عجب جذبو ڊوڙڻ لڳو. گهر کان ٻاهر هيٺ ۽ پري پري تائين باغ بستان هئا. انهن کان پرتي جهونگاريندڙ وادي الڪبير درياءَ هو ۽ انهن سيني کان پريان قرطبه جو محبوب شهر هو جيڪو پنهنجي شهرت ۾ قاهره ۽ بغداد کان ڪنهن بہ

طرح گهٽ نہ هو. قرطبه ڪنهن نازڪ پر پيچيدي ساز وانگيان پکڙيل هو. ان جي چؤطرف اندلس جي سرزمين پنهنجين سرحدن تائين پکڙيل هئي. اندلس جي اها سرزمين جتي بس ڪي توريون ئي شيون ميسّر هيون، پر جيڪي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي اڻ ٽر ازلي، ابدي ۽ پنهنجيءَ ذات ۾ قائم هيون.

ابن رشد جو قلم صفحي تي ڏاڍي رواني‌ءَ سان پئي هليو. سندس پيش ڪيل دليل نادر ۽ ناياب هئا. جن کي رد ڪرڻ جو سوال ئي نہ ٿي اٿيو. ان هوندي بہ هڪ هلڪي محوّيت ابن رشد جي خوشيءَ ۽ اطمينان کي هڪ لڙات ۾ وڪوڙي ڇڏيو. اها گهٽتي ان ڪري نہ هئي تہ "تهافت" ۾ ڪا خامي رهجي وئي هئي. تهافت تہ اصل ۾ هڪ وقتي ضرورت جي هيٺ تاليف ڪيو ويو هو اها گهٽتي حقيقت ۾ هڪ بنهہ لساني قسم جي مسئلي سبب ڪيس هئي ۽ مسئلو ان زبردست تصنيف جي باري ۾ هو جيڪا اڳتي هلي حقيقت ۾ پنهنجي قدر ۽ قيمت جي لحاظ سان پڙهندڙن جي نظر ۾ هڪ عظيم يادگار ٿيڻي هئي، يعني ارسطو جي ڪتاب تي لکيل خود سندس شرح. يونان وارا ڏاهپ ۽ دانائيءَ جو ڏُن هئا. جيڪي انسان ذات کي سوکڙي طور ڏنا ويا هئا تہ جيئن انسانن کي اهي سيئي ڳالهيون سيکاري سگهن جن جو ڄاڻڻ ضروري هو. ابن رشد جو عاليشان مقصد اهو هو تہ ارسطو جي ڪتابن تي ان ڪمال محنت ۽ ڌيان سان شرح لکان جيئن ديني عالم قرآن جو تفسير لکندا آهن. تاريخ ۾ اهڙن ڪارنامن جو مثال مشڪل ملندو جيڪي پنهنجيءَ سونهن ۽ اثر ۾ ان عقيدت جو مقابلو ڪري سگهن. جيڪا هن عربي نسل جي ڏاهي (ابن رشد) کي هڪ اهڙي شخص (ارسطو) جي خيالن سان هئي، جنهن جي ۽ هن جي وچ ۾ پورن چوڏهن سؤ ورهين جو عرصو حائل هو. ڏکئي موضوع واري مضمون کان سواءِ هيءَ ڳالهہ بہ ذڪر جوڳي آهي تہ ابن رشد کي نہ سَرياني زبان جي ڄاڻ هئي ۽ نہ اصل يوناني زبان جي. اصل کي تہ ڪٽي ڇڏيو هن جي اڳيان تہ ترجمي جو بہ ترجمو هو.

اڳئين شام "بوطيقا" جي پهرئين پاڱي ۾ سندس اڳيان بہ لفظ اهڙا آيا هئا. جيڪي خاصا منجهائيندڙ پئي لڳا ۽ جن ڪيس ڏاڍو پريشان

ڪري ڇڏيو هو. اهي ٻہ لفظ هئا "الميہ" ۽ "طربيہ". ڪيترا ورهيہ اڳ هن اهي لفظ علم بيان جي ٽئين جلد ۾ بہ پڙهيا هئا. سموري اسلامي دنيا ۾ ڪٿي ڪو بہ انهن لفظن جي صحيح معنيٰ معلوم ڪرڻ ۾ هن جي ڪا بہ مدد نہ ڪري سگهيو. ابن رشد "اسڪندر الفروديسي" جا بہ ورق اُتلايا. پر سڀ بيڪار. نسطوري عالمن حنين ابن اسحاق ۽ ابو بشر متيٰ جي ڪيل ترجمن جي پيٺ ڪرڻ مان بہ ڪا راهہ نہ ملي هئس. ٻئي اسرار ڀريا لفظ "بوطيقا" جي متن ۾ ايندا رهيا جن کان پلاند بچائي نڪرڻ جي ڪا بہ راهہ نہ هئي.

بيزار ٿي ابن رشد قلم هڪ پاسي رکي ڇڏيو ۽ بي اعتباري جي انداز ۾ پاڻ کي چيو تہ هر اها شيءِ جنهن جي ڳولا هوندي آهي، اها اوسي پاسي ئي ملي ويندي. تنهن ڪري ابن رشد "تهافت" جو مسوّدو هڪ طرف رکي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ ڪتابن جي الماڙيءَ ڏانهن ويو جتي نابينا مصنف ابن سيّده جي ڪتاب 'محڪم'، جا جلد هڪ قطار ۾ ترتيب سان رکيا هئا. اهي هڪ ايراني خطاط نقل ڪيا هئا. ايئن سوچڻ ئي اجايو هو تہ ان باري ۾ هن اڳ بہ ڪڏهن "محڪم" ڏٺو ئي نہ هو. تڏهن بہ دل وندرائڻ جي لاءِ ان جا پنا اٿلائڻ جي شديد خواهش جو مقابلو نہ ڪري سگهيو ۽ نئين سر ان کي هتان هُتان ڏسڻ لڳو. ايتري ۾ ٻاهران ايندڙ ڪنهن نغمي جي سُرن سندس اَن شعوري مشغوليت ۾ رخنو وجهي ڇڏيو ۽ سندس ڌيان کي پاڻ ڏانهن ڦيري وڌو. ابن رشد دريءَ جي ڪتهڙي مان هيٺ نهاريو جتي هڪ ننيڊڙي صحن ۾ ڪي اَڌ اُگهاڙا ٻار راند ۾ رُڌل هئا. انهن مان هڪ ٻار ٻئي جي ڪلهي تي چڙهي ٻانگي جي نقالي پئي ڪئي. هن جون اکيون زور سان پوريل هيون ۽ هو سُريلي آواز ۾ "لا اِلہ الاّ الله" چئي رهيو هو. ٻيو ڇوڪرو جيڪو ٻهرئين کي جهليو بيٺو هو بنهہ چريو ئي نہ. هڪ ٽيون ڇوڪرو ڏاڍي عاجزيءَ سان سامهون ڪچي فرش تي سجدي ۾ ايئن پيو هو ڄڻ تہ مومن نمازين جي سموري جماعت جي نمائندگي پئي ڪيائين. اهو ناٽڪ گهڻي دير تائين نہ هلي سگهيو. هر هڪ ڇوڪري کي ٻانگي ٿيڻ جو شوق تہ هو پر ڪو بہ مناري ۽ جماعت ٿيڻ لاءِ تيار نہ هو. پوءِ ابن رشد ڏٺو تہ اهي ٻار پاڻ ۾ وڙهي پيا ۽ هڪ ٻئي کي اندلس جي مڪاني

ٻوليءَ اسپيني زبان ۾ گهڻا لفظ ڪڍڻ لڳا. جنهن کي سڪئي اتي جي مسلمانن کي ڪو گهڻو وقت نہ ٿيو هو.

ابن رشد. خليل جي "ڪتاب العين" جو جلد ڪڍيو ۽ ان کي کوليندي فخر سان سوچيو تہ سموري قرطبه (يا وري سڄي اندلس ۾) ان کان سواءِ ان بي مثال ڪتاب جو ڪو بہ ٻيو نسخو موجود ڪونهي. اهو نسخو تہ خود امير يعقوب المنصور طنجير مان ڏانهس تحفو ڪري موڪليو هو. طنجير جي بندرگاه جي نسبت سان کيس ياد پيو تہ اڄ شام جو قرآن جي عالم فرج جي گهر ۾ سيلاني ابو القاسم الاشعري سان گڏ ماني کائڻ جي دعوت مليل هئي، جيڪو تازو ئي مراڪش مان آيل هو. ابوالقاسم جي دعوي هئي تہ پاڻ صين (چين) بلاد/ ملڪ جي ڏورانهن علائقن جا سير سفر ڪري آيو آهي. پر کيس بدنام ڪرڻ وارا نفرت ڀريل خاص منطق هيٺ قسم کڻڻ لاءِ بہ تيار هئا، تہ ابو القاسم ڪڏهن بہ چين جي سرزمين تي پير نہ رکيو هوندو. ٻيلن وري ائين پئي چيو تہ چين جي کن عبادت گهرن ۾ وڃي هن ڪفر ڪيو آهي. محفل ڀڪ سان ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين هلندي. ابن رشد پوءِ هڪدم "تهافت" جي لکڻ ۾ مشغول ٿي ويو ۽ شام ٿيڻ تائين لاڳيتو لکندو رهيو.

فرج جي گهر ۾ ڳالهين جو سلسلو شهر جي حاڪم جي بي مثال ساراهہ جي ذڪر سان ٿيندو سندس ڀاءُ تائين وڃي پهتو جيڪو هڪ امير هو. ان کان پوءِ گهر جي باغ ۾ گلاب جي گلن بابت ڳالهيون ٿيون. ابوالقاسم. جنهن انهن گلن ڏانهن ڌيان بہ ڪين، قسم کڻي پئي چيو تہ اندلس جي ضلعن ۾ اميرن ۽ حاڪمن جي گهرن کي سينگاريندڙ انهن گلن جو مثال ملڻ مشڪل آهي، ڪو ٻيو گلاب انهن سان مقابلو نہ ٿو ڪري سگهي. ان ڳالهہ جو فرج تي ڪو خاص اثر نہ ٿيو. هن ٻڌايو تہ فاضل ابن قتيبه هندوستان جي باغن ۾ ملندڙ انهن گلابن جي هڪ سدا بهار قسم جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جي رت جهڙين ڳاڙهين پنکڙين تي سمورو ڪلمو لکيل هوندو آهي. جملي جي آخر ۾ چرچي طور هن اهو بہ چيو تہ اهڙن گلن جي ابوالقاسم کي ضرور خبر هوندي.

ابوالقاسم اوچتو خطرو محسوس ڪندي فرج ڏانهن ڏٺو. جيڪڏهن هو هاڪار ڪري ٿو تہ دعوت تي آيل سڀئي کيس هڪ اُبهري

ڀهرپئي کان وڌ ڀيو ڇا سمجهندا. ۽ جيڪڏهن انڪار تو ڪري تہ ڪافر؟ جئن تہ ماڻهو ڏاڍو عقلمند هو تنهن ڪري هن ان ۾ عافيت سمجهي ڇپن ئي ڇپن ۾ وراڻيو تہ انهن سيني اسرارن جي ڪنجي فقط خدا جي هٿ ۾ آهي! ڪائنات ۾ ڪا بہ شيءِ اهڙي ڪانهي جيڪا خدا تعاليٰ پنهنجي ڪتاب ۾ اڳواٽ ئي لکي نہ ڇڏي هجي! ۽ اهو بہ تہ خود اهي لفظ قرآن جي ڪن ڀهرين صورتن ۾ آيا آهن. اهو سڀ ڪجهہ ٻڌندڙن وڏي ادب ۽ احترام سان ٻڌو. ان منطقي فتح جي جوش ۾ اچي ڪري ابوالقاسم هاٽي رڳو اها ڳالہ ظاهر ڪرڻ ئي وارو هو تہ ربُ سائين پنهنجي اعمال ۾ ڪامل ۽ انسان جي فهم کان گهڻو مٿانهون آهي تہ اوچتو ابن رشد مستقبل ۾ ايندڙ فيلسوف هيوم جهڙو ڏکيو ۽ منجهائيندڙ لهجو اختيار ڪندي اعلان ڪيو:

"ادا! ان جي ڀيٽ ۾ تہ زمين مان اهڙا گلاب ڦٽن ٿا جن جي پنکڙين تي ڪلمو لکيل هجي، منهنجي لاءِ اهو يقين ڪرڻ وڌيڪ سولو آهي تہ ان باري ۾ خود قتيبيه کان يا سندس ڪاتبن کان ڪا غلطي ٿي ويئي هوندي."

"والله، اوهان بلڪل صحيح فرمايو"، ابو القاسم چيو.

اهو ٻڌي شاعر عبدالمالڪ کي اوچتو ڪي ياد اچي ويو ۽ هن چيو "هڪڙي سيلانيءَ هڪ اِهڙي وڻ جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جي ميوي جي شڪل سائي رنگ جي جهرڪين جهڙي ٿئي ٿي. اهڙي قسم جي وڻ تي يقين ڪرڻ مون کي اهڙي گلاب تي يقين ڪرڻ کان جنهن تي ڪا عبارت لکيل هجي، گهٽ ڏکيو لڳندو."

"سائي رنگ جي جهرڪين جهڙو ميوو"، ابن رشد چيو "سمجهو تہ ايترو ئي نرالو ۽ عقل ۾ نہ ايندڙ آهي، جيترو ڪلمو لکيل گلاب. ان هوندي بہ ميون ۽ جهرڪين جو تعلق فطرت سان آهي، جڏهن تہ لکڻ لکائڻ [خطاطي] هڪ باقاعدي فن آهي. اسان جو ذهن پنکڙين کان جهرڪين تائين تہ سولائيءَ سان وڃي سگهي ٿو پر گلاب جي گل کان الف ب جي حرفن تائين ايتري آسانيءَ سان نہ."

هڪڙي مهمان ڪاوڙجي لکڻ کي فن سڏڻ کان بنهہ انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اهو انهيءَ ڪري تہ اُمّ الڪتاب هجڻ جي حيثيت ۾ قرآن

جو اصل پڻ ڪائنات جي تخليق کان گهڻو قديم آهي ۽ جنت ۾ محفوظ آهي. هڪ ٻئي شخص بصري جي جاحظ جو حوالو ڏيندي چيو تہ قرآن جوهر آهي ۽ جوهر هر قسم جي شڪل، انساني يا حيواني، وٺي سگهي ٿو. اهو خيال ظاهري طرح ان نظرئي مطابق آهي، جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ قرآن جا بہ رُخَ آهن. ان تي فرج وڏي تفصيل سان سچي عقيدي جو تفسير پيش ڪيو. هن چيو تہ قرآن خدا جي صفتن مان هڪ صفت آهي، بلڪل اهڙيءَ طرح جئن رحم خدا جي هڪ صفت آهي. قرآن کي نقل ڪيو وڃي ٿو ان جي تلاوت ڪئي وڃي ٿي ۽ ان کي حفظ ڪيو وڃي ٿو. زبان، اسباب ۽ تحرير سڀ جا سڀ انساني فعل آهن. جڏهن تہ خود قرآن ازلي، ابدي ۽ اٹل آهي.

ٻين مهمانن جو بہ اهو ئي خيال هو. تنهن ڪري هنن ابو القاسم تي زور وڌو تہ هو کين ڪا عقل چرخ ڪندڙ آکاڻي ٻڌائي. دنيا اڳ بہ ۽ هاڻي بہ خباثت جو گهر آهي. هٽ بيشرم ۽ گستاخ بہ اهڙي ئي آزاديءَ سان گهمي ڦري سگهن ٿا. جنهن مان عقل جا انڌا ـ اهي خوشامدي ۽ بدبخت ـ هر ڪنهن ڳالهہ سان ناهہ ڪرڻ جا نڪتا ڳولي ڪيندا آهن. ابو القاسم جو حافظو هڪ اهڙي آئيني وانگر هو جنهن ۾ قبيح ۽ بيحد بزدليءَ جهڙا بيمثال نمونا پکڙيا پيا هئا. هو انهن ماڻهن کي ڪهڙي آکاڻي ٻڌائي؟ پر اهي ماڻهو ضد ڪري ويٺا تہ هو جيڪا بہ ڳالهہ ٻڌائي اها عقل چرخ ڪندڙ هجي، جڏهن تہ سچ پچ عقل چرخ ڪندڙ شين جو ذڪر ڪرڻ بلڪل ناممڪن آهي. بنگال جو چنڊ يمن جي چنڊ جهڙو ڪونهي، جيتوڻيڪ يارَ ٻنهين جو ذڪر ساڳين لفظن ۾ ڪن ٿا. ٿوري دير ماٺ ڪرڻ کان پوءِ ابو القاسم ڳالهہ هيئن ڪئي.

”جيڪو بہ جدا جدا ملڪن ۽ شهرن مان لنگهندو“، ابوالقاسم ڪوڙي گرم جوشيءَ سان اعلان ڪيو. ”ان کي ڪيترين ئي ذڪر لائق شين جي ڏسڻ جو وجهہ ملندو. مثال طور هن واقعي کي ئي ڏسو. مون ان جو ذڪر هڪ ڀيرو اڳ بہ ڪيو آهي ۽ اهو بہ ترڪن جي بادشاهہ جي دربار ۾. اهو واقعو مون ڪينٽون ۾ ڏٺو هو نيڪ ان هنڌ جتي آب حيات درياءَ سمنڊ ۾ ڪري ٿو.“

فرج پڇيس تہ ڇا اهو شهر ان ديوار چين کان ڪي ٿورا ميل پرتي تہ ڪونهي جيڪا اسڪندر ذوالقرنين ياجوج ماجوج جي حملي کان بچڻ جي لاءِ ٺهرائي هئي؟

”ٻنهي جي وچ ۾ هڪ ڏکهو وارياسو پَٽ آهي.“ ابوالقاسم بيقرار گستاخيءَ سان جواب ڏنو. ”ان ديوار جي منارن جي ويجهو پهچڻ ۾ ئي پورا چاليهہ ڏينهن لڳن ٿا ۽ وڌيڪ چاليهہ ڏينهن خود ديوار تائين پهچڻ ۾ ٿا لڳن. سچي صين ڪلان (ڪينٽون) ۾ مون کي هڪ بہ ماڻهو اهڙو نہ مليو جنهن ڪڏهن اها ديوار ڏٺي هجي. يا وري جيڪڏهن پاڻ نہ ڏٺي هجيس تہ ڪنهن ٻي اهڙي شخص کي ئي ڄاڻندو هجي، جنهن اها ڏٺي هوندي.“

ايڏي ساري پکيڙ جو خوف پل کن لاءِ تہ ابن رشد کي وڪوڙي ويو. هو تڪ ٻڌي باغ کي ڏسڻ لڳو. جيڪو ڏاڍو سهڻو ۽ دلفريب هو. اوچتو کيس لڳو تہ پاڻ پوڙهو ٿي ويو آهي، بيڪار غير حقيقي. ابوالقاسم چيو پئي:

”هڪ منپهرن جو صين ڪلان جا مسلمان تاجر مون کي هڪ ڪاٺ جي ٺهيل روغني گهر ۾ وٺي ويا جتي ماڻهن جو هڪ وڏو گوڙ اڳ ۾ ئي موجود هو. ان گهر جو بيان ڪرڻ ممڪن ئي ڪونهي. گهر ڇا هو بس هڪ تمام وڏو ڪمرو هو جنهن ۾ حجرن ۽ ڪنگرن جون قطارون هيٺ مٿي ٺهيل هيون. انهن حجرن ۾ ماڻهن ويٺي کاڌو پيتو. اهو ئي حال فرش تي ۽ ٿلهي تي ويٺل ماڻهن جو هو. ٿلهي تي ڪيترائي ماڻهو طبلي ۽ ستار جهڙو ڪو ساز وڄائڻ ۾ رڌل هئا. باقي ڪن ويهارو کن ماڻهن. جن جا مُنهن قرمزي رنگ جي نقابن سان ڍڪيل هئا. عبادت ٿي ڪئي، راڳ ٿي ڳايا ۽ پاڻ ۾ ڳالهيون ٿي ڪيون. اهي ماڻهو قيد جي سزا ڪاٽي رهيا هُئا. پر ڪمال اهو تہ قيد خانو ڪٿي بہ ڏسڻ ۾ نہ ٿي آيو. هنن گهوڙي سواري پئي ڪئي، پر گهوڙا ڪنهن کي بہ نظر نہ ٿي آيا. هنن جنگ پئي ڪئي، پر سندن هٿن ۾ ترارن جي بدران بانس جا لڪڙا هئا. اهي فرش تي ڪرندي ئي مري ٿي ويا پر وري اٿي کڙا ٿي ٿيا!“

”اهي تہ چرين جهڙيون حرڪتون چئبيون.“ فرج چيو. ”عقلمند اهڙي بيوقوفيءَ جي باري ۾ سوچي بہ نہ ٿا سگهن.“

"اهي نہ چريا هئا نہ بيوقوف." ابوالقاسم کي لاچار وضاحت ڪرڻي پئي. "اصل ۾ هنن هڪ آکاڻيءَ جو تمثيل پئي ڏيکاريو. اها ڳالهہ مون کي هڪ تاجر ٻڌائي."

پر ڪنهن کي بہ اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي. ڪنهن بہ ان کي سمجهڻ جي خواهش يا ضرورت محسوس نہ ڪئي ۽ ابو القاسم ڳالهہ کي اڳتي وڌائڻ جي بدران ورچي هڪ ٻئي جي پٺيان سمجهہ ۾ نہ ايندڙ تشريحون ڪرڻ لڳو. هن هتي جو استعمال ڪندي چيو:

"ايئن سمجهو تہ ڪو ماڻهو آکاڻي ٻڌائڻ جي بدران آکاڻي ڏيکاري رهيو آهي. وري فرض ڪريو تہ اها آکاڻي اصحاب ڪهف جي باري ۾ آهي. اسين ڏسون ٿا تہ اهي غار ۾ واپس پيا اچن. وري اهو تہ اُهي عبادت مان واندا ٿي سمهڻ جي لاءِ ليٽي پيا آهن. ننڊ جي حالت ۾ بہ سندن اکيون کليون پيون آهن. وري اسين ڏسون ٿا تہ سندن ننڊ ڊگهي ٿيندي پئي وڃي. وري پورن ٽي سؤ نون ورهين کان پوءِ اسين هنن کي ننڊ مان سجاڳ ٿيندي ڏسون ٿا. اهي جنت ۾ سجاڳ پيا ٿين ۽ هنن سان گڏ سندن ڪتو بہ سجاڳ پيو ٿئي. اهو سڀ ڪي اسين پنهنجين اکين جي اڳيان ٿيندو پيا ڏسون. بس اهڙي ئي قسم جي ڪا ڳالهہ ان پيهريءَ جو تلهي تي ويٺل انهن ماڻهن ڏيکاري هئي."

"ڇا انهن ماڻهن ڪا ڳالهہ ٻولهہ بہ ڪئي ٿي يا گونگا هئا؟" فرج پڇيو.

"ڇو نہ .... واهہ جو پئي ڳالهايئون." ابو القاسم — جنهن لاچار ٿي هڪ اهڙي تماشي جي تائيد ٿي ڪئي، جيڪو ڪيس پوريءَ طرح ياد بہ نہ پئي آيو ۽ جنهن کي ڏسڻ وقت سندس ذهن ۾ مونجهاري واسو ڪيو هو چيو "هنن ڳالهايو بہ، ڳايو بہ ۽ ٻچاڙيءَ جو بہ ڪي چيو."

"اهڙيءَ صورت ۾ ويهن ماڻهن جي ڪهڙي ضرورت هئي؟، فرج چيو. "رڳو هڪڙو ماڻهو ئي ڏکئي ۾ ڏکي ۽ منجهيل ڳالهہ کي ٻڌائڻ لاءِ ڪافي آهي."

اهو ٻڌي سيني فرج جي ڳالهہ کي صحيح چيو. هاڻي عربي زبان جي فصاحت جي واکاڻ ڪئي ويئي. چيو ويو تہ اِها زبان اُها آهي جنهن ۾ خدا ملائڪن کي هدايت ڏيندو آهي. ان کان پوءِ عربي شاعريءَ جي

خوبين تي خيالن جي ڏي وٺ ٿي. ان موضوع تي گهڻي غور فڪر ڪرڻ بعد عبدالملڪ پنهنجي راءِ ڏيندي چيو تہ دمشق ۽ قرطبہ جا اهي شاعر جيڪي ڳوٺاڻي زندگيءَ مان ورتل خيالن ۽ بدوي زبان کي استعمال ڪرڻ بيحد ضروري سمجهن ٿا، اهي وڏا دقيانوسي هوندا آهن. هن ائين بہ چيو تہ اها هڪ بنھ اجائي ڳالھ آهي، جڏهن ڪو شخص جنهن جي اڳيان وادي الڪبير درياءُ پنهنجي ايڏي ساري ڪشادگيءَ سان وهندو هجي، اهو ڪنهن کوھ جي بيٺل پاڻيءَ جا قصيدا چوي. هن پراڻن ۽ مدي خارج استعارن ۾ مناسب ڦير گهير ڪرڻ تي زور ڏنو ۽ چيو تہ نيڪ آهي تہ جڏهن انساني تقدير کي زهير هڪ انڌي اُٺ سان تشبيھ ڏني هئي تڏهن ان صنعت جي نواڻ ٻڌندڙن کي ضرور حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هوندو. پر لاڳيتو پنجن صدين جي انهيءَ حيرت، تعجب جي چشمي کي ئي خشڪ ڪري ڇڏيو آهي. ان قول کي بہ موجود ماڻهن ڏاڍو ساراهيو. هنن بہ اڪثر ڪري اها ئي ڳالھ ٻڌي هئي ۽ ڪيترن ئي ماڻهن جي واتان. پر ابن رشد پنهنجن ئي خيالن ۾ ماٺ ڪيو ويٺو هو. جڏهن گهڻو وقت ٿي ويو تڏهن آخرڪار هن ڳالهايو پر ائين ٿي محسوس ٿيو تہ هن ٻين کان وڌيڪ خود پنهنجي لاءِ ئي پئي ڳالهايو.

”البت گهٽ فصاحت پر تورو گهڻو اهڙي ئي قسم جي دليلن سان مون پاڻ بہ ان قول جي پٺڀرائي ڪئي هئي جنهن لاءِ هن وقت عبدالمالڪ جو خيال بہ ساڳيو ئي آهي. اسڪندريہ ۾ اهو عقيدو عام آهي تہ ڏوھ ڪرڻ ان شخص جي وَس ۾ ڪونهي جيڪو ڏوھ ڪري ۽ پوءِ ان کان توبھ ڪري چڪو هجي. ساڳيءَ طرح غلطيءَ کان پاڪ هجڻ جي معنيٰ اها ئي آهي تہ ماڻهو پهرين غلطي ڪرڻ جو اقرار ڪري. پنهنجي ”معلقي“ ۾ زهير چوي ٿو تہ ڏک، درد ۽ عظمت سان ڀرپور انهن اسي ورهين ۾ مون ڪيترائي ڀيرا ڏٺو آهي تہ تقدير اوچتو ڪنهن انڌي اُٺ وانگر انسان کي ڏاڍي بيرحميءَ سان پنهنجن پيرن ۾ لتاڙي ان جو انت آندو آهي. عبدالمالڪ جو خيال آهي تہ اڄ ان شعري صنعت ۾ حيرت ۽ تعجب جي ڪا بہ ڳالھ باقي نہ بچي آهي. ان اعتراض جا بہ ڪيترائي جواب ڏئي سگهجن ٿا: پهريون اهو تہ جيڪڏهن ڪنهن نظم جو اصل

مقصد رڳو حيرت يا تعجب کي اُڀارڻو آهي تہ ان نظم جي عمر کي سوين سال تہ چڙهيو ڏينهن. بلڪ ڪلاڪن يا شايد گهڙين ۾ ماپي سگهجي ٿو پيو تہ ڪو بہ نامي گرامي شاعر ايجاد ڪرڻ وارو گهٽ ۾ معلوم ڪرڻ وارو وڏيڪ هوندو آهي. برجه جي ابن اشرف جي واڪاڻ ۾ چيو ويو آهي ۽ هر هر چيو ويو آهي، تہ اڪيلو هو ئي اهو تصور ڪري سگهيو ٿي تہ فجر جي وقت تارا ڏاڍي هلڪي رفتار سان ڪرندا آهن. بلڪل اهڙيءَ طرح جئن وَڻ مان هوريان هوريان پَن ڇَڻ ٿيندي آهي. پهرين تہ حقيقت ائين نہ آهي، ۽ جيڪڏهن هجي بہ ها، يعني تارن ۽ وڻن جي پنن جي ڪرڻ ۾ سچ پچ هڪ جهڙائي هجي ها، تہ بہ هڪ شعري صورت جي حيثيت سان اها هڪ جهڙائي ڪنهن بہ ڪم جي نہ ٿي رهي.

اهڙي صورت (تشبيه) جيڪا رڳو هڪ ئي ماڻهوءَ جي قبضي ۾ اچي سگهي، ڪنهن بہ طرح ٻين تي اثر ڪري نہ ٿي سگهي. دنيا ۾ بيشمار ۽ طرح طرح جون شيون ڏسجن ٿيون. انهن مان ڪا بہ ڪنهن ٻي جهڙي چئي سگهجي ٿي، پر تارن کي پنن جي ويجهو آڻڻ بنهہ ڏاڍائي آهي ۽ ايتري بي اصولي ڳالهہ جئن انهن جي پيٽ مڇين ۽ پکين سان ڪئي وڃي. ان جي ابتڙ اهڙو ماڻهو ورلي ڪو ملندو جنهن ڪڏهن نہ ڪڏهن اهو نہ محسوس ڪيو هجي تہ تقدير ڏاڍي شقي، بدمزاج ۽ بيوقوف بہ ٿئي ٿي ۽ ڏاڍي معصوم ۽ غير انساني پڻ. ان يقين هيٺ ـ ۽ اهو يقين ٿوريءَ دير لاءِ ٿي سگهي ٿو ۽ لاڳيتو بہ، پر ان کان بچڻ ممڪن ڪونهي. زهير پنهنجو ذڪر ڪيل شعر چيو هو ۽ هن جيڪي بہ چيو اهي اهو ان کان وڏيڪ سهڻي نموني ۾ ڪڏهن بہ چئي نہ سگهبو. انهيءَ کان سواءِ ( ۽ جيڪي آئون هاڻ چوڻ وارو آهيان اهو منهنجي فڪر جو نچوڙ آهي) وقت جيڪو ڪوٽ ڪيرايو وجهي، شعر کي مالامال ڪريو ڇڏي، ان جي قيمت ۽ قدر وڌائي ٿو جڏهن زهير عربي زبان ۾ اهو شعر چيو هو تہ ان جي وسيلي بہ صورتون هڪ ٻئي جي عين آمهون سامهون اچي بيٺيون هيون، هڪ صورت تہ انڌي اُٺ جي هئي ۽ ٻي تقدير جي. اڄ ان جي ورجاءُ سبب نہ رڳو زهير جي ياد تازي ٿئي ٿي، پر اسان جا ڏک سور بہ ان مرحوم عرب شاعر جي ڏکن سورن ۾ ملي هڪ ٿي وڃن ٿا. ان صنف جا اُن وقت بہ

حصا هئا. اڄ چار ئي ويا آهن. وقت شعر جي حدن کي پکيڙيو ڇڏي. مون کي ڪي شعر اهڙا بہ ياد آهن جن ۾ سيني ماڻهن جي لاءِ موسيقيءَ جهڙو تاثير آهي. مثال طور ڪيترا سال اڳ مراڪش ۾ مون کي قرطبه جي يادن بيقرار ڪري ڇڏيو هو. مون کي انهن شعرن جي جهونگارڻ ۾، جيڪي عبدالرحمن رصافه جي باغن ۾ ڪنهن آفريقي کجور جي وڻ کي خطاب ڪندي چيا هئا، ڏاڍو اطمينان ۽ سڪون محسوس ٿيندو هو. اهي شعر هنن مصراعن سان شروع ٿيا ٿي:

تون بہ اي کجور جا وَڻ،

ان ڪناري تي اوپرو آهين....

۽ حقيقت ۾ اها ئي شعر جي بيمثال خوبي ٿئي ٿي، يعني تہ اهي لفظ جيڪي هڪ بادشاهہ اوپر جي آرزو ۾ چيا هئا. انهن جڻ تہ منهنجي صورتحال جي ترجماني ٿي ڪئي، جڏهن آءٌ آفريقا ۾ جلاوطن، اندلس جي ياد ۾ ڦٿڪي رهيو هوس.

ان کان پوءِ ابن رشد قديم شاعرن — يعني اسلام جي اچڻ کان اڳ واري زماني جي شاعرن — جو ذڪر ڪندي خيال ظاهر ڪيو تہ شعر ۾ جيڪي بہ چئي سگهجي ٿو اهو اهي شاعر اڳ ۾ ئي چئي چڪا آهن ۽ اهو بہ ريگستان جي ازلي ابدي زبان ۾. ابن شرف جي نمائشي شوق کي نظر ۾ رکندي ـ ۽ اهو بي سبب نہ هو. ابن رشد ان پاسي بہ اشارو ڪري ڇڏيو تہ سموري شاعريءَ جو نچوڙ تہ بس انهن قديم شاعرن وٽ اچي ويو آهي، وري هن ڪنهن نئين ڳالهہ چوڻ جي هوس تي ناراضپو ڏيکاريندي چيو تہ اها نہ رڳو جاهلن جهڙي حرڪت آهي، پر هڪ اجائي ۽ ناڪ پڻ. ٻيا مهمان ڏاڍي مزي سان ابن رشد جا قول ٻڌندا رهيا، ڇاڪاڻ تہ اصل ۾ هن انهن جي وسيلي روايت جي حمايت پئي ڪئي.

جڏهن ابن رشد ٻيهر پنهنجي گهر ڪتب خاني ۾ داخل ٿيو تہ ان وقت شهرجي ٻانگن هر طرف مومنن کي فجر جي نماز لاءِ پئي سڏيو. (حرم ۾ پنين وارن واريون ٻانهيون ڳاڙهن وارن واري هڪ غلام ڇوڪريءَ کي بيدرديءَ سان مار ڏئي رهيون هيون، پر ابن رشد کي ان واقعي جي خبر ٻنپهرن کان اڳ نہ ملڻي هئي). انهن ٻن ڇڱو خاصو منجهائيندڙ لفظن جو

مفهوم هاڻي ٿورو ٿورو ابن رشد تي ظاهر ٿي ويو هو. تنهن ڪري هن قلم هٿ ۾ کڻي ڏاڍي ڌيرج ۽ مضبوطيءَ سان مسودي ۾ هيٺين سٽن جو واڌارو ڪيو:

"ارسطو قصيدن کي "الميو" جو نالو ڏئي ٿو ۽ هجو/سٽَ ۽ ٻين سيني برين ۽ خراب ڳالهين کي "طربيو" سڏي ٿو. قرآن نهايت ذَڪر قابل الميہ ۽ طربين جو مجموعو آهي.

بلڪل ساڳيءَ طرح حرم جا "معلقات" بہ آهن.

ابن رشد جي اکين ۾ ننڊ پرجي آئي هئي ۽ هن پنهنجي بدن ۾ ٿوريءَ ٿڌاڻ کي بہ محسوس ڪيو. مٿي تان پڳ لاهي هن هڪ ڌاتوءَ جي ٺهيل آرسيءَ ۾ پنهنجو مُنهن ڏٺو. مون کي ڄاڻ ڪانهي تہ انهن اکين اتي ڇا ڇا ڏٺو ۽ اهو ان ڪري بہ تہ اڄ تائين ڪنهن بہ تاريخدان سندس خط و خال جو نقشو نہ چٽيو آهي. البت مون کي اها خبر ضرور آهي تہ ابن رشد اڪ ڇنڀ ۾ الوپ ٿي ويو جڻ تہ لاٽ کان خالي باهہ جو ڪو زوردار جهالو ڏسندي ئي ڏسندي ڪيس ڳڙڪائي ويو. ابن رشد سان گڏ اهو گهر نظرن کان لڪي ويو ڦوهارو ڪتاب، مسوَدا، ڪبوتريون، پنين وارن واريون ٻانهيون ۽ ڳاڙهن وارن واري ڌڏڪندڙ لچندڙ غلام ڇوڪري، فرج، ابوالقاسم، گلاب جا ٻوٽا ۽ شايد وادي الڪبير درياءَ — سيبيئي پل کن ۾ الوپ ٿي ويا.

مٿي ذڪر ڪيل قصي ۾ مون هڪ شڪست جي واقع ٿيڻ واري عمل کي لفظن ۾ جهٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سڀ کان اڳ مون کي ڪينٽربري جي اُن پادريءَ جو خيال آيو جيڪو خدا جي وجود کي ثابت ڪرڻ جي دعوي ڪندو هو. پوءِ انهن ڪيمياگرن ڏانهن خيال ويو جن پارس پٿر جي ڳولا ٿي ڪئي. ان کان پوءِ مون انهن ماڻهن بابت ويچاريو جيڪي اجايو هڪ ڪنڊ کي ٽن هڪ جيترن حصن ۾ ورهائڻ ۽ گول کي چؤرس ڪرڻ وارا هئا. انهن سڀني کان پوءِ مون سوچيو ۽ مون کي ان شخص جو معاملو گهڻو پرڪشش، شاعراڻو ۽ معصوماڻو نظر آيو جيڪو اهڙي مقصد کي پنهنجو آدرش سمجهي ٿو جنهن کي ٻيا تہ سولائيءَ سان حاصل ڪري سگهن ٿا. پر هو پاڻ نہ ٿو ڪري سگهي. مون کي ابن رشد ياد آيو اهو ابن رشد جيڪو اسلام جي دائري ۾ رهڻ جي ڪري "الميہ"

۾ "طربيه" جهڙن لفظن کان ڪڏهن به واقف نه ٿي سگهيو. مون آڪاٽي پڙهائي ڇڏي، جڏهن جڏهن آئون ان آڪاٽيءَ جي جدا جدا تهن کي ڏسندو هليس، ته مون کي بلڪل اهو سڀ محسوس ٿيو جيڪو ان خدا کي محسوس ٿيو هوندو. جنهن هڪ مسخري جي چوڻ مطابق ڇهين ڏينهن جي خلق ڪرڻ جي بدران ڪٽي مينهن کي خلق ڪيو! مون کي بنهه محسوس ٿيو ته اهو ڪم مون تي ٺٺولي پيو ڪري ۽ اهو به ته سواءِ ان ڄاڻ جي ته ٿيئٽر ڇا ٿيندو آهي، ابن رشد جو ڊرامي جي باري ۾ تصوّر ڪرڻ ايترو ئي اجايو هو جيترو منهنجو رنان، لين ۽ آسين پلاسيوس کان ورتل ڪن ٽڙيل پکڙيل ٽڪرن جي آڌار تي ابن رشد جو تصوّر ڪرڻ. آخري صفحي تائين پهچندي پهچندي مون کي اهو چڱيءَ طرح احساس ٿي ويو هو ته منهنجو بيان ان ماڻهوءَ جو علم هو جيڪو لکڻ وقت خود هن کي به هو پيو ته هن آڪاٽيءَ کي لکڻ جي لاءِ ضروري هو ته آئون اهو ئي ماڻهو ٿي پوان ۽ اهو ته اهڙي ماڻهو ٿين لاءِ هن آڪاٽيءَ جو لکڻ منهنجي لاءِ ضروري ٿي پيو. وقس علي هذا. (جنهن گهڙيءَ منهنجو ابن رشد تان پروسو کڄڻ لڳي ٿو عين ان گهڙيءَ هو جهٽ غائب ٿي ويو.)

(محمد عمر ميمڻ جي اردو ترجمي تان).

-----

(انگلينڊ)

ڊي — ايچ ـ لارينس

# نابينو

ازابيل کي ٻن آوازن ٻڌڻ جو اونو هو: گاڏيءَ جي ڦيٿن جي آواز جو ۽ گهَر ۾ مڙس جي پيرن جي کڙڪي جو.

سنڊيس نهايت پيارو ۽ پراڻو دوست ۽ جيڪو ڪنهن وقت ۾ سنڊيس زندگيءَ جي ضرورت هوندي هو. نومبر جي آخري ڏينهن ۾ مينهن لُڙات واري منڊ ۾، اچي رهيو هو. هن کي ريلوي اسٽيشن تان آڻڻ لاءِ ٽانگو موڪليو ويو هو. ازابيلا جو مڙس مارس، جيڪو فلينڊرس ۾ انڌو ٿي ويو هو ۽ جنهن جي پروڻ تي هڪ پوائٽو نشان هو جلد ئي گهر پهچڻ وارو هو.

ان گهَر ۾ رهندي هاڻي هن کي هڪ سال ٿي ويو هو. هو بنهه نابينو هو: بي نور هو ان هوندي بہ ٻئي زال مڙس ڏاڍا خوش هئا. گهر جي پٺيان فارم تي پورهيو ڪندڙ هارين جا گهرڙا هئا. ازابيل پنهنجي خاوند سان گڏ گهر جي اڳئين حصي جي صاف سٿرن ڪمرن ۾ رهندي هئي. جڏهن کان مارس زخمي ۽ نابينو ٿيو هو تڏهن کان ٻئي بنهه اڪيلا هوندا هئا. ٻئي نهايت شاندار ۽ دوستاڻي انداز ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهيون ڪندا هئا. گيت ڳائيندا هئا ۽ ڪتاب پڙهندا هئا. ازابيل تہ اسڪاٽ لينڊ مان نڪرندڙ اخبارن لاءِ ڪتابن تي تبصرا بہ لکندي هئي، پنهنجيءَ پراڻي وندر تي بہ ڌيان ڏيندي هئي. مارس وري پاڻ کي فارم جي ڪم ڪار ۾ رڌل رکندو هو. نابينو هوندي بہ هو هر معاملي تي بحث ڪري سگهندو هو ۽ ٻنيءَ تي هٿ جو پورهيو بہ ڪندو هو. جنهن مان کيس ڏاڍو اطمينان ٿيندو هو هو ڍڳيون ڌهندو هو پاڻيءَ جا ڏول ڍوئيندو هو زمين ۾ رونبو ڪندو هو ۽ وهٽن جي سار سنڀال لهندو هو. نابيني جي زندگي ڏاڍي پرٻور ۽ حيرت ۾ وجهندڙ اطمينان واري هئي. ازابيل جي ڪري هن وٽ هڪ مڪمل دنيا هئي، پرٻور پر نظر نہ ايندڙ. ٻنهي جي خوشي هڪ عجيب ۽ اُڪٽ هئي. ۽ اهڙي خوشيءَ ۾ مارس کي پنهنجي بينائيءَ جي وڃڻ جو بہ ڏک نہ ٿيندو هو. هن جو روح ان اڻاتل خوشيءَ ۾ ويڙهيو پيو هوندو هو.

پر وقت گذرڻ سان ڪڏهن ڪڏهن ان پرپور ڪشش جي جاءِ تي هڪ اوپري چڪتاڻ اپري ايندي هئي ۽ ڏکڻ ۽ سنهن وڻن جي قطارن جي وچ واري ان سانتيڪي گهر ۾ ازابيل کي پوائتي ڏک ۽ پيڙا جو احساس وڪوڙي ويندو هو. پوءِ هن کي لڳندو هو تہ پاڻ هوش حواس وڃائي ويهندي. ڪڏهن ڪڏهن وري مارس کي مايوسي ۽ نااميديءَ جا تباهہ ڪندڙ دورا پوندا هئا، جن جي ڪري هن جو سمورو وجود لڏي ويندو هو.

اهي دورا هڪ اونداهي ڏک جيان هوندا هئا، جن جي اثر هيٺ هن جي حياتي عذاب تي پوندي هئي ۽ سندس وجود زالس لاءِ اوپرو ٿي ويندو هو. اهي اونداها ڏينهن پيهر جڏهن بہ ايندا هئا، تڏهن هڪ پوائتو احساس هن جي روح جا بنياد لوڏي ڇڏيندو هو. اهڙي قسم جي ڏکوئيندڙ چرپائپ ۾ هوءَ ويتر پنهنجي خاوند کي ڇهتي پوڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. هوءَ پاڻ تي زوريءَ پراڻي خوشيءَ واري ڪيفيت طاري ڪندي هئي. پر اهڙيءَ ڪوشش هن کي هيڪاري لوڏي ڇڏيو. هن کي خبر هئي تہ اها گهڻو وقت جٽاءُ ڪري نہ سگهندي. کيس اهو بہ احساس هو تہ اُن پيڙا جي ڪري پاڻ دانهون ڪوڪون ڪندي ۽ ان ڪري ان کان بچڻ لاءِ هوءَ ڪنهن بہ قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هئي. هن جي هميشہ اها ئي خواهش هوندي هئي تہ مڙسس سدائين سنديس قبضي ۾ هجي. اهڙو خيال ئي کيس بي انداز خوشي ڏيندو هو. ان هوندي بہ جڏهن هڪ پيرو وري هو ان اونداهي ۽ ڳوڙهي پيڙا ۾ وڪوڙجي ويو تڏهن ازابيلا کان بنهہ سَنو نہ ٿيو هوءَ پاڻ کي بہ برداشت نہ ڪري سگهي. هن اهڙي حياتيءَ کان موت کي بهتر سمجهيو پر هن ان پريشانيءَ مان پاڻ کي بچائڻ جي سٽا پڻ ڪئي. هن سهيلين ۽ دوستن کي پاڻ وٽ اچڻ جي دعوت ڏني. هنَ ڪوشش ڪئي تہ مڙسس پنهنجي اڳوٽي دنيا سان ڪي لاڳاپا پيهر رکي. پر اها سموري ڪوشش اجائي ثابت ٿي. سندن اونداهي ۽ بي نوريءَ جي هڪ ڊگهي سال جي اڪيلائيءَ کان پوءِ هنن ٻنهي کي پنهنجا دعوتي ڏاڍا هلڪڙا، بڪبڪيا مرڳو گستاخ لڳا، جن پنهنجين ٻاراٽين ڳالهين تي فخر محسوس ڪيو هو. ان ڪري مارس بي صبر ۽ ناراض ٿي پيو ۽ ازابيلا بيزار ۽ عاجز ٿي پئي. تنهن ڪري هڪ پيرو وري ٻئي پنهنجي اڪيلائيءَ ۾ ٽپي هٽي ويا، جو ان ۾ ئي کين چڱائي نظر آئي هئي.

پر هاڻي ٽورن هفتن کان پوءِ ازابيلا کي پيو ڀار ڄمڻ وارو هو. پهريون ڀار ننڍپڻ ۾ ئي گذاري ويو هو. ان وقت مارس فرانس ويل هو. ازابيل ٻئي ڀار جي اچڻ جي انتظار ۾ هڪ اَچاتل راحت ۽ خوشي محسوس ڪري رهي هئي. اهو نئون ٻار پڪ سان سنديس سنڀال ڪندو. پر ڪيس ٿوري ڳڻتي به ٿي هئي. هوءَ ٽيهن ورهين جي ڄمار جي هئي ۽ مڙسس ڪائونس هڪ سال وڏو هو. ٻنهي کي ٻار جي ڏاڍي خواهش هئي. ان هوندي به ڪيس خوف هو. مڙسس ته هاڻي سنديس ئي هٿ وس هو ۽ اها حقيقت هن لاءِ هڪ پوائتي خوشي به هئي ته ڏڪائيندڙ ٻار به هو. سنديس سمورو پيار ۽ ڌيان ته اهو ٻار سميٽي ويندو ۽ پوءِ مارس جو ڇا ٿيندو؟ هو ڇا ڪندو؟ جيڪر هوءَ محسوس ڪري سگهي ها ته جڏهن نئون ٻار ايندو تڏهن مارس به خوش ٿيندو ۽ پاڻ به سک سان رهندي! ٻار جي پيدائش جي جيڪا لطيف جسماني راحت هوندي آهي، هن ان کي وڌائڻ گهريو هو. پر مرد ڇا ڪندو؟ هوءَ هن لاءِ ڇا ڪري سگهندي؟ هوءَ هن جي انهن دل ڏاريندڙ پوائتن خيالن کي ڪيئن ٽاري سگهندي؟ جن ٻنهي کي ڏونڏاڙي ڇڏيو هو. خوف وچان هن ٽڏو ساهه کنيون پر انهن ئي ڏينهن ۾ ازابيل کي برٽي ريڊ خط لکيو هو. هو سنديس پراڻو دوست هو سنديس سؤٽ هو اسڪاٽ هو جيئن هوءَ پاڻ به اسڪاٽ عورت هئي. ٻئي ننڍا ٿي وڏا ٿيا هئا. هو سنديس دوست رهيو هو هڪ پاءُ وانگر ۽ پنهنجن پائرن کان به وڌيڪ. هو هن کي پيارو هوندو هو. اهو پيار شاديءَ جهڙي احساس وارو نه هو. هنن جي وچ ۾ هڪ قسم جي ويجهڙائپ ۽ قرب هو. ٻئي هڪ ٻئي کي دل سان سمجهندا هئا. پر ازابيل ڪڏهن به هن سان شادي ڪرڻ جو ته سوچيو به نه هو اهڙي سوچ ڇڻ ته پنهنجي ئي پاءُ سان شادي ڪرڻ جي برابر هجي ها.

برٽي بئريسٽر ۽ وڏو عالم فاضل انسان هو. اسڪاٽلينڊ جو رهاڪو هجڻ سبب هو هڪ ذهين، تيز نوڪيندڙ ۽ جذباتي شخص هو. هن کي جيڪا عورت وڻي ويندي هئي، ان جي آڏو هو گوڏن پر ڪري پوندو هو پر ان سان شادي ڪڏهن به نه ڪرڻ گهرندو هو. ٻئي طرف مارس هڪ عجب انسان هو. هو هڪ نامياري ديهي خاندان مان هو جيڪو آڪسفورڊ جي ويجهو گرينج ڳوٺ ۾ رهندو هو. گهڻو جذباتي هجڻ جي

ڪري هو هڪدم ڪاوڙجي پوندو هو ۽ هن جو سمورو وجود پيو ڏڪندو هو. هو هڪ مضبوط ۽ ڳري قد ڪاٺ وارو شخص هو. هن جي پيشاني پئي چمڪندي هئي، پر هن جو ذهن تيز نہ هو. هن جي رڳن ۾ ڳوڙهاٽو خون ڊوڙي رهيو هو. پنهنجي ان ذهني سستيءَ جو احساس بہ هن کي گهٽ ٿي هوندو هو. چالاڪ تہ سندس محسوسات تيز ۽ تکي هئي. هو برني جو بلڪل ضد هو. جنهن جو ذهن سندس احساسن کان، جيڪي ايترا عمدا نہ هئا، گهٽو تيز هو.

بئي شروع کان ئي هڪ ٻئي کي پسند نہ ڪندا هئا. ازابيل تہ گهٽو ئي گهرندي هئي تہ ٻئي پاڻ ۾ ٺهي وڃن، پر هنن جي مرضي هرگز اها نہ هئي. ازابيل جو خيال هو تہ جيڪڏهن ٻنهي کي هڪ ٻئي جي حال جي ڄاڻ پئجي وڃي، تہ هوند ٻئي هڪ ٻئي کي چڱيءَ طرح سمجهي وڃن، پر ايئن نہ ٿي سگهيو. برنيءَ جي وَرتاءَ ۾ ٿورو ٺوڪ جو انداز هو جيڪو مارس کي ڏاڍو خراب لڳندو هو ۽ موٽ ۾ هو وري اسڪاٽ لوڪن جي طنز سان انگريزي ڪاوڙ ظاهر ڪندو هو. ان ڪري اها اجائي نفرت ويتر وڌي ويندي هئي.

ازابيل کي ان ڳالھ ٿورو منجهائي ڇڏيو هو. ان هوندي بہ هن ان کي رواجي سمجهي قبول ڪيو هو. قدرت جي قانون مطابق مرد تہ گهڙيءَ ۾ تولو گهڙيءَ ۾ ماسو هئا. تنهن ڪري جڏهن مارس ٻيو ڀيرو فرانس پئي ويو تڏهن کيس احساس ٿيو هو تہ پنهنجي مڙس جي خاطر کيس هر حال ۾ برني سان دوستي ختم ڪرڻ گهرجي. ان باري ۾ هن برني ڏانهن خط بہ لکيو هو. برٽريم ريڊ (برني) رڳو ايترو جواب ڏنو هو تہ ٻين سيني معاملن وانگر هو سنديس خواهش جو احترام ڪندو جيڪڏهن اها واقعي سنديس خواهش هئي.

اٽڪل ٻن سالن تائين انهن ٻن دوستن جي وچ ۾ ڪا بہ ڳالھ ٻولھ نہ ٿي نہ وري ڪو خط پٽ لکيو ويو. حقيقت ۾ ازابيل کي فخر محسوس ٿيو هو چالاڪ جو کيس ڪا بہ پشيماني نہ ٿي هئي. هن جو هڪڙو ئي عقيدو هو تہ زال ۽ مڙس کي هڪ ٻئي جي ايتري تہ ضرورت هجڻ گهرجي، جو هنن کان ٻي دنيا ئي وسري وڃي. هوءَ ۽ مارس زال مڙس

هئا. ٻئي هڪ ٻئي کي پيار ڪندا هئا. ڪين اولاد ٻه ٿيندو. ان ازدواجي آسودگي ۽ راحت کان وڌيڪ ٻي ڪا ٻه اهميت واري ڳالهه نه هئي.

ان ازدواجي دلڪشيءَ مان مارس ٻه ايتري ئي آسودگي حاصل ڪئي جيتري ازابيل ڪئي هئي.

ازابيل جي ادبي وندر ۾ ٻه مارس ياڳي پائيوار ٿيو ۽ هن وري زراعت ۽ چوپائي مال جي واڌاري وارن ڪمن ڏانهن ڌيان ڏنو. ڇاڪاڻ ته بنيادي طرح هڪ جوشيلي ۽ جذباتڻ هجڻ جي حيثيت ۾ هن هميشه عملي زندگيءَ کي اهميت ڏني هئي ۽ عملي معاملن ۾ پنهنجي مهارت ۽ هوشياريءَ جي ڪري کيس پاڻ تي فخر هوندو هو. اهڙيءَ ريت مارس ۽ ازابيل پنهنجي ازدواجي زندگيءَ جا پنج سال پورا ڪيا هئا. آخري سال، نابينائيءَ ۽ هڪ حيرت جهڙي گهري دوستيءَ ۽ پنهنجائپ جو سال هو ۽ هاڻي ازبيل کي بي پرواهيءَ ۽ سستيءَ جو هڪ تمام ڳرو احساس پاڻ تي ڪرندو محسوس ٿيو. سنديس مرضي اها هئي ته کيس آرام ۽ سڪون سان ٻار جي پالنا ڪرڻ لاءِ ڇڏي ڏنو وڃي. مارس ته گجگوڙ ڪندڙ منحوس ڪڪر مثل هو. هن جي سنڀال ڪرڻ لاءِ کيس هر وقت اونو هوندو هو.

برنيءَ جو جڏهن اهو ننڍڙو خط پهتو جنهن ۾ ازابيل کان پڇيو ويو هو ته ڇا هو سندن پراڻي دوستيءَ کي ختم سمجهي ۽ مڙسس جي نابيني ٿيڻ جي خبر کيس سخت صدمو پهچايو هو تڏهن هن پنهنجي اندر ۾ ڏک جي هڪ اوچي لهر اٿندي محسوس ڪئي. اهو خط هن مارس کي پڙهي ٻڌايو.

"چوينس ته هت اچ". هن وراڻيو.

"برني کي چوان ته هت اچ!" هن مڙسس جا لفظ ورجايا.

"ها، جيڪڏهن هو اچڻ گهري ٿو ته."

ٻَ ٽي گهڙيون ته ازابيل ماٺ ٿي ويئي.

"مون کي خبر آهي ته هو اچڻ گهري ٿو. هن کي ڏاڍي خوشي ٿيندي"، هن جواب ۾ چيو. "پر تنهنجو ورتاءُ ڇا هوندو مارس! تون اهو پسند ڪندين؟"

"مون کي اهو پسند ڪرڻ گهرجي."

"تہ پوءِ ان صورت ۾ ـ پر مون سمجهہ ۽ هو نہ توکي هن جي ڪاڻ ئي ڪانهي؟"

"مون کي خبر ڪانهي. هن جي باري ۾ ـ ڪن آهي تہ آئون هاڻي ڪا بہ سوچ رکندو هجان." نابيني وراڻيو. اهو جواب ازابيل جي سمجهہ کان مٿي هو.

"خير, مٺڙا!" هن وراڻيو. "جيڪڏهن توکي پوري خاطري آهي...."

"مون کي پوري پڪ آهي. هن کي اچڻ ڏي." مارس چيو.

سو برٽي اچي رهيو هو. ان ڏينهن شام جو اچي رهيو هو.

نومبر مهيني جي مينهَن ۽ اونداهہ ۾ پنهنجي پراڻي بي قراري ۽ فيصلو نہ ڪرڻ سبب ازابيلَ سچي ڏکي ويئي هئي. ان شڪ جي عذاب کيس سدائين تڪليف ڏني هئي. بي يقينيءَ جو اهو هڪ ايذائيندڙ احساس هو. ماءُ ٿيڻ جي مدهوش ڪندڙ خوشيءَ ۾ اهو احساس اٿندي ئي ختم ٿي ويو هو. پر هاڻي اهو موٽي آيو هو ۽ جنهن هن کي ويڳاڻو ڪري ڇڏيو. هميشہ جيان هن پنهنجي سانتيڪي ۽ دوستاڻي ورتاءَ کي قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي, جنهن جي بوڇڻ سان هن پنهنجو سمورو جسم لڪائي ڇڏيو هو.

ٻانهيءَ ميز جي ڀرسان رکيل وڏو فانوس روشن ڪيو ۽ ميز تي پوش وڇايو. ڪاٺ واري ڊگهي ڪمري ۾ روشني جهڪي هئي, جتي نازڪ پر مضبوط ڪاٺ جو پراڻو سامان پيو هو. هلڪي روشنيءَ ۾ اڇو ميز پوش پئي چمڪيو ۽ ان جون پرت پريل نوڪدار ڪنڌون فرش تي وڇايل غاليچن تي پکڙيل هيون. چينيءَ جا ٿانوَ پراڻا ۽ خوبصورت پيلاڻ مائل رنگ جا هئا, جن تي گهري ڳاڙهي ۽ ڳوڙهي آسماني رنگ جا نقش چٽيل هئا. گهنڊ جي نموني جا وڏا ڪوپ هئا ۽ نفيس ۽ شاندار چانهہ داني هئي. ازابيل انهن تي ٿوري تعريفي نگاهہ وڌي.

چڪيل رڳن جي ڪري هن کي تڪليف محسوس پئي ٿي. هن بي اختيار ٿيندي هڪ ڀيرو وري وڏين ۽ پردن کان سواءِ درين ڏانهن نهاريو. شام جي لڙاٽ ۾ ٻاهر هڪ وڏي وڻ جون ڊگهيون ٽاريون جهومي رهيون

هيون. برسات جون ڦڙيون اڏامنديون درين جي شيشن تي پئي ڪريون. هاءِ. آخر ڪيس آرام ڇو نہ ٿو ملي؟ انهن ٻن مَردن ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو هو؟ اهي اجان آيا ڇو نہ هئا؟ اها بي قراري ۽ بي چيني ڇا جي لاءِ هئي؟ هوءَ سستيءَ وچان ويهي رهي. اها ڪاوڙ ۽ ڪروڌ جي ڪري ٿي هئي. مارس نيٺ بہ تہ موٽي ايندو. ٻاهر ترسڻ جو ڪوبہ سبب نہ هو. هوءَ پيرن ڀر اڀي ٿي بيٺي ۽ پاڻ کي آئيني ۾ ڏسي هن هلڪي مُرڪ سان پاڻ تي نظر ڊوڙائي. جڻ تہ هوءَ پاڻ ئي پنهنجي پراڻي سهيلي هئي. سنديس چهرو بيضوي ۽ سانتيڪو هوا نڪ ٿورو محرابي هو ۽ ڳچي ڪلهن تائين هڪ خوصورت ليڪ مثل هئي. مٿي جي پٺيان سنديس ڊِرن ويڙهيل وارن جي ڪري هن جي نهارَ مان مادري ڪشش ظاهر هئي. پنهنجي باري ۾ اهي ڳالهيون سوچيندي هن ٿورو مُرڪي پنهنجن پيرن ۽ گهاٽن پنبڻين جي محراب ناهي ۽ پل ڪن لاءِ سنديس چمڪندڙ اکين ۾ خوشيءَ ۽ شرارت جي لهر ڊوڙي ويئي.

حقيقت ۾ ازابيل هڪ خود مختيار عورت هئي. ان ڪري پنهنجي عورتاڻي تحمل ۽ بردباريءَ کي محسوس ڪندي هن پاڻ سنڀاليو ۽ وڏي دروازي ڏانهن وئي. پوءِ هوءَ فارم تي پهچي ويئي. ڊيري فارم جي رڌڻي ۾ آڳنڌ ۾ چمڙي جي بوءِ هن کي وڪوڙي ويئي.

اتي ماڻهن گرم پاڻيءَ سان ڪڙاهيون ڌوتيون هيون. ازابيل جي سامهون پٽريلو لنگهہ اونداهو خراب ۽ آلو هو. رڌڻي جي کليل درمان روشني ٻاهر پئي آئي. هوءَ اڳتي وڏي دروازي وٽ بيهي رهي. ان وقت فارم جي پورهيتن اتي چانهہ پئي پيتي. هن ڪان ٿورو پرتي هڪ ڊگهي ۽ سوڙهي ميز جي چوڌاري اهي ماڻهو ويٺا هئا. ميز جي وچ ۾ هڪ اڇو فانوس رکيو هو. ڳاڙها مُنهَن، ڪاڏو جهليل ڳاڙها هٿ، چرندڙ ڳاڙهيون جاڙيون، چانهہ جي ڪوپن تي جهڪيل مَٿا، مرد، ڇوڪريون، ڇوڪرا، اهو چانهہ پيڻ جو وقت هو. ڪي چهرا هن ڏانهن کڄي ويا. ورنهام جي زال هڪ وڏي چانهہ داني ڪنيون ڪرسين جي پٺيان هلندي، ٿورو بيهي تي رهي. ڪيس ازابيل جي اچڻ جي خبر نہ هئي. پوءِ اوچتو هوءَ ڦري بيٺي.

”اڙي جيجان آئي آهي ڇا؟“ هن دانهن ڪئي، ”يلي ڪري آئينءَ، اسين چانهہ پيا پيون.“ هن ڪرسي ڇڪي اڳتي ڪئي.

"پيرون صاحب هت آيو آهي، توکي ڪا خبر؟"

"آئون پڪ سان ڪي بہ چئي نہ ٿي سگھان. جيجان! توکان وچڙي ويو آهي ڇا؟"

"نہ. هو واپس اچي تہ چڱو". ازابيل شرمائيندي وراڻيو.

"تہ تون هن کي ڳولڻ آئي آهين؟ ڇورا ييچ، ڏسي اچ." ورنهام جي زال هڪ ڇوڪر جي ڪلهي تي هٿ هڻندي چيو. ڇوڪرو هڪ وڏو گراهہ چٻاڙيندو ييرن پر اپو ٿي ويو.

"پڪ اٿم تہ هو مٿي طبيلي ۾ هوندو". ميز تان هڪ ڇهري چيو. "ٺيڪ آهي، تون مٿي نہ وڃ. آئون پاڻ وڃان ٿي". ازابيل هن کي منع ڪئي.

"هھڙي خراب رات جو تون وري ڪيئن ويندينءَ. اتي جيجان! ڇوڪري کي وڃڻ ڏي. ڇورا! وارو ڪر ييچ." ورنهام جي زال چيو.

"نہ نہ. ازابيل وري فيصلي واري اهڙي انداز ۾ چيو جنهن جي سدائين تعميل ڪئي ويندي هئي. "ٽام! تون ويهہ ۽ چانهہ پيءُ." وري هن ورنهام جي زال کان پڇيو "ٽانگي کي ايندي دير نہ ٿي آهي؟"

"ڇو نہ." ورنهام جي زال هڪ ڍگهي گهڙيال ۾ نهاريندي چيو. "اجان ان جي اچڻ ۾ ويهہ يا ٽيهہ منٽ لڳندا. يا وري منو ڪلاڪ لڳي وڃي."

"هون. جڏهن اوندهہ جلد ٿي ويندي آهي، تڏهن لڳندو آهي تہ دير ٿي وئي آهي". ازابيل وراڻيو.

"ائين ئي ٿيندو آهي. جلدي لهي ويندڙ ڏينهن تڪليف ڏيندا آهن". ورنهام جي زال جواب ڏنو.

"سچ ٿي چوين تون". ازابيل ويندي وقت چيو.

ازابيل مينهوڳيءَ جو بوٽ پاتو. پاڻ کي شال ۾ ويڙهيو مٿي تي مردانو ٽوپ رکيو ۽ آڳنڌ جي چاڙهيءَ ڏانهن وڃڻ لڳي. هر پاسي گهگهہ اونداهہ هئي. ٻاهرين گهرن جي پٽيان ڍگهن ۽ گهاٽن وڻڻ ۾ هوا جا سوساٽ پئي ٿيا. کيس هيٺ فرش جي بہ خبر نہ ٿي پئي. ان وقت خيال آيس تہ جيڪر پاڻ سان فانوس آڻيان ها. هن جي مُنهَن سامهون مينهَن جون ڦڙيون پئي آيون. اهي جيڪڏهن کيس اڏ وٽيون ٿي تہ باقي اڏ َسان جنگ جوٽڻ تي سنديس دل نہ هئي.

نيٺ هوءَ طبيلي جي اوندھہ ۾ ذري گهٽ لڪل دروازي تائين پهچي ويئي. اتي تہ روشنيءَ جو نالو نشان بہ نہ هو. طاق جو مٿيون حصو کوليندي هن اندر نهاريو اونداهيءَ جي اوڙاهہ ۾. ان گهگهہ رات ۾ گهوڙن، نوشادر ۽ گرمائش جي بوءِ هن کي چرڪائي ڇڏيو. هن غور سان ڪنهن آواز کي ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي. پر رات جي آواز ۽ گهوڙن جي چرپر کان سواءِ هو ڪي بہ ٻڌي نہ سگهي.

"مارس!" هن نرم ۽ سريلي آواز ۾ سڏ ڪيو جيتوڻيڪ کيس خوف بہ پئي ٿيو. "مارس! ڇا تون هتي آهين؟"

اوندھہ مان ڪو بہ جواب نہ آيو. هن کي ڄاڻ هئي تہ ٻاهران مينهن ۽ هوا جا سوساٽ گهوڙن تي پئي پيا. هوءَ طبيلي ۾ ويئي. هوءَ پنڊ پهڻ تي بيٺي، ڇاڪاڻ تہ کيس گهوڙن جي ڪارن پٺن جي خبر هئي. جيتوڻيڪ هوءَ انهن کي ڏسي نہ سگهي هئي، ان ڪري هوءَ ڊپ ۾ وڪوڙجي ويئي. سندس دل ڪنهن اڄاتل هيبت کان ڌڪڻ لڳي.

هن ٻڌڻ جي سخت ڪوشش ڪئي. پوءِ هن پري کان هلڪو آواز ٻڌو. لڳو ٿي تہ گهڻو پري کان ڪڙهائيءَ جو ڇٽڪو ۽ مرداني آواز ۾ ڀٽڪو ٿيو. اهو مارس ئي هوندو. هوءَ چرڻ پرڻ کان سواءِ طبيلي جي ان حصي ۾ بيهي رهي ۽ ٻئي دروازي مان هن جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳي. اوندھہ ۾ پوائتي حد تائين گهوڙا هن جي ويجهو بيٺا هئا.

اندرئين دروازي جي ڪنڊيءَ جي زور سان کلڻ جو آواز ٻڌي هن کان چرڪ نڪري ويو. دروازو کليو ۽ هن مڙس کي اندر ايندي، اوندھہ ۾ گهوڙن جي پرسان لنگهندي ۽ سنديس ويجهو ٿيندي ٻڌو ۽ محسوس ڪيو.

گهوڙن سان ڳالهائڻ وقت هن جي جهيڻي آواز ازابيل جي ذهن کي سانتيڪو ڪري ڇڏيو. هو ڪيترو نہ ويجهو پر ڪيترو نہ پوشيدو هو! ائين ٿي لڳو تہ زندگيءَ جي هڪ عجب واڇوڙي وانگر اوندھہ هن کي وڪوڙي ويئي هئي. ازابيل گهوماٽجي ويئي، پر پنهنجي سرت کان ڪم وٺندي هن آهستي ۽ سريلي آواز ۾ سڏ ڪيو.

"مارس! مارس پيارا!!"

"هائو" هن وراڻيو. "ازابيل؟"

ازابيل کي ڪجهه بہ ڏسڻ ۾ نہ آيو. لڳو ٿي تہ مڙسس جو آواز ڪيس ڇهي ويو هو.

”ڇا حال آهي؟“ هن خوشيءَ وچان ٿڙندي ۽ اکين تي زور ڏئي مڙسس کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندي پڇيو. مارس گهوڙن تي هٿ ڦيرائيندو رهيو پر ازابيل کي رڳو اوندهہ نظر پئي آئي ۽ ان ڪري ڪيس مايوسي وڪوڙي ويئي.

”ڇا تون هن پاسي نہ ايندين، پيارا؟“

”هائو اچان پيو اڌ منٽ ۾. تون اتي ئي بيٺي هج. ٽانگو اجان ڪون نہ آيو آهي ڇا؟“

”نہ، اجان نہ آيو آهي.“ ازابيل وراڻيو.

هن جو آواز مٺو ۽ سادو هو. پر اهو ٻڌي ازابيل جو ڏيان ٿورو طبيلي ڏانهن ڦري ويو. سنديس مرضي هئي تہ مڙسس اتان نڪري اچي. هن جي ايتري قدر لڪل هجڻ جي ڪري هوءَ هن کان ڊڄي ويئي هئي.

”وقت ڇا ٿيو آهي؟.“ مارس پڇيو.

”اڃا تہ ڇهہ بہ نہ ٿيا آهن.“ اوندهہ ۾ جواب ڏيندي هن کي چڱو نہ لڳو.

”برٽن کي اچڻ ۾ ڪو گهڻو وقت نہ لڳندو“. مارس دروازو بند ڪندي چيو.

”نہ ايترو وقت نہ لڳندو“. ازابيل سانت ۾ اچي چيو. هن مڙسس کي ڏسي ورتو ۽ دروازي وٽ هن جي اونداهي پاڇي کي چتائي ڏسڻ لڳي.

”منڙا! مون کي هٿ ڏي“.

هوءَ مڙسس جي ٻانهن پنهنجي ٻانهن ۾ سوگهي جهلي اڳتي هلي. پر هن مڙسس کي ڏسڻ گهريو هو چتائڻ گهريو هو. هوءَ ڏاڍي پريشان هئي. هو اُيو ٿيو پئي هليو مُنهن ٿورو مٿي ڪجيل. هن پنهنجين مضبوط ۽ طاقتور ٽنگن سان عجيب انداز ۾ وکون پئي کنيون. ازابيل کي مڙسس جي ٻانهن جي سهاري هلندي محسوس ٿيو تہ هن جي قدمن جو زمين سان هڪ خبردار ۽ سگهارو تعلق هو. پل ڪن لاءِ کيس لڳو تہ هو اونداهہ جو هڪ منارو هو جيڪو زمين مان اڀري نڪتو هو.

گهر واري لنگهہ وٽ هو ٿورو ٿاٻڙجي پيو ۽ خبرداريءَ سان اڳتي وڌيو. بئنچ ڏانهن هٿ وڌائڻ وقت هن جي مُنهن مان عجب جهڙي سانت جهاتيون پائي رهي هئي. پوءِ هو ڌمر سان ويهي رهيو. هو هڪ اهڙو ماڻهو هو جنهن جا ڪلها جهڪيل، هٿ پير ڳرا ۽ تنگون سگهاريون هيون ۽ جن کي زمين جي ڇاڻ هئي. هن جو مٿو ننڍو هو جيڪو اڪثر اوچو ۽ هلڪو هوندو هو. پنهنجا گيٽر ۽ بوٽ لاهڻ لاءِ هو جيئن ئي هيٺ جهڪيو تہ لڳو ٿي تہ هو نابينو ڪونہ هو. هن جا وار ڳاڙهاڻ مائل ۽ گهنڊيدار هئا. هٿ موڪرا، ڳاڙها ۽ ڪرائين وٽ اپريل نسن وارا هئا ۽ رانون ۽ گوڏا ٿلها ۽ ڳرا. هو جڏهن اٿي بيهندو هو تہ هن جي منهن ۽ ڳچيءَ تي خون اپري ايندو هو ۽ لؤنڊڙين وٽ نسون ظاهر ٿي پونديون هيون. ازابيل مڙسس جي بي نور اکين ڏانهن ڪونہ نهاريو.

ڏاڪڻ جي هيٺئين ڏاڪي وٽ هو پنڌ پهڻ تي ڪنهن آواز کي ٻڌڻ لڳو. ازابيل هن کي غور سان ڏٺو ۽ سنديس دل ٻڏي ويئي.

"هو اڃان نہ پهتو آهي؟" هن پڇيو. "آئون مٿي وڃي ڪپڙا مٽايان ٿو."

"مارس!" ازابيل چيو. "ڇا تنهنجي مرضي نہ آهي تہ هو هت اچي؟"

"آئون ڇئي نہ ٿو سگهان"، هن وراڻيو. "البت آئون پاڻ کي خبردار پيو محسوس ڪريان."

"آئون پاڻ بہ اهو ئي ڏسان." ازابيل جواب ۾ چيو ۽ مڙسس جي ويجهو وڃي هن جي ڳل تي چمي ڏني. ڪيس مڙسس جي وات تي سختيءَ جي بدران هلڪي مرڪ نظر آئي.

"تون ڪلين پيو"، ازابيل ٿورو کهرو ٿيندي پڇيو.

"تون منهنجي دلداري ڪرين ٿي."

"نہ تہ"، ازابيل وراڻيو. "تون ڄاڻين ٿو تہ پاڻ هڪ ٻئي سان پيار ڪريون ٿا. توکي خبر آهي تہ پنهنجي شادي ڪيئن ٿي هئي. هاڻي ٻين ڳالهين جي ڪهڙي اهميت؟"

"ڪا بہ نہ، پياري!"

هن ازابيل جي مُنهن کي ڳوليندي ان کي ڇهيو ۽ مرڪي ڏنو.

"تون تہ ٺيڪ آهين نہ ؟" هن ڳڻتيءَ وچان پڇيو.

"آئون بلڪل ٺيڪ ٺاڪ آهيان، پيارا!" ازابيل وراڻيو. "مون کي تہ ڪڏهن ڪڏهن تنهنجي ڳڻتي وڪوڙي ويندي آهي."

"منهنجي ڇو؟" هن آڱرين سان زال جا ڳل نرميءَ سان ڇهندي چيو. ان ڇهاءَ جو هن پاڻ تي مدهوش ڪندڙ اثر محسوس ڪيو.

پوءِ هو ڊاڪڻ چڙهي مٿي هليو ويو. ازابيل هن کي اونده ۾ ويندي ڏٺو. هن کي خبر ٿي نہ هئي تہ مٿئين ورانڊي ۾ فانوس ٻريل نہ هئا. هو اونده ۾ پيرن جي ساڳئي ڪڙڪي سان هلندو ويو. پوءِ ازابيل هن کي غسلخاني ۾ ويندي ٻڌو.

مارس پيروين پنهنجي ڄاتل سڃاتل ماحول ۾ بي خياليءَ وچان هيڏانهن هوڏانهن هلندو رهيو جيتوڻيڪ اتي هرڪا شيءَ اونده ۾ وڪوڙيل هئي. لڳو ٿي تہ ڪيس هر ان شيءَ جي هجڻ جي اڳواٽ خبر هئي، جنهن کي هن ڇهيو ٿي. ايترين گهٽين شين جي وچ ۾ اهڙيءَ ريت لڏندي لمندي هن کي خوشي پئي ٿي. هن پنهنجي ذهن تي گهٽي سوچ جو بوجهہ نہ وڌو هو ۽ حقيقي دنيا سان خوني ويجهڙائپ قائم رکي هئي. هو خوش هو ۽ ان حالت ۾ هڪ ڀرپور يقين موجود هو جيڪو ڪنهن وقت تہ وجداني ڪيفيت جي روپ ۾ بدلجي ويندو هو.

معلوم پئي ٿيو تہ هن جي زندگي هڪ ايرندڙ لهر وانگر ڦري رهي هئي، جنهن اڳتي وڌي سڀني اونداهين شين کي وڪوڙي وڌو هو. اها هڪ قسم جي خوشي هئي تہ هٿ کي اڳيان وڌائي ان ۾ ڪنهن لڪل شيءِ کي ڪٽي، ان کي خالص لاڳاپي جي صورت ۾ حاصل ڪجي. هن پنهنجي ذهن ۾ اهڙي سوچ کي آڻڻ جي ڪا بہ ڪوشش نہ ڪئي. دراصل هن ۾ هڪ نئين سڃاڻپ اڀري ويئي هئي.

ان حالت جو ڀرپور احساس گهڻو ڪري ڪيس خوشي ڏيندو هو ۽ جوڻس لاءِ سندس جوش ۽ جذبي جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو هو. پر ڪنهن ڪنهن وقت ان جذبي کي روڪيو ويندو هو ۽ پٺتي ڌڪيو ويندو هو پوءِ اهو هن جي اندر ۾ هڪ جوشيلي سمنڊ جيان مانداڻ مچائيندو هو ۽ هو پنهنجي ئي پيدا ڪيل عذاب ۾ تڙپندو ڦٿڪندو رهندو هو. هن کي اندر جي ان آنڌ مانڌ کان خوف ٿيندو هو جو اهڙيءَ حالت ۾ هو

پنهنجن ئي هڪ هٿي جي اُبتڙ خيالن جي طاقتور پنجوڙ ۾ ڦاسي پوندو هو. ان کي کهڙيءَ ريت پنهنجي قبضي ۾ آڻجي؟ اهو ئي سوال هو. ۽ جڏهن اهو سوال کيس ساڻو ڪري ڇڏيندو هو تڏهن پنهنجون مُٺيون ايترو زور سان ڀڪوڙيندو هو جڻ تہ گهرندو هو تہ ساري ڪائنات سندس آڏ مجي. پر اها اجائي ڳالهہ هئي.

ان هوندي بہ اڄ رات هو ٿورو سانت ۾ هو. جيتوڻيڪ سندس اَندر ۾ اجائي ڪاوڙ جي ڪري واچوڙا اُٿيا هئا. سنوارت ٺاهڻ وقت هن پنهنجي هٿ ۾ پاڪيءَ کي ڏاڍي خبرداريءَ سان جهليو هو. چاڪاڻ تہ ان کان کيس خوف محسوس ٿيو هو. سندس ٻڌڻ واري حس بہ ڏاڍي تيز ٿي ويئي هئي، جو ڪمرن اڳيان لنگهہ واري حصي ۾ نوڪرياڻيءَ فانوس ٻئي ٻاريا ۽ مهمانن واري ڪمري جي بخاري ۾ باهہ پئي ٻاري تہ اهي آواز هو چٽيءَ طرح ٻڌي رهيو هو. پوءِ جڏهن هو پنهنجي ڪمري ڏانهن هلپو ويو تڏهن هن ٽانگي جي پهچڻ جو آواز ٻڌو. ايتري ۾ ازابيل جو آواز ابريو. هڪ گهنڊڻيءَ وانگر وڄندي.

"برٽي! تون آهين ڇا؟ پهچي وئين؟"

ٻاهران هوا ۾ مرداني آواز جو پڙاڏو ٿيو! "ڇا حال آهي ازابيل! آئون پهچي ويو آهيان".

"هت پهچڻ ۾ توکي ڪا تڪليف تہ نہ ٿي؟"

"نہ. ڀلا تون ڪيئن آهين؟ لڳين تہ ٺيڪ ٿي، اڳي کان بہ اڳري."

"برابر". ازابيل وراڻيو" آئون بلڪل ٺيڪ آهيان. تون ڪيئن آهين؟ سمجهان ٿي ٿورو لهي ويو آهين بدن ۾."

"سڀ اهو ئي چون ٿا. ڪم ماري وڌو آهي. پر آئون بلڪل ٺيڪ آهيان ڀيڻ! پيروين ڪيئن آهي؟ هو هت ڪونهي ڇا؟"

"مٿي ڪمري ۾ ڪپڙا پيو مٽائي. بلڪل ٺيڪ آهي. تون تہ اهي آلا ڪپڙا مٽاءِ. مائي سڪائي وٺندي."

"چڱو. اهو ٻڌاءِ تہ اوهين زال مڙس تہ پاڻ ۾ خوش آهيو نہ؟ هو توسان وڙهي تہ نہ ٿو؟"

"نہ، نہ، بلڪل نہ – مرڳو اسين ٻيئي ٻانڻ ۾ ڏاڍا خوش آهيون. گھڻو خوش آهيون. هڪ ٻئي جي ويجهو آهيون ۽ سک سلامتيءَ سان رهون پيا."

"واهہ، واهہ، اها سچ تہ سٺي خبر آهي."

ٻئي ٿورو اڳتي وڌي ويا. پيرون وڏيڪ ڪي بہ ٻڌي نہ سگھيو. پر مايوسيءَ جو هڪ ڀاراٽو احساس هن کي وڪوڙي ويو ۽ هن ٻنهي جا تڪڙا تڪڙا آواز ٻڌا. لڳو ٿي تہ ڪيس هڪ ڀار سمجهي ٻاهر بيهاريو ويو هو. بي مقصد ۽ تڙيل. مٿس هڪ بيوس مايوسي ڇانئجي ويئي. ڪپڙا مٿائيندي هو بنهہ ٻارن وانگر وائڙو ٿي هتوراڙيون ڏيڻ لڳو. برٽيءَ جي گفتگو ۾ هن کي اسڪاٽلينڊ وارن جا اُچار بلڪل ڪونہ وڻندا هئا. انهن اُچارن جو هلڪو اثر ازابيل جي زبان تي بہ هو. هوءَ پنهنجي وندر وغيرهہ جي باري ۾ جيڪو ذڪر ان منڙي ٻوليءَ ۾ ڪندي هئي، اهو تہ هن کي هرگز هرگز نہ وڻندو هو. هو هڪ ننڍڙي ٻار وانگر خوف ۽ ڏپ ۾ ورتل هو. ساڳئي وقت هو هڪ مرد بہ هو. اداس ۽ سگھارو ۽ پنهنجي ئي ڪوتاهي ۽ خاميءَ تي مڃرجي پوڻ وارو.

ڪنهن اَٽل عيب جي ڪري هو ٻانڻ سنڀالي نہ سگھندو هو ۽ ڪيس ٻين جي مدد تي ڀروسو ڪرڻو پوندو هو. ۽ اهو ڀروسو ئي ڪيس ڪاوڙائيندو هو. هو برٽي ريڊ کان نفرت ڪندو هو ۽ ساڳئي وقت ان نفرت جي اجائي هجڻ جو بہ ڪيس احساس هو. هو سمجهي ويو تہ اها سندس ئي ڪمزوري هئي.

هو ڏاڪڻ لهي هيٺ ڪمري ۾ ويو. ڪاڏي واري ڪمري ۾ ازابيل اڪيلي هئي. هن ڪيس اندر ايندي ڏٺو اوچي ڳاٽ ۽ پختن قدمن سان. هو ڏسڻ ۾ ڪيترو نہ صحتمند ۽ سگھارو هو پر ساڳئي وقت هو گھوماٽيل بہ نظر اچي رهيو هو. گھوماٽيل — اهو ئي لفظ جوڙس جي ذهن تي تري ايندو هو. شايد ان جو سبب سندس زخم جو نشان هو.

"مارس! تو ٻڌو تہ برٽي پهچي ويو آهي:" زال هن کان پڇيو.

"ها، ها — هو هت ڪونهي ڇا؟"

"هو پنهنجي ڪمري ۾ آهي. ڏاڍو ڏٻرو ۽ ٿڪل ٿو ڏسجي".

"لڳي ٿو تہ هو ايتري تہ محنت ڪري ٿي جيڪا ڪيس ماري ڇڏيندي."

هڪ ٻانهي هٿن ۾ طشت کڻي ڪمري ۾ آئي ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ برٽي بہ هيٺ لهي آيو. هن جو رنگ ٿورو جهڪو هو. هن جي پيشاني وڏي، وار ننڍا ۽ اداس وڏيون اکيون هيون. صورت شڪل حد کان وڌيڪ ڏکائتي، بنهہ عجيب هئي. تنگون ننڍيون ۽ اچرج جهڙيون هيون.

ازابيل دروازي وٽ هن کي دل من هٽندي ڏٺو ۽ پريشانيءَ وچان هن ڏانهن نهاريو. پيرون زال جو ڪڙڪو ٻڌي ڦريو.

"اڇي وئين؟" ازابيل چيو. "اڄ تہ ماني کائون."

نابينيَ پنهنجو هٿ اڳتي وڌايو جنهن کي برٽي جهلي ورتو.

"آئون بلڪل تندرست آهيان. تنهنجي آئي مون کي خوشي ٿي آهي". مارس چيو.

ازابيل هنن ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ پري ڏسڻ لڳي. ڪيس سمجهہ ۾ ئي نہ پئي آيو تہ هنن ڏانهن ڏسي يا نہ.

"اچو ميز تي،" هن چيو. "ڇا اوهان کي بک نہ لڳي آهي؟ مون کي تہ ڏاڍي آهي. مون کي افسوس آهي جو اوهان کي منهنجو انتظار ڪرڻو پيو." برٽي ويهندي چيو. مارس جو ڪرسيءَ تي بُت جيان ويهڻ جو ڍنگ عجيب هوندو هو. ازابيل جڏهن بہ هن کي اهڙيءَ طرح ويٺل ڏسندي هئي تہ سنديس دل ڏکي ويندي هئي.

مارس ان ڀليءَ وانگر جيڪا پنهنجي ويهڻ واري چادر کي پٽيندي ۽ کوهيندي آهي، هٿن جي عجيب چرپر سان پنهنجي طشتري، ڇري، ڪانٽي ۽ رومال کي ڇهي رهيو هو. هن ان حالت جي سموري جاگرافي پنهنجي شعور جي وسيلي حاصل ڪئي. هو اُيو ٿيو بي پرواهہ ويٺو هو.

برٽي نابينيَ جي مانيٽي روپ، وڏن ڳاڙهن هٿن جي نازڪ ڇهاءَ ۽ نشان جي مٿان پيشانيءَ تي هڪ عجيب بي پرواهہ ماٺ کي غور سان ڏٺو هن کي ٿوري تڪليف محسوس ٿي ۽ هن ٻئي پاسي نهاريو ۽ بي خياليءَ ۾ ميز تي رکيل بنفشي جي گلن وارو شفاف گلدان کڻي نَڪَ جي ويجهو آڻي، گل سنگهڻ لڳو.

"ڏاڍي خوشبو آهي هنن ۾،" هن چيو "ڪٿان آيا آهن؟"

"درين جي هيٺان باغ مان". ازابيل ٻڌايو.

"سال جي هن موسم ۾ ۽ وري ايترا خوشبودار! توکي ياد آهن، بنفشي جا گل جيڪي چاچي بيل جي گهر واري ڏاڪڻي ديوار جي هيٺان هوندا هئا؟ "

ٻنهي دوستن هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو ۽ مرڪ جي ڏي وٺ ڪئي. ازابيل جون اکيون چمڪڻ لڳيون. .

"ڇا، مون کي ياد نہ هوندا؟" هن جواب ڏنو. "هوءَ عجيب عورت هئي!" "ها، هوءَ هڪ نرالي ڪراڙي عورت هئي:" برني ڪليو. "اهو سڄو خاندان نرالو آهي ازابيل."

"واهہ – پر اسين ٻہ نہ آهيون، برني!" ازابيل ورندي ڏني. "اهي مارس کي ڏي." برني گلدان رکيو تہ هن مارس کي چيو "پيارا! تو بنفشي جا گل سنگهيا آهن؟ سنگهي ڏس، ڏاڍا خوشبودار آهن."

مارس پنهنجو هٿ اڳيان وڌايو تہ برني هن جي ٻڳهين ۽ گرم آڱرين ۾ گلدان ڏنو. مارس جو هٿ ٿڙيسٽر جي اڇين آڱرين تي ويڙهجي ويو. برني خبرداريءَ سان پنهنجو هٿ ڇڏايو ۽ پوءِ هن ۽ ازابيل نابيني کي گل سگهندي ڏٺو. نابيني پنهنجو ڪنڌ هيٺ ڪيو ۽ لڳو ٿي تہ ڪا ڳالهہ سندس ويچار هيٺ هئي. ازابيل انتظار ڪندي رهي.

"ڇا اهي خوشبودار ڪونہ آهن، مارس؟" هن نيٺ پريشانيءَ وچان پڇيو.

"ڏاڍا خوشبودار آهن." هن وراڻيو ۽ گلدان ازابيل ڏانهن وڌايو.

گلدان برني ورتو. برني ۽ ازابيل ٻئي ٿورو خوف ۾ وڪوڙيل هئا ۽ پريشان ٿي لڳا.

نئي ڪاڏو ڪائيندا رهيا. ازابيل ۽ برني رکي رکي هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون پئي ڪيون. نابينو ماٺ ۾ هو. هن پنهنجي ڇريءَ جي نوڪ سان ڪاڏي جي شين کي جلدي جلدي نرميءَ سان ڇهي ننڍڙن ٽڪرن ۾ پئي وڌيو. ازابيل ۽ برني پريشانيءَ وچان پاسا پئي ورايا. ازابيل کي ان تي حيرت ٿي هئي. هوءَ جڏهن اڪيلي هوندي هئي تہ هوءَ ايئن محسوس نہ ڪندي هئي. برني هن کي ان حيرت جو احساس ڏياريو هو.

ڪاڏو ڪاٺ ڪان پوءِ ٽئي ڪرسيون سيري باهه جي ويجهو ٽي ويٺا ۽ ڳالهيون ڪرڻ لڳا. هنن جي ويجهو ٽي ميز تي صراحيون رکيون هيون. ازابيل جي هٿ مان ڪاٺ جا ٽڪرا باهه تي ڪري پيا ۽ روشن چڻنگن جو هڪ ڪڪر اُڀري بخاري ۾ هليو ويو. برنيءَ ازابيل جي ورتاءَ کي ٿورو ٽڪل محسوس ڪيو.

"جڏهن توکي ٻار ڄمندو تہ توکي خوشي ٿيندي، ازابيل!" هن چيو.

ازابيل هن ڏانهن هڪڙي تکڙي ۽ ٽڪل مُرڪ سان نهاريو.

"هائو آئون خوش ٿينديس"، هن وراڻيو. "اها هڪ دائمي خوشي هوندي. هائو آئون ڏاڍي خوش ٿينديس ۽ مارس! تون بہ خوش ٿيندين نہ؟"

"چو نہ، آئون خوش ٿيندس."

"اسين ٻئي ڏاڍي ڳڻتيءَ سان هن جو انتظار پيا ڪريون." ازابيل چيو.

برني ڪنوارو هو. ازابيل کان ٽي چار سال عمر ۾ وڏو. هو اهڙن خوبصورت ڪمرن ۾ رهندو هو جتان درياءَ ڏسبو هو ۽ جتي جي حفاظت وفادار نوڪر ڪندا هئا. اتي جيڪي عورتون هيون، انهن مان ڪيتريون ئي هن جون دوست هيون، محبوبائون نہ پر صرف دوست. شاديءَ جي خطري کان پاڻ بچائڻ خاطر هو ڪن عورتن جي اڳيان پنهنجي عقيدت جو لاڳيتو اظهار ڪندو رهيو هو. ڪيترين جو تہ دل سان مشتاق بہ رهيو هو. پر جڏهن اهي ڪيس ويجهو ايندي محسوس ٿينديون هيون، تڏهن هو پنتي تي ويندو هو ۽ هنن کان نفرت ڪرڻ لڳندو هو.

ازابيل هن کي چڱيءَ طرح سڃاڻندي هئي، هن جي خوبصورت وضعداري ۽ ثابت قدميءَ کي سمجهندي هئي ۽ ڪيس هن جي لاعلاج ڪمزوريءَ جي بہ ڄاڻ هئي، جنهن جي ڪري هو ڪنهن بہ قسم جي ويجهڙائپ حاصل ڪرڻ جي لائق نہ هو. هن کي پاڻ کان شرم ٿيندو هو ڇاڪاڻ تہ هو شادي نہ ڪري سگهيو هو. ڪنهن بہ عورت جي جسم جي ويجهو نہ وڃي سگهيو هو. هن اهو ڪرڻ گهريو هو پر ڪري نہ سگهيو هو. هو پنهنجو پاڻ کان ڊنل هو ڏاڍو ۽ خوفناڪ حد تائين ڊنل هو. هن اهڙي اميد تان هٿ کڻي ڇڏيو هو. ان ڪري ئي هو هڪ ذهين ۽ ڪامياب

بئريسٽر هو وڏي شهرت ۽ ناموريءَ وارو اديب هو امير ۽ سماج ۾ هڪ ڪامياب انسان هو. پر هو پاڻ کي بي جنس ۽ ڪجھ بہ نہ سمجھندو هو.

ازابيل هن کي چڱيءَ طرح ڄاڻندي هئي. هوءَ هن کان نفرت بہ ڪندي هئي تہ سندس تعريف بہ. ازابيل هن جي ڏکاري صورت ڏانهن نهاريو هن جي ننڍين ٽنگن ڏانهن ڏٺو ۽ هن لاءِ نفرت محسوس ڪئي. هن جي گهرين پورين اکين ۾ چتايو جن ۾ هڪ معصوم وجدانيت لڪل هئي، ۽ پوءِ ڪيس هن تي پيار اچڻ لڳو. برٽي هن کي حيرتناڪ حد تائين سمجهي ويو پر ازابيل کي هن جي ذهانت جو ذرو بہ خوف نہ هو. ازابيل هن جي ان ڪري سرپرستي ڪئي هئي جو هو هڪ مرد هو.

پوءِ ازابيل پنهنجي خاوند جي بي حس ۽ خاموش صورت ڏانهن ڏٺو. هو ٻانهون ٻڌيو ڪرسيءَ تي آهليو پيو هو ۽ سندس ڪنڌ ٿورو پٺتي هو. هن جا گوڏا سڌا ۽ پريل هئا. ازابيل ٿڌو ساھ کنيو ۽ چمٽو جهلي هڪ پيرو وري بخاري ۾ ٽانڊن کي هيٺ مٿي ڪيو. نرم ۽ روشن چڻنگن جو هڪ ڪڪر مٿي اڏامڻ لڳو.

اوچتو برٽي پڇيو "بينائيءَ جي وڃڻ سبب توکي ڪا گهڻي تڪليف تہ نہ ٿي آهي؟"

مارس اهو ٻڌي سڌو ٿي ويٺو پر هن ٻانهون کو نہ کوليون.

"نہ، ڪا گهڻي تڪليف نہ." هن وراڻيو "ڪڏهن ڪڏهن ان جي خلاف ڇڪتاڻ ٿيندي آهي، اهو تہ تون بہ ڄاڻين ٿو. پر ان جا بدل بہ آ هن."

"چون ٿا تہ ان کان بہ وڌيڪ خراب ڳالھ اها آهي جو ماڻهو ٻنھ ٻڌي نہ سگهي". ازابيل چيو.

"ايئن برابر آهي،" برٽي وراڻيو. "پلا بَدل بہ ٿيندا آهن ڇا؟" هن مارس کان وري پڇيو.

"هائو گهڻين ڳڻتين کان ڇوٽڪارو ملي ويندو آهي" مارس هڪ پيرو وري پنهنجي سموري وجود کي پکيڙيو پُٺن جا مضبوط پَٺا سڌا ڪيا ۽ ڪنڌ مٿي ڪري اهلجي پيو.

"اهو تہ هڪ قسم جو آرام آهي،" برٽي چيو. "پر ان خفي جي بدران ڇا هوندو آهي؟ مشغوليءَ جي جاءِ تي ڇا هوندو آهي؟"

ٿوري دير لاءِ سانت ٿي ويئي. نيٽ نابيني جواب ڏنو بي خياليءَ ۾ ڪاهليءَ سان. "نہ مون کي خبر نہ آهي. جڏهن ڪير مصروف نہ آهي تہ پوءِ ڪيترين ئي ڳالهين هونديون آهن."

"سچ"، برٽي چيو. "ڪهڙيون ڳالهيون؟ مثال طور؟ مون کي سدائين محسوس ٿيندو آهي تہ جڏهن ڪو خيال ڪونهي ۽ عمل ڪونهي، تڏهن ڪي بہ نہ هوندو آهي."

مارس وري بہ جواب آهستي ڏنو "ڪانہ ڪا ڳالهہ هوندي آهي. ڪهڙي ڳالهہ؟ آئون چئي نہ ٿو سگهان".

پوءِ اها ڳالهہ ٻولهہ هڪ ڀيرو وري اتي ئي ختم ٿي ويئي. ازابيل ۽ برٽي ٻَٽ شٽ هنيان ۾ يادگيريون ورجايون. نابينو ماٺ ويٺو هو. نيٽ هو ورچي اٿي بيٺو. قدآور ۽ اُڀو. هن کي ساهہ جي مونجهہ ٿيڻ لڳي.

"اوهين دل ۾ تہ نہ ڪندؤ"، هن چيو "جيڪڏهن آئون ورنهام وٽ وڃان؟"

"نہ پيارا! تون ڀلي وڃ". ازابيل چيو.

۽ هو ٻاهر نڪري ويو. ٻنهي دوستن تي ماٺ پکڙجي ويئي. نيٽ برٽي چيو "تڏهن بہ اهو هڪ وڏو نقصان آهي، ڇوڪري!"

"ايئن برابر آهي، برٽي! مون کي خبر آهي."

"هر وقت ڪنهن نہ ڪنهن شيءِ جي کوٽ"، برٽي چيو.

"ها — ان هوندي بہ — ان هوندي بہ مارس جو چوڻ صحيح آهي تہ ڪا نہ ڪا ڳالهہ هميشہ هوندي آهي، ڪا شيءِ، جنهن جي باري ۾ تو کي بہ خبر نہ هوندي آهي تہ اها اتي موجود آهي ۽ جنهن جي تون وضاحت نہ ٿو ڪري سگهين."

"ڇا آهي اها؟ برٽي پڇيو.

"مون کي خبر ڪانهي. ان جي وضاحت ڪرڻ ڏاڍي ڏکي آهي. پر ڪا ڳالهہ، ڪا شيءِ ويجهي ۽ سگهاري. مارس جي موجودگيءَ ۾ ڪا شيءِ عجيب هوندي آهي - بيان نہ ڪرڻ جهڙي - ۽ مون کي لڳندو آهي تہ ان جي ڪري ذهن تي سانت پکڙجي ويندي آهي. اسين جڏهن اڪيلا هوندا آهيون تڏهن مون وٽ سڀ ڪجهہ هوندو آهي ۽ اهو سڀ ڪجهہ ڏاڍو مالا مال ۽ پيڪيدار هوندو آهي."

”مون کي افسوس آهي جو مون اها ڳالهہ نہ سمجهي“، برٽي چيو.

ٻئي بي مقصد ڳالهيون ڪندا رهيا. ٻاهر هوا سوساٽ ڪندي پئي لڳي، مينهن جي ڦڙين درين جي طاقن تي واڇٽ پئي ڪيو. انهن جو آواز اندرئين پاسي طاقن جي بند هجڻ سبب مگرمان جي آواز جهڙو پئي لڳو. ڪاٺ جا ٽڪرا آهستي آهستي ٻري گرم ٿيا لکن ننڍڙن شعلن ۾ پئي اٿيا. برٽيءَ جي منهن مان بيزاري بکڻ لڳي. هن جي اکين جي چوڌاري ڪارا حلقا هئا. ازابيل جيڪا ٻار جي ويجهي ڄمر سبب خوش خوش نظر پئي آئي، جهڪي ٻاهہ ۾ ڏسڻ لڳي. سنديس گهنڊيدار وارن جو وانگوڙو ڊرو ٻڌل هو ۽ ڪنهن بہ مرد لاءِ ڏاڍو پر ڪشش هو. پر هن جي دل ۾ پراڻي پيڙا جي هڪ عجيب احساس چوليون پئي هنيون.

”آئون سمجهان ٿوتہ اسان سيني ۾ ڪٿي نہ ڪٿي ڪا خامي رهجي ويئي آهي“، برٽي چيو.

”منهنجو بہ اهو ئي خيال آهي.“ ازابيل ٽڪل ٽٽل آواز ۾ وراڻيو.

”خير، ڇڏ اهو اجايو قصو.“

”مون کي خبر نہ آهي.“ ازابيل اٽندي چيو. ”آئون پاڻ کي بلڪل تندرست سمجهان ٿي. اينڌڙ ٻار جي ڪري مون کي ڪنهن جي بہ پرواهہ نہ آهي. هن مون کي بنهہ سانت ڏئي ڇڏي آهي. مون کي تہ اهو بہ محسوس نہ ٿو ٿئي تہ ڪنهن ڳالهہ جي ڪا گهٽتي بہ ڪرڻ گهرجي.“

”اها تہ تمام سٺي ڳالهہ آهي.“ هن آهستي جواب ڏنو.

”خير، آئون سمجهان ٿي تہ اها ئي فطرت بہ آهي، مون کي رڳو اهو محسوس ٿئي ها تہ مارس جي باري ۾ مون کي گهٽتي نہ ڪرڻ گهرجي. مون کي پوريءَ ريت راضي رهڻ گهرجي.“

”ڇا تون محسوس ڪرين ٿي تہ توکي هن جي گهٽتي ڪرڻ گهرجي؟“

”خير، آئون چئي نہ ٿي سگهان.“ ازابيل ناراضپو ڏيکاريندي وراڻيو.

رات هوريان هوريان وڌي ٿيندي ويئي. ازابيل گهڙيال ڏانهن نهاريو. ”اڙي، هاڻي تہ ڏهہ ٿيڻ وارا آهن!“ هن چيو. ”مارس ڪٿي هوندو؟ پڪ آهي تہ هن پاسي سيئي سمهي پيا هوندا. معاف ڪجو.“

هوءَ ٻاهر نڪتي ۽ هڪدم موٽي آئي.

”هر پاسي ماٺ ۽ اونده آهي.“ هن ايندي چيو”حيرت آهي ته هو ڪيڏانهن ويو؟ ضرور فارم ڏانهن ويو هوندو.“

برٽي هن ڏانهن نهاريو. ”آئون سمجهان ٿو ته اڃڻ وارو هوندو.“

”آئون به اهو ئي سمجهان ٿي“. ازابيل چيو ”پر هو هيڏي مهل ٻاهر نه ويندو آهي.“

”جيڪڏهن تون چوين ته آئون وڃي هن جي خبر لهان.“

”توکي ڪا تڪليف نه ٿئي ........ آئون پاڻ وڃان ها. پر—“ هن نه ٿي گهريو ته برٽي کي ڪا جسماني تڪليف ٿئي.

برٽي هڪ پراڻو وڏو ڪوٽ پاتو هٿ ۾ لالٽين کنيون ۽ پاسي واري دروازي مان ٻاهر نڪري ويو. مينهونگهيءَ ۽ گجگوڙ ڀريل رات هن کي هيسائي ڇڏيو. اهڙي موسم هن جي سموري جسم ۾ ڏڪٽي پيدا ڪندي هئي. هر هنڌ گهٽي گهم جي ڪري هو پاڻ کي ويڳاڻو ويڳاڻو محسوس ڪرڻ لڳو. مرضي نه هوندي به هو هليو ويو.هڪ ڪتو هن کي ڏسي زور زور سان ڀؤنڪڻ لڳو. هن سيني گهرن ۾ ڇتايو. نيٺ هن جڏهن هڪ وچين ڀانڊي جو دروازو کوليو ته کيس چڪيءَ جي هلڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هن لالٽين مٿي ڪري ان پاسي ڏٺو ته کيس مارس ڏسڻ ۾ آيو جيڪو مشين مان گوگڙن جو رس ڪڍي رهيو هو.

”ورنهام آهين ڇا؟“ مارس ڪڙڪو ٻڌي پڇيو.

”نه، آئون برٽي آهيان.“

هڪ ڀوري رنگ جي وڏي جهنگلي ٻليءَ پنهنجا پنا مارس جي ٽنگن سان پئي مهٽيا. نابيني جهڪي هن جي پاسن کي ڇهيو. ان نظاري کي ڏسندي برٽي اندر آيو ۽ دروازو بند ڪري ڇڏيائين. هو هڪ تمام وڏي ڀانڊي ۾ هو جتي ساڄي ۽ کاٻي پاسي چوپائي مال جا وٿاڻ هئا.

نابيني ٻليءَ تي ڏاڍي نرميءَ سان هٿ پئي ڦيرايا. برٽي هن کي غور سان ڏسڻ لڳو.

”تون منهنجي لاءِ آيو آهين ڇا؟“ مارس سڌو ٿي هن کان پڇيو.

”ازابيل کي ٿوري ڳڻتي ٿي هئي“. برٽي وراڻيو.

”آئون جلد ايندس. هھڙا ڪم ڪندي مون کي خوشي ٿيندي آهي.“ ٻلي پنهنجي اڳيان پير مٿي ڪري هن جي ٽنگن ۾ رهندا هئا. هن ٻليءَ کي ڏکي پاسي ڪيو.

”هٽ گرينج ۾ آئون ڪنهن بہ طرح سان تنهنجي رستي ۾ نہ ٿو اچان. يقين رک.“ برٿي شرمائيندي ۽ تڪليف وچان چيو.

”منهنجي رستي ۾؟ نہ. بلڪل نہ. مون کي تہ خوشي ٿي آهي تہ ازابيل کي ڪنهن ٻئي سان ڳالهائڻ جو وجھ مليو. مون کي تہ پاڻ افسوس آهي جو آئون رستي ۾ آيو آهيان. مون کي ڄاڻ آهي تہ آئون ايترو دلچسپ ماڻهو نہ آهيان. ازابيل ٺيڪ آهي. ڇا تون نہ ٿو سمجهين؟ هوءَ ناراض نہ آهي. آهي ڇا؟“

”منهنجو اهو خيال ڪونهي.“

”هوءَ ڇا ٿي چوي؟“

”هوءَ چوي ٿي تہ آئون گهڻي خوش آهيان. رڳو ٿوري تنهنجي ڳڻتي اٿس.“

”منهنجي ڳڻتي ڇو اٿس؟“

”شايد ڊڄي ٿي تہ تون فڪرمند رهندو هجين.“ برٿي خبرداريءَ سان چيو. ”هن کي اهڙي ڳڻتي نہ ڪرڻ گهرجي.“ نابينيءَ ٻليءَ جي نرم پوري مٿي تي هٿ ڦيرايو. ”مون کي ٿورو ڊپ ان ڳالھ جو آهي تہ هوءَ مون کي اجايو بار ڪري سمجهي ٿي.“

”توکي ايئن سوچڻ نہ گهرجي.“ برٿي وراڻيو جيتوڻيڪ هن کي بہ اهڙو ڊپ هو.

”مون کي خبر ڪانهي“ مارس چيو. ”ڪنهن ڪنهن وقت محسوس ٿيندو اٿم تہ اهو مناسب ڪونهي تہ هوءَ بہ مون سان گڏ ان بار هيٺ پوريل هجي.“ پوءِ هن پنهنجو آواز جهڪو ڪندي مخفي انداز ۾ پڇيو ”منهنجي شڪل گهڻي خراب ٿي ويئي آهي ڇا؟ تون مون کي نہ ٻڌائيندين؟“

”نشان تہ برابر آهي“. برٿي حيران ٿيندي جواب ڏنو. ”اها هڪ خرابي ضرور آهي. پر خوفناڪ هجڻ جي بدران اها رحم جوڳي وڌيڪ آهي.“

”تمام خراب نشان آهي اهو؟“ مارس پڇيو.

"ها، تمام خراب."

ٿوري وقت لاءِ ماٺ ٿي ويئي.

"ڪڏهن ڪڏهن محسوس ٿيندو اٿم ته منهنجي شڪل خوفناڪ آهي." مارس اهڙي جهيڻي آواز ۾ چيو ڄڻ ته پاڻ سان ڳالهائيندو هجي. برٽي ڏڪي ويو.

"اها بنهه اجائي ڳالهه آهي." برٽي ورائيو.

مارس هلڻ کي ڇڏي سڌو ٿي بيٺو. "اهو ڄاڻڻ ناممڪن آهي". هن چيو. "حقيقت اها آهي ته مون کي تنهنجي به پوري ڄاڻ ڪانهي. ڇا آئون توکي ڄاڻان ٿو؟"

"شايد نه." برٽي ورائيو.

"تون ناراض ته نه ٿيندين جيڪڏهن آئون توکي ڇُهان؟"

وڪيل ڪومائجي ويو. ان هوندي به همدردي ڏيکاريندي هن جهيڻي آواز ۾ چيو"بلڪل نه."

پر جيئن ئي نابينيءَ پنهنجو مضبوط ۽ خالي هٿ هن ڏانهن وڌايو ته هو سڄو ڏڪي ويو. مارس اتفاق سان هن جو ٽوپلو ڪيرائي وڌو.

"مون سمجهيو هو ته تون قداور آهين". هن چيو ۽ پنهنجو هٿ برٽي جي مٿي تي رکيو ۽ پنهنجي نرم ۽ مضبوط گرفت ۾ هن جو مٿو جهليو. پوءِ اها نرم ۽ نازڪ گرفت مٿي کان هيٺ لهندي ان بندري شخص جي ڇهري کي وڪوڙي ويئي ۽ هن جا پرون ڇهڻ لڳي، پوريل اکيون ڇهڻ لڳي، ننڍڙو نڪ ۽ ناسون ڇهڻ لڳي، کهريون ننڍڙيون مڇون، وات ۽ ٿوري مضبوط ڪاڏي ڇهڻ لڳي. نابينيءَ جي مضبوط هٿ هن جي ڪلهي کي، ٻانهن کي ۽ هٿ کي پنهنجي گرفت ۾ ورتو.

"لڳي ٿو ته تون قد جون ننڍو آهين." هن نيٺ آهستي چيو.

وڪيل جو ساهه سڪي ويو ۽ هو ڪو به جواب نه ڏئي سگهيو.

"تنهنجو مٿو نرم نازڪ آهي ۽ تون قد جو ننڍو آهين". مارس وري چيو."تنهنجا هٿ به نرم نازڪ آهن. منهنجي اکين کي ڇُهه، ڇُهندين؟ منهنجي نشان کي ڇُهه."

ذهني پيڙا جي ڪري برٽيءَ کي ڏڪٽي وٺي ويئي. ان هوندي بہ هو نابينني جي اثر هيٺ ونجي ويو. جڏهن تہ مٿس جادو ڪيو ويو هجي. هن پنهنجو هٿ مٿي ڪيو ۽ آڱريون نشان ۾ اکين تي رکيون. اوچتو مارس پنهنجو هٿ انهن تي رکيو ۽ برٽي جي آڱرين کي پنهنجي بدصورت اکين جي کوپن تي زور ڏئي جهليو. هو سڄو ڏڪي رهيو هو آهستي آهستي ساڄي کان کاٻي پاسي لڏي لمي رهيو هو. هڪ منٽ تائين هو ان حالت ۾ هو جڏهن تہ برٽيءَ تي بيهوشي ڇانئيل هئي.

پوءِ اوچتو مارس پنهنجي پيشانيءَ تان هن جو هٿ پري ڪري ان کي پنهنجي هٿ ۾ جهلي بيٺو.

"يا خدا!" هن چيو "هاڻي اسين هڪ ٻئي کي سڃاڻنداسين. هائو نہ؟ هاڻي اسين هڪ ٻئي کي سڃاڻون ٿا".

برٽي کو بہ جواب ڏئي نہ سگهيو. پنهنجي ڪمزوريءَ هيٺ ويڳاڻو ٿيندي ڪيس خوف وڪوڙي ويو ۽ هو ماٺ ڪيو ڏسندو رهيو. ڪيس خبر هئي تہ پاڻ ڪو بہ جواب ڏيئي نہ سگهندو. هو ان اجائي خوف ۾ وڪوڙيو پيو هو تہ متان اهو شخص ڪيس برباد نہ ڪري. جڏهن تہ حقيقت ۾ نابينني جي دل ۾ هڪ ڳوڙهو ۽ جوش ڀريو پيار دوستيءَ جو جذبو ڇوليون هڻڻ لڳو. شايد دوستيءَ جو اهو جذبو هو جنهن برٽيءَ کي ڇرڪائي ڇڏيو هو.

"هاڻي پاڻ ٻئي خوش آهيون، آهيون نہ" مارس چيو. "هاڻي سڀ خير آهي، جيستائين پاڻ زندهہ سلامت آهيون، جيستائين اسان جو پاڻ ۾ تعلق آهي."

"هائو" برٽي پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪندي جواب ڏنو.

مارس ڪنڌ مٿي ڪيو بيٺو هو جڏهن تہ هن کي ٻڌڻ تي ڳهريو. فاني دوستيءَ جي هڪ نئين ۽ نفيس تڪميل، هڪ حيرت جهڙو انڪشاف هن کي وڪوڙي ويو. جنهن جي ڪيس ڪا اميد ئي نہ هئي، لڳو ٿي تہ هن اهو ٻڌڻ ٻئي ڳهريو تہ اهو سچ هو حقيقت هئي.

پوءِ هو ڪوٽ ڪڍڻ لاءِ ٻئي پاسي ڦريو.

"اچ"، هن چيو. "اسين ازابيل وٽ هلنداسين"

برٽي لالٽين کڻي دروازو کوليو. ٻلي غائب ٿي ويئي. ٻئي ماڻ ڪيو پيچرن تان هلندا رهيا. گهر جي ويجهو پهتا ته ازابيل کي هنن جي پيرن جو عجب جهڙو کڙڪو ٻڌڻ ۾ آيو. هن ڏاڍي دلسوزي ۽ فڪرمنديءَ وچان هنن ڏانهن نهاريو. مارس جو منهن فخر وچان پئي ٻهڪيو. برٽي جو منهن لٿل هو ۽ اکين ڏرا ڏئي ويون هئس.

"خير ته آهي!" ازابيل پڇيو.

"اسين دوست ٿي ويا آهيون". مارس ٽنگون ڀڪيڙي هڪ ديو وانگر بيهندي چيو.

"دوست!" ازابيل اچرج وچان ورائيو ۽ وري برٽي ڏانهن ڏٺو جنهن جون لڪل ۽ ٿڪل نظرون سنديس اکين ۾ ڏسڻ لڳيون. لڳو ٿي ته ڏک ۽ پيڙا جي ڪري هن جون نظرون پٿر ٿي ويون هيون.

"مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي". ازابيل گهڻي حيرت مان چيو.

"ها......" مارس ورائيو.

هو سچ ته ڏاڍو خوش هو. ازابيل هن جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ وٺي زور سان پڪوڙيو.

"پيارا! هاڻي تون اڳي کان گهڻو خوش رهندين." هن چيو.

پر ازابيل برٽي کي چتائيندي رهي. هن کي ڄاڻ هئي ته برٽي جي فقط هڪڙي خواهش هئي. ان ويجهڙائپ کان. ان دوستيءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ. جيڪا مٿس مڙهي ويئي هئي. هو اهو ڪڏهن به سهي نه پئي سگهيو ته ڪيس نابيني ڇهيو هو. سندس چرپائپ وارو حجاب ٽٽي چڪو هو. هو هڪ سپ جهڙو ڀيڙو هو جنهن جو ڪوپو پرزا پرزا ٿي ويو هو.

-----

(ترڪي)

نجيب فاضل ڪيسا ڪُرڪ

# سيلاني

هن جي گهر ۾ هڪ وڏي سوٽ ڪيس کان سواءِ ٻيو ڪي بہ نہ هو. ان ۾ ڪوٽ پتلون جا ٻہ جوڙا، ڪي قميصون، ٽوريون گنجيون، ٻہ ٽي جوڙا بوٽن جا ۽ چاليهہ يا پنجاهہ چونڊ ڪتاب پيل هوندا هئا جن جي باري ۾ هن جو خيال هو تہ هن دنيا ۾ رهڻ لاءِ اهي ڪتاب ئي پڙهڻ جهڙا هئا. ان سوٽ ڪيس تي يورپ، ايران، هندوستان ۽ ويندي جاپان تائين ملڪن جي تمام سيني وڏن ۽ مهانگن هوٽلن جا ليبل لڳل هئا.

هڪ سئيز بئنڪ ۾ هن جي نالي تي هڪ خاصي رقم بچت ۾ رکيل هئي. هو پنهنجي کيسي ۾ چيڪ بوڪ ۽ اهو هيڏو وڏو سوٽ ڪيس پاڻ سان گڏ کنيون هڪڙي شهر کان ٻئي شهر گهمندو رهندو هو. هن جو رهڻ اهو هڪ مشغلو هو. هن ڌرتيءَ تي ڪو شهر اهڙو هو ئي ڪونہ جتي هو ٻہ پيرا ويو هجي. جڏهن ڪير هن کان پڇندو هو تہ ڪنهن هنڌ تون ٻيو پيرو ڇو نہ وئين تہ هن جو جواب اهو ئي هوندو هو تہ، 'ڪو بہ ماڻهو ساڳئي پاڻيءَ ۾ ٻہ پيرا وهنجي نہ ٿو سگهي.' اهو جملو بہ جيڪو هن هڪ يوناني ججھ کان سکيو هو هاڻي کيس بنهہ مدي خارج پيو لڳندو هو.

اوپرو لفظ ۾ پوءِ اهو ڪٿي دنيا جي ڪهڙي بہ ٻوليءَ جو هجي، هن کي هڪ خاص ڪشش محسوس ٿيندي هئي. پر ماڻٽن، دوستن، چاڻ سڃاڻ وارن ۽ ٻين اهڙن ئي ماڻهن کان کيس اهڙو ڊپ لڳندو هو جنهن جي وضاحت ڪرڻ سندس وَس ۾ ئي ڪين هئي.

اَڻ ڏٺل شهرن ۾ رلڻ ۽ اوپرن ماڻهن سان ميل ملاقات جي ذريعي هن ڪهڙيءَ شيءِ کي حاصل ڪرڻ ٿي گهريو؟

هندوستان ۾ هن جي هڪ اهڙي شخص سان ملاقات ٿي، جنهن جي مٿي تي پٽڪو ٻڌل هو ۽ اکين ۾ جادو پريل هو. ان شخص پنهنجيون

ڪاريون ۽ سٽين زيتونن جهڙيون ٻَـ چمڪندڙ اکيون هن ۾ ڪپائي ڇڏيون ۽ چيو:

"ڇا تون ملڪ ملڪ ان ڪري پيو ڦرين تـ جئَن اها ڄاڻ ڳولي لهين جتي موت ڪڏهن بـ نـ پهتو آهي؟ "

اهي لفظ سيلانيءَ جي دل ۾ پيهي ويا. اُن ئي پَل ۾ هن پنهنجو سمورو راز ظاهر ڪري ڇڏيو. هن خوف ۾ ڏڪندي پڇيو:

"توکي ڀلا اها خبر ڪئَن پئي تـ آئون هڪ بيمار شخص آهيان ۽ ڪنهن بـ وقت منهنجو موت ٿي سگهي ٿو؟"

"اسين سڀئي بيمار آهيون ۽ ڪنهن بـ وقت مري سگهون ٿا."

"پر منهنجي بيماريءَ بابت تون ڇا ٿو ڄاڻين؟"

"ٻيا بـ ان ساڳي بيماريءَ جا مريض آهن. رڳو گهٽ وڌ جو ٿورو گهڻو فرق هوندو آهي. پر انسان ويچارا ان فرق کي پنهنجيءَ پنهنجيءَ پسند مطابق ڪري سمجهندا آهن. تون زندگيءَ کي پلي ڪٽي سالن، مهينن، هفتن، ڏينهن، ڪلاڪن، منٽن يا سيڪنڊن ۾ ماپ، پر حقيقت ۾ اها انهن ماپن مان فقط هڪ ماپو آهي يعني هڪ اڪيلو سيڪنڊ."

سيلانيءَ جي همت ئي هارجي ويئي.

"ڊاڪٽر مون کي ٻڌايو آهي تـ آئون ڪينسر جو مريض آهيان، ۽ فقط هڪ سال وڌيڪ جيئَرو رهي سگهندس، تنهن ڪري مون پنهنجو سمورو حساب ڪتاب صاف ڪري ڇڏيو آهي ۽ ملڪ ملڪ پيو ڦيريون ڏيان."

"اها ڪا خراب ڳالهہ تـ ڪانهي. اهو هڪڙو سال ڪٽي سؤ ڀيرا پاڻَ ورجائي پر اهو ڪڏهن بہ ٻہ سال ٿي نـ سگهندو. ۽ ان جو تنهنجي روح تي جيڪو گهرو اثر ٿئي ٿو ان کي ڪو بـ هزار سالن جي سخت ڪوشش ڪرڻ کان پوءِ بـ بدلائي نـ ٿو سگهي. پر هڪڙو تون آهين جيڪو پنهنجي ئي گهر ۾ موت جو آرام سان انتظار ڪرڻ جي بدران ان کان ڀڄڻ جي اجائي ڪوشش ۾ لڳو پيو آهين. تو پنهنجا سڀئي رشتا ناتا ٽوڙي ڇڏيا آهن ۽ پنهنجون سموريون دلچسپيون ختم ڪري ڇڏيون آهن. تـ جئن موت تو مان ڪي گهڻو حاصل نـ ڪري سگهي. تو اهو ڪونـ محسوس

ڪيو تہ اهڙيءَ ريت تو پاڻ ان جي مدد ڪئي آهي تہ تو وٽ جيڪي بہ آهي ان کان بہ هو توکي محروم ڪري ڇڏي."

دنيا جي رشتن ناتن جي درين جا جيڪي طاق سيلانيءَ بند ڪري ڇڏيا هئا، اهي اوچتو کيس ڪليل ڏسڻ ۾ آيا ۽ سندس اندر انهن روشن ڪرڻن سان پرجي ويو جيڪي پتڪو ہٽائل ۽ جادوءَ ڀريل نظرن واري هندوستاني شخص وٽان هن تائين پئي آيا. ان شخص وڏيڪ چيس:

"هندوستان ۾ هڪ ڪراڙي شخص، تاريخ جيتري ڪراڙي شخص بہ بلڪل ايئن پئي ڪيو جئن تون پيو ڪرين. هن پنهنجي ساري ڄمار ان جاءِ کي ڳولي لهڻ ۾ وڃائي ڇڏي هئي، جتي موت ڪڏهن بہ نہ آيو هو. جلد ئي هن کي خبر پئي تہ هر ڳوٺ ۾ داخل ٿيڻ ۽ وري اتان ٻاهر نڪرڻ واري جاءِ تي قبرستان آهي. موت کان ڪو بہ هنڌ، ڪا بہ جاءِ محفوظ نہ هئي. هو شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ۽ وستي وستي رلندو رهيو. نيٺ هڪڙي اهڙي ڳوٺ ۾ پهتو جتي ڪوبہ قبرستان ڪونہ هو. هن پڇا ڪئي تہ ان ڳوٺ ۾ ڪڏهن ڪو ماڻهو مري بہ ويو آهي يا نہ؟

"مري وڃڻ ڇا آهي؟" هن کان پڇيو ويو.

هن جي خوشيءَ جو ڪو انت ئي نہ هو. ڄڻ تہ هن دنيا ۾ هڪ تمام وڏي ڪوجنا ڪئي هئي. هن وري ڳوٺاڻن کي چيو:

"مون کي تہ هتي ڪوبہ پوڙهو ماڻهو نظر نہ ٿو اچي. اوهان جا ماڻهو جڏهن پوڙها ٿي ويندا آهن تڏهن هنن کي ڇا ٿيندو آهي؟"

ڳوٺاڻن مُرڪي ڏنو ۽ وراڻيو:

"اڙي ها، هاڻي اسان تنهنجو مطلب سمجهيو. پريان جيڪي جبل آهن، اُهي ڏسين ٿو؟ انهن جبلن جي پٺيان وقت بوقت اسين هڪڙو آواز ٻڌندا آهيون. ان آواز ۾ اسان جي ڳوٺ وارن مانِ ڪنهن بہ هڪ ڳوٺاڻي جو نالو ٻُڌبو آهي. پوءِ اهو ماڻهو ان طرف وڃڻ شروع ڪندو آهي، ۽ پوءِ هو هميشہ هميشہ لاءِ الوپ ٿي ويندو آهي."

۽ بلڪل ان گهڙيءَ، ان ماڻهوءَ جيڪو موت کان محفوظ هنڌ جي ڳولا ۾ اتي آيو هو جبل جي ہئي پاسي کان آواز ٻڌو جنهن ۾ سندس نالو وٺي کيس سڏيو ويو هو..... ان ڳوٺ ۾ جنهن کي هن موت کان محفوظ

سمجهيو هو هن مانڙي ڪري پنهنجو ڪنڌ جهڪايو ۽ ڏٺي تعاليٰ جي رضا تي راضي.......

"اها تمام پوائتي ڳالهه آهي". سيلانيءَ چيو.

"ان جو مطلب اهو ٿيو تہ ظاهري طرح انسان ان قدرت جي اڳيان بنهہ بي وس آهي، جيڪا باطني طرح هن کي پنهنجي چنبي ۾ تمام سوگهو جهليو بيٺي آهي."

"پر پوءِ ان جو ڪهڙو حل آهي؟"

"هن جي رضا تي راضي رهجي."

پٺڪي واري هندوستانيءَ ۽ سندس انهن ٻولن سيلانيءَ جي دل تي ايڏو تہ ڳوڙهو اثر ڪيو جو هن کي وطن جي سخت ڪشش محسوس ٿي ۽ هو هڪدم پنهنجي ماڳ تي موٽي ويو. وطن پهچي هن پنهنجو سوٽ ڪيس ڇت جي ويجهو ٺهيل هڪ شلف تي ڪٽي اڇلايو ۽ فلسفي ۽ ادب جي موضوعن تي جيڪي چاليهہ يا پنجاهہ ڪتاب پاڻ سان کنيون پيو گهمندو هو اهي گند ڪچري جي دٻي ۾ اڇلائي ڇڏيا. هن رڳو هڪڙو ڪتاب سوال جواب جي ذريعي تعليم حاصل ڪرڻ جي موضوع تي پاڻ وٽ رکيو جنهن کي هن پڙهڻ لائق سمجهيو ۽ پنهنجي ڪراڙي دائيءَ سميت، جيڪا هن جي زندگيءَ ۾ هڪ اڪيلي ويجهي عورت هئي، پنهنجي گهر ۾ رهڻ لڳو.

سرءُ جي مُند هجي. هڪڙي ڏينهن هو پاڻ کي پنهنجي ڪمري ۾ بند ڪري ويهي رهيو. ٽپهريءَ جو درېءَ جي اڳيان هن سوال جواب جي ذريعي تعليم حاصل ڪرڻ واري ڪتاب مان ڪفن دفن جي موضوع تي مضمون پئي پڙهيو.

سڄي فضا نراسائي ۽ نااميديءَ سان ڀري پئي هئي. ايتري ۾ هيٺئين طبق مان هن جي دائيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو:

"ابا، تون ٿورو هيٺ ايندين؟"

شل خير ٿئي! هن ڪڏهن بہ پنهنجي دائيءَ کي ايڏي وڏي آواز ۾ ڪيس سڏ ڪندي ڪونہ ٻڌو هو دائيءَ کي جڏهن بہ ڪي چوڻو هوندو هو تہ وٽس اچي چوندي هئي. ڇا ڳالهہ آهي؟ هن کي ڏاڍو عجب لڳو.

ساڳيو آواز ٻيهر ٻڌڻ ۾ آيو:

"اَبا، تون ٿورو هيٺ ايندين؟"

اوچتو هن کي پٽڪي واري هندوستانيءَ ۽ ان آواز جو خيال آيو جيڪو ان ڳوٺ جي جبلن جي پٽيان ايندو هو جتي موت ڪڍهن ويو ئي ڪونه هو، تي سگهي ٿو ته ڪيس سڏيندڙ اهو آواز سندس دائيءَ جو نه پر ڪنهن ٻئي جو هجي جيڪو دائيءَ جي آواز جو نقل ڪندو هجي! هو تپ ڏئي اٿيو ۽ دروازو کولي هن رڙ ڪئي:

"ناني، تو مون کي سڏيو پئي ڇا؟"

هن جي دائيءَ جي ٿڪل ۽ ڪمزور آواز وراڻيو:

"نه منهنجا ٻچا، مون ته ڪونه سڏيو."

هو واپس هليو ويو ۽ حيرت ۽ اچرج ۾ ڪليل دريءَ جي پرسان ڪرسيءَ تي ڪري پيو.

هيٺان هڪ ڀيرو وري دائيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو:

"اَبا، تون ٿورو هيٺ ايندين!"

هن اٿڻ ۾ ڏاڍي ڪوشش ڪئي، ڏوڪيندو پاسي واري ڪمري ۾ ويو ۽ ڏاڪڻ لهڻ لڳو. هوا ۾ جڻن ئي دريءَ جي پردي ڦڙڪڻ شروع ڪيو ته ڏاڪڻ وٽان هڪ رڙ ٻڌڻ ۾ آئي:

"مون کي ڪير پيو سڏي؟"

ان کان پوءِ هڪ ٻوائتو ڌڪو ٿيو.

اهو ڌڪو انساني جسم جو هو جيڪو ڏاڪڻ تان هيٺ ڪرندو پئي ويو....

۽ اهو شخص جيڪو ڪينسر جي خوف ۾ وڪوڙيل هوندو هو دل جي هڪڙي ئي حملي ۾ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو.

-----

(روس)

مئسڪم گورڪي

# سپ ڪو پانئين عشق سهانگو

مسافر ريل گاڏي هڪ آفت جيڏي ازدها وانگر دونهين جا ڪارا ڪڪر ڪيندي وشال سڃڻ ميدانن مان ڪٽڪ جي سونهري سمنڊ ۾ غائب ٿيندي پئي ويئي. ريل جو دونهون سخت گرم هوا ۾ ملندو ان ڪڙڪاٽ ڪندڙ آواز سميت الوپ ٿيندو ويو جنهن ڪن گهڙين لاءِ ان وشال سڃ جي ماٺار کي ڏونڊاڙي ڇڏيو هو. ان سڃ ۾ هڪ ننيڍڙي ريلوي اسٽيشن هئي، جنهن جي اڪيلائپ اندر ۾ عجب جهڙا آزاريندڙ احساس ٿي جاڳايا.

ريل گاڏيءَ جو گهرو ۽ گجگوڙ ڪندڙ آواز جڏهن هوريان هوريان پري ٿيندو ڳم ٿي ويندو هو تڏهن ساڳي ماٺ اسٽيشن کي وڪوڙي ويندي هئي.

وشال سڃو ميدان سون سَريڪو هو ۽ آسمان نيرو ۽ ٻئي ٻي انت پکڙيل هئا. اهڙي وسعت جي وچ ۾ ننيڍڙي ڳاڙهه سِري اسٽيشن جي عمارت هڪ اهڙي تصوير جو ڏيکاءُ ٿي ڏنو جيڪا ڪنهن فنڪار سواءِ ڪنهن اڳ سوچ جي ٽڙ تڪڙ ۾ برش جي هڪڙي ئي ڦيري سان جوڙي راس ڪئي هجي.

هر روز ٻه پهريءَ جو ٻارهين لڳي ۽ ٽِـ پهريءَ جو چئين لڳي ان پکڙيل سڃ مان ريل گاڏي ايندي هئي ۽ پورن ٻن منٽن لاءِ اسٽيشن تي بيهندي هئي. انهن ٻن منٽن ۾ اسٽيشن جي ٻوساٽيندڙ ماحول ۾ رونق جي لهر پکڙجي ويندي هئي، جنهن جي ڪري اتي جي ملازمن ۾ زندگيءَ جي هڪ نئين لهر ڊوڙي ويندي هئي. هر ريل گاڏيءَ ۾ هر قسم جا ماڻهو هر قسم جي لباس ۾ هوندا هئا. اهي نظر ايندا هئا، پر فقط پل ڪن لاءِ؛ گاڏن جي درين دروازن مان ٽڪل، بي صبر ۽ بي پرواهه چهرن جي هڪ لاڳيتي

تصوير ڏسبي هئي ۽ پوءِ گهنڊ وڄندو هو ريل سيٽي وڄائيندي هئي ۽ اهي سيئي صورتون ريل گاڏيءَ جي ڏڪن سميت کليل ميدان ۾، وڏي فاصلي تي انهن شهرن ڏانهن ويندڙيون هيون، جتي رونق ۽ رنگيني واري زندگي هوندي هئي.

ريلوي جا ملازم انهن صورتن کي ڏاڍي شوق ۽ غور سان ڏسندا هئا ۽ جڏهن ريل گاڏي اسٽيشن تان هلي ويندي هئي، تڏهن هر ڪو ملازم انهن جي باري ۾ پنهنجي پنهنجي راءِ ڏيندو هو. هنن جي چوڌاري پکڙيل سانتيڪو ميدان هو ۽ مٿان بي حس آسمان. هنن جي دلين ۾ انهن ماڻهن لاءِ ريس پيدا ٿيندي هئي، جيڪي هر روز کين ان سڄ ۾ سوگهو ڇڏيندا، اهڙي بي سواد ۽ بي رونق زندگيءَ کان پري، ڪنهن اڻ ڄاڻ منزلن ڏانهن ويندا هئا.

ريلوي ملازم هاڻي پليٽ فارم تي بيٺا ان ويندڙ ريل گاڏيءَ کي پيا ڏسن، جيڪا ڪڪڪ جي سونهري سمنڊ ۾ غائب ٿيندي پئي وڃي. اهي زندگيءَ جي ان لحظي واري ڏيک بابت پنهنجن خيالن ۾ ايترا تہ غرق آهن، جو کين ماٺ وڪوڙي ويئي آهي.

هت سيئي تہ آهن. ٿلهو متارو ۽ رلٽو ملٽو اسٽيشن ماستر، جنهن جي مٿي جا وار سهٽا ۽ ڪنن وٽ وارن جون نوڪون گهاٽيون ۽ اڇ ڪتريل آهن ۽ هن جو نائب، ڳاڙهن وارن ۽ ٻڇي ڏاڙهي وارو جوان شخص. بندرو تيز ۽ چالاڪ اسٽيشن جو چوڪيدار ليوڪا ۽ گوموزوف نالي هڪ مانيٽو ٿلهو متارو گهاٽي سونهاريءَ سان ڪانٽي وارو.

اسٽيشن ماستر جي زال اسٽيشن جي دروازي سان لڳ هڪ بئنچ تي ويٺي آهي. هوءَ بندري ۽ ٿلهي آهي ۽ گرميءَ کان پريشان ۽ بي حال. هڪ ٻار سنديس ڪڇ ۾ ستو پيو آهي، جنهن جو منهن پنهنجيءَ ماءُ جي مُنهن وانگر گول ۽ ڳاڙهو آهي.

ريل گاڏي هڪ چاڙهيءَ تان هيٺ لهي اهڙي طرح الوپ ٿي ويئي آهي ڄڻ تہ ان کي زمين ڳهي ويئي.

اسٽيشن ماستر پنهنجي زال ڏانهن نهاري ٿو.

”سماوار تيار آهي، سونيا؟“

"هائو تيار آهي،" هوءَ نرم ۽ جهيڻي آواز ۾ چوي ٿي.

"ليوڪا! ٿانوَ ٺاهي رک. پليٽ فارم ۽ ريل جي پٽن کي ٻهاري صفا ڪر. هنن جيڪو گند ڪچرو ڇڏيو آهي، اهو ميڙي ڦٽو ڪر."

"آئون ڏسان ٿو صاحب."

"ڀلا هاڻي چانهه ڇڪي ٿي وڃي، نڪولائي پيٽرووچ؟"

"هائو جڏهن روز ٿيندو آهي"، هن جو نائب وراڻي ٿو.

جيڪڏهن ڀ پهري واري ريل گاڏي لنگهي ويئي آهي تہ اسٽيشن ماسٽر پنهنجي زال کان پڇندو:

"سونيا! ماني تيار آهي؟"

پوءِ هو ليوڪا کي هدايتون ڏيندو جيڪي سدائين ساڳيون هونديون آهن ۽ وري پنهنجي نائب کان پڇندو جيڪو هن سان گڏ رهي ٿو.

"ڀلا هاڻي ماني کائجي؟"

"ڀلي"، سندس نائب وراڻيندو.

اهو ٻڌي پليٽ فارم ڇڏي سڀ هڪ ڪمري ۾ وڃن ٿا. جتي جدا جدا ٻوٽن جون ڪيتريون ئي ڪونڊيون رکيون آهن ۽ تمام ٿورو فرنيچر پيل آهي. ان ڪمري ۾ رڌ پچاءَ جي بوءِ پکڙيل آهي ۽ اتي ميز جي چوڌاري ويهي هو تازو ويل ريل گاڏي ۽ مسافرن جون ڳالهيون ڪن ٿا.

"نڪولائي پيٽرووچ! تو هن سانوريءَ کي ڏٺو جنهن کي هيڊي رنگ جو لباس پيل هو ۽ جيڪا سيڪنڊ ڪلاس گاڏي ۾ ويٺل هئي؟ ڏاڍي ٺاهوڪڙي هئي، سچ تہ!"

"ٺاهوڪڙي تہ برابر هئي، پر ڪپڙن جي رنگ مان بدذوق ٿي لڳي"، نائب وراڻي ٿو.

هن جي راءِ هميشہ مختصر ۽ پوري خاطريءَ واري هوندي آهي، ڇاڪاڻ جو هن کي تعليم يافتي ۽ تجربيڪار هجڻ جي ڪري پاڻ تي فخر آهي. هن ڪاليجي تعليم حاصل ڪئي آهي. هن وٽ ڪاري جلد وارو نوٽ بوڪ آهي، جنهن ۾ هو انهن مشهور ماڻهن جا قول لکندو آهي، جيڪي ڪيس ڪتابن ۽ اخبارن ۾ نظر ايندا آهن. اسٽيشن ماسٽر ريلوي

جي ڪم کان سواءِ باقي سيني ڳالهين ۾ هن جي راءِ کي اهميت ڏيندو آهي، ۽ هو جيڪي به چوندو آهي ان کي ڪن ڏئي ٻڌندو آهي. هن تي خاص ڪري دانائيءَ جي انهن جملن جو ڏاڍو اثر هوندو آهي، جيڪي نڪولائي پيٽرووچ جي نوٽ بوڪ ۾ لکيل هوندا آهن ۽ جن کي ٻڌي مٿس وجد طاري ٿي ويندو آهي. سانوريءَ جي لباس جي رنگ بابت سندس نائب جي راءِ هن جي ذهن ۾ شڪ پيدا ڪري ٿي.

”ڇو؟“ هو پڇي ٿو سانوريءَ کي ان رنگ جا ڪپڙا پائڻ نه گهرجن؟“

”مون رنگ بابت نه پر ڪپڙن جي وهنڻ جي باري ۾ سوچيو هو“، نڪولائي پيٽرووچ شيشي جي طشت مان ٿورو مُربو پنهنجي پليٽ ۾ لاهيندي چيو.

”ڪپڙن جو وهنڻ؟ پوءِ ايئن چئو نه“. اسٽيشن ماسٽر هن سان سهمت ٿيندي چوي ٿو.

اسٽيشن ماسٽر جي زال به ڳالهين ۾ شريڪ ٿئي ٿي، ڇالاءِ ته اهي ڳالهيون هن جي ڏانوَ جون ۽ دل پسند آهن. پر جيئن ته هنن ماڻهن جي ذهانت جي سٺي تربيت ٿيل ناهي، ان ڪري سندن ڳالهه ٻولهه ۾ اجائي ڊيگهه ٿئي ٿي، جنهن جو مٿن ڪو به اثر نه ٿو ٿئي.

ڪليل درين مان وڻن ٽڻن کان خالي وڏو ميدان ڏسجي پيو جتي ماٺ پکڙيل پئي آهي ۽ ان جي مٿان بي انت سانت وارو شاندار آسمان.

ڪلاڪ کن کان پوءِ هڪ مال گاڏي لنگهي ٿي وڃي. انهن سيني ريل گاڏين جي عملي جا ماڻهو هڪ ٻئي جا پراڻا سڃاڻو آهن. انهن جا گارڊ هميشه ننڊاکڙا ۽ جهوٽن ۾ هوندا آهن، جن کي پکڙيل ۽ پڙپانگ ميدان مان ختم نه ٿيندڙ ڦيرن بي روح ڪري ڇڏيو آهي. بيشڪ اهي ڪڏهن هڪ ٻئي سان حادثن جون ڳالهيون ڪن ٿا، مثال طور اهو ته هڪ هنڌ ماڻهو ريل هيٺ اچي مري ويو يا ورِي پنهنجي ڪم ڪار جي باري ۾ ٻڌاڪون هڻن ٿا، ته فلاڻي تي ڏنڊ مڙهيو ويو ڪنهن جي بدلي ڪئي ويئي. انهن مزيدار ڳالهين کي بحث هيٺ نه ٿو آڻجي بلڪ ائين ٿو ڳڙڪايو وڃي جيئن ڪو بکيو مزيدار کاڌي کي ڳهندو ويندو آهي.

سج هوريان هوريان سج جي ڪناري ۾ ٻڏڻ شروع ڪري ٿو ۽ زمين جي ويجهو پهچي ان جي روشني رَت ورني ٿي وڃي ٿي. هر شيءِ تي لالاڻ چڙهيل آهي. نيٺ سج اُفق کي ڇهندي تڪجي تڪجي ان ۾ ٻڏي وڃي ٿو. پوءِ گهٽي دير تائين آسمان تي سانجهيءَ جي روشن آواز جو جل ترنگ وڄندو رهي ٿو جيڪو رات جي بي آواز لڙاٽ جي پکڙجڻ سبب ٻڏندي ٿي ٻڏندي الوپ ٿي وڃي ٿو. آسمان تي تارا ڏکندا ڏکندا ظاهر ٿين ٿا جڻ تہ ان نماءَ جي اداسيءَ انهن کي ڊيڄاري ڇڏيو هجي.

سَنجها جي ان لُڙاٽ ۾ پکڙيل سُج جڻ تہ سُسندي پئي وڃي. ماٺ ميٺ ۾ رات جا پاڇولا اسٽيشن کي چوڌاري وڪوڙي وجن ٿا. ڪاري ۽ اداس رات پکڙجي وڃي ٿي.

اسٽيشن تي بتيون روشن ڪيون وڃن ٿيون. انهن سيني ۾ مٿاهين ۽ وڏيڪ روشن سگنل جي سائي بتي آهي، جيڪا اوندهہ ۽ سانت ۾ ويڙهي پئي آهي.

ڪنهن ڪنهن وقت هڪ گهنڊ ٽَن ٽَن ڪري ايندڙ ريل گاڏيءَ جو اطلاع ڏئي ٿو ٿوري ئي دير ۾ اونداهي سُجَ مان ڳاڙهي روشني ظاهر ٿئي ٿي ۽ سج جي سانت کي ٽوڙيندڙ ريل گاڏيءَ جو ڌڌڪا ڪندڙ آواز اوندهہ ۾ وڪوڙيل اسٽيشن ڏانهن وڌندو اچي ٿو.

نَنيڙي ريلوي اسٽيشن جي هيٺئين عملي جي حالت مٿئين عملي جي پيٽ ۾ بنهہ ابتر هئي. اسٽيشن جي چوڪيدار ليوڪا پنهنجي ياءَ ۽ زال وٽ وڃڻ لاءِ پنهنجي خواهش سان سخت ويڙهاند ڪئي، جيڪي اسٽيشن کان پنج ميل کن پري هڪ ننيڙي ڳوٺ ۾ رهندا هئا. اتي هن جو هڪ ننيڙو باغ بہ هو. جنهن جو ذڪر ڪندي هو بردبار ۽ گهٽ ڳالهائيندڙ ڪانٽي واري گوموزوف کي چوندو هو تہ سندس غير حاضريءَ ۾ سندس جاءِ تي ڊيوٽي ڪري.

باغ جو لفظ ٻڌندي ئي گوموزوف کان ٿڌو ساهہ نڪري ويندو هو.

"چڱو تون ڀلي وڃ." هو ورائيندو. "باغيچي جي سار سنڀار لهڻ بہ ضروري آهي." پر گول ڳاڙهي منهن ۽ ڪٽل ڏاڙهيءَ سان ٻئي ڪانٽي واري

ياگودڪا کي جنهن جي طبيعت چرچي ڀوڳ واري ٿئي، ليوڪا جي ڳالهه تي اعتبار ئي نـ ايندو هو.

"باغيچوا!" هو نفرت ڀري ٽوڪ هٽندي چوندو. "هائو زال جي ڳالهه اڃا سمجهه ۾ اچي ٿي. ۽ اها زال تنهنجي - اها رنڙ آهي ڇا؟ يا سنديس مڙس فوج ۾ سپاهي آهي؟"

"اڙي، ماٺ ڪر چڙيي مار جنرل!" ليوڪا بـ حقارت مان وراڻيندو.

هو ياگودڪا کي چڙيي مار جنرل چوندو هو ڇاڪاڻ تـ ان ڪراڙي سپاهيءَ کي پکين پالڻ جو شوق هوندو هو. هن جي ننڍڙي گهر اندر ۽ ٻاهر پڃرا ۽ ڇٽيون هونديون هيون ۽ سڄو ڏينهن انهن ۾ پکين جون ٻوليون پيون ٻڌبيون هيون. جن جي ڪري سپاهيءَ جي اڪيلي زندگيءَ ۾ رونق لڳي پئي هوندي هئي. هو پنهنجي واندڪائيءَ جو وقت انهن پکين سان گذاريندو هو ۽ انهن جو ايترو خيال رکڻ جي ڪري ڪيس اسٽيشن تي ڪم ڪندڙ ٻين ماڻهن ۾ ڪا بـ دلچسپي نـ هوندي هئي. هو ليوڪا کي نانگ ۽ گوموزوف کي ڏيڏر چوندو هو ۽ سندن مُنهَن تي مٺن رنن جا چور هجڻ جو الزام مڙهيندو هو.

هن جي انهن طعنن ۽ ٽوڪن تي ڀهرين تـ ليوڪا ڪو ڌيان ئي نـ ڏيندو هو پر جڏهن هو حد ٽپي ويندو هو تڏهن ليوڪا وير وٺڻ خاطر مٿس گارين جو ڌوڙيو لاهي ڏيندو هو:

"اڙي فوجي ڪوئا، ڪرنل جي.... غلامي ڪندڙ تون آهين ڪير؟ ڪا خبر بـ اٿئي؟ رڳو مالڪ جا بوٽ چٽيا اٿئي. فوج ۾ تون رڳو ڏيڏرن جي پنيان ڊوڙيو آهين ۽ ياڃين جي ٻاري جي سنڀال ڪئي اٿئي. تنهنجي حيثيت ڪهڙي آهي جو ٻين کي تو گاريون ڏين؟ تون وڃي ٻڌيرن کي پال، هائو؟

ياگودڪا اهي گاريون ۽ دڙڪا ٻڌي ماٺ ڪري وڃي اسٽيشن ماسٽر وٽ دانهين ٿيندو هو. جيڪو هن کي دڙڪا ڏئي چوندو هو تـ مون وٽ انهن اجاين ڳالهين ٻڌڻ لاءِ وقت ڪونهي. هاڻي ٽر هتان. اهو ٻڌي ياگودڪا سڌو ليوڪا وٽ ويندو هو ۽ ڏاڍي آرام سان هن کي اهڙيون تـ ڪڇيون گاريون ڏيندو هو جن کي ٻڌي هو ڪراهت وچان ٽڪون اڇلائيندو ڀڄي ويندو هو.

جيڪڏهن گوموزوف کي سندس بيهودين ڳالهين جي ڪري فوجي ٽوڪون هڻندو هو ته پوءِ هو ٿڏو ساهه ڀري پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

”چا ڪجي؟ ڏس نه ڪي به ڪري نه ٿو سگهجي. مڙئي چيڙ چاڙ آهي. اها، پر جيئن چوندا آهن، ته ٻين تي فيصلو نه مڙهه متان توتي فيصلو مڙهيو وڃي.“

هڪڙي ڏينهن فوجيءَ کلندي ان ڳالهه جو جواب هن ريت ڏنو:

”سيني خرابين ۽ بڇڙائين جو هڪڙو ئي پراڻو نسخو ته فيصلو نه ڪريو فيصلو نه ڪريو. آخر ڇو. جيڪڏهن ماڻهو ٻين ماڻهن کي سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪندا ته پوءِ انهن بابت هنن وٽ ڳالهيون ڪرڻ لاءِ ڇا هوندو!“

ريلوي اسٽيشن تي اسٽيشن ماسٽر جي زال کان سواءِ هڪ ٻي عورت به هئي. ان جو نالو آرينا هو ۽ هوءَ بورچياڻي هئي. هن جي ڄمار چاليهارو سال کن هئي. ڏاڍي بدصورت، قد جي بندري، لڙڪيل اُرهه ۽ سدائين گدلي رهندڙ. هوءَ ٺڪ ٺڪ ڪري هلندي هئي ۽ هن جي اکين جي ڇيرن مان خوف پيو جهاتيون پائيندو هو جيڪي سنديس سينڌري ڇهري تي پيون چمڪنديون هيون. هن جي ٻي ٻولي روپ مان ڏپ ۾ وڪوڙيل ٻانهپ ظاهر هئي. سنديس چپن ۾ سدائين گهنج پيل هوندا هئا، ڄڻ ته هن هر ڪنهن کان معافي ٿي ورتي. ڄڻ ته هن ماڻهن جي آڏو گوڏن ڀر جهُڪڻ تي گهريو ۽ ڪيس دانهن ڪوڪ ڪندي ڏپ تي لڳو.

ريلوي اسٽيشن تي گوموزوف کي رهندي اَٺ مهينا ٿي ويا هئا. ان عرصي ۾ هن آرينا ڏانهن ڌيان ئي ڪونه ڏنو هو. البت ايندي ويندي هڪ ٻئي کي ڪيڪاريندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٻه ٽي لفظ ڳالهائي پنهنجي پنهنجي راهه وٺندا هئا. پر هڪڙي ڏينهن گوموزوف اسٽيشن ماسٽر جي گهر ويو ۽ آرينا کي پنهنجين خميسن ٺاهڻ لاءِ چيائين. هن هاڪار ڪئي ۽ جڏهن خميسون سبجي ويون تڏهن اهي ڪٺي هوءَ پاڻ هن وٽ ويئي.

”اڙي واهه، مهرباني تنهنجي“، گوموزوف چيو. ”ٽي خميسون ۽ هر هڪ جي سباڻي ڏهه روپيا. يعني مون کي ٽيهه روپيا ڏيڻا پوندا توکي ائين نه؟“

"سمجھان ٿي تہ ايترا ئي ٿيندا روپيا." آرينا وراڻيو.

گوموزوف سوچ ۾ پئجي ويو.

"ڪھڙي ڳوٺ جي آھين تون؟" ھن نيٺ آرينا کان پڇيو جنھن جون اکيون اھو سمورو وقت ھن جي ڏاڙھيءَ ۾ کتل ھيون.

"ريازان جي آھيان" ھن ٻڌايو.

"خاصو پري آھي ھتان کان. تون ھت پھتينءَ ڪھڙي طرح؟"

"مون کي خبر ڪونھي. اڪيلي زال آھيان. ڪو بہ مٽ مائٽ ڪونھي."

"اڪيلو ماڻھو تہ گھڻو پري نڪري ويندو آھي"، گوموزوف ٿڌو ساھ کنيو.

وري ٻئي ماٺ ٿي ويا.

"مون کي ڏس. آئون نزھني نوفگوروڊ مان آيو آھيان"، گوموزوف ٿوري دير ترسي چيو. "آئون پڻ اڪيلو آھيان. ڪو بہ تہ ڪونھي منھنجو. پر ڪو وقت ھو جو منھنجو گھَرُ ھو زال ھئي ۽ ٻار ھئا. ٻہَ ٻار ھئا. منھنجي زال ڪالرا جي ڪري مري ويئي، ٻار ھڪ نہ ٻي بيماريءَ ماريا ۽ آئون پاڻ کي ڏک ۾ ڳاريندو رھيس. پوءِ مون پاڻ کي سنڀالڻ جي ھر ڪا ڪوشش ڪئي پر سڀ اجائي. ڪو بہ ڪم مون کان نہ ٿي سگھيو. لاچار اتان پري پڃي وڃڻ جو ارادو ڪيم. تمام پري وڃڻ جو. ھاڻي ٻن سالن کان بہ وڌ عرصو ٿيندو جو ھت رھان ٿو."

"اھا ڪھڙي نہ ڏکوئيندڙ ڳالھہ آھي جو اوھين ڪنھن گھَر کي پنھنجو نہ چئي سگھو." آرينا آھستي چيو.

"ھا، تمام خراب. پلا تون بيوھہ آھين؟"

"نہ، آئون ڪنواري آھيان."

"سچ ٿي چوين!" گوموزوف شڪجي پيو.

"آئون سچ تہ چوان ٿي، ڪوڙ ڇو ڳالھائينديس."

"پلا تو شادي ڇو نہ ڪئي؟"

"مون سان ڪير شادي ڪندو؟ مون وٽ ڪجھہ بہ ڪونھي. مرد وٽ وڃڻ لاءِ ڪي تہ ساڻ ھجي. ٻيو تہ منھنجو مُنھن بہ موچارو ڪونھي."

"برابر"، گوموزوف پنهنجي ڏاڙهي کنهندي هن کي غور سان ڏٺو ۽ هن کان پڇيو تہ، "تنهنجو پگهار گهڻو آهي؟"

"اڍائو سؤ."

"هون، پلا تنهنجا مون تي ٽيهہ روپيا ٿيا، اٿين نہ؟ ڏس، اڄ رات جو اڇي پئسا وٺي وڃ. ڏهين لڳي ڌاري. ايندين نہ؟ آئون توکي تنهنجا پئسا ڏيندس. پاڻ گڏجي چانهہ بہ پيئنداسين پاڻ کي وندرائڻ خاطر. پاڻ ٻئي اڪيلا آهيون. تون ضرور اچجان."

"آئون ايندس"، هن رڳو ايترو چيو ۽ اتان ٻاهر هلي ويئي.

رات جو پوري ڏهين لڳي هوءَ واپس اتي آئي ۽ فجر جو اتان ويئي.

گوموزوف هن کي ٻيهر اچڻ جي دعوت نہ ڏني ۽ نہ وري هن کي سنديس محنت جا ٽيهہ روپيا ڏنا. هوءَ پنهنجي مرضيءَ سان واپس اتي آئي هئي. جهڪيل نظرن سان، فرمانبرداريءَ سان، هوءَ هن جي اڳيان ماٺ ڪيو بيٺي هئي. ۽ هو جنهن هنڌ تي ليٽيو پيو هو اُتان هن کي ڏسڻ لڳو.

"هت ٿي ويهہ"، ٿوريءَ دير کان پوءِ هن پاسو ورائيندي چيو.

هوءَ جڏهن ويٺي تہ هن چيو "ٻڌ، ڪنهن سان بہ ڳالهہ نہ ڪجان، ڪنهن بہ ڪڙڪ نہ پوي، سمجهيئي؟ آئون مصيبت ۾ ڦاسي پوندس. جيڪڏهن تو وات کوليو. آئون ڪو هاڻي اڳوڻو جوان نہ رهيو آهيان ۽ نہ وري تون ئي ڪا جوان آهين. سمجهيئي؟"

هن ڪنڌ لوڏيو.

جڏهن هوءَ وڃڻ لڳي تہ هن کيس پنهنجا ٻيا ڪپڙا رَفو ڪرڻ لاءِ ڏنا.

"ڪنهن کي بہ ڪڙڪ نہ پوي، هن ڳالهہ جي" هن وري نصيحت ڪئي.

۽ اهڙيءَ ريت سيني کان لڪي ڇپي ٻئي گڏ گذارڻ لڳا.

هر رات جو آرينا ٻانہڙا پائيندي لڪندي ڇپندي هن جي ڪمري ۾ پهچي ويندي هئي. هو هڪ مالڪ ۽ امير جي حيثيت ۾ هن جي آجيان ڪندو هو.

"تنهنجو منهن ڪهڙو نہ سنو آهي!" ڪڏهن ڪڏهن هو هن کي چوندو هو.

اهو ٻڌي هوءَ ڏاڍي لچاري ٿي رڳو مرڪندي هئي ۽ وڃڻ وقت هن جي ڪپڙن جي هَڙ ناهي پاڻ سان کڻي ويندي هئي.

هنن جي گڏجاڻي هر روز نہ ٿيندي هئي. پر جڏهن اسٽيشن جي ٿلهي تي ملندا هئا تڏهن هو هن کي هوريان چوندو هو. ”اڄ رات جو اچجان.“

اهو ٻڌي هوءَ ڏاڍي فرمانبرداريءَ سان هن وٽ ويندي هئي. ان وقت هن جي سينئرن ريل مُنهن تي ايڏي تہ بردباري ۽ گنڀيرتا ڏسبي هئي جو لڳندو هو تہ هوءَ ڪو ديني فرض پورو ڪري رهي هئي جنهن جي اهميت جي ڪيس پوري ڄاڻ هئي.

پر اتان پنهنجي گهر واپس وڃڻ وقت هن جي مُنهَن تي گناهہ ۽ ڊپ جو اڳوٺو تهہ ظاهر ٿي بيهندو هو.

ڪڏهن ڪڏهن هوءَ ڪنهن اڪيلي ڪُنڊ ۾ يا ڪنهن وَڻ جي اوٽ ۾ ويهي پنهنجي اکيان پکڙيل ميدان ۾ پئي چتائيندي هئي. اتي رات جو راڄ هوندو هو جنهن جي ڪنور ۽ هيبت ناڪ ماٺ سنديس دل کي ڌڪائي ڇڏيندي هئي.

***

هڪڙي ڏينهن ٻپهريءَ جو ريل جي لنگهي وڃڻ کان پوءِ اسٽيشن ماسٽر جي آفيس جي ٻاهران ٻهڻ جي وڻ جي ڇانوَ ۾ اسٽيشن جو عملو چانهہ پيئڻ لاءِ ويٺو هو.

گرميءَ ۾ اهي ان هنڌ چانهہ پيئندا هئا.

ان ڏينهن آخري ريل گاڏيءَ جي وڃڻ کان پوءِ ڪين ان جي باري ۾ جيڪي ڳالهيون ڪرڻيون هيون اهي پوريون ڪري سيئي ماٺ ٿي چانهہ پيئڻ لڳا.

”ڪالهہ کان اڄ گرمي وڌيڪ آهي.“ اسٽيشن ماسٽر خالي ڪوپ هڪڙي هٿ سان پنهنجيءَ زال کي ڏيندي ۽ ٻئي هٿ سان پيشانيءَ تان پگهر اگهندي چيو.

”توکي گرمي ان ڪري لڳي ٿي جو تون پاڻ بيزار ٿو ڏسجين.“ سنديس زال هن کان ڪوپ وٺندي وراڻيو.

”هون، شايد تون سچ چوين ٿي. اڇو تہ پلا پٽن جي راند رهون. پر هت اسين رڳو ٿي ڄڻا آهيون.“

هن جي نائب ڪُلها لوڏيا ۽ پنهنجون اکيون چنيندي اثرائتي انداز سان چيو.

”شوپنهائر جي چوڻ مطابق پتن جي راند ذهن جي ڏيوالي جو اُهڃاڻ آهي.“

”وڏي عقل جي ڳالهه چئي اٿس.“ اسٽيشن ماسٽر پُڇڪيو. ”ذهن جو ڏيوالو — هون. ڪير هو جنهن اهو چيو آهي؟“

”شوپنهائر. جرمن فيلسوف.“

”فيلسوف؟ هون.“

”اهي فيلسوف ڪندا ڇا آهن؟ يونيورسٽين ۾ ڪم ڪندا آهن ڇا؟“ سونيا پڇيو.

آئون توکي ڇا ٻڌايان؟ البت ايترو چوندس تہ فلسفو قدرتي ڏات آهي جيڪا انسانن کي ملي ٿي. ڪو بہ انسان فيلسوف ٿي سگهي ٿو. ڪو بہ شخص جنهن ۾ جائي جم کان شين کي پرکڻ جي سمجهہ هجي. فيلسوف ٿي سگهي ٿو. اها صحيح ڳالهہ آهي تہ فيلسوف يونيورسٽين ۾ بہ ملندا آهن، پر اهي ڪنهن بہ هنڌ ۽ ڪٿي بہ ٿي سگهن ٿا. ريلوي جي ملازمن ۾ بہ.“

”ڀلا اهي ڪمائين بہ ٿا يا نہ؟ اهي يونيورسٽين ۾ ڪم ڪرڻ وارا؟“

”اهو تہ هنن جي قابليت تي آهي.“

”اسان سان جيڪر چوٿون پائيوار هجي ها تہ پنهنجو وقت مزي سان گذري ها.“ اسٽيشن ماسٽر ٿڌو ساهہ کنيو.

پوءِ هڪ ڀيرو وري ماٺ ٿي ويا سيئي.

مٿي نيري آسمان ۾ چنڊول پکين پئي ڳايو تہ ٻهڻ جي وڻن جي هڪڙي ٽاريءَ تان ٻي ٽاريءَ تائين ڳاڙهيون جهرڪيون ٽپا ڏئي، هلڪيون سيٽيون وڄائينديون پئي اڏاٽيون. گهر جي اندران هڪ ٻار جي روئڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيو.

”آرينا اندر آهي؟“ اسٽيشن ماسٽر پڇا ڪئي.

”هائو گهر ۾ آهي،“ هن جي زال جواب ڏنو.

"ٻئي ڏهين تا ڏسجن." اسٽيشن ماسٽر انهن شاعرن جي مچتا ڪندي چيو ۽ هنن جون اهي ڳالهيون جهونگاريندي هن جي مُنهن تي وجد ۾ آٽيندڙ مُرڪ پکڙجي ويئي.

ريلوي جي عملي جي اڪيلائپ ۾ ويڳاڻپ سان ويڙهاند لڳي پئي هوندي هئي. اها ڪڏهن توريءَ دير لاءِ هنن کي چڙي ويندي هئي ۽ پوءِ وري هنن کي پنهنجي مضبوط پڪڙ ۾ سوگهو ڪندي هئي. هڪ ڀيرو وري کين ماٺ وڪوڙيندي هئي ۽ گرميءَ وچان چوڪارا پيا پريندا هئا، جيڪي چانهه پيئڻ سبب ويتر وڌي ويندا هئا.

سندن سامهون کليل ميدان ۽ اُس هوندي هئي.

"مون ڳالهه ڪئي تي آرينا جي." اسٽيشن ماسٽر چوڻ لڳو. "منجهس ڪا مٽيا ضرور آهي. آئون ڏاڍو حيران ٿيندو آهيان. ائين لڳندو آهي ته مٿس ڪا مصيبت نازل ٿي هئي. نه کلي ٿي، نه جهونگاري ٿي ۽ نه ڪڏهن مُنهن مان ڪا ٻڙڪ ٿي ڪڍي. زمين تي کُتل هڪڙي ٽُڙ جهڙي لڳي ٿي. پر هوءَ ڪَم ڪار جي پلي آهي ۽ جنهن طرح سان هوءَ لوليا جي سار سنڀار لهي ٿي. ان سبب ٻار وندريو پيو آهي."

هن اها ڳالهه توري هوريان ڪئي ته متان آرينا ٻڌي نه وٺي. کيس چڱيءَ طرح ڄاڻ هئي ته ملازمن جي ڪڏهن به ساراهه ڪرڻ نه گهرجي. ساراهه هنن جو دماغ ڦيرائي ڇڏيندي. سونيا هن جي ڳالهه کي اڌ ۾ ڪٽيندي، مُنهن ۾ گهنڊ وجهي ميم ۾ چيو:

"هاڻي گهڻو ڳالهايئه. هن جون ڪيترين ڳالهيون اهڙيون آهن جن جي توکي ڪا خبر ئي ڪانهي."

نڪولائي پيتروچ پنهنجي مُنهن ميز تي چمچي سان تال ڏيندي جهونگارڻ لڳو.

"اهو وري ڇا پيو پُڻ پُڻ ڪرين." اسٽيشن ماسٽر هن کان پڇيو. "اوهين ٻئي مون کي بي وقوف سمجهو ٿا ڇا؟"

پوءِ هن هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو. هن جي ڇاڙي ڏڪڻ لڳي ۽ پگهر جا ڦڙا سندس پيرن تان ڪرڻ لڳا.

”اهو سمجهڻ ڪو ڏکيو ڪم ڪونهي“، سونيا چيو. ”هڪ طرف هوءَ پار جي سنيال ڪري ٿي ته ٻئي پاسي. هن مانيءَ کي ڏس! سڙيل ۽ سخت. ڀلا اهو ڇو؟“

”بيشڪ تون سچ چوين ٿي. ماني اهڙي نه هجڻ گهرجي. ان لاءِ تون هن کي تنبيهه ڪر. مون کي ته ان جي اميد ئي نه هئي. هوءَ ته پاڻ به ڳوهيل اٽي وانگر آهي! ۽ هوا اهو وري ڪير آهي؟ ليوڪا؟ ان بدمعاش کي آئون بڇڙو ته ڪندس! يا ياگوڊڪا پوڙهو مُڇن ڪوڙيل؟“

”گوموزوف“، نڪولائي پيٽرووچ ٿهه پهه چيو.

”گوموزوف؟ اهو مانيٽو ماٺهو؟ اڙي، تون اجائي ڳالهه نه ڪر!“

پر ان خبر اسٽيشن ماسٽر کي ڏاڍو وندرايو. هو هڪڙي منٽ تائين ايترو ته کليو جو اکين ۾ ڳوڙها اچي ويس. پر ٻئي منٽ ۾ هن گنڀير ٿي سوچيو ته ان عاشق معشوق جي جوڙي کي اهڙي سيڪٽ ڏجي جو... ۽ پوءِ ان جوڙي جي پاڻ ۾ منڙين منڙين ڳالهين ڪرڻ تي سوچيندو هو وري کِلي کِلي کيرو ٿي ويو.

آخرڪار هن ان ڳالهه جي جاچ ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو. اهو ڏسي نڪولائي پيٽرووچ جو مُنهن ڳاڙهو ٿي ويو ۽ سونيا هن کي وڌيڪ ڳالهائڻ نه ڏنو.

”باندر مُنهن جوڙو! ترسو ۽ ڏسو ته آئون هنن سان ڪهڙي نه مزيدار جُٺ ٿو ڪريان.“ اسٽيشن ماسٽر بي پرواهيءَ سان چيو.

ايتري ۾ پري کان ليوڪا ويجهو آيو.

”تار جو آواز پيو اچي“، هن ٻڌايو.

”آئون اچان ٿو. سگنل نمبر 42.“

اوڏيءَ مهل هو ۽ سندس نائب اسٽيشن جي ڪمري ۾ ويا جتي گهنڊ وڄائي ريل کي اچڻ لاءِ سگنل ڏنو ويو. نڪولائي پيٽرووچ ٻي اسٽيشن کي تارَ موڪلي اجازت ڏني ته ريل نمبر 42 کي هت اچڻ جي اجازت آهي. پوءِ اسٽيشن ماسٽر آفيس ۾ پَسار ڪندي پنهنجي مُنهن کِليو ۽ چوڻ لڳو.

”تون ۽ آئون هنن سان هڪڙي حرفت ڪنداسين. ڪريون نہ؟ ڪو تہ سٺو ڪم ڪجي. گهٽ ۾ گهٽ اسان کي پوڳ چرچي ڪرڻ جو وجهہ ملي ويندو“ ”اجازت آهي“ نڪولائي پيٽرووچ تار موڪليندي چيو.

فلاسافرن کي سدائين ٿورن لفظن ۾ ڳالهائڻ گهرجي. اها هن کي خبر هئي.

جلد ئي ڪِلڻ جو وَجهہ پاڻ ئي اچي هنن جي اڳيان حاضر ٿيو.

هڪڙيءَ رات گوموزوف اُن شيڊ ۾ ويو جتي هن جي چوڻ تي سندس سريت آرينا ڪاٺ جي پڳل تتل نڪرن جي وچ ۾ پنهنجو هنڌ وڇايو هو. ان رات ٿڌ بہ هئي تہ گهم بہ. ۽ پڳل تتل ڪرسين، پراڻن ڏولن، تختن ۽ بين غير ضروري شين اوندهہ ۾ پوائنٽو ڏيک پئي ڏنو. جڏهن آرينا اڪيلي هوندي هئي تڏهن هوءَ ڊپ ۾ ايترو تہ وڪرڙجي ويندي هئي جو اکين مان ننڊ اڏامي ويندي هيس ۽ دل ئي دل ۾ دعائون پئي پڙهندي هئي.

گوموزوف اچڻ کان پوءِ ڪو بہ لفظ ڪڇڻ کان سواءِ ڪيتري دير تائين هن کي ڏونڌاڙيندو رهيو ۽ نيٺ ٿڪجي سمهي رهيو. پر آرينا هڪدم هن کي سجاڳ ڪيو.

”نموني پيٽرووچ! نموني پيٽرووچ! هن خوف وچان پٽڪيو.

”ڇا پئي چوين؟ گوموزوف چرڪ پريندي جواب ڏنو.

”هنن در کي ٻاهران ڪلف ڏئي ڇڏيو آهي.“

”ڇا چيئي؟“ هن ٽپ ڏيئي اٿندي پڇيو.

”هنن ٻاهران در کي ڪلف ڏئي ڇڏيو آهي.“

”چري آهين ڇا!“ ڊپ ۽ ڪاوڙ وچان گوموزوف هن کي ڌڪو ڏيندي آهستي چيو.

”تون پاڻ وڃي ڏس.“ آرينا ڊڄندي ڊڄندي چيو.

هو اٿيو ۽ ڪاٺ جي تختن جي وچان ٽڙندو دروازي تائين ويو ۽ ان کي ڌڪو ڏنائين.

”اها سڄي لچائي هن فوجي لوفر جي آهي،“ هن ٿوري دير کان پوءِ اُداس ٿيندي چيو.

دروازي جي ڀئي پاسي کان کو ٺهڪ ڏيڻ لڳو.

”مون کي ٻاهر اچڻ ڏي!“ گوموزوف رڙ ڪئي.

”ڇا ٿو چوين؟“ سپاهيءَ وراڻيو.

”آئون چوان ٿو تہ دروازو کول.“

”صبح جو!“ سپاهيءَ چيو ۽ اتان هليو ويو.

”مون کي ڊيوٽيءَ تي وڃڻو آهي.“ گوموزوف سخت ڪاوڙ ۾ چيو.

”تنهنجي بدران آئون ڊيوٽي ڪندس. تون اتي ئي ويٺو رهہ.“

پوءِ سپاهي هليو ويو.

”تون بدبودار خارشي ڪتو آهين“، بيوس ٿيندي گوموزوف پٽڪيو. ”هو مون کي هت ههڙيءَ طرح بند نہ ٿو ڪري سگهي. هت اسٽيشن ماسٽر ويٺو آ مي. هن کي هيءَ ڇا چوندو؟ اسٽيشن ماسٽر پڪ سان هن کان پڇندو تہ گوموزوف ڪٿي آهي ۽ پوءِ هيءَ هن کي ڇا چوندو؟“

”مون کي ڊپ آهي تہ اسٽيشن ماسٽر جي چوڻ تي ئي هن ٻاهران ڪلف ڏئي ڇڏيو آهي“. آرينا ڏکاري آواز ۾ چيو.

”!سٽيشن ماسٽر؟“ گوموزوف خوف وچان ورجايو. ”هو ڇو چوندو هن کي؟“

ٿوريءَ دير لاءِ هو ويچار ۾ پئجي ويو ۽ پوءِ رڙ ڪري آرينا کي چيائين، ”تون ڪوڙ ڳالهائين ٿي!“

جواب ۾ آرينا هڪ ٿڌو ساهہ کنيون .

”يا خدا! هاڻي ڇا ٿيندو؟“ گوموزوف دروازي جي پرسان پيل خالي ڊٻي تي ويهندي چيو. ”منهنجي تہ ڏاڍي خواري ٿيندي. پر اهو سمورو ڏوهہ تنهنجو آهي، سوئر مُنهن ڏائڻ!“

گوموزوف پنهنجي مُٺِ پيرڻ ان پاسي اُلاري جتان آرينا جي ساهہ کڻڻ جو آواز پئي آيو. آرينا ڪي بہ نہ چيو.

ڀئي خاڪي پاڇولن ۾ ويڙهيا پيا هئا. جتي مٽي ۽ گند ڪچري جي تيز ۽ گهوماٽيندڙ بدبوءِ پکڙي پئي هئي، جيڪا هنن جي ناسن ۾ ڏوڪيندي وئي. دروازي جي سيرن مان چانڊوڪيءَ جون سنهيون ليڪون

اندر پئي آيون. ٻاهران مال گاڏيءَ جي ڏڏڪي جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو جيڪا اسٽيشن وٽان ڪڙڪات ڪندي پئي ويئي.

”تون ڳالهائين ڇو نہ ٿي؟ ڪانگ-تڙي وانگر ماٺ ڇو آهين؟“ گوموزوف ڏاڍي ڪاوڙ ۽ نفرت وچان ڇيو. ”هاڻي آئون ڇا ڪريان؟ تو ئي مون کي هن مصيبت ۾ ڦاسايو آهي ۽ هاڻي تون ماٺ ڪريو ويٺي آهين؟ چنڊال! هتان نڪرڻ جي ڪا ترڪيب ٻڌاءِ! هيءَ ذلت ۽ خواري مون کان هرگز سَٺي نہ ٿيندي! خدايا مون تان هيءَ مصيبت ٽار!“

”آئون هنن کي ليلائيندس تہ مون کي معاف ڪريو“. آرينا ڇپن ۾ پٽڪيو.

”پوءِ؟“

”ٿي سگهي ٿو تہ اُهي معافي ڏين.“

”ان جي ڪري مون کي ڇا ملندو؟ ٺيڪ آهي، هو توکي معافي ڏيندا. پوءِ ڇا ٿيو؟ منهنجي تہ بي عزتي ۽ خواري ٿي نہ؟ هو مون تان بہ ساڳيءَ طرح کلندا ۽ مون کي نوڪريءَ تان هٽائيندا.“

ٿوريءَ دير کان پوءِ هن وري آرينا کي دڙڪا ڏنا ۽ گهٽ وڌ ڳالهايو. وقت ڏاڍي پيڙا ۽ عذاب ۾ گذرڻ لڳو. نيٺ مائيءَ هن کي ڏڪندڙ آواز ۾ ڇيو:

”مون کي معاف ڪر، تموني پيٽرووچ!“

”آئون ڪهاڙيءَ جي هڪڙي ئي ڌڪ سان تنهنجي سسي لاهي توکي معافي ڏئي سگهندس.“ هن ڏند ڪرٽي وراڻيو.

هڪ پيرو وري ماٺ پکڙجي ويئي. آزاريندڙ ۽ ڇيڇلائيندڙ ماٺ جيڪا اونده ۾ وڪوڙيل ٻن ساهہ وارن کي لچائيندي ۽ ڦٿڪائيندي رهي.

”اي مالڪ، جڏهن ڏينهن جو سوجهرو ٿيندو تہ“ آرينا ڏڪندي پٽڪيو.

”زبان جهل پنهنجي! آئون توکي ڏيکاريندس ڏينهن جا تارا!“ گوموزوف هن کي دڙڪو ڏيندي مٿس هڪ پيرو وري گارين جو ڊوڙيو لائي ڏنو. پوءِ وري ماٺ جي پيڙا پکڙجي ويئي. لڳو ٿي تہ فجر ٿيڻ کان اڳ وقت ڏاڍي بي

دردي٤ سان رڙهڻ لڳو هو ۽ ان ڇاٽي ٻڇهي انهن ٻن ساهه وارن جي ڪلائيندڙ صورتحال مان مزو ماڻڻ ٿي گهريو.

ايتري ۾ گوموزوف جهوٽو کائي سمهي رهيو ۽ شيڊ جي ٻاهران ڪُڪڙ جي ٻانگ جي آواز تي ڇرڪ ڀري اٿيو.

"اڙي سوئر مُنهن ڌائڻ، سُتي پئي آهين ڇا؟" هن آهستي چيو.

"نه"، آرينا ٿڌو ساهه کڻندي وراڻيو.

"ڇو نه؟" هن تورڪ هڻندي پڇيو." "هون."

"تموني پيٽرووچ!" هن ڏک وچان رڙ ڪندي چيو "مون سان ناراض نه ٿي، مون تي رحم ڪر. آئون نپٽي هن دنيا ۾ اڪيلي آهيان. ڪو به منهنجو ڪونهي. رڳو تون آهين جنهن سان، هاڻي پاڻ......"

"اها ڪتي واري اوناڙ بند ڪر! ماڻهن کي نه کِلاءِ." گوموزوف سختيءَ سان هن کي ٽوڪيو پر هن جي ڪروڌ ڀرين پنڪن کيس ٿورو لوڏي وڌو "گهڻو مٺو نه هڻ. بي وقوف."

اهڙيءَ ريت هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ کان سواءِ ٿي ٻئي وقت کي هوريان هوريان ويندي ڏسندا رهيا. پر ويندڙ وقت هنن کي ڪي به نه ڏنو. نيٺ اُپرندڙ سج جا ڪرڻا دروازي جي سيرن مان اندر اچڻ لڳا ۽ اوندهه ۾ چمڪندڙ ڏاڳن وانگر جرڪڻ لڳا. ٻاهران پيرن جي ڪڙڪن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ڪو شخص دروازي جي ويجهو آيو ٿوريءَ دير لاءِ اتي بيٺو ۽ پوءِ هليو ويو.

"او پاٿوا!" گوموزوف ڏاڍي ڪروڌ ۽ ڪاوڙ وچان هانءَ ڦاٽي دانهن ڪئي.

هڪ پيرو وري ٻئي ڇپياٽيندڙ ماٽ ۾ وڪوڙجي ويا.

"يا خدا، رحم ڪر..." آرينا پٽڪو ڪيو.

لڳو ٿي ته ڪو پير پير ۾ ڏئي، ان پاسي اچي رهيو هو. اوچتو دروازي جو ڪلف کليو ۽ اسٽيشن ماسٽر جو سخت آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

"گوموزوف!" هن رڙ ڪئي. "آرينا کي ٻانهن کان جهلي ٻاهر نڪري اچ! هڪدم!"

"هيڏانهن اچ، رَنَ." گوموزوف هوريان چيو آرينا وڌي هن جي پرسان بيٺي. هن جو ڪنڌ جهڪيل هو.

دروازو کوليو ويو. ٻاهر اسٽيشن ماسٽر بيٺو هو.

"شادي ڪرڻ تي اوهان کي مبارڪون هجن"، هن آرينا جي اڳيان جهڪندي چيو. "اڙي ٻاهر تہ نڪرو!"

گوموزوف وڪ کڻي ٻاهر آيو ۽ هڪ ڪڙڪاٽ ڪندڙ گوڙ هن کي اتي ئي بيهاري ڇڏيو. ليوڪا، يوگوبڪا ۽ نڪولائي پيٽرووچ دروازي وٽ بيٺا هئا. ليوڪا باڙدي جي تري تي ڏڪڙ وڄائڻ ۽ سخت ۽ کهري آواز ۾ رڙيون ڪرڻ لڳو سپاهيءَ اٿين توتاڙي پئي وڄائي ۽ نڪولائي پيٽرووچ ڳلَ ڦوڪي هڪڙو هٿ لوڏي پنهنجن ڇپن سان ايئن ڦوڪون ڏنيون، ڄڻ ٽرمپيٽ وڄائيندو هجي.

"ٻم، ٻم، ٻم — رين، رين رين!"

باڙديءَ جي تري مان ڪڙڪاٽ ڪندڙ آواز پئي نڪتا. توتاڙي رڙيون ۽ ريهون پئي ڪيون. اسٽيشن ماسٽر کلي کلي کيرو ٿي رهيو هو. سندس نائب پڻ گوموزوف جي واٽڙپ ڏسي ٽهڪن مٿان ٽهڪ ڏيڻ لڳو جنهن جي مُنهن جو رنگ چار جهڙو ٿي ويو هو. ڏڪندڙ چپ شرم واري مُرڪ وچان ڇپا ٿي ويا هئا. هن جي پٺيان آرينا ڪنڌ جهڪايو پٿر جو بوتو ٿيو بيٺي هئي.

ليوڪا، گوموزوف کي ڇپرا ڏئي وڏي آواز ڳائڻ لڳو.

"آرينا هن جي ڪن ۾ اها ڳالهہ ڪئي،
جيڪا هر ڪنهن عاشق کي وٽي ٿي."

سپاهي وري اڳتي وڌي گوموزوف جي ڪن ۾ توتاڙي وڄائي.

"وڏندو هل، اڳتي هل، آرينا جو هٿ نہ ڇڏ!" اسٽيشن ماسٽر کِل ۾ کيرو ٿيندي رڙ ڪئي.

"اڙي اڙي! بند ڪريو اهو ناٽڪ! نہ تہ آئون مري ويندس." سونيا شيڊ جي هيٺان ويٺي هئي ۽ هن ٽهڪ ڏيندي رڙ ڪئي.

"هڪ لحظي جي خوشيءَ خاطر آئون هر ڪا مصيبت سهڻ لاءِ تيار آهيان." نڪولائي پيٽرووچ چيو.

"نئين جوڙي جي شاديءَ جون مبارڪون!" گوموزوف جيئن ئي وڪَ اڳتي وڌائي تہ اسٽيشن ماسٽر دانهن ڪري چيو.

۽ پوءِ سيني وڏي آواز ۾ رڙ ڪئي. "مبارڪون، مبارڪون."
آرينا, گوموزوف جو پيرو ڪٽندي هلي. هاڻي هن جو مُنهن مٽي هو. وات کليل هو ۽ پاسن کان ٻانهون پٽي لڙڪيس. هن جي وساڻل اکين پنهنجي سامهون پري پري پئي ڏٺو پر لڳو ٿي تہ ڪيس ڪي بہ نظر نہ پئي آيو.
"هنن کي چئو تہ هڪ ٻئي کي چميون ڏين! ها, ها, ها!"
"فقط هڪڙي چُمي, گهوٽ, ڪنوارا" نڪولائي پيتروچ رڙ ڪئي. اهو ٻڌي اسٽيشن ماسٽر کي ايتري تہ کل آئي جو هن جن ٽنگون ڏڪڻ لڳيون ۽ هڪڙي وڻ جي ٿُڙ کي ٽيڪ ڏيئي هن پاڻ سنڀاليو. باڙديءَ جي تري تي ڊڪڙ وڄي رهيا هئا ۽ توتاڙي رين رين ڪري هنن کي نوڪون پئي هنيون. ليوڪا وري تاڙيون وڄائيندو نچندو هليو.
نڪولائي پيتروچ وري متون ڦوڪي چوڻ لڳو:
"ڊم, ڊم, ڊم — رين, رين رين!"
ڪوارٽرن جي ويجهو پهچندي ئي گوموزوف گهُٽ هٽي غائب ٿي ويو. اتي آرينا بيهي رهي. هن جي چوڌاري جهنگلي ماٿهو هئا, جن رڙيون ٿي ڪيون. وڏا وڏا ٽهڪ ٿي ڏنا, هن جي ڪن ۾ سيٽيون ٿي وڄايون ۽ خوشيءَ ۾ مست ٿي هن تي لامارا ٿي ڏنا. هوءَ هنن جي وچ ۾ بيٺي هئي ۽ سنديس پريشان, گدلي, رحم جوڳي منهن تي پٿر جهڙي سختي پکڙيل هئي.
"ڪنوار کي اڪيلو ڇڏي گهوٽ ڀڄي ويو", اسٽيشن ماسٽر آرينا ڏانهن آڱر سان اشارو ڪندي ۽ کِلَ ۾ ڪيرو ٿيندي پنهنجي زال کي ٻڌايو.
آرينا ڪنڌ ورائي هن کي ڏٺو ۽ ڪوارٽرن جي پرسان هلندي ٻاهر کليل ميدان ڏانهن نڪري ويئي. سنديس پٺيان رڙين, ٽهڪڙن ۽ نوڪن جو پڙاڏو ٿيندو رهيو.
"هاڻي گهٽو ٿيوا ڇڏيو هن جي پڇرا" سونيا رڙ ڪري چيو. "ماٺ ڪريو تہ موٽي اچي. ڪيس رڏ پڇاءِ بہ ڪرڻو آهي. اهو چو ٿا وساريو."
آرينا ٻاهر کليل ميدان ۾ نڪري ويئي. هوءَ هوريان هوريان هلي رهي هئي ۽ سنديس ذهن ۾ خيالن جو مانداڻ متل هو.
"چا خيال آهي اوهان جو هن واقعي بابت؟" اسٽيشن ماسٽر ان نديڙي روشنيءَ ۾ شامل همراهن کان پڇيو جيڪي نئين گهوٽ ڪنوار

جي حرڪتن بابت پنهنجي پنهنجي راءِ ڏئي رهيا هئا. سيني پئي وڏا وڏا ٽهڪ ڏنا. ان موقعي تي نڪولائي پيٽرووچ ڪان بہ رهيو نہ ٿيو ۽ هن بہ پنهنجي دانائي ڏيکاري.

"ٽهڪ ڏيڻ ڪو ڏوهہ تہ ناهي.
پيارا ههڙين ڳالهين تي."

هن سونيا ڏانهن ڏسندي چيو ۽ خبردار ڪيو تہ "البت گهڻو کِلڻ سٺو نہ آهي."

ان ڏينهن اسٽيشن تي ٽهڪن جا ڪوڪرا هئا. پر ٻنپهرن جي مانيءَ ۾ ڪو ذائقو ئي نہ هو. آرينا جي ڪا خبر ئي نہ هئي. ان ڪري اسٽيشن ماسٽر جي زال ماني تيار ڪئي هئي. ان هوندي بہ بي سواد کاڌي هنن جي وندر تي ڪو اثر نہ ڪيو. گوموزوف پڇي ويهي پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ لڪو هو ۽ ڊيوٽيءَ تي وڃڻ وقت اتان جيئن ئي ٻاهر نڪتو تہ اسٽيشن ماسٽر جي آفيس ۾ گهرايو ويو جتي نڪولائي پيٽرووچ، بيگرووچ ۽ ليوڪا هن کان آڏي پڇا ڪرڻ لڳا تہ تو پنهنجيءَ سهڻي سريت کي ڄار ۾ ڦاسايو.

"انسان جي حرص ۽ لالچ ۽ سندس نياڳ جو ههڙو مثال مون ڪي نہ ٿو سجهي!" اسٽيشن ماسٽر کي نڪولائي پيٽرووچ ٻڌايو.

"نياڳ جي بہ ڪا حد هوندي آهي!" گوموزوف مُنهن چڀو ڪري مُرڪندي گنڀيرتا سان چيو. هن محسوس ڪيو هو تہ سندس بيان جي ڪري سمورو الزام آرينا تي ايندو ۽ پاڻ ماڻهن جي لعنت ملامت کان بچي ويندو.

"پهرين تہ هوءَ رڳو مون کي ڏسي اک پيچندي هئي"، هن ٻڌايو.

"اک پيچندي هئي؟ واهہ، واهہ! خيال تہ ڪر نڪولائي پيٽرووچ — هوءَ هن کي اک پيچندي هئي! لاهہ ڪيڏي چڏيئينس.!"

"هائو رڳو اک پيچندي هئي، ۽ آئون پاڻ کي سمجهائيندو هوس تہ وڏي حرفتڻ آهي اِها مائي! ان کان پوءِ هن مون کي چيو تہ آئون توکي قميصون سبي ڏينديس."

"پر ڳالهہ سٺيءَ جي نہ هئي"، نڪولائي پيٽرووچ ويچاريندي اسٽيشن ماسٽر کي وضاحت سان ٻڌايو. "توکي خبر آهي تہ اها هڪڙي شاعر جي مصرع آهي. گوموزوف پوءِ ڇا ٿيو؟"

گوموزوف پهرين تہ هبڪندو رهيو پر پوءِ پنهنجا بهتان ۽ الزام گهٽي ۾ گهٽا هٽندو رهيو.

انهيءَ وچ ۾ هن جنهن عورت تي الزام ٺُپي هنيان، اها کليل ميدان ۾ هئي. هوءَ هلندي هلندي ڪٽڪ جي ٻنهين ۾ وچي پهتي ۽ ٽڪجي هيٺ زمين تي ڦهڪو ڪري ڪري پئي ۽ چرڻ پرڻ کان سواءِ اتي ئي پئي هئي پر جڏهن هن جا پنا اُس ۾ سڙڻ لڳا تہ هوءَ پاسو ورائي پئيءَ پَر تي ۽ پنهنجي مُنهن تي هٿ رکي اُس کان لڪائڻ لڳي. جيڪا چمڪندڙ سج جي ڪري ڏاڍي تکي هئي.

ان عورت جي چوڌاري ڪٽڪ جي ڪانن ۾ نرم نرم سرڙاٽ هو. هوءَ شرم ۾ چچري پئي هئي ۽ هر پاسي کان بي شمار تڏن جي چِر چِر جو آواز پي آيو. ڏينهن ڏاڍو گرم هو. هن دعا گهرڻ جي ڪوشش ڪئي پر دعا جا لفظ هن کان وسري ويا. سنديس نظرن اڳيان تہ ڪيس چهرا ڏيندڙ ۽ مٿس چٽرون ڪندڙ ماڻهن جا چهرا پئي ڦريا. ڪنن ۾ ٺهڪن جو پڙاڏو توتاڙيءَ جي ٽين ٽين ۽ ليوڪا جي تيز آواز پئي ٿيو. ان ۽ گرميءَ جي ويڏن جي ڪري هن جي سيني ۾ سور جون سُئون اٿڻ لڳيون. هن پنهنجي چوليءَ جا بٽڻ کولي پنهنجو جسم سج ڏانهن ڪيو تہ جيئن ساهہ ڪٽڻ ۾ سولائي ٿئيس. سج جي تيز ڪرڻن سنديس چمڙي ساڙي ڇڏي، ڪا ٺهڪندڙ شيءِ سيني ۾ سوراخ ڪري رهي هيس ۽ ساهہ کڻڻ ۾ مونجهہ پئي ٿيس.

”اي رب سائين! مون تي رحم ڪر...“ هن هر هر پئي پٽڪيو.

پر ان جي جواب ۾ ڪٽڪ جي ڪانن ۾ سرڙاٽ ۽ تڏن جي چِر چِر جو آواز پڌجي رهيو هو. ڪٽڪ جي پوک مان مٿو ڪڍندي هن سونهري سَنگَن کي چمڪندي اسٽيشن جي پريان هوا ۾ اپريل پاڻيءَ جي ڪاري ٽانڪي ۽ اسٽيشن جي عمارتن جي ڇتن کي ڏٺو. نيري اُڀ جي هيٺان بي انت پکڙيل هيڊي ميدان تي هن کي ڪي بہ نظر نہ ٿي آيو. آرينا کي محسوس ٿي رهيو هو تہ هوءَ ان ساري سنسار ۾ اڪيلي هئي ۽ ان جي وچ ۾ پئي هئي ۽ اڪيلائپ جي انهيءَ بار هيٺان ڪيس ٻاهر ڪڍڻ لاءِ ڪڏهن بہ ڪير نہ ايندو... ڪڏهن بہ نہ.....

شام ڏاري هن جي ڪنن ۾ رڙين جا آواز آيا.

"آرينا! آرينا! ڪٿي آهين رَن؟"

هڪڙو آواز ليوڪا جو هو ۽ ٻيو سپاهيءَ جو. ارينا سمجهيو ته ٽيون آواز به ٻڌندي، پر ان آواز ڪيس سڏ نه ڪيو. ۽ ان جي ڪري سنديس اکين مان ڳوڙهن جون لارون ٽمنديون سنديس سينئري ڳلن تان لهنديون هيٺ ڇاتيءَ تي ڪرڻ لڳيون. پوءِ هوءَ ريهون ڪرڻ لڳي ۽ پنهنجي اگهاڙي سيني کي خشڪ ۽ گرم مٽيءَ سان مهٽڻ لڳي ته جيئن اندر جو ساڙو هلڪو ٿئي جيڪو سهپ کان مٿي ٿي ويو هوس. هن رڙيون ڪيون. پوءِ هوءَ ماٺ ٿي ويئي ۽ پنهنجن سڏڪن کي روڪڻ لڳي ۽ ڊپ لڳيس ته متان ڪير اهي ٻڌي نه وٺي ۽ کيس روئڻ کان منع ڪري.

جڏهن رات ٿي ته هوءَ اُٿي ۽ هوريان هوريان اسٽيشن ڏانهن واپس وڃڻ لڳي. اتي پهچي هوءَ ڪيتري دير تائين هڪ ديوار کي ٽيڪ ڏئي ويهي رهي ۽ کليل ميدان ڏانهن ڏسڻ لڳي. هڪڙي مال گاڏي پري کان ڇُڪ ڇُڪ ڪندي آئي ۽ اتان لنگهي ويئي. ان جي عملي کي سپاهيءَ اها شرم ڀرڙي ڳالهه ٻڌائي، جنهن تي هنن وڏا وڏا ٽهڪ ڏنا. ارينا آهي پٽڪا ٻڌا، اهي ٽهڪ ٻڌا، جن جو پڙاڏو پري کليل ميدان ۾ ٿيندو رهيو جتي نوريٽڙن لڪي لڪي هن ڏانهن پئي نهاريو.

'يا خدامون تي رحم ڪر' ارينا پنهنجي جسم سان ديوار تي زور ڏيندي ٿڌو ساهه کنيو. پر ان جي ڪري سنديس دل تان بار نه لٿو. عصر ڏاري هوءَ اسٽيشن جي ڇت تي چڙهي ويئي ۽ ڪپڙن سڪائڻ واري نوڙي پنهنجي ڳچيءَ ۾ ٻڌي هن پاڻ کي هيٺ ڪيرائي آپگهات ڪيو.

ٻن ڏينهن کان پوءِ لاش جي بدبو تي هنن ارينا کي ڏٺو پهرين ته سيئي ڊپ ۾ وڪوڙجي ويا. پر پوءِ بحث ڪرڻ لڳا ته جيڪي ٿيو آهي، ان جو اصل ڏوهاري ڪير هو. نڪو لائي پيڙو وچ ثابت ڪيو ته ڏوهاري گوموڙوف هو. اسٽيشن ماستر اهو ٻڌي ڪانٽي واري جي منهن تي زور سان ٺونشو هڻي هن کي خبردار ڪيو ته پنهنجو مُنهن بند رک.

ريلوي جي ٻاهرين عملدارن اتي پهچي ان واقعي جي جانچ ڪئي. کين معلوم ٿيو ته ارينا ماليخوليا جي مرض ۾ ورتل هئي. هنن

مزدورن کي حڪم ڏنو تہ ارينا جو لاش لاهي ڪٽي وچي ميدان ۾ دفن ڪريو. لاش جي دفنائڻ کان پوءِ اسٽيشن تي اڳوٽي سانت موٽي آئي.

هڪ پيرو وري اتي جا رهاڪو ڏينهن ۾ ڇئن منٽن تائين اڪيلائپ ۽ بيزاريءَ کان جان ڇڏائي انهن ريل گاڏين کي - ريس سان ڏسڻ لڳا، جيڪي هنن جي اڳيان لنگهي کين پٺيان ڇڏي ويندڙيون هيون. پوءِ ........ سياري جي منڍ ۾ کليل ميدان مان برفاني طوفان ڪڙڪاٽ ڪندي، هر پاسي برف جو تهہ پکيڙيندا ۽ ننڍڙي ريلوي اسٽيشن کي پوائنٽن آوازن سان وڪوڙيندا ايندا هئا تہ اتي زندگي ويتر اڪيلي ٿي پوندي هئي.

(نوٽ: هيءُ افسانو 'تهڪ ڏيڻ ڪو ڏوهہ تہ ناهي' جي سري هيٺ ماهنامي 'امرتا' جي نومبر – ڊسمبر 2003ع جي پرچي ۾ ڇپيو هو.)

-----

سنڌ

حسن منظر

# ٽانڊاٽا

مئي مهيني جي رات هئي. جيڪا نيپلز ۾ ايتري ٿڌي هجڻ نہ کپندي هئي. اسين ٻئي ۽ ٻار سڄو ڏينهن گهمي ڦري ٿڪجي پيا هئاسين ان ڪري اوندهہ ٿيڻ کان پهرين ئي پنهنجي هوٽل ۾ موٽي آياسين. ٻار تہ ڪمري ۾ ايندي ئي جورابن، بوٽن ۽ گرم ڪپڙن سميت پنهنجي هنڌ تي وڃي ڪريا ۽ اتي ايندي ئي اگهور ننڊ ۾ ٻڏجي ويا. اسان بہ جلدئي سمهي رهڻ جو سوچيو هو پر ننڊ اسان کان پري هئي. منهنجي زال چانهہ پيئڻ کان پوءِ گهر وارن ڏانهن خط لکڻ ويٺي. آئون وري ان البم ۽ تصويرن کي ڏسڻ لڳس، جيڪي سيلانين لاءِ ناهيا ويندا آهن ۽ هر هنڌ وڪري لاءِ رکيل هوندا آهن. انهن ۾ منهنجون ڪڍيل تصويرون بہ هيون جن جي پٺيان آئون ان هنڌ جو نالو ۽ تاريخ لکندو رهيس ۽ جن فوٽن ۾ منهنجي زال ۽ ٻار هئا تہ هنن جا نالا بہ.

خط لکندي لکندي زال ـ اتي ٿاڪاڻ تہ هوءَ اڪيلي عورت هئي ان ڪري هن جي لاءِ هر هر منهنجي زال جي بدران زال چوڻ مناسب ٿيندو ـ ٿوري دير تائين خط لکڻ ڇڏي دريءَ تائين ويئي، جتي هوءَ ٿوري وقت تائين دريءَ کان ٻاهر رستي جي پريان ڏسندي رهي جتي Meusiticri جو هيڊي ۽ اڇي رنگ جو بورڊ لوهہ جي هڪ پائيپ تي بيٺل هو ۽ ان جي پرسان Credito Italiano جي عمارت هئي. مون هن ڏانهن ڏٺو ۽ پنهنجن ڪڍيل فوٽن کي سلسلي سان رکڻ لڳس. زال هڪڙو خط لکي پورو ڪري ٻيو لکي رهي هئي. هن قلم ڇڏي ڏنوآرس پڇندي آڱرين مان ٽڪاءُ ڪڍيا ۽ اٿي دريءَ جي اڳيان وڃي بيٺي. هن پيري هوءَ گهڻي دير تائين اتي بيٺي رهي ۽ اوچتي اوچتي اتان موٽي آئي. هوءَ جڏهن ٽيون پيرو دريءَ ڏانهن ويئي ۽ ڏاڍي ڳڻتيءَ سان اتان واپس آئي تڏهن مون هن کي چيو تون هر هر دريءَ ڏانهن ڇو پئي وڃين؟ لڳي ٿو تہ ڪا مڙئي اهڙي ڳالهہ آهي. !

’هائو‘. هن ڪلندي وراڻيو. آهي تہ سهي. “

”تون جيڪڏهن اهوئي پئي ڪندينءَ تہ اٽلي ملڪ جو ڪو ڊينڊي (Dandy) ڏيکي جي سڳن تي پير رکي مٿي چڙهي اچي ٽڪاءُ ڪندو.“ اسان جي شادي ايتري پراڻي نہ ٿي هئي جو پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي نقلي شڪ جي نظر سان نہ ڏسون. شاديءَ کان هڪ سال پوءِ هوءَ جڏهن ڪنهن پاسي وئي هئي ۽ سندس اهو ٿورو اوسيئڙو مون کي ڏکيو پئي لڳو تڏهن آئون اهو ڪتاب کڻي ليٽي پيو هوس جيڪو هوءَ پڙهي رهي هئي. هن جي اچڻ تي آئون ڪتاب جا پنا اٿلائڻ لڳس. پوءِ مون چرڪ پرينڊي چيو اَڙي هن ۾ هيءَ ڪنهن جي چٺي آهي؟‘ هن منهنجي ڳالهہ تي ڪن نہ ڏنو ۽ چوڻ لڳي، هوندي ڪنهن جي، نشاني طور رکي هيم.“

مون اها چٺي کولي پڙهڻ شروع ڪئي ۽ چيم. ’تنهنجي نالي خط آهي‘ هن چرڪ پريو.

آئون پڙهڻ لڳس، ڊئير.... اميد اٿم تہ تون خيريت سان هوندينءَ. آئون تہ هردم توکي ياد ڪندو آهيان. ڪڏهن تون بہ مون کي ياد ڪندي آهين؟“

هن جو جسم سيٽجي ويو ۽ هن منهنجي هٿ مان چٺي وٺڻ تي گهري. خط هن جي نالي ئي هو پر لفافي کان سواءِ ۽ هيٺ هڪڙو نالو لکيل هو جيڪو شادي ٿيڻ کان جلد ئي پوءِ وارن ڏينهن ۾، ٻين ڪيترن ئي نالن سان گڏ مون هن جي واتان ٻڌو هو. اسان جي سٺ واري نبيلا ڳائيندي سنو هئي، ٽوني ماٿوٽ آرگن وڄائيندو هو. سعيده اشرف جي سٺي پوزيشن ايندي هئي، يوسف گجر چوڪرين جي اڳيان پٺيان پيو ڦرندو هو ۽ هن جي لاءِ نوين چوندي هئي، ’اسان جي ٻارن جو مامو آهي ۽ مارگريٽ عشق بازيءَ ۾ ماهر هئي. اهو نالو بہ انهن مان ڪنهن هڪ جو هو. تنهنجو ج خ. هن آرام سان ساهہ کنيو ۽ جهپ هڻي خط منهنجي هٿ مان ڦري ورتي. پوءِ هن هڪ ڪرسي تي ويهي ڏاڍي معصوميت سان پڇيو ’ج. خ ڪير؟‘

مون وراڻيو ”ايترو جلدي وساري ڇڏيئي ويچاري کي؟“

هن چيو ”اهڙيون ڳالهيون ڪندي توکي شرم نہ ٿو اچي.“

مون چيو "شرم ڇو ايندو؟ مون کي تہ فخر ٿئي ٿو تہ مون هڪ اهڙي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي آهي جنهن جو سڳ مون کان سواءِ ٻين بہ گهريو هو. مون ڪنهن اهڙي ٿهڙي سان شادي نہ ڪئي آهي."

شاديءَ کان پوءِ جو اهو وقت اڃا پورو نہ ٿيو هو.

هڪ ٻيرو وريءَ هوءَ دريءَ وٽ طاق جي اوٽ ۾ وڃي بيٺي. مون ٿورو وڏي آواز ۾ چيو "ڪير آهي؟"

هن ڪنڌ ورائي مون ڏانهن نهاريو. پنهنجي چپن تي آڱر رکي ۽ مون کي ان هنڌ اچڻ جو اشارو ڪيو. رستي تي سانت هئي. ٻنهي پاسي کي ننڍيا ۽ هيڊي رنگ جا وڻ هئا. ڪريديتو اتاليانو ان عمارت جي هيٺئين طبقي ۾ هو جنهن ۾ مٿي ٽي طبقا هئا ۽ هر هڪ جي درين مان روشني ٻاهر اچي رهي هئي، پر پڙدن هجڻ جي ڪري ڏاڍي ڦڪي ڦڪي هئي. عمارت جو هڪ رخ اسان جي هوٽل جي سامهون هو. ٻيو رخ وڏي رستي ڏانهن هو جتي زيبرا ڪراسنگ هئي ۽ ٽريفڪ لائيٽ لڳل هئي.

Mensilieri بورڊ سان بلڪل لڳ هڪ ٍورت بيٺي هئي. هن جو ڪوٽ سليٽي رنگ جو هو. رات جو ٽڏڪار گهٽي هئي ۽ هن کي اڇي رنگ جا جوراب پاتل هئا جن سان اهڙي سيءَ جو بچاءُ ڪيئن ممڪن هو. ڏٺو وڃي تہ هن جا پير گوڏن تائين اگهاڙا هئا. جتيءَ جو رنگ بہ اڇو هو. شايد پاڻ کي گرمي پهچائڻ جي لاءِ هوءَ سگريٽ پي رهي هئي.

اسين دريءَ کان موٽي آياسين. زال چيو 'آئون ٻن ڪلاڪن کان هن غريب کي پئي ڏسان. هوءَ هوريان هوريان هلندي پاستا ڪوفي شوپ ۽ ڪنفيڪشنري تائين وڃي ٿي ۽ وري موٽي اچي ٿي."

اسين صوفي تي ويهي هن جي باري ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳاسين. مون چيو "وڏي ڄمار جي ڪا ڪنواري عورت ڏسجي ٿي. هن کي ڇوڪري ڇوڙ غلط ٿيندو شايد نائيٽ واڪر آهي."

زال مون ڏانهن گهايل نظرن سان نهاريو ۽ چيو 'يا ٿي سگهي ٿو تہ جنهن جي اوسيئڙي ۾ آهي، اهو نہ آيو هوندو ـ ڪو سيلر يا بوائي فرينڊ."

مون وراڻيو "عاشقيءَ ۾ ڪو ايتري دير ٿوروئي ڪندو نہ اچڻ وارو نہ انتظار ڪرڻ وارو."

هن چيو "واري".

مون بہ ڪلندي چيو "واري."

عورت ٿوري تڪل تڪل پئي ڏٺي. زال چيو: "پئسا هجنس ها تہ ڪنهن شوپ ۾ وڃي ها. "وري هن اوچتو چيو. 'وڃي هن کي سڏي اچو.'

آئون عجب ۾ پئجي ويس.

"ڇا جي لاءِ؟"

"بس دل چوي ٿي تہ هن سان ڳالهيون ڪجن. ڏاڍو سيءُ آهي. هن کي ڪوفي پيارينداس."

جڏهن آئون ان ڳالهہ تي راضي نہ ٿيس تہ هن چيو "اوهان نہ ٿا وڃو تہ آئون وڃان ٿي. آخر هوءَ بہ هڪ عورت آهي، مون جهڙي."

مون هن کي ٻانهن کان جهلي روڪڻ نہ گهريو. هن پنهنجو ڪوٽ پاتو ۽ مٿو اسڪارف سان ڍڪڻ لڳي. مون در تائين وڃي هن کي چيو تنهنجي مرضي. جيڪڏهن هن مون کي ڦاسائي وڌو تہ ذميدار تون هوندينءَ. مون کي ڪي بہ نہ چئجان. مون ۾ بہ مردن واري ڪمزوري آهي."

هن پنهنجو هٿ سيني تائين آڻيندي مون کي آڱرين سان ٻاهر وڃڻ جو اشارو ڪيو.

آئون ڪمري مان ٻاهر نڪتس ٽينءَ منزل تائين ڏاڪڻ جا ڏاڪا ڪيترا ٽين ٿا. ان ڪري لفٽ کي استعمال نہ ڪيم ۽ جڏهن رستو اڪري بس اسٽوپ پهچي مون مٿي پنهنجي ڪمري ڏانهن ڏٺو تہ زال دريءَ جي طاق لڳ بيٺي هئي. مون کي ان ڳالهہ تي هميشہ تعجب ٿيندو آهي، تہ گهريلو عورتون خاوند کان سواءِ جنسي ڪم لاءِ گهربل انهن عورتن ۾ ايترو چاهہ ڇو ٿيون وٺن. ڪو زمانو هو تہ اسان وٽ جڏهن اهڙين عورتن کان گهريلون عورتون منهن لڪائينديون هيون پر هنن کي عجب تڏهن بہ ٿيندو هو تہ اهي اندران ڪهڙيون هونديون آهن.

منهنجو خيال آهي تہ جن جن ملڪن ۾ عورتون جنگيون وڙهنديون هيون، ٻنين تي پوک جو ڪم ڪنديون هيون ۽ مرد گهرن ۾ ٻارن کي سنڀاليندا هئا، ڪاڏو پچائيندا هئا، اتي جيڪڏهن اهڙا بازاري مرد هئا، جيڪي هڪ خاص هنڌ رهيل هوندا هئا ۽ رات جو انهن اسٽريٽ

واڪرز وانگر گهمندا هئا تہ گهريلو مردن کي بہ هنن ۾ اهڙي ئي دلچسپي هجي ها تہ هنن جو روح کهڙو ٿيندو آهي. اهي ڳالهيون کهڙيون ڪن ٿا. ڇا کائن ٿا. ڇا پين ٿا ۽ کهڙو لباس پائين ٿا ۽ پنهنجين زالن کي کهڙين شين جي فرمائش ڪن ٿا.

اهڙي قسم جي عورت سان ڳالهائڻ جو اهو منهنجو پهريو پيرو هو. مون کي پنهنجي ويجهو ايندي ڏسي هوءَ بيهي رهي ۽ شايد هن چيو، "Good Evening Signora" مون بہ ورنديءَ ۾ چيو "Good Evening Signora"

پوءِ مون کيسي مان سگريٽ جو پاڪيٽ ڪڍندي چيو "ساموندي هوا پئي لڳي رات ڏاڍي ٿڌي آهي."

هن چيو 'Is it?' ايتري گهڻي ٿڌي ڪانهي. تون ڪنهن گرم ملڪ جو رهاڪو لڳين ٿو.'

سيني بندر وارن ملڪن ۾ سمنڊ جي ويجهو رهاڪن ۽ سيلرز وانگر هن جي زبان بہ ڪيترين ٻولين جي لفظن سان ڀريل هئي. هوءَ دنيا جي هر ماڻهوءَ کي پنهنجو مطلب سمجهائي سگهي ٿي. ٿوريءَ دير ۾ آئون بہ ڏاڍي آسانيءَ سان اها عالمي زبان ڳالهائي رهيو هوس.

مون هڪڙو سگريٽ هن کي ڏنو ۽ هڪڙو مون پنهنجي چپن ۾ جهليو. پهرين مون هن جو پوءِ پنهنجو سگريٽ دکايو ۽ ڪنڌ ورائي درياءَ ڏانهن ڏٺو. اتي اهو ساڳيو پاڇولو هو.

ٿوري دير هن سان گڏ آئون بہ Banca Nazianale Del Lovrc جي هيٺان پاستا ڪوفي شاپ جي اڳيان هلندو Mesilieri جي بورڊ تائين ويس ۽ واپس موٽيس. آئون اهو نہ چوندس تہ مون کي رڳو ڊپ پئي ٿيو. هڪ جوان اٽالين گوري عورت سان پسار ڪندي اندر ئي اندر خوشي بہ محسوس پئي ٿي. رستي جي ڪناري تي ڪارون بيٺل هيون جيڪي سيئي اٽلي جون هيون. ننڍيون وڏيون پر هڪ ئي خاندان جون.

مون هن کي چيو 'هڪ ڪلاڪ جي لاءِ مون سان گڏ هوٽل جي ڪمري ۾ هلي سگهين ٿي؟' "هن چيو" 'Si' ۽ حساب ڪرڻ کان سواءِ چيو هڪ ڪلاڪ يا هڪ رات, رقم هڪ ئي هوندي ... ۽ اڳواٽ:

مون پڇيو ”ڪيتري ؟“

هن هڪ معمولي رقم ٻڌائي ۽ هڪ پيرو هن چيو ”هڪ ڪلاڪ يا هڪ رات اهو توتي آهي.“

مون کيسي مان ٻتون ڪڍي نوٽ ڳڻيا جيڪي ڏاڍا گندا هئا ۽ جن کي سيلوفين ڦاٽل هنڌن تي لڳل هو. اها رقم ايتري ته ٿوري هئي جو ان سان زال ۽ آئون هڪ وقت جو معمولي کاڌو ڪنهن وچولي درجي جي ريسٽورنٽ ۾ کائي سگهون ها. هاڻي مون هن کي چيو "This way please.."

هن ورندي ڏني ’سينور‘ ۽ مون سان گڏ هلڻ لڳي. مون اتان هڪ فاتح وانگر پنهنجي زال کي ڏٺو. اسين جڏهن هوٽل جي ريسٽورنٽ ۾ آياسون تڏهن هوءَ خود بـ خود ان پاسي مڙي ويئي جتي لفٽ هئي. هوٽل ۾ ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن ميزن وٽ ويٺا هئا. انهن بي پرواهيءَ سان اسان ڏانهن ڏٺو ۽ پيڻ ۽ ڳالهين ڪرڻ ۾ مصروف رهيا. آئون پاڻ کي سانتيڪومحسوس ڪرڻ لڳس ۽ لفٽ هلڻ وقت مون هن کي چيو:

”مٽي مهنجي زال بـ هوندي.“

”از اٽ“ (Is it?) هن جا پرون مٿي کڄي ويا. وري هن چيو ”دز نوٽ ميٽر“ (Does not matter) ان سان ڪهڙو فرق ٿيندو. جڏهن رقم تو ڏني آهي. زال اڳتي وڌي آئي ۽ هن سان هٿ ملائي هن کي ويهڻ لاءِ چيو. ٿوري دير تائين زال کي سمجهه ۾ ئي نـ آيو تـ ڇا چوان. عورت صوفي تي ماٺ ڪيو ويٺي هئي. هن هٿ پيٽ جي هيٺئين حصي تي رکيا هئا ۽ سنديس شڪل مان لڳو تـ ڏاڍي ٿڪل هئي. هن کي آئون رڳو ’عورت‘ چوندس اُها عورت“ نـ چاڪاڻ تـ اتي ٻي ڪا نالي کان سواءِ عورت نـ هئي. زال هئي، عورت، آئون ۽ سٽل ٻار. زال مون کي روم سروس جي گهنٽي وڄائڻ لاءِ چيو ۽ جڏهن ويٽر آيو تـ هن چيو.

”ڪوفي فار ٽري.“ عورت کان پڇيو ”چڪن سينڊوچز ول بي اول رائٽ؟“ عورت چيو " Gracias Signora "

زال چيو " A big plate of Sandwiches"

ويٽر ’سي سنورا‘ چئي هليو ويو.

لڳو ٿي تہ عورت کي ڪو ذهني صدمو هو. پوءِ شايد ان عجب صورت حال تي يا ٿڌيءَ رات ۾ اڪيلي سر ٻہ ڪلاڪ رستي جي هڪڙي نڪر تي پهرو ڏيڻ جي ڪري، جئن ڪنهن خاص هنڌ تي سپاهي هيڏانهن ڪان هوڏانهن ۽ وري پٺتي هلندا رهندا آهن ۽ ڪنهن ايندڙ شخص کي بہ چئلينج ڪندا رهندا آهن:

"Halt, who comes there"

هڪڙي رات آئون روم ۾ اڪيلو گهمڻ ويو هوس. ڇو جو منهنجي زال ٿڪجي پئي هئي. شهر ۾ هڪ عورت مون کي عربيءَ ۾ چئلينج ڪيو تہ هو "هيلو حبيبي" ۽ پوءِ هڪدم 'Hello Love' چيو هئائين.

هيءَ بہ ڪنهن واٽ ويندڙ کي ترسڻ خاطر ايترو ئي چوندي هوندي، پر هن جي لنگهي وڃڻ کان پوءِ وري اهوئي پهرو ڏيڻ لڳندي.

مون اهو بہ چيو آهي تہ هن کي ذهني صدمو هو پر هوءَ پريشان بلڪل نہ هئي. هن کي جنهن هنڌ بہ وڃي ويندا هوندا، اتي هوءَ اهو سوچي نہ ويندي هوندي تہ اتي ڇا ڇا ڏسڻ ۾ ايندو جاءِ/ گهر ڪهڙو هوندو وڃي ويندڙ جي طبيعت ڪهڙي هوندي. صفائي، جسماني هائجين، شرافت، بدتهذيبي وغيره جي ان ڪاروبار ۾ ڪابہ حيثيت نہ هوندي آهي. هوءَ مون سان اهڙيءَ طرح هلڻ لڳي هئي ڄڻ تہ آئون ڪنهن حمال / مزور کان سامان کڻائي، پاڻ سان گڏ اچڻ لاءِ چوان ۽ هو مانڙي ڪري هلندو هلي. هن جي، 'ان سان ڪهڙو فرق ٿيندو جڏهن رقم تو ڏني آهي ' ۾ سڀ ڪجهہ اچي ويو هو.

جڏهن ڪوفي آئي تہ زال پهرين هڪڙو ڪوپ ٺاهي هن کي ڏنو. عورت ڪا اهڙي ڳالهہ چئي جنهن جو مطلب هوندو پهرين توون.

زال انگريزيءَ ۾ چيس، 'نو يوتيڪ فرسٽ'، يو آردي گيسٽ:

"گيسٽ؟ واٽ ازديٽ؟"

مون چيو جيئن ڪير ڪنهن سان ملڻ جي لاءِ وڃي، تہ اهو هن جو گيسٽ هوندو "هن ڪوپ کڻندي چيو "اوآئي سي ٿينڪ يو سنورا."

وري زال هن جي اڳيان سينڊوچز جي پليٽ رکي. هاڻي هن ڪو بہ حجاب نہ ڏيکاريو ۽ هڪ سينڊوچ کڻندي ڏاڍي فضيلت سان کائڻ لڳي.

مروت وچان اسان پنهي بہ هڪ هڪ سينڊوچ کنيو ۽ هن کي هر هر هڪ پيو هڪ پيو جو اشارو ڪندا رهياسين.

زال چيو ’رات ڏاڍي سرد آهي، توکي وائن جي طلب هوندي، پر اسين پئي نہ پئندا آهيون. تنهنجي لاءِ گهرايون؟‘

هاڻي هن جي منهن جو گلابي رنگ موٽي آيو هو هوءَ عمر ۾ ايتري وڏي بہ ڪين ٿي لڳي.

هن چيو. ”نو نو“.

ٽشو پيپر سان چَپ اگهندي هوءَ صوفي کي ٽيڪ ڏيئي آرام سان ٿي ويٺي. هاڻي هن جي منهن جي رونق موٽي آئي هئي. پر لڳو ٿي تہ هن کي ان سان ڪابہ دلچسپي نہ هئي تہ هوءَ هڪ مرد ۽ هڪ عورت جي وچ ۾ چو ويٺي هئي.

’دنيا ۾ بازاري عورت کان وڌيڪ ٻي ڪابہ مظلوم هستي نہ هوندي.‘

مون اها ڳالهہ پنهنجي زال سان ڪيترائي ڀيرا ڪئي هئي ۽ پنهنجي ملڪ ۾ جڏهن اسان جي ڪار تي فقيراڻيون حملو ڪنديون هيون تہ آئون ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويندو هوس، ’اهي ڪم ڪار ڪري سگهن ٿيون پر محنت کان سواءِ کائڻ جي هنن ۾ پڪي عادت آهي. هنن کان چڱيون تہ ... ۽ ڪار ۾ جيڪڏهن ٻيو ڪير نہ هوندو هو تہ زال جملو پورو ڪندي هئي.

’رنڊيون هونديون آهن.‘

ٿوريءَ دير کان پوءِ هن جي وڌيڪ ويجهو ٿيڻ لاءِ اسان هن سان سندس ملڪ جون ڳالهيون ڪرڻ لڳاسين – ڪهڙو نہ سهڻو ۽ سٺو ملڪ آهي. اَب هوا ڪيتري نہ چڱي آهي. هتي جهڙو ميوو دنيا ۾ ڪٿي بہ ڪونهي. مون هن کي چيو تہ ’اسان ٻڌو هو تہ روم هڪڙي ڏينهن ۾ ڪونہ ٺهيو هو (هن جا ڀرون مٿي چڪجي ويا) ۽ هن کي ڏسڻ کان پوءِ آئون ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ جيڪڏهن محاوري کي ايئن بہ ڪيو وڃي تہ هڪ صدي ۾ ڪونہ ٺهيو هو تڏهن بہ غلط نہ ٿيندو. هوءَ اسان

جون اهي خوشامدي ڳالهيون ڪنهن بہ تاثر ڏيکارڻ کان سواءِ پڙنديون رهي. ’روم، ناپولي، وسوويس.‘

هڪ پيرو هن تعجب ڏيکاريندي چيو ’تو سڄو ملڪ ڏٺو آهي؟‘

زال وراڻيو. ’تورو – ۽ تو؟‘

”تورو تورو“ هن بہ زال جي زبان ۾ چيو.

اسين ڇاڻي واڻي سندس باري ۾ ڪوبہ سوال نہ پڇي رهيا هئاسون تہ متان هن کي ڪو ڌڪ لڳي. پر منهنجو پڙل تجربو تہ اُهو هو تہ ان بازار ۾ جنهن جي هوءَ جنس هئي، اتي هر ويندڙ جي خواهش هوندي آهي، تہ جيڪو خرچ هن پنهنجي مطلب کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيو آهي، ان ۾ ان عورت جي آڪاڻي لالچ ۾ هٿ اچي وڃي. لذت حاصل ڪرڻ جو اهو بہ هڪ عجيب طريقو آهي. لڳي ٿو تہ آڪاڻي پڙي خريدار هن کي بازار مان آڻي گهر جي دنيا ۾ پهچائيندو.

هوءَ اتي ۽ ان هنڌ تائين وئي جنهن تي هار ستا پيا هئا. هوءَ ٿوري دير تائين هارن کي ڏسندي رهي. پوءِ هن هڪ هار جي ڇپن تي ڏسٽي آڱر رکي ان کي چمي ڏني. وري هئي هار سان بہ ايئن ئي ڪيو. زال هن جي ويجهو وڃي بيٺي.

’هيءُ پُٽ آهي‘

”آئي نو – Figlio:

’هيءُ ڌيءُ آهي.‘

”آئي نو – Figilo ؛ هن ڪنڌ لوڏيندي چيو.

وري هن اتي هڪ پاسي پيل پونشو Pancho کي کنيو جيڪو زال انهن ڏينهن ۾ اُڻي رهي هئي ۽ جنهن ۾ اُڻڻ واريون تيليون آخري گهرن تان ئي پهچي بيهي رهيون هيون.

عورت پڇيو ’يورز؟‘

زال ڌيءُ ڏانهن اشارو ڪندي وراڻيو ”هر“.

هن جو چهرو هڪدم چمڪڻ لڳو ”آئون هميشہ وانگر، جڏهن بہ عورتون عورتن جي شوق جون ڳالهيون ڪنديون آهن، تہ هنن ڏانهن ڌيان ڏيڻ کان سواءِ صوفي تي ويٺو هوس. انهن ڳالهين کي جڏهن آئون عورتن

جهڙيون ڳالهيون چوان ٿو تہ هوءَ چوي ٿي تہ ڇا اسين مردن جهڙيون ڳالهيون ڪريون.

پوءِ هن هڪ هڪ ڪري پنهي پارن جا نالا پڇيا.

زال پڇيو 'تنهجو نالو؟'

"سلوانا."

هوءَ واپس اچي پنهنجي جاءِ تي ويٺي.

هاڻي ڪي ذاتي ڳالهيون شروع ٿيون هيون ۽ مون کي اميد هئي تہ اسين هن جي دل جي ڳالهہ کي سمجهي ويندا سين. تہ هن جي اٽلي ۽ ويٽيڪن سان ڪا عقيدت بہ هئي يا نہ ڇا هوءَ بہ پنهنجي ماضيءَ تي فخر ڪندي هئي. پر هن جي ٻوليءَ کان اڻ ڄاڻائي جي ڪري اسان جي ڳالهہ ٻولهہ ۾ ماٺ جو وقت وڌندو ويو. ظاهر آهي تہ نيٺ هن مون کان پڇيو "آئون وڃي سگهان ٿي؟" ائين چئي هن پنهنجو ڪوٽ ڪڍڻ لاءِ هٿ وڌايو.

زال چيو "وڃڻ لاءِ ايتري تڪڙ ڇو آهي. اسين دير سان سمهندا آهيون. تون ڪيڏانهن ويندينءَ؟ "اهو آخري جملو هن جي وات مان ائين ئي نڪري ويو.

هن وراڻيو "هوم."

"هوم ڇا آهي؟" اهو پڇڻ جي اسان ٻنهي ۾ همت نہ هئي.

زال پڇيو. "هڪ ڪوپ پيو ڪوفي جو؟"

هن چيو نہ ٿينڪيو.

پوءِ زال وري جڻ پاڻ کان پڇيو "رات جو اونده ۾ رستن تي اڪيلي ٻيهڻ ۾ تہ ڊپ ٿيندو هوندو."

هن چيو "پاؤرا Paura ."

'اونده جو ڊپ،' زال چيو.

هن کلندي چيو ٽانڊاٽا تہ رات جي اونده ۾ ٽمڪندا آهن. آئون ٽانڊاٽي جهڙي آهيان. يا وري چمڙي جهڙي، جيڪي بہ رات جو اونده ۾ نڪرندا آهن. زال چرڪ پرڻندي هڪ وک پٺتي هلي ويئي. هوءَ هميشہ چمڙن کان ڊڄندي آهي جڻ تہ چمڙا ويمپائير ٿين ٿا.

مون هن کي ڪوٽ پائڻ ۾ مدد ڪئي. زال هن کان موڪلائڻ لاءِ لينڊنگ تائين ويئي. ان اونداهي سمنڊ ۾ هوءَ هن کي واپس موڪلي رهي هئي.

آئون وري هن سان گڏ ان رستي تائين ويس جتي اسان هن کي پسار ڪندي ڏٺو هو.

مون هن کي آخري سگريٽ پيش ڪيو. ڪش هڻي هن ٿينڪ يو چيو. گڊ نائٽ چئي آئون پنهنجي ڪمري پهتس، تہ ڏٺم تہ زال دريءَ وٽ بيٺي هئي. ايتري دير تائين هوءَ مون کي ۽ هن کي ڏسي رهي هئي.

مون چيو "تو منهنجي نظرداري پئي ڪئي، پر ياد رک تہ ڪيترن سالن تائين منهنجي ڪنهن بہ نظرداري نہ ڪئي هئي. انهن رولڙن ۾ گذاريل سالن جو تون ڇا ڪندينءَ؟"

هن رستي تي آخري نظر وجهندي چيو "هلي ويئي".

هوءَ روڪيل جذبن جي اثر هيٺ ٿڪجي، منهنجي سامهون ويهي رهي، آئون وري اهوسوچي رهيو هوس تہ جيڪو ٽورسٽ پنهنجي سير واري هنڌ جي طوائفن ۽ ڪريل ماڻهن کي ڏسي نہ سگهيو آهي، هن ان ملڪ جو ڪجهہ بہ نہ ڏٺو. زال ٿڪل قدم کڻندي ٻارن جي بيڊ تائين ويئي ۽ پونشو کي کڻندي ٿي هن هڪدم ڇرڪ ڀريو اتي پونشو جي هيٺان جهاتي پائيندڙ نوٽن کي هن ٻاهر ڪيدي چيو هيءُ هيءُ هي....

اسين اجايو ٽڪرا ٽڪرا دريءَ ڏانهن وياسين ۽ نگاهن سان هن کي اونده ۾ ڳولڻ لڳاسين جيڪا وڏيڪ گهگہ ٿي ويئي هئي، پر هوءَ روم شهر ۾ غائب ٿي ويئي هئي.

-----

البرٽ ڪامو

فرانس

# موت

صبح جا ڏهه ٿيا هئا ۽ پئٽرائس مرسو ڏاڍي چستيءَ سان هلندو زگريئس جي حويليءَ ڏانهن پئي ويو. ان وقت تائين حويليءَ جو نوڪر سودي سلف وٺڻ لاءِ مارڪيٽ روانو ٿي ويو هو ۽ حويليءَ ۾ ڪو به ڏسڻ ۾ نه ٿي آيو. اهو اپريل مهيني جو سهڻو صبح هو. ٿڌو ۽ روشن: آسمان اڇو اجرو هو پر چمڪندڙ اُس ۾ تيزي نه هئي. حويليءَ ڏانهن لهواريءَ تي ويندڙ رستو خالي هو ۽ ٽڪريءَ جي پاسي کي ڍڪيندڙ ديال جي وڻن جي وچ ۾ خالص روشنيءَ جو وهڪرو هو 'پئٽرائس مرسو جي هٿ ۾ بريف ڪيس هو ۽ ان صبح جو جيئن ٿي هو اڳتي وڌندو پئي ويو ته ٿڌي رستي تي سندس ئي پيرن جي کڙڪي ۽ بريف ڪيس جي مُٺيي جي لاڳيتي چيڪاٽ جا آواز ڪيس ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا.

حويليءَ جي ويجهو ئي اهو رستو هڪ ننڍي چؤسول مان ٿي نڪتو جيڪو گلن جي ٻارين سان سينگاريل هو ۽ جتي بئنچ رکيا هئا. جلد ئي ٽڙي پوندڙ گلن، نيري آسمان ۾ اڇي پوچي ڏنل ديوارن جي ڪري جيڪا تراوت ۽ فرحت محسوس ٿي رهي هئي، اها اهڙي ته معصوم هئي جو مرسو ان چؤسول مان لنگهي وڃڻ کان اڳ پل کن لاءِ اتي بيهي رهيو. اتان رستو هيٺ زگريئس جي حويلي ڏانهن ٿي ويو. هو حويليءَ جي دروازي تائين پهچي بيهي رهيو ۽ دستانا پائڻ لڳو. مرسو اهو دروازو کوليو جيڪو سنڌن شڪل شخص ڪڏهن به بند نه ڪندو هو پوءِ هن اهو دروازو خبرداري سان بند ڪري ڇڏيو. هو مانڙي ڪيو وڏي ڪمري مان هلندو کاٻي پاسي ٽئين دروازي تائين پهتو ۽ اهو کڙڪائي اندر هليو ويو بيشڪ زگريئس اتي موجود هو باهه جي سگريءَ جي پرسان آرام ڪرسيءَ تي ويٺل، ٽنگون گوڏن تائين ڪٽي ۾ ويڙهيل، ان هنڌ جتي ٻه ڏينهن اڳ مرسو ويٺو هو. هن ڪو ڪتاب پئي پڙهيو جيڪو سندس اڳيان ڪٽي تي کليو پيو هو. هن جيئن ئي

مَرسو ڏانهن نهاريو تہ هن جي گول اکين ۾ عجب ۽ حيرت جو ذرو بہ نظر نہ آيو. مَرسو بند ٽيل دروازي جي اڳيان بيٺو هو. درين جا پردا کليل هئا ۽ فرش تي اُس پکڙيل هئي ۽ اتي رکيل سامان چمڪي رهيو هو. درين کان ٻاهر ٿڌي ۽ سوني ڌرتيءَ تي خوشيءَ وچان صبح ٽڙي پئي هئي، هڪ بي انداز ٿڌي خوشي، پکين جي لاتين ۽ ڪنور روشنيءَ جي وهڪري، ڏينهن جي چهري تي معصوميت ۽ سچائي پکيڙي ڇڏي هئي. مرسو بت وانگر بيٺو رهيو ۽ ڪمري جي ٻوساٽيندڙ گرمي هن جي نڙگهٽ ۽ ڪنن ۾ پرجي ويئي. موسم جي ڦري وڃڻ کان پوءِ بہ آتشدان ۾ باهہ جو پنيٽ هو. مرسو کي پنهنجين لُڏندڙين ۾ رت ڊوڙندو ۽ ڪنن جي پاپڙين ۾ ڇهنڊڙيون لڳنديون محسوس ٿيون. زگريئس جون نظرون هن جي چُرپر تي ڪتل هيون. جيتوڻيڪ هن هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو هو. پنٽرائس مرسو آتشدان جي ٻئي طرف وڃي سنڌن سُڪل شخص ڏانهن نهارڻ کان سواءِ پنهنجو بريف ڪيس ميز تي رکيو. هينئر هن پنهنجن گوڏن ۾ هلڪو لوڏو محسوس ڪيو. هن پاڪيٽ مان سگريٽ ڪڍي اڻنگي نموني سان دکايو ڇاڪاڻ تہ سندس هٿن تي دستانا چڙهيل هئا. پنهنجي پنيان هڪ هلڪو آواز ٻڌي من ڦري نهاريو. هن جي چپن جي وچ ۾ سگريٽ هو. زگريئس اجا تائين هن ڏانهن ڀٽي نهاريو پر اُن ويل ئي هن ڪتاب بند ڪري ڇڏيو. مَرسو جنهن جي گوڏن وٽ باهہ جو سيڪ هينئر تڪليف ڏيندڙ ٿي لڳو ڪتاب جو نالو پڙهي پئي سگهيو: خاص مصاحب۔ از بالتسار گريشن. پوءِ هن جُهڪي بريف ڪيس کوليو. پستول اجا ان ۾ ئي پيو هو. مَرسو پنهنجي ڪاٻي هٿ سان لفافو ۽ ساڄي هٿ سان پستول کنيو. ٿوري دير جي ٻُڏتر کان پوءِ هن پستول کٻي ڪڇ ۾ سوگهو ڪيو ۽ لفافو کوليو. ان ۾ هڪ ڊگهو ڪاغذ پيو هو جنهن تي مٿان زگريئس جي ڊگهن نوڪدار هٿ اکرن ۾ فقط بہ ٽي سٽون لکيل هيون:

”آئون معذور هجڻ جي ڪري ختم ٿي رهيو آهيان. ان جي ڪري ڪو بہ معاملو پيدا ٿيڻ نہ گهرجي. مون وٽ هت ايتري ساري رقم آهي جنهن سان انهن سيني کي خوش ڪيو وڃي، جن هن وقت تائين منهنجي سارَ سنڀال ڪئي آهي. باقي جيڪا رقم بچي، اها مهرباني ڪري انهن ماڻهن تي خرچ ڪئي وڃي، جيڪي ڦاسي گهاٽ ۾ پيا آهن پر مون کي خبر آهي

تہ ان تي گھٽو خرچ ايندو.“ پنھنجن احساسن کي ظاهر ڪرڻ کان سواءِ مرسو ڪاغذ ہيٺو ڪري واپس لفافي ۾ وجهي ڇڏيو. ائين ڪندي سگريٽ جي دونهين سندس اکيون پوسراتي ڇڏيون ۽ ڦلي جو هڪ ننڍڙو حصو لفافي تي ڪري پيو. هن اهو اتان ڇنڊي، لفافو ميز تي اهڙيءَ طرح رکيو جو هڪدم نظر اچي وڃي ۽ ڦري زگريئس ڏانهن نهاريو جيڪو هاڻي لفافي کي غور سان ڏسي رهيو هو ۽ جنهن جي ڪُتن جهڙين مضبوط آڱرين ۾ اچا تائين ڪتاب جهليل هو. مرسو هيٺ جُهڪي خاني ۾ رکيل هڪ تجوڙيءَ کي ڪنجيءَ سان کوليو ۽ ان مان نوٽن جا ڪيترائي ٿها ڪڍي ورتا. جيڪي اخباري ڪاغذن ۾ وڙهيل هئا ۽ رڳو انهن جا پاسا ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا. هن پستول کي هڪڙي ڪڇ ۾ جهليندي، ٻئي هٿ سان سوٽ ڪيس ۾ نوٽ ترتيب سان پريا. اهي سؤ سؤ جي نوٽن جا اٽڪل ويهہ ٿها هئا ۽ مَرسو کي محسوس ٿيو تہ هن هڪ وڏو سوٽ ڪيس آندو هو. هن نوٽن جو هڪ ٿهو تجوڙي ۾ ڇڏي ڏنو. پوءِ سوٽ ڪيس بند ڪري، اڌ ڇڪيل سگريٽ باهہ ۾ اڇلائي ۽ پستول کي ساڄي هٿ ۾ جهلي هُو سنڌن سُڪل شخص ڏانهن ويو.

زگريئس هاڻي دريءَ ڏانهن پٺي نهاريو. دريءَ جي ٻئي پاسي هڪ موٽرڪار هلڪي آواز ۾ چيچاٽ ڪندي آهستي لنگهي ويئي. زگريئس چُرپر بہ نہ ڪئي ۽ لڳو ٿي تہ هو اپريل مهيني جي ان بي رحم سونهن تي ويچاري رهيو هو. پنهنجي ساڄي لُونڊڙيءَ تي پستول جي ناليءَ کي محسوس ڪندي هن ڪنڌ ئي نہ ڦيرايو. پر پيٽرس مرسو کي، جنهن هن کي چتائي پئي ڏنو هن جي اکين ۾ ڳوڙها ڏسڻ ۾ آيا. پيٽرس پنهنجون اکيون پوري ڇڏيون. هن هڪ وک پٺتي هٽي پستول هلايو. پَل کن لاءِ پٺ کي ٽيڪ ڏيندي، هن جون اکيون اڃا تائين پوريل هيون، هن پنهنجي ڪنن ۾ ڌڙن ڌڙن جا آواز ٻڌا. پوءِ هن اکيون کوليون. مٿو ڪاٻي ڪلهي جي پاسي لڙڪي پيو هو ۽ جسم ٿورو جُهڪي ويو هو. پر هاڻي اهو زگريئس اهو ڪونہ هو جيڪو هن هينئر ڏٺو هو. بلڪ اتي فقط مٿي جو هڪ وَڏو زخم، رت ۽ هڏو هو. مرسو کي ڏڪڻي وڪوڙي ويئي. هو ڦري آرام ڪرسيءَ جي ٻئي پاسي ويو ۽ هٿوراڙيون ڏئي زگريئس جي ساڄي هٿ کي جهلي، ان ۾ پستول رکي، لونڊڙي ڏانهن اُپو ڪندي ۽ هيٺ ڪِرندو ڇڏي ڏنو پستول ڀِرين ڪرسيءَ جي

ٻانهن تي ڪِريو ۽ پوءِ زگريئس جي جهوليءَ ۾ ڪِري پيو. هينئر مَرسو سَنڌن شُڪل شخص جي وات ۽ ڪاڏيءَ کي غور سان ڏٺو. هن جي حالت ان وقت جهڙي گنڀير ۽ ڏکائتي هئي، جڏهن هو دريءَ ڏانهن چتائي رهيو هو. ٻنهه ان ويل دروازي جي اڳيان تيز هارن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. مَرسو اجا تائين آرام ڪرسيءَ جي مٿان جهڪيل هو ۽ ڪوٺ ڇُريو. ڦيٿن جي آواز جو مطلب هو تہ ڪاسائي ڪار ڪٽي ويو هو. مرسو پنهنجو بريف ڪيس کنيو دروازي جي مُٺيي کي ڦيرايو ۽ سج جي شعاع ۾ اوچتو چمڪندي ڪمري مان ٻاهر نڪر ي ويو. هن جي مٿي ۾ ڏوڻ ڏوڻ ٿي رهي هئي ۽ سندس وات خشڪ ٿي ويو هو. هن ٻاهريون دروازو کوليو ۽ تيزيءَ سان ٻاهر نڪري ويو.

ٻاهر ننڍڙي چوسول جي هڪڙي ڪنڊ ۾ ٻارن جي هڪ ٽوليءَ کان سواءِ ڪو بہ نظر نہ ٿي آيو. هو هلندو ويو. چؤسول جي هڪڙي ڪنڊ ۾ ٻارن جي هڪ ٽوليءَ کان سواءِ ڪو بہ نظر نہ ٿي آيو. هو هلندو ويو. چؤسول مان لنگهي وڃڻ کان پوءِ هن کي اوچتو ٿڌ محسوس ٿي ۽ هو پنهنجي هلڪي جيڪيٽ ۾ ڏکڻ لڳو. هن بہ پيرا نچون ڏنيون ۽ ماٺر ۾ تيز نقلي پڙاڏا مٿي شفاف آسمان ڏانهن پکڙجڻ لڳا. ٽورو ٽڙندي هو بيهي رهيو ۽ وڏو ساهہ کڻڻ لڳو. نيري آسمان مان لکن جي تعداد ۾ ننڍڙيون ننڍڙيون مُسڪراهٽون هيٺ لهي آيون. وڻن جي انهن پنن تي بہ جيڪي اجا تائين مينهن جي ڦڙين کي جهليو بيٺا هئا. پيچرن واري پنل زمين تي اهي اوچوا اُڏمنديون گهرن جي رَت — ورنين سرن وارين ڇتين تي کيڏڻ لڳيون ۽ پوءِ هوا ۽ روشنيءَ جي ڍنڍن ۾ موٽي ويون، جتان اُهي تازو چلڪي ٻاهر نڪتيون هيون. آسمان تان هڪ ننڍو جهاز ڀون ڀون ڪندو اُڏامندو ويو. هوا جي انهيءَ عروج ۾بي انداز خوشيءَ جي ان زرخيز موقعي تي ائين لڳو ٿي تہ ماڻهوءَ جو فرض اهوئي آهي، تہ هو زندهہ رهي ۽ خوش هجي. مَرسو کي ماٺ وڪوڙي ويئي. هن ٽيون ڀيرو نچَ ڏني ۽ بي چينيءَ وچان ڏکڻ لڳو. پوءِ پنهنجي چوڌاري ڏسڻ کان سواءِ تيزيءَ سان هلڻ لڳو. هن جو سوٽ ڪيس چيچاٽ ڪندو ويو ۽ رستي تي سندس پيرن جي کُڙڪي جو آواز وڏندو ويو. پنهنجي ڪمري ۾ پهچي، هن سوٽ ڪيس هڪڙي ڪنڊ ۾ رکيو ۽ هنڌ ۾ وڃي ليٽي پيو ۽ ٽپهريءَ تائين ستو پيو هو.

-----

ڊاڪٽر شير شاهہ سيد
پاڪستان/سنڌ

# وڇائجي ويل وقت

ڏاڍو آرام وارو هو هوائي سفر. ايئر انڊيا جي هڪ سہاڄهڙي ايئر هوسٽيس سمورو وقت منهنجو گهڻو خيال رکيو. آئون ان سموري وقت ۾ وري ڪراچيءَ جي باري ۾ ٿي ويچاريندو رهيس. انهن رستن، گهٽين، بازارن جي باري ۾ سوچيندو رهيس. جتي منهنجي زندگيءَ جي شروعات ٿي هئي. سڀ ڪجهہ بدلجي ويو هوندو. ايئن جهڙيءَ ريت بمبئي بدلجي ويو آهي. وڏو ٿي ويو آهي ۽ هر روز پکڙبو پيو وڃي. بمبئي جو تہ نالو بہ ڦيرايو ويو آهي. ممبئي، مون کي سمجهہ ۾ ئي نہ ٿو اچي تہ نالي ڦيرائڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. شڪر آهي تہ ڪراچيءَ جو تہ نالو ساڳيو ئي آهي. منهنجي ذهن ۾ ڪراچي شهر فلم جي ريل وانگيان ڦرندو رهيو. منهنجي ننڍپڻ جو مهربان ڪراچي، فارسي، سنڌي، اردو گجراتي، انگريزي ڳالهائڻ وارن جو شهر. مسلمان، هندو پارسي، عيسائين جي هڪ ننڍڙي دنيا. جتي اسين سيئي مٺ محبت سان رهندا هئاسون. غريبي ۽ اميري جي هوندي بہ اتي نہ چوري ٿيندي هئي نہ بي ايماني هئي، نہ ماڻهن کي اغوا ڪيو ويندو هو نہ ڌاڙيل هوندا هئا، ماڻهن کي قتل نہ ڪيو ويندو هو هنن جون عزتون سلامت هيون، آئون ڪراچي کي ڳولڻ لاءِ نڪتو هوس.

تون ۽ پرولا بہ ڪراچي اچجو ان وقت تائين شايد آئون جڳن ناٿ جا پار پتا بہ هٿ ڪري وٺندس. شايد هو بہ ملي وڃي، جي هو پاڻ نہ تہ هن جو پريوار ئي ملي وڃي. ڪراچيءَ جو ايئرپورٽ وڏو آهي. منهنجو خيال هو تہ اجا بہ وڏو هوندو. ٻاهر هوٽل وارن جي گاڏي اچي ويئي هئي. ڊرائيور ٻڌايو تہ اهو ئي ملير وارو رستو آهي، جتي ايئرپورٽ آهي. اهو رستو حيدرآباد ڏانهن بہ وڃي ٿو. ملير کان ڪراچيءَ تائين وڏو فاصلو هو. ننڍپڻ ۾ جڏهن ٽرين ۾ ان پاسي وڃبو هو تہ هڪ ڪلاڪ لڳي ويندو هو. ملير جو مندر چڱو خاصو وڏو مندر هوندو هو. هاڻي خبر ناهي تہ آهي بہ يا نہ. ميٽروپول هوٽل کي آئون هڪدم سڃاڻي ويس. ان سان گڏ ئي ڪاهي هٽ تي ويندي فريئر هال جي

سامهون هڪ وڏو ميريٽ هوٽل آهي، جنهن سان گڏ ئي آمريڪن ڪونسليٽ جي آفيس به آهي.

اسان واري ڪراچيءَ ۾ ميرٽ هوٽل ڪونه هو. آمريڪي ڪونسليٽ جي آفيس نه هئي، پر ان سموري هنڌ تي انگريز فوجن جو هڪ وڏو اسٽور ۽ پي.ڊبليو.ڊي جي وڏي آفيس هئي، اها آفيس ڪراچيءَ جي سرڪاري عمارتن جي سنڀال ۽ مرمت جي ذميدار هوندي هئي. ان سان لڳ ئي پوسٽ آفيس به هئي. اهو سمورو هنڌ ته هاڻي سڃاڻي به نه ٿو سگهجي. جيڪڏهن اتي فريئر هال نه هجي ها ته اهو مون کي سڃاڻڻ ۾ نه اچي ها. هتي ته هڪ بيرڪ نُهيل هئي، جتان لنگهندي ڪيترائي گورا ايندي ويندي نظر ايندا هئا ۽ اتي پوسٽ آفيس جي هجڻ سبب چڱي رونق لڳي پئي هوندي هئي. ياد اٿم ته هڪڙي ڀيري آئون پتاجي سان گڏ اتي ويو هوس. هو پنهنجي ڪزن ديوان ڏيارام چيلارام ميرچنداڻي سان ملڻ ويو هو. هو پبلڪ ورڪس جو هڪ سخت ۽ ڪرڙو انجنيئر هو. هن ڪراچي جي ڏاڍي سيوا ڪئي هئي. هاڻي اهڙا آفيسر ڪٿي ليندا.

سنجي انڪل جو خيال رکجانءِ،

تنهنجو پاپا

ڪلپنا!

اميد اٿم ته تون خير سان آهين. اڄ صبح ٿيندي ئي مون هڪ ٽئڪسي گهرائي آهي، جوزف نالو آهي ٽئڪسي ڊرائيور جو. ماٺهو ته پلو ٿو ڏسجي، هت جيترا ڏينهن هوندس هن کي ئي پاڻ سان گڏ رکندس. ڪراچيءَ جو رهاڪو آهي. ڪراچيءَ جا سيئي ماڳ مڪان ڏيکاريندو. پوءِ جڏهن تون ۽ پرولا، هت ايندؤ ته اوهان ٻنهين کي شاپنگ به ڪرائيندو. ايتري ۾ آئون هن کان ڪراچيءَ جي بازارن جي به خبر چار پڇي وٺندس، اوهان کي شايد ڪراچي سٺو لڳي، منهنجي لاءِ ته ڪيترين شين بدلجي ويون آهن. پر ايئن ٿو لڳي ته ڪالهه تائين آئون هت ئي هوس، مون کي پڪو وشواس آهي ته جگن ناٿ چاچا جا پاريتا ملي ويندا.

اڄ مون پهريون ڪم اهو ڪيو ته ڪي.ايم.سي جي بلڊنگ جي سامهون جيڪو پنهنجو پراڻو سوامي نارائڻ مندر آهي. ان پاسي هليو ويس.

پوچا پاٽ کان پوءِ اتي ويهي ماني کاڌم اتي جيون آهي جيڪو ڏاڍي پيار ۾ پاٻوهه سان ماني کارائي ٿو اسان جهڙن پرديسين کي. هن پرشوتم سان ملاقات بہ ڪرائي آهي. پرشوتم سٺو ماڻهو آهي. ڪم تہ ڪوبہ نہ ٿو ڪري صبح کان شام تائين مندر ۾ ئي ويٺو هوندو آهي. آئون هن کي پاڻ سان وٺي ويندس. هڪ کان بہ پيلا، وري هو ڪراچيءَ جو رهاڪو بہ تہ آهي. ڪراچيءَ جو هر هنڌ ڏيکاريندو، هر هنڌ وٺي ويندو، چاچا جڳن ناٿ جو پتو شايد پرشوتم ٻڌائي. جيئرو شايد نہ هجي، پر هن جي ماڳ مڪان جي خبر پئجي ويندي. ڪٿي رهيل هو؟ ڇا ڪندو هو؟ شايد شادي بہ ڪئي هوندائين. ٻار بہ ٿيا هوندس، ڪو پريوار ڇڏيو هوندائين پٺيان. جي اهي هوندا تہ وڏا ٿي ويا هوندا. ڏسجي ڇا ٿو ٿئي.

اج پرشوتم کي پاڻ سان وٺي ڪلفٽن جي پراڻي بندر بہ ويو هوس، منهنجي ننڍپڻ ۾ ڪلفٽن وڃڻ سولو نہ هوندو هو. ان پاسي جي وڃبو بہ هو تہ سج لهڻ کان اڳ ۾ ئي موٽي اچبو هو. ماڻهو چوندا هئا تہ ريل جي پٽڙين سان ڪي جن ڀوت بہ رهندا هئا. انهن جنن ڀوتن جي رهڻ وارن هنڌن تي بلڊينگون ٺهي ويون آهن، پر انهن ۾ ڪابہ سهڻائي نہ ٿي ڏسجي، ڪي پراڻيون بلڊينگون بہ نظر آيون. جن جو شان شوڪت سلامت آهي، مندر ڏانهن ويندڙ رستو پراڻو ٿي ويو آهي. اهو ڏسي حيرت ٿي تہ ڪراچيءَ جي ان مندر جو پوڄاري هڪ ٻهاري آهي. آئون ڪيتروئي وقت اتي هوس. پوءِ سمنڊ جون لهرون ڏسندو ۽ ڳڻيندو رهيس ۽ ان سمنڊ کي ياد ڪرڻ لڳس جيڪو منهنجي ٻالجتيءَ جو سمنڊ هو. ان جون لهرون تہ ختم ٿي نہ ٿينديون هيون. اج بہ ڳڻپ تہ ختم ٿي ويئي پر لهرين جو ڪو انت ئي نہ هو.

منهنجي جهرڪين کي داڻو ڏجانءِ ۽ ڪبوترن لاءِ پاڻي رکڻ نہ وسارجانءِ. پرتيوءِ راهل کي اُس ۾ راند رهڻ نہ ڏجانءِ.

ڪلپنا!

آئون ميريٽ هوٽل ۾ رهيل آهيان، ڏاڍو آرام آهي هت، هتي جا بيرا بہ اهڙي سيوا ڪن ٿا ڄڻ تہ ورهين جي ڄاڻ سڃاڻ آهي. هنن سان، اوهان ٻنهي کي وٺندو. ٻي سٺي ڳالهہ اها آهي تہ اهو ڪراچي ۾ ٻنهہ اندر آهي. آمريڪن ڪونسليٽ هجڻ جي ڪري ٿوري دقت ضرور آهي. پر اها ان

ڪري سٺي آهي تہ خاص سيڪيورٽي بہ آهي. پر ان جي هوندي بہ آمريڪن ڪونسليٽ تي ڪيترائي ڀيرا حملا بہ ٿيا آهن.

صبح جو ئي پرشوتم پهچي ويو هو پهرين تہ مون هن سان جڳن ناٿ جي ڳالهہ ڪئي. ڊينسو هال جي پٺيان واري سڙڪ تي بولٽن مارڪيٽ جي ويجهو ئي ليلارام روڊ لڳ اسان جو گهر هوندو هو "سورگ ڪنج". هن وقت ان جي ڪا بہ خبر ناهي. سورج ڪنج جي پٺيان جمناداس روڊ تي اڳيان هلي ڪامل گهٽيءَ ۾ نوراني مسجد جي ويجهو اسان جون بہ بلڊينگون هيون. ڪرشنا مينشن ۽ ڏيارام بلڊنگ اهي ٻئي بلڊينگون پتاجيءَ مسلمانن کي پڳڙن جي مُٺ تي وڪرو ڪري ڏنيون. ڏيارام بلڊنگ سان لڳ ئي هري چرن روڊ آهي. ان روڊ تي چاچا جڳن ناٿ جو گهر هو. چاچا جڳن ناٿ وڏو پڙهيل ڪڙهيل انسان هو پر سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ هن آخر شادي ڇو نہ ڪئي. ماتاجيءَ ٻڌايو تہ جنهن ڇوڪريءَ سان هن جو مڱڻو ٿيو هو ان جي پريوار وارن ڪنهن سبب ٻڌائڻ کان سواءِ ئي شادي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. ان واقعي کان پوءِ جڳن ناٿ کي شادي ڪرڻ جو خيال بہ ڪونہ آيو. هن انهيءَ ڇوڪريءَ کي ڪڏهن بہ نہ وساريو هن کي پنهنجي دل ۾ سانڍي رکيو. هن جي پريم جي پالنا ئي ڪندو رهيو. پراڻي وقت جا ماڻهو اهڙا هوندا هئا. مون کي تہ ياد آهي هو هڪ پلوڙ انسان هو. آئون اڃان ٻالڪ هوس ان وقت هو مون کي پيائيندو هو. سدائين ڪانہ ڪا شيءِ خريد ڪري ڏيندو هو مون کي پاڻ سان بگيءَ ۾ ڪياماڙي وٺي ويندو هو ۽ اتي گهمائيندو هو. آئون ڪيترا ڀيرا لانچ تي چڙهي هن سان منوڙا ويو هوس. منوڙا، ڪياماڙيءِ جيتي سان لڳ ڪچي مسلمان رهندا هئا. چاچا جي هنن سان دوستي هوندي هئي. اهي ڪراچي جا اصلوڪا رهاڪو هئا، جيڪي گهڻو ڪري مڇيون وڪڻندا يا پورٽ تي نوڪري ڪندا هئا. اهي ئي ماڻهو هئا، جيڪي سمنڊ سان لڳ هاڪس بي، پيراڊائز پوائنٽ، فرنچ بيچ جي اوسي پاسي جي ڳوٺن ۾ رهندا هئا. اهي پنهنجن اُنن تي چڙهي خريداريءَ جي لاءِ ڪراچي لي مارڪيٽ ۾ ايندا هئا ۽ ڪارا در جي نوراني مسجد جي اڳيان پنهنجا اُٺ ويهاري نماز پڙهندا هئا، هنن مسلمانن جو اتي اچڻ ڏاڍو سندر لڳندو هو. پرشوتم ٻڌايو تہ منوڙا تي تہ پاڪستاني نيوي جو اڏو آهي.

ڪيترا ڪچي تہ اتان لڏي ويا آهن. ہين ہيٺن ۾ اجا بہ ڪجي مسلمان ٿي رهن ٿا ۽ ٿورا سک بہ آهن. شايد هن اهو ٿي پئي ٻڌايو. مون هن کي چاچا جگن ناٿ جي باري ۾ سڀ ٻڌايو آهي. هن چيو آهي تہ سپاٽي تائين ڪا خبر چار لهڻ جي ڪوشش ڪندو.

آئون جوزف سان گڏجي ائمپريس مارڪيٽ بہ ويو هوس. جنهن جي پر ۾ ئي بهرام باغ آهي. اتي مون ٻالجتيءَ جو ڏاڍو سنو وقت گذاريو هو. مون کي ياد آهي تہ پتاجي ۽ ماتاجي سان گڏ اسين جڏهن ائمپريس مارڪيٽ ايندا هئاسون. تڏهن اهي اسان ٻارن کي انهيءَ بهرام باغ ۾ ڇڏي ويندا هئا ۽ اسين اتي رانديون رهندا هئاسون. جيستائين هنن جي شاپنگ پوري ٿئي.

ڪلپنا! ائمپريس مارڪيٽ جي تہ ڏاڍي خراب حالت آهي. ڪن ڪچري جا ڍير آهن ۽ لڳي ٿو تہ دڪانن ۾ ڪي بہ ڪونهي جيتوڻيڪ سيئي دڪان سامان سان سٽيا پيا آهن. خبر ناهي شايد مون کي اهو ان ڪري لڳو هو جو هاڻي سڀ مسلمانن وٽ آهن. اهي دڪان جن ۾ چاتل سجاتل ڇهرا ڏسبا هئا. انهن دڪانن تي هينئر اوپرا ماڻهو اوپري طريقي سان ڏاريون شيون رکيو وينا آهن. پر ڪا کوٽ آهي. گذريل وقت جي ڪا بہ شيءِ ساڳي نہ رهي آهي. دڪانن جا مالڪ، دڪانن جا طريقا، گراهڪن جون طبيعتون . منهنجي زماني ۾ ائمپريس مارڪيٽ ۾ ڇڻ تہ ٽڏڪار هئي، هڪ قسم جي سستي ڏسبي هئي، دڪان ۾ جيڪي بجليءَ جا پکا وڏن وڏن پرن وارا، هوريان هوريان هلندا هئا ۽ گراهڪ بہ اهڙيءَ طرح خريداري ڪندا هئا. ڏسي وائسي، آرام سان ۽ دڪاندار بہ ڳالهيون ڪندا هئا. هوريان هوريان ۽ پريم سان. ڇڻ تہ هنن وٽ وقت جي کوٽ ڪين هئي. هاڻي تہ ايئن لڳو ڇڻ تہ ٻاڦ تي هلندڙ ريل گاڏيءَ کي بجلي جي طاقت سان هلايو پيو وڃي. شايد اهو ٺيڪ ٺيو آهي، پر مون کي اهو سٺو نہ لڳو چڱو نہ لڳو.

بهرام باغ کي ڏسندي ئي منهنجو هانءُ ٻڏي ويو. خبر نہ آهي تہ مسلمانن کي مسجدن ٺاهڻ جو ايترو شوق ڇو آهي. ڀلا جيڪڏهن ٺاهڻي آهي تہ پوءِ ڪنهن کليل هنڌ تي سهڻي مسجد ٺاهي وڃي، جنهن ۾ الله تعاليٰ کي آرام سان ياد ڪرڻ ۾ مزو بہ اچي. بهرام باغ جي هڪ پاسي مسجد ٺاهي

وئي آهي ۽ ان کي جڻ تہ چڪي ڪيترائي دڪان ناهيا ويا آهن. مسجد جي نالي تي ڏنڏو باغ جي ويراني، سڪل ڦٽل ٻارا، سڪل سڙيل گاهہ. اهي ڦوهارا، اهي گل ٻوٽا، اهي ساوا ساوا ٻارا ڪي بہ تہ نہ هوا اُتي هينئر!!

منهنجي اکين ۾ تہ ڳوڙها تري آيا. ڀڳوان ڪراچيءَ کي ڪهڙن ماڻهن جي حوالي ڪري ڇڏيو. آئون اتي هڪڙي ڪنڊ ۾ ويهي ڪيتري ڪيتري دير تائين پراڻين فلمن کي هلندو ڏسندو رهيس. پاڇولن وانگر، جمنا، ڪويتا، سريندر، مهيندر، جڳديش، ديپا، موهن سيٺي کي هيڏانهن هوڏانهن گهمندي ڏٺم، رانديون رهندي، ڊوڙندي ڀڄندي، بينچن تي ويٺل گوري صاحب کي پنهنجي ميم سان گڏ، ڪو پوڙهو انگريز وڻ جي هيٺان اخبار پڙهندي، ڪو پارسي پنهنجن ٻارن سان گڏ گهمندي، ڪو عيسائي فادر ايندي ويندي، ننس پنهنجي خاص لباس ۾ ڪنڌ جهڪائي مرڪنديون. اهو سڀ ڪي نہ هو اتي!!!

اتي سُڪل سڙيل گندا ماڻهو چرس، ڀنگ ۽ ٻيون نشي واريون شيون واپرائي رهيا هئا. ڦٽل ۽ پڙپانگ ائمپريس مارڪيٽ ۽ ٻهرام باغ کي ڏسي آئون جهڙو وسامي ويس پوءِ ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ لاءِ دل نہ ٿي منهنجي.

پرشوتم سان گڏ مندر ۾ ماني کائي هينئر هوٽل ۾ پهتو آهيان ۽ ٿوري دير کان پوءِ سمهي رهندس. مهيش بہ لنڊن پهچي ويو آهي. هن جو اي ميل آيو هو. ٻارن کي پيار.

تنهنجو پاپا

ڪلپنا!

ڇا حال آهي؟ پرولا اڃا تائين پوني ۾ آهي يا واپس ويئي. ٻار تہ ٺيڪ آهن. هن وقت تائين تہ تنهنجو ويزا اچي ويو هوندو.

آئون شام جو فريئر هال ويو هوس. اتي ڪا خاص ڦيرڦار نہ ٿي آهي. البت هال جي ڇت تي ۽ ديوارن تي هڪڙي آرٽسٽ ڪيليگرافي ڪئي هئي. اهو ڪم پورو نہ ٿيو آهي. صادقين هو نالو هن جو جيڪو اهو ڪم پورو ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي مري ويو. فريئر هال جي ڀتين تي جيڪي لکيو ويو آهي. اهو سمجهہ ۾ ئي نہ آيو. انهن اکرن جو لکندڙ هڪ وڏو فنڪار هو. انڊيا ۾ هجي ها تہ اکين تي ويهارينس ها. هاڻي هال جي نہ مناسب

صفائي آهي ۽ نہ چند ڦوڪ ڪٽي وڃي ٿي. نہ وري ويچاري صادقين جي ڪم جو ڪنهن کي خيال آهي. پڳوان تہ هر هنڌ هر قوم ۾ چڱا مٺا انسان پيدا ڪري ٿو پر هيءَ قوم ڪمال جي آهي جو چڱن ماڻهن کي ڌڪاري ٿي ۽ بُرن بندن کي اهڙي اوچائيءَ تي ٿي رسائي، جتان اهي رڳو پنهنجي قوم کي ڇيهو ئي ٿا پهچائين. آئون ڪيتريءَ دير تائين وڏي دروازي جي سامهون بينچ تي ويهي وڃائجي ويل وقت جي لاءِ ويچاريندو رهيس. فريئر هال سان لڳ پارڪ تہ برابر سٺو آهي، پر ڪراچيءَ جا پراڻا پارڪ ڪٿي آهن؟ الله رکيو پارڪ، ڪوڙي گارڊن، فريئر گارڊن، برنس گارڊن، پٽيل پارڪ، جمشيد گارڊن، ڪوٺاري پارڪ ۽ ٻيا بہ ڪيترائي باغ هئا هت، گانڌي گارڊن جي چوڌاري دڪان ٺهي ويا آهن ۽ اهو علائقو جيڪو سيٺين جو هو لڳي ٿو تہ لٽجي ويو آهي، پجي پُري ويو آهي. ان جو اڳيون حصو اهڙو ڏسي آئون ڏکي ويس. اسين ننڍي هوندي ان پارڪ ۾ اچي گهمندا هئاسون، ڊوڙندا هئاسون، ٿڪجي ليٽي پئبو هو ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڊگها ڊگها ساهہ کڻبا هئا. هتي هر روز تہ ڪونہ اچبو هو. انهن ڏينهن ۾ اسان جي گهر کان اهو باغ گهڻو پري هو پر ڪڏهن هفتي ۾ هڪڙو ڏينهن ۽ ڪڏهن بہ ڏينهن بہ هت اچڻ ٿيندو هو. آئون گهڻي دير تائين هڪڙي بينچ تي ويهي وڃائجي ويل وقت کي ياد ڪندو رهيس. ڪراچي ڏاڍو بدلجي ويو آهي، جي اهو بدلجي اڃا بہ بهتر ٿئي ها تہ آئون خوش ٿيان ها، پر هيءَ تہ بدلجي پڙيانگ ٿي ويو آهي. لڳي ٿو تہ هتي ماڻهو نہ ٿا رهن. هتي سيئي راڪشش اچي ويٺا آهن. خون جا اُڃايل سيني ماڻهن کي ڳهڻ وارا. هتي جون اخبارون پڙهو تہ محسوس ٿيندو تہ "آدم بو" "آدم بو" جون رڙيون ڪندا ڪيترائي ديو ماڻهن جي ڳولا ۾ نڪري آيا آهن. هر هڪ جون اکيون رت ۾ ڳاڙهيون آهن ۽ ڊگهن ۽ نوڪيلن ڏندن جي وچ ۾ نيڪ انسانن جون دليون ڦاٽيون پيون آهن، جن مان رت پيو ٽمي. ايتري ساري Disappointment ٿيندي، مون تہ اهو سوچيو بہ نہ هو.

هائو انڪل ڪيئن آهي؟ هن جي دوائن جو خيال رکجانءِ پٽ، ٻارن لاءِ ڍير سارو پيار.

تنهنجو پاپا

ڪلپنا!

صبح جو جوزف سان گڏ صدر ويس ان هنڌ جتي ٽرام جو اڏو هوندو هو. ڪراچيءَ ۾ ٽرام بند ڪئي ويئي آهي. اهو سمو ڪهڙو نه ڀلو هو ڪراچي ۾, جڏهن ٽرام جي وٽندڙ ۾ مئي ٽن ٽن ۾ ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن ويندا هئا. صدر کان ڪينٽ اسٽيشن, صدر کان گارڊن روڊ تان لنگهندي گانڌي گارڊن. يا وري بريٽو روڊ جي رستي کان سولجر بازار ۾ جيڪڏهن ڪياماڙي وڃڻو هوندو هو ته ٽرام ۾ ٿي بندر روڊ تان ماما پارسي, اين جي وي اسڪول ٿيوسوفيڪل هال, لائيٽ هائوس سئنيما. ڪي.ايم.سي, ڊينسو هال, لڪشمي بلڊنگ, بولٽن مارڪيٽ, بمبئي بازار, هوا بندر کان ٿيندا ڪياماڙي پهچبو هو. هاڻي اهو سڀ ختم ٿي ويو. آئون ته برلن به ويو آهيان, ميونخ به, جينوا به, ايمسٽرڊم به, اهي شهر به هاڻي پڪڙجي ويا آهن. پر اتي هنن ٽرام کي بند نه ڪيو. برلن ۾ آئون ٽرام ۾ چڙهي ان لائين تي ويس جتي ويئي ويئي آئن اسٽائن تيزيءَ سان لنگهندي دڪانن, گهٽين, ۾ ماڻهن کي ڏسي پهريون ڀيرو Theory of relativity جي باري ۾ سوچيو هو. ٻن وڏين لڙاين کان پوءِ به ۾ سموري شهر جي تباهيءَ جي هوندي به اتي ٽرام هلي پيئي. پر پنهنجي ڪراچي ۾ ٽرام کي بند ڪيو ويو آهي. شهر جي نون رهاڪن جي چوڻ تي. ڪراچيءَ ۾ ٽرام وي ڪمپني 1868ع ۾ انگريز آندي هئي. ان وقت ٽرام کي گهوڙا ڇڪيندا هئا. پوءِ انجڻ آئي ۾ هاڻي ٻڌو اٿم ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڪنهن مسلمان ٽرام ڪمپنيءَ کي خريد ڪري ان تي محمد علي ٽرام وي ڪمپني نالو رکيو. جنهن هنڌ تي ٽرام جو اڏو هو اتي هڪ ڪن ڪچري جهڙي بلڊنگ گل پلازا آهي. ان جي سامهون يهودين جي هڪ بيڪري هئي. ڏاڍي سٺي ڊبل روٽي ٺاهيندا هئا. يهودي ڇوڪريون ڊگها ڊگها اسڪرٽ پائينديون هيون. ان هنڌ انهن ماڻهن ڪراچيءَ ۾ آئيس ڪريم جو پهريون دڪان کوليو هو. مون کي اڃا تائين ان آئيس ڪريم جو ذائقو ياد آهي. ٽرام وي ڪمپني جي بلڊنگ جي ڀِئي پاسي بند روڊ ڏانهن رتي جناح جي پيءُ پنهنجي ڏيءُ جي ياد ۾ هڪ وڏو حوض ٺهرايو هو. اهو حوض به نظر نه ٿو اچي. خبر ناهي ته جانور هاڻي پاڻي ڪٿان پيئندا هوندا. هاڻي نه اهو دڪان آهي, نه ئي يهودين جي اسٽار آف

ڊيوڊ جي نشان واري بلڊنگ آهي، ۽ نہ اهو وڏو حوض. ڪن ڪچري جا ڍڳ آهن ۽ دونهون ڇڏيندڙ رڪشائون آهن. جوزف ٻڌايو تہ سيناگاگ تي قبضي ٿيڻ کان پوءِ سيئي يهودي شهر مان نڪري ويا آهن ۽ هاڻي ڪراچيءَ ۾ هڪ بہ يهودي ڪونهي ۽ هڪ هڪ ڪري جانورن جي پاڻيءَ جا حوض بہ ختم ڪيا ويا آهن.

جوزف جي ٽيڪسي ۾ چڙهي ٽرام وي روڊ کان بند روڊ ڏانهن ويندي بريٽو روڊ کان آئون سولجر بازار تائين ويس. اجا تائين اها بازار موجود آهي، پر اسان واري وقت جي بازار ڪانهي، بلڊنگ بہ اهائي آهي، پر ايئن لڳي ٿو تہ ان جي سنيپال وارو ڪوبہ ڪونهي، رستي ۾ جيڪب لائين ڪوارٽرز جي پٺيان جيڪو وڏو دڙو هو اتي هينئر جناح جي قبر آهي. آئون اها ڏسڻ ويس. وڏي بلڊنگ ناهي آهي. هتي جي ماڻهن، سني ناهي اٿن پر منهنجو من چوي ٿو تہ جناح کان پچان تہ بابا ڪراچي تہ تنهنجو بہ شهر هو نہ پر ڇا پڇان، هو ڇڱو مڙس حيات هجي ها تہ شايد ڪراچي بہ زنده هجي ها، ٽرامون بہ هلنديون رهن ها، مندرن کي باهيون بہ نہ لڳن ها. پارڪن ۾ مسجدون بہ نہ ٺهن ها، شايد.... شايد.... شايد.... ڪراچي بہ شهر هجي ها اسان جي ممبئيءَ جهڙو.

ٻن پهرن جو مندر ۾ ماني کائي وڃي هوٽل ۾ سمهي رهيس. شام جو پنجين لڳي پرشوتم اچي ٻڌايو تہ جڳن ناٿ جي نالي وارو ڪو ماڻهو ضرور هو پر اهو مسلمان ٿي ويو هو. جڳن ناٿ جو دوست بمل ڪمار ناٿاڻي هو جنهن جو پار پتو ملي ويو آهي. هاڻي هن کي ڳولي خبر وٺڻي پوندي تہ جڳن ناٿ مسلمان ڇو ٿيو هو. پوءِ وري ويو ڪيڏانهن. جيڪڏهن ڪنهن پاسي نہ ويو تہ سندس ديهانت ڪيئن ٿيو؟

مون کي تہ اڄ بہ ياد آهي تہ پتا جي، جڳن ناٿ چاچا کي چيو هو تہ ڪراچيءَ مان گڏجي نڪرون، بمبئي هلون. پر هن کي تہ ڪراچي ڇڏڻو ئي ڪونہ هو هت ئي رهڻوهو هت ئي جيئڻو ۽ مرڻو هو. پر خبر ناهي تہ جيئرو آهي يا مري ويو هن ڪراچيءَ ۾، جنهن سان هن کي پيار هو هن ۽ هن جهڙن ڪيترن ئي هندن، پارسين ۽ عيسائين کي تہ وهم گمان ۾ نہ آيو هوندو تہ ڪين ان شهر مان لڏڻو پوندو ۽ جڏهن اهي شهر مان لڏي ويندا، تڏهن هيءَ

شهر نہ پر الائجي ڇا ٿي پوندو. شهرين جو مرگهٽ، مساڻ، علم ۽ هنر جو قبرستان، ان جون گهٽيون سوڙهيون ٿي وينديون. هتي جي سهڻين بلڊنگن کي نظر لڳي ويندي. هتي جون اسپتالون، مندر سيناگاگ، جانورن جي پاڻيءَ جا حوض، ٻارن جا اسڪول، ڇوڪرين جا ودیالا، سڀ پڙپانگ ٿي ويندا. ڪنهن سوچيو هوندو! ڪنهن سوچيو هو!

اوهان جا ويزا آيا يا نہ؟ منهنجن ڪبوترن جو ڇا حال آهي؟ رات مهيش جو فون آيو هو. لنڊن ۾ هن جي ٽريننگ شروع ٿي ويئي آهي. راهل ۽ پريتو کي گهڻو پيار.

تنهنجو پاپا

ڪلپنا!

پرولا کي ڇئجانءِ تہ منهنجي ڳڻتي نہ ڪري ۽ پنهنجي پروجيڪٽ تي ڌيان ڏي. آئون ٺيڪ آهيان. ڪراچي هاڻي اڳ وارو ڪونهي. ان هوندي بہ اڃان تائين هندو پارسي ۽ عيسائي شهر ۾ رهن ٿا. سينٽ پيٽرڪ اسڪول سان لڳ سينٽ پيٽرڪ جي وڏي چرچ ساڳي طرح بيٺي آهي. مون کي ياد آهي، تہ اسين ان چرچ کان هاءِ ڪورٽ جي بلڊنگ تائين پنڌ ايندا هئاسون، هورڀان هورڀان پسار ڪندا. هاڻي بہ اچي سگهجي ٿو پر ٽريفڪ گهڻي آهي ۽ هر پاسي دونهون ئي دونهون آهي. چرچ وٽان هاءِ ڪورٽ ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي. ڪن ڪچري جا ايترا تہ ڍير آهن. جو لڳي ٿو تہ شهر جو ڪو والي وارث ئي ڪونهي. رستا ڪاغذن، ٿگڙين، ميوي جي کلن سان سٽيا پيا آهن. آئون ٺيڪ آهيان، ڪوبہ مون کي ڪجهہ بہ نہ ٿو چوي. مُرڳو جيڪي مسلمان ملن ٿا، اهي ڏاڍي سٺي طريقي سان ملن ٿا. چانهہ پيئڻ ۽ ماني کائڻ لاءِ چون ٿا. اوهان ڳڻتي نہ ڪريو. آئون آرام سان آهيان. اڃا ناناڻيءَ سان ملاقات نہ ٿي آهي، اميد آهي تہ جلد ٿي ويندي.

اڄ تہ آئون سينٽ پيٽرڪ اسڪول بہ ويو هوس. بلڊنگ ۾ ڪا خاص ڦيرڦار نہ ڪئي اٿن. ميدان ساڳيو آهي، اهو ئي ميدان، جنهن تي اسان ڪرڪيٽ جي راند ۾ سينٽ پيٽرڪ اسڪول جي بي ٽيم کي هارايو هو آئون ان ميچ جي باري ۾ سوچيندو رهيس. اها آخري ميچ هئي ڪراچيءَ ۾ منهنجي، هاڻي اهي ٻئي ٽيمون الائي ڪيڏانهن الوپ ٿي ويون آهن.

يادگيريون رهجي ويندڙيون آهن. پوءِ ياد ڪرڻ وارا بہ هليا ويندا آهن، پر عمارتون بيٺيون هونديون آهن ۽ انهن عمارتن جي ڪمرن ۾ نيون نيون يادون جنم وٺنديون آهن. اهو ئي دستور آهي، جنم جنم کان ۽ جنم جنم تائين اهو ئي دستور رهندو!

اسڪول مان ٻاهر نڪتس، تہ اسڪول سان لڳ ٿهيل جانورن لاءِ جيڪو پاڻيءَ جو وڏو حوض ٺهيل هو اهو نظر نہ آيو مون کي خبر ناهي تہ ڇاڇا ٿيو آهي. هتان ڪراچيءَ ۾ جانورن جي پاڻي پيئڻ جا هنڌ ۽ هنن لاءِ ڇانوري وارا شيڊ سڀ ختم ٿي ويا آهن. اهي ويچارا ڪراچيءَ جا رهاڪو جڏهن جانورن جو خيال نہ ٿا ڪري سگهن تہ منش (ماڻهو) جو ڇا خيال ڪندا. آئون جوزف سان ٽيڪسيءَ ۾ ٿي ڪيٿبرل مان ٽيندو. هاءِ ڪورٽ تائين ويس، جنهن کي هاڻي سنڌ هاءِ ڪورٽ چون ٿا. آئون ٿوري دير تائين اتي اندر گهمندو رهيس.

آئون جڏهن ڊي جي ڪاليج ۾ پڙهڻ وينس تہ پتاجيءَ جو هڪ دوست ايم.بي شهاڻي هو جيڪو پنهنجي وقت جو هڪ وڏو وڪيل هو. هن جي مرضي هئي، تہ آئون وڪالت پڙهان. هن ئي مون کي ڪورٽ ۽ اتي جي ڪم ڪار کان آگاهہ ڪيو. هو مون کي ڪورٽ ڊيڪارڻ وٺي ويو هو. اها سهڻي بلڊنگ تہ اتي ئي بيٺي آهي. پر اندر اها ايتري ئي ڪني آهي، جيئن ڪراچي ڪچري جو ڍير آهي. پان جون ٽڪون، پراڻا ۽ ڪنا پڪا ۾ ٽوائلٽ وٽان لنگهندي ساهہ ٻوساٽجي ٿو ۽ الٽي ٿي اچي. جوزف ٻڌايو تہ اهڙين سرڪاري آفيسن ۾ ٽوائلٽ تہ هوندا ئي ڪونهن ۽ جي هجن بہ ٿا تہ غلاظت سان ڀريا پيا آهن. شهر ۾ پبلڪ ٽوائلٽ جو جيڪو اڳي هڪ سسٽم هو اهو ڪڏهوڪو ختم ٿي ويو آهي. شڪر آهي تہ ممبئيءَ ۾ ايئن ڪونهي.

جج رام داس ڪرمچند جي ڪورٽ تي ڪنهن ٻئي جج جو نالو لڪيل هو. اندر بئنچ شايد اهي ئي اڳوڻا هئا، جيڪي پراڻا ٿي ويا هئا ۽ پڳل هئا ۽ ايئن پئي لڳو تہ انهن جي ڪاٺ چند ڦوڪ ٽٽي ئي نہ ٿي. اهي پراڻا، پڳل ٽٽل ۽ گندا هئا. مون کي خيال آيو تہ ڪورٽ جو اهو ڪمرو ان وقت ڪيترو نہ صاف هو هاڻي ڪيترو نہ گندو آهي. انهن ڏينهن ۾ جج ڪنهن سان نا انصافي ڪرڻ جو سوچي بہ نہ سگهندو هو. هاڻي تہ ڏوهاريءَ مان

انصاف ٻڌڻ ۽ سهڻ جي عادت ٿي نڪري ويئي آهي، ڪراچيءَ جي اخبارن ۾ اهي ٿي ڳالهيون پڙهجن ٿيون.

ٽئڪسي اتي ئي ڇڏي آئون ۽ جوزف پنڌ ڪندا فريئر روڊ تائين وياسون. هينئر وڏو نالو بند ڪيو ويو آهي. اهو نالو بارش جي نيڪال لاءِ هو. مينهن جڏهن ڪونہ وسندا هئا تڏهن ان سڪل نالي ۾ ڇوڪرا ڪرڪيٽ راند رهندا هئا. هاڻي شايد ڪو ٻيو بندوبست هوندو. نالي سان لڳ ڇوڪرين جو اسڪول اڃا تائين موجود آهي. وشن ديوي نرائڻ داس ڪنيا مها وديالا اڃا تائين بلڊنگ جي وڏي در جي مٿان لکيل آهي. پر ان بلڊنگ جي حالت ڏاڍي خراب آهي. ان ئي اسڪول ۾ تنهنجي ماسي شڪنتلا ۽ جمنا پڙهيون ۽ اتي ئي هنن تنهنجي ماءُ ڪانتي کي ڏٺو هو ۽ منهنجي لاءِ هن کي پسند ڪيائون. پر نہ اهو زمانو آهي نہ اها ڪراچي ۽ نہ ئي ڪانتي آهي. اوهين جڏهن هٽ ايندؤ تڏهن اوهان سان گڏ ان بلڊنگ جي اندر هلبو جتي جي فضائن ۾ شايد تنهنجي ماءُ جي خوشبو هن جي آواز جو ميٺاج ۽ هن جي ننڍي وهيءَ جا پاڇولا ڪٿي لڪل هجن. ان ڪمري ۾ بہ وڃبو جتي هن جو ڪلاس هوندو هو جتي هوءَ ويهندي هئي، جن دالانن ۾ هوءَ هلي هوندي پر لڳي ٿو تہ اهو اسڪول مون کي مايوس ڪري ڇڏيندو. مهيلا اسڪول کان ٿورو اڳيان رام باغ نظر آيو. رام باغ کي ڏسندي ئي منهنجين اکين مان ڳوڙها نڪري آيا. آئون اتي ئي بيهي رهيس ۽ جوزف کي ٽيڪسي آڻڻ لاءِ موڪليم. هاڻي رام باغ، آرام باغ ٿي ويو آهي. ڪراچيءَ وارن ان جو نالو ئي ڦيرائي ڇڏيو آهي. باغ ۾ هڪ مسجد ٺاهي ويئي آهي. ۽ ان سان گڏ هڪ عمارت بہ: ڪنهن زماني ۾ اهو ڇهچ سائو وڻن ٻوٽن سان ڀريل باغ هو ۽ ان جا سنڀاليندڙ باغائي هئا ۽ هاڻي ڦٽل ۽ نالي مٿيل آرام باغ.

توکي ڄاڻ آهي تہ مسجد منهنجي لاءِ ڪو مسئلو ناهي. ڀڳوان جا سؤ روپ آهن ۽ هر روپ سٺو آهي. هو تہ وڏو ديالو آهي ۽ جنهن بہ روپ ۾ آهي تہ ڀڳوان آهي. اسين بندا نالو کهڙو بہ رکون ۽ جيڪڏهن مسلمان ڀڳوان کي ياد ڪرڻ لاءِ مسجد ٺاهين ٿا تہ ڇا ٿيو پر رام باغ سان جيڪا جٽ ڪئي ويئي آهي، ان مون کي ڏاڍو رنجايو آهي. نہ اڳوڻا ساوا ساوا ٻارا نہ ٻوٽا، نہ سائيدار وڻ ۽ نہ انهن جا گهٽ وڏ ٿيندڙ ٿڌا پاڇولا. ويران ۽ ڦٽل باغ ۽

ان ۾ گهمنڊڙ ڦرنڊڙ عجيب شڪلين وارا لوساڻيل ماڻهو ايئن لڳو ته ان باغ جو ڪوبه باغائي ڪونهي آئون گهٽو وقت اتي ترسي نه سگهيس جوزف آيو ته آئون هڪ بيحد ٿڪل ٽٽل مسافر جيان ٽيڪسي ۾ چڙهي پيس.

جوزف سان گڏ آئون سيوا ڪنج هاسٽل آيس ۽ گاڏيءَ مان ويٺي ويٺي سيوا ڪنج هاسٽل جي سامهون رابندر ناٿ ٽيگور جي نهرايل آرٽ اسڪول ڏانهن ڏسندو رهيس. ان جي حالت به خراب آهي. سرن گتي نالي جي پراڻي بلڊنگ به هوريان هوريان جهُرندي پئي وڃي. جتي پهرين آرٽ جا چاهيندڙ ايندا هئا، رنگن سان تصويرون ٺاهڻ وارا، مٽيءَ مان بوتا ۽ پتلا ٺاهڻ وارا، شعر شاعري ڪرڻ وارا شاعر هت ئي ڪلا جا ڪيترائي روپ ڏسبا هئا، نقاشي، ناچ، راڳ ۽ هاڻي ڄڻ ته ڪلا ۽ فن جو لاش پيو آهي. جنهن ڪي ڪنهن به باهه نه ڏني آهي. اها هوريان هوريان ڳري، سڙي ختم ٿي رهي آهي. ان چتا جو نالو سرن گتي آهي، جيڪا شانتي نڪيتن ڪلڪتي جي برانچ هئي. هت جيڪي ٻار پڙهندا هئا، انهن کي ڪلڪتي گهرايو ويندو هو. گاڏي ڪاتي چونڪ ڪان پرتي هرمس جي ڪج پورانا بلڊنگ ۾ پارسين جو آتش ڪدو هو. اتي هاڻي به باهه ٻرندي رهي ٿي. ان سان لڳ ئي ڊي.جي سائنس ڪاليج جي بلڊنگ هئي. اڳي وانگر خوبصورت جڏهن اسين ڪراچي ڇڏي ويا هئاسون. ظاهري طرح اها بلڊنگ صاف سٿري هئي ۽ معلوم پئي ٿيو ته اتي ڪير هئا، جن کي، ان جي چنتا هئي. جيڪر ڪراچيءَ جي به ڪنهن کي چنتا هجي ها، جيڪر رام باغ جي به ڪنهن نظرداري ڪئي هجي ها، جيڪر ڊنشا انجنيئرنگ ڪاليج جي بلڊنگ به اهڙي هجي ها. خبر ناهي ته پرپو جا ڪهڙا راز آهن. ناهي به ٿو ته ڦٽائي به ٿو. پر اهي سڀئي راز جدا جدا آهن. هِتي جي لاءِ هڪڙا ته هُتي جي لاءِ وري ٻيا.

اُتان موٽي اچڻ ڪان پوءِ هوٽل ۾ ماني کائي سمهي رهيس. هاڻي اٿيو آهيان ته هيءُ خط لکي رهيو آهيان. ٿورو ڏکهو ٿي ويو آهي. اميد آهي ته تون بور نه ٿي آهين. جيڪڏهن آئون آرڪيٽيڪٽ نه هجان ها ته سٺو هو، منهنجي نظر مان بلڊينگ لڪي نه ٿي سگهي ۽ اهو به لڪي نه ٿو ته ڪنهن ڪٿي حرام ڪاڏو آهي. هاڻي نئين ڪراچيءَ ۾ شايد ڪوبه آرڪيٽيڪٽ

آهي ئي ڪونہ. ويزا سان گڏ پاسپورٽ موٽي مليو. سنو ٿيو اجا تائين بمل ڪمار مليو ڪونهي ۽ نہ وري جگن ناٿ جا پارپتا مليا آهن.

توکي ڪراچي شهر وڻندو ٻارن لاءِ ڇا چوان!

تنهنجو پاپا

ڪلپنا!

اڄ وري آئون رام باغ ويو هوس. پرشوتم گڏ هو. آچر جو ڏينهن آهي ۽ سيئي دڪان بند آهن. صبح نائين لڳي بہ گهٽين ڳلين ۽ وڏن رستن تي گند ڪچرو ڏسجي ٿو. سمجھ ۾ نہ ٿو اچي تہ ڪراچيءَ جا رهاڪو ايترا ڪنا ڇو آهن. آئون رام باغ جي چوڌاري آهستي آهستي گهمندو ان جي پٺيان وڏي رستي تي ويس. انهيءَ رستي تي ٿورو اڳيان ليڊي ڊفرن ميٽرنٽي هوم هو جيڪو اجا بہ پنهنجي پراڻي بلڊنگ ۾ ئي آهي. ڪو پارسي ڊاڪٽر ان جو مالڪ آهي. پارسيءَ جي مالڪي سنئي ئي هوندي ڇاڪاڻ تہ ڪراچيءَ لاءِ پارسين کان وڌيڪ ٻي ڪنهن جي بہ دل ۾ پيار نہ هوندو. هنن هن شهر کي گهڻو ئي ڪي ڏنو آهي. پتاجي جو هڪ دوست هو چيتومل سوپراج. شڪارپور جو رهاڪو جنهن جو ڪراچيءَ ۾ وڏو واپار هو. هنن بہ پرنس روڊ جي پٺيان عوام جي لاءِ ڪشن ديوي چيتومل سوپراج ميٽرنٽي هوم ٺهرايو هو. جوزف مون کي ٻڌايو تہ ان ۾ گهڻيون مايون اينديون آهن. پر ان جي پٺڙ واري بلڊنگ کي بہ ڪو ٺيڪيدار، سول انجنيئر، آرڪيٽيڪٽ ڪائي ڪپائي ويو آهي. پئسو ڪيترا ۽ ڪيڏا نہ رنگ ڏيکاري ٿو. ڪراچي جي نئين شهر جا آرڪيٽيڪٽ، سول انجنيئر، ٺيڪيدار ۽ بلڊر تہ ڏاڍا بي ايمان ۽ ڪرپٽ آهن. هنن کي اها سمجھ ئي نہ ٿي اچي يا وري هنن کي اهو پڙهايو ئي نہ ويو آهي تہ سنئي، سهڻي ۽ صاف سٿري هوادار عمارت شهر جي سونهن ۽ آتما هوندي آهي. اهي آرڪيٽيڪٽ ڪونهن آتما جا سوداگر آهن، ڌرتيءَ جا سوداگر، جيڪي پنهنجي ماءُ کي بہ وڪڻي ڇڏيندا آهن.

سولجر بازار جي سامهون چاچا جي سهري هڪڙو ميٽرنٽي هوم ٺهرايو هو سيٺ سيومل مول چند ڪلناڻي ميٽرنٽي هوم. ان کان پهرين اسماعيلين ڪارا در ۾ جان بائي ميٽرنٽي هوم جوڙايو هو جنهن جي بلڊنگ ڏاڍي سنئي هئي، ان جو اڳيون حصو ڏسڻ جهڙو هو. جڏهن ڪارا در ويندس تہ

اها عمارت ضرور ڏسندس پراڻي ڪراچيءَ ۾، ميٽرنٽي هوم جي بلڊنگ ناهڻ جي چٽا پيٽي شروع ٿي ويئي هئي، تہ ڪير سني ۽ سهڻي عمارت جوڙيندو. ليڊي ڊفرن اسپتال، جان بائي ميٽرنٽي هوم، ڪشن ديوي چيتومل سوپراج ميٽرنٽي هوم، پارسي ميٽرنٽي هوم، سيٺ سيومل مولچند ڪلناڻي ميٽرنٽي هوم، لياري ۾ ميران ناڪو ميٽرنٽي هوم ۽ بندر روڊ تي اسماعيل امي جي ناٽاڻي ميٽرنٽي هوم، اهي سيئي بلڊنگون اڄ بہ موجود آهن. ڪراچي جي ننڍين آبادين ۾ ٿورين عورتن جي لاءِ اهي سٺيون اسپتالون هيون. هاڻي حالت اها آهي جو اخبارن جي خبرن مطابق ڪراچيءَ ۾ ڪيتريون پيٽ سان عورتون تہ ٻار ڄڻڻ کان اڳ ۾ ئي هن دنيا مان هليون وڃن ٿيون. انهن ئي ڏينهن ۾ ڪائونٽس ڊفرن جي نالي سان حيدرآباد ۾ بہ هڪ اسپتال ٺهي هئي. پر ايئن ڏسجي ٿو تہ ڪراچيءَ ۾ جيڪي نوان ماڻهو اچي رهيا آهن، انهن فيصلو ڪيو آهي، تہ اهي هر شيءِ کي برباد ڪري ڇڏيندا. هر بلڊنگ کي تباهہ ڪندا ۽ هر ڪليل هنڌ تي ڪانہ ڪا جاءِ ناهي پئسا ڪمائيندا. ڪڏهن مسجد جي نالي تي، ڪڏهن نئين بلڊنگ جي نالي تي آئون جيڪڏهن آرڪيٽيڪٽ نہ هجان ها تہ شايد ان بربادي کي ايترو محسوس نہ ڪريان ها.

رام باغ روڊ سان مليل هڪ ڀئي رستي تان هلندو آئون مندر ڏانهن پئي ويس تہ ڏٺم تہ ديوان جي بلڊنگ جي هيٺان هڪ مسجد ٺاهي ويئي آهي، ان مسجد جي ڪري اتي فوٽ پاٿ لِڪي ويو آهي. اها مسجد رستي تائين ٺاهي ويئي آهي. ان هنڌ جيڪي ماڻهو اچن وڃن ٿا، انهن کي سخت ڏکيائي ٿيندي هوندي. وري جڏهن آئون بولٽن مارڪيٽ ويو هوس تہ بولٽن مارڪيٽ جي گهٽين ۾ بہ اهڙي قسم جون مسجدون ٺهي ويون آهن. مون کي وشواس آهي، تہ مسلمانن جي الله ڪڏهن بہ ايئن نہ چيو هوندو تہ ماڻهن جي جاين تي ناجائز قبضو ڪريو ۽ هنن کي تڪليف ڏيو. اهي ماڻهو عجيب آهن، جن خبر ناهي ڇو رهڻ وارن هنڌن تي، رستي تي، پارڪ وارين جاين تي ۽ اسپتال جي جاءِ تي مسجدون ناهيون آهن ۽ مسجد جي هنڌ تي وري دڪان ۽ ڏنڊي ڏاڙيءَ جون جايون ناهيون آهن.

ڪي.ايم.سي (ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن) واري عمارت سلامت آهي. ان کي ڏسي مون کي خوشي بہ ٿي تہ حيرت بہ. خوشي ان ڪري ٿي تہ عمارت جي سنڀال ڪئي پئي وڃي ۽ حيرت ان ڪري ٿي تہ ان جي چئني پاسن تي اڃا تائين دڪان نہ ٺاهيا اٿن. بولٽن مارڪيٽ تباهہ ٿي ويئي آهي، سولجر بازار خراب ٿي ويئي آهي، لي مارڪيٽ تہ ڦٽي ويئي آهي ۽ ائمپريس مارڪيٽ جي باري ۾ تہ ٻڌائي آيو آهيان.

مون کي پرشوتم جي هڪڙي دوست ٻڌايو تہ دڪاندارن پاڻ ۾ ملي ڪري، پهرين بولٽن مارڪيٽ جي پراڻي بلڊنگ کي باهہ ڏئي ساڙيو. پوءِ جڏهن باهہ وسامي وئي تہ ان پراڻي بلڊنگ کي ڊاهڻو پيو. منهنجي ٻال جتيءَ جي بولٽن مارڪيٽ ڏاڍي شاندار هئي ۽ هاڻي تہ نئين عمارت کي ڏسي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي اچن ٿا.

اڄ آئون نارائڻ داس جڳن ناٿ وديالا (اين.جي.وي اسڪول) بہ ويس، اتي تہ آئون پڙهيو هوس. سامهون بلڊنگ ڏسڻ جهڙي آهي، پر اندر تيزيءَ سان تباهہ ٿي رهي آهي. منهنجو اسڪول هاڻي اهو اڳوڻو اسڪول ڪونهي. اين.جي.وي اسڪول جي سامهون رچمنڊ ڪرافورڊ جانورن جي اسپتال اڃا تائين موجود آهي. چئن پنجن لکن جي آباديءَ جي لاءِ نيڪ هئي اها اسپتال، جوزف ٻڌايو تہ هاڻي ٻارهن ملين (هڪ سؤ ويهہ لک) جي آباديءَ جي لاءِ بہ اها ئي هڪ جانورن جي اسپتال آهي. گانڌيءَ جو چوڻ سچ هو تہ "جيڪي ماڻهو پنهنجن جانورن تي رحم نہ ٿا ڪري سگهن، اهي ڪنهن تي بہ رحم نہ ڪندا."

اين.جي.وي مان نڪري اسڪول ۽ واءِ ڊبليو سي اي جي وچ ۾ برنس اسٽريٽ سان گڏ مارسٽن روڊ جي ٻئي پاسي پهچي آئون. جوبلي ڏانهن ويس، جيڪا سڙڪ گاموبندر ۽ ٻيمر پوري ڏانهن وڃي ٿي. جوبلي چوڪ شام لي روڊ تي مهاراشٽر منڊل جي عمارت پُرندي پئي وڃي. ان کان اڳتي سيناگاگ ڏانهن حسن علي هوتي مارڪيٽ جي سهڻي عمارت هيئنر بہ موجود آهي، پر ان جي اڳيئين پاسي جي سنڀال ڪين ٿي ڪئي وڃي. ان کان اڳيان جتي يهودين جو سيناگاگ هوندو هو اهو هاڻي نہ ٿو ڏسجي، ان هنڌ هڪ بُڇڙي ۽ ڪِني بلڊنگ ٺهي ويئي آهي. سيئي گهٽيون سوڙهيون ٿي ويون آهن. ۽ ڪسيون ڪچري سان ڀريون پيون آهن.

اهو علائقو ڪراچيءَ جو پئرس هوندو هو. صاف سترو ۽ چمڪندڙ عاليشان ۽ سهڻيون بلڊنگون ۽ ڪيترائي پارڪ هئا اتي، هاڻي اتي نيون ۽ خراب بلڊنگيون اهڙيون ٿيون آهن، جو گهٽيون ڳليون سوڙهيون ۽ بند ٿي ويون آهن. سيناگاگ لڳ ماسٽر بنجمن جو گهر هو. جيڪو اين.جي.وي ۾ الجبرا پڙهائيندو هو. نه ان جي بلڊنگ هئي نه گهر نه سيناگاگ. نه مندر ۽ نه ئي ماسٽر بنجمن. ان وقت به هتي مسلمان رهندا هئا هاڻي به رهن ٿا. پر اُهي ڪي ٻيا هئا ۽ هي ڪي ٻيا آهن.

مون سوچيو هو ته آئون سول اسپتال به ڏسندس، جتي سرجري وارڊ ۾ ڊاڪٽر ڪرنل ايمرسن، اتي جي سول سرجن منهنجي آپريشن ڪئي هئي، اها اسپتال ڏاڍي صاف شفاف هئي، جتي صاف ۽ هوادار وارڊ هو. آئون جنهن بيڊ تي هوندو هوس، ان تي هينئر هڪ ڦاٽل گاديلو پيو هو. وارڊ ۾ ڏاڍي گندگي هئي ۽ اسپتال نه پر جانورن جو اصطبل پئي لڳو. پتاجي جيئرو هجي ها ته اهو حال ڏسي بيهوش ٿي وڃي ها. پڳوان هن شهر سان اها ڪهڙي جُٽ ڪئي آهي؟ ڪير ڏوهاريُ هو ۽ سزا ڪير پيو پوڳي؟ شايد ڪڏهن به خبر نه پئجي سگهندي.

سول اسپتال جي پٺيان بري هائي پراگيا هاءِ اسڪول جي بلڊنگ ته پجي پُري پروڻ ٿي ويئي آهي. ٽٽل دريون، ديوارن جو پلاسٽر تڙڪيل ۽ لٽل، پر ان هوندي به عمارت جي سونهن سلامت آهي. اسين جڏهن هندستان پهتا هئاسون، ته خبر آئي هئي ته ان جاءِ تي ڪراچي يونيورسٽي ٺهي ويئي آهي. اها عمارت ڏسندي ئي منهنجي ته دل ئي ٻڏي ويئي پاسي وارو ڪاليج، ڪي.ايم.سي جو ميدان ۽ ڪي.ايم.سي جو ورڪشاپ سڀ ڪجهه تباهه ڪري ڇڏيو اٿن، ڪراچي جي هنن نون رهاڪن. رنڇوڙ لائين جو نارائڻ پورا ته سمورو بدلجي ويو آهي. پر هاڻي به هتي هندو ئي رهن ٿا. هري ڪرشنا، دوگ مايا ۽ راما پير مندر اڄ به موجود آهن. انهن جي آمهون سامهون وارو ڪليل هنڌ ڪونه ٿو ڏسجي. هتي جا رهاڪو هندو به ڪراچيءَ جي نون رهاڪن وانگر گندا ٿي ويا آهن.سمجهه ۾ ئي نه ٿو اچي ته پراڻن ۽ نون رهاڪن شهر کي ڇو تباهه ۽ برباد ڪيو آهي. ان ي سنڀال ڇو نه ڪئي؟ ان جي سينگار تي ڌيان ڇو نه ڏنو؟ هاڻي به جيڪڏهن ڪراچيءَ جي

صدر کي صاف رکيو وڃي. پارسين جي آتش ڪدي واري روڊ جي ٻنهين طرفن ٿهيل شاندار بلڊنگن کي ڊوتو وڃي، وڏا وڏا ۽ بڇڙا بورڊ ديوارن تان لاهي اڇلايا وڃن. ڪليل ۽ وڏي سڙڪ کي جهانگير پارڪ، گرامر اسڪول، ڊپو لائين تائين صاف ڪيو وڃي، تہ اهو اهڙو اڇو اجرو ۽ چمڪندڙ ٿي پوي، جيئن لنڊن جو لسٽر اسڪوائر يا پڪاڊلي سرڪس آهي. اتي تہ رستا سنهڙا ۽ سوڙها آهن. ڪراچيءَ جا پراڻا رستا تہ ڪليل ۽ ڪشادا ٺاهيا ويا هئا. پر ڪراچيءَ وارن کي ڪير ٻڌائي، ڪير سمجهائي؟ شهر جي سيوا ڪير ڪندو؟ شهر جو ڪو ڌڻي ڌوڻي هجي جيڪو ان کي سمجهي ۽ ان جي شيوا ڪري. هيءُ اهو ئي ڪراچي شهر آهي جو جڏهن آر.کي سڌاوا ان جو ميئر هو تہ ان کي هندستان جي سڀني شهرن کان وڌيڪ صاف ۽ سهڻي شهر جو لقب مليو هو هينئر بہ ان کي اهڙو ئي ٺاهڻ کپندو هو.

پلا منهنجا ڪبوتر تہ ٺيڪ آهن؟ انهن جو داڻو پاڻي نہ وسارجانءِ.

تنهنجو پاپا

ڪلپنا!

اڄ جوزف مون کي پنهنجي گهر وٺي ويو هن جي پوڙهي پيءُ سان ملاقات ٿي ۽ گهڻي گهڻي دير تائين ڪچهري ٿي. ڪراچيءَ جا عيسائي تہ بلڪل تباهہ ٿي ويا آهن. جوزف سينٽ جوزف ڪاليج جي ويجهو ئي رهي ٿو. گون هال مينسفيلڊ اسٽريٽ ۾ هن جي گهر جي ڪاهي پاسي ڊوسالاني ٽيرس جي بلڊنگ جهري ڊهي پئي آهي. ان ۾ ڪنهن ميمڻ ايجوڪيشن بورڊ جي آفيس آهي. شايد انهن ماڻهن جي ايجوڪيشن بہ ڊوسالاني ٽيرس وانگر ويراني واري لڳندي هوندي. اتان آئون فريئر اسٽريٽ ڏانهن اينٿوني ولا کان پرتي ويس. ڊيورٽ مينشن خالي پئي آهي. بلڊنگ پڇي پُري وئي آهي. پر اڃا بہ اها شاندار ڏسجي ٿي. اسان واري ڪراچيءَ ۾ ڊيورٽ مينشن ۽ برگنز هائوس هڪ ٻئي جي سامهون سهڻيون عمارتون هيون. برگنز هائوس تہ اڃا بہ ڪنهن حال ۾ آهي. پر ڊيورٽ مينشن تي ضرور ڪنهن جي نظر هوندي.

جوزف جي پيءُ مون کي ٻڌايو تہ ڪراچيءَ جو حُسن هڪدم نہ پر هوريان هوريان برباد ٿيو آهي. هتي شرنارٿين کي مهاجر چيو وڃي ٿو اهي مهاجر هندستان جي جدا جدا شهرن ڳوٺن مان اچي هتي ويٺا آهن. ڪراچي

انهن ماڻهن جو هڪ وڏو ڳڙهہ ٿي ويو آهي. صدر ايوب خان جي زماني ۾ مهاجرن ۽ پٺاڻن جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو هو. وري جڏهن پٺو گاديءَ تي ويٺو تہ مهاجرن ۽ سنڌين ۾ ڇڪتاڻ ٿي. وري ضياءُ الحق جي زماني ۾ مهاجر پنجابي، مهاجر سنڌي ۽ مهاجر پٺاڻن جا پاڻ ۾ وڏا دنگا فساد ٿيا. جوزف ٻڌايو تہ ڪراچي جيڪو پيار محبت جو شهر هوندو هو ان جو چڻ تہ خاتمو ٿي ويو. ماڻهو هڪ ٻئي جو خون پيڻ لاءِ آتا ٿي پيا هئا. هر روز رستن گهٽين ڳلين ۾ لاش پيا هوندا هئا. هڪڙو گجرات جو عبدالستار ايڌي نالي ڪو ميمڻ آهي. هن جون ساري ملڪ پاڪستان ۾ ايمبولينس هلن ٿيون. جوزف ٻڌايو تہ انهن تي لاشن جا لاش پيري اسپتالن ۾ پهچايا ويا. پاڙن ۾ گهرن ۾ باهيون ڏنيون ويون. سڄو شهر نہ پر هڪ دوزخ هو سالن جا سال.

مون کي بہ ياد آهي تہ ڪراچي ۾ سئنيما هال هوندا هئا. ننڍا ننڍا هڪ درجن کان مٿي شراب خانا. ٻن ٽن جاين تي جاز جي ڌنن تي ناچ بہ ٿيندو هو. ٿيئٽر هئا. جتي گجراتي ڊراما ٿيندا هئا. ۽ جادوگر پنهنجا ڪرتب ڏيکاريندا هئا. سنڌ ڪلب ۽ ڪراچي جيمخاني ۾ گورن ۽ شهر جي امير ماڻهن جون پارٽيون ٿينديون هيون. نئين سال جي بال ڊانس ۾ ڏاڍو گوڙ ٿيندو هو. اسين جوان هئاسون انڪري ٽورڙو ڊانس وانس ڪبو هو. واءِ.ايم.سي.اي ۽ سينٽ پيٽرڪس اسڪول ۾ ڪرڪيٽ جون ميچون ڪيڏي خوش رهندا هئاسون. جڏهن ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن نهي، تہ چيو ويو تہ ان جو چيئرمين، شهر جو ميئر ڪير ٿيندو؟ ڪن ماڻهن چيو تہ اليڪشن ٿا ڪرايون، پر پوءِ هڪ ميٽنگ تي ۽ فيصلو ڪيو ويو تہ هيءَ هڪ ننڍو شهر آهي، جتي سڀ ماڻهو پيار محبت سان گڏجي رهن ٿا. هندو مسلمان، پارسي ۽ عيسائي هر ٻن سالن کانپوءِ نئون ميئر ٿيندو ڪڏهن هندو ڪڏهن مسلمان، ڪڏهن پارسي ۽ ڪڏهن عيسائي . جڏهن پاڪستان نهيو تڏهن مسلمان جو وارو هو. تو کي تہ ياد هوندو. جوزف جي ڪراڙي پيءُ والٽر مون کي ياد ڏياريو. آئون تہ جوان هوس ان وقت مون کي سڀ ياد هو. چئن مذهبن جا ماڻهو هئا. نہ ڪو جهيڙو نہ ڪو فساد نہ ڪو قتل ٿيندو هو ۽ نہ ڪو اغوا. ڪيتري نہ Harmony هئي ڪراچيءَ ۾. سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو. ڀڳوان ڏسين ٿو ڇا حالت ٿي آهي تنهنجي سنسار جي!

والٽر ٻڌايو تہ هاڻي هت سيئي مسلمان آهن. آٽ هزار پارسي هوندا. هڪ ٻہ لک هندو هوندا. ٻہ ٽي لک عيسائي ۽ باقي سڀ مسلمان. وري مسلمانن هڪ ٻئي کي ڏاڍو ڪُٺو آهي. ڪڏهن مسجدن ۾ سني نمازي قتل پيا ٿين تہ ڪڏهن شيعا. ڪڏهن ڊاڪٽر پيا مارجن. ڪڏهن پٺاڻ پيا قتل ٿين. ڪڏهن سنڌين کي قتل ڪيو پيو وڃي، ڪڏهن پنجابي پيو مارجي. ڪڏهن مهاجر پيا قتل ٿين. هيءُ تنهنجو ڪراچي ڪونهي. هيءُ پراڻو ڪراچي شهر ڪونهي. جيڪو هر روز ڏوبيو هو. جتي ورهين تائين ڪو ڏوهہ نہ ٿيندو هو. ڪراچي جي سيناگاگ ۾ ڪو ماڻهو قتل ٿي ويو هو تہ ورهين تائين ماڻهن ۾ چڻوپول هو تہ ڇا ڪو انسان اهڙو ڪڏو ڪم ڪري سگهي ٿو ۽ هاڻي تہ قتل ۽ خونريزيءَ کان سواءِ شهر کي شهر ئي نہ ٿو سمجهيو وڃي. هن شهر ۾ امن هو محبت هئي، سلامتي هئي . مسلمانن شراب خانا بند ڪري ڇڏيا آهن. اهي بيئر بہ نہ ٿا پيئن، خون پيئن ٿا، انسان جو رت. هن جي لهجي ۾ ڪڙاڻ هئي، ڪاوڙ هئي، ڪڙو هو ۽ بيوسي هئي. هنن ڊانس ڪلب بند ڪري ڇڏيا آهن. اهي ماڻهو هاڻي ڊانس نہ ٿا ڪن، موت جو ناچ نچن ٿا. پستولن، ٽي.ٽي ۽ ڪلاشنڪوف جون گوليون وسائين ٿا، ڪڏهن مسجد تي، ڪڏهن مندر تي، اهو آهي اج جو ناچ، ميگافون جو پڙاڏو نہ پستول جو پڙاڏو آهي، طبلي ۽ ڍولڪ جي وڄت نہ، خنجر جا ڇهڪ آهن. اهو آهي اج جو ڪراچي شهر. ايترو چئي هو ماٺ ٿي ويو.

آئون هن کي ڇا ٻڌايا ها؟ مون تہ اهو پٽي سوچيو تہ جگن ناٿ چاچا آخر هن شهر ۾ رهڻ جو فيصلو ڇو ڪيو هو. هيءُ شهر نہ پر جهنگ آهي. هتي جهنگ جو ئي قانون هلي ٿو. ڪوبہ پڇڻ ڳاڇڻ وارو ڪونهي. ڪوبہ ڪنهن جي اڳيان جوابدار [illegible]هي. ڪنهن کي بہ نہ شرم آهي، نہ حيا. لڳي ٿو تہ هت خدا آهي ئي ڪونہ.

والٽر ٻڌايو تہ سندس سمورو خاندان ڪينيڊا ۽ آسٽريليا هليو ويو آهي. جوزف منهنجي ڪري هتان نہ ٿو وڃي. آئون چوان ٿو تہ هاڻي آئون پوڙهو ٿي ويو آهيان، ڪراچي ۾ ئي پساهہ پورا ٿين تہ ڀلو ٿيندو. پر هڪڙي ڳالهہ آهي، منهنجو پيءُ جڏهن ڪراچيءَ ۾ مري ويو هو تہ هن کي ڪا ڳڻتي فڪر ڪونہ هو. آئون مرندس تہ هزارين ڳڻتيون هونديون مون کي. ڇا آهي زندگي منهنجي، ڇا ويو ڇا مليو. رڳو وڃايو ئي اٿم ڪراچيءَ ۾.

انهن ماڻهن مون کي ڏاڍو ڪارايو پياريو. مري بيئر بہ مون پيتو. اهو پاڪستاني بيئر تہ ڏاڍو سٺو آهي. مهيش کي وٺي ها جيڪڏهن هو بہ هت هجي ها. پوءِ هنن سان گڏ ٻن پهرن جي ماني ڪائي هوٽل ۾ موٽي آيس ۽ سمهي رهيس. شام جو پرشوتم ايندو تہ پوءِ ڪا خبر پوندي چاچا جگن جي.

سچي ڳالهہ اها آهي تہ اڄ آئون ڏاڍو پريشان ٿيو آهيان. ٻلا انڪل تہ ٺيڪ آهي نہ؟

تنهنجو پاپا

ڪلپنا!

بمل ڪمار منهنجي عمر جو ماڻهو آهي. پر هن سان ملڻ کان پوءِ ايئن لڳو ڄڻ هن جي عمر هزار سال هوندي. پارسي ڪالوني کان پرتي گارڊن جي ويجهو ئي جيون داس بلڊنگ ۾ چار فليٽ آهن ۽ اتي چار هندو خاندان رهن ٿا. بمل ڪمار اڌ پيلو رهي ٿو. ڪنڌ هيٺ ڪري هلندو آهي چيلهہ جهڪي ٿي ويئي اٿس. هن ٻڌايو تہ منهنجو سڀ ڪجهہ لٽجي ويو آهي. هن شهر ۾ هڪڙو پٽ هو جيڪو ڪئنيڊا هليو ويو. هن اچڻ پئي گهريو پر مون جهلي ڇڏيو ڇا ڪندو ڪراچي اچي، نہ گهر آهي نہ در آهي ۽ نہ وري عزت محفوظ! هن بلڊنگ تي قبضي ڪرڻ جي ڪيترائي ڀيرا ڪوشش ڪئي ويئي. بابري مسجد کي ڊاٺو ويو تہ ڪراچيءَ جي ڪيترن ئي مندرن کي باهہ ڏئي ساڙيو ويو. رزاق سيٺ جي ماڻهن تہ حملو ڪيو پر پوليس اچي ويئي ۽ بچي وياسين اسين. رزاق سيٺ جي هن بلڊنگ ۾ اک آهي. هو هن کان اڳ ٽن طبقن واري بلڊنگ ناهڻ گهري ٿو. اسان کي هو پئسا بہ ڏيندو ۽ فليٽ بہ، پر اسان جي مرضي ڪونهي تہ هيءَ بلڊنگ ڊهي. هيءَ سٺي بلڊنگ آهي. منهنجن وڏن جي بلڊنگ آهي. مضبوط آهي، نہ ڪرندي انهن ماڻهن ڪيترن ئي هندن ۽ پارسين جي بلڊنگن تي قبضا ڪيا آهن. پراڻيون عمارتون ڊاهي، اتي فليٽ ٺهرائي انهن جو وڪرو ڪري پئسا ڪمائي ڀڄي ويا آهن. سرڪار هنن سان شامل آهي. ڪوبہ نہ پڇي ٿو نہ ڏسي ٿو. اسان هن کي منع ڪئي آهي. پر هو ڪونہ ٿو مڙي، اهو ٻڌائيندي پوڙهي جي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي ويا. مون هن جي هٿ کي جهلي ورتو. هن بہ ڏڪندڙ هٿن سان منهنجي هٿن کي زور ڏيندي ۽ سڏڪا ڀريندي ٻڌايو تہ پوءِ هو ڪملا کي

زوريءَ ڪٽي ويا. هن جي زبردستي شادي ڪرائي ويئي. چون ٿا تہ هوءَ مسلمان ٿي ويئي آهي. هن جو نالو پروين رکيو اٿن. هوءَ تہ مون سان ملڻ بہ نہ ٿي گهري. مون کان پردو ڪري ٿي، چو تہ آئون مسلمان نہ آهيان، ڪافر آهيان، جيڪڏهن آئون مسلمان ٿيان تہ پوءِ هوءَ مون سان ملندي. اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو! منهنجي اوٽيهن ورهين جي نياڻي، جيڪا مون کي ڏسڻ کان سواءِ سمهندي بہ نہ هئي، اها مون سان هاڻي ملڻ لاءِ تيار بہ ڪونهي. مون کي ڏسڻ بہ نہ ٿي گهري. وڏو ظلم ٿيو آهي اسان جي پريوار تي. پوليس، عدالت، وزيراعليٰ سڀ بي ڪار. ڏاڍي ڪوشش ڪئي مون تہ ڪيئن نہ ڪيئن پنهنجي نياڻيءَ سان اڪيلائيءَ ۾ ملان. هن کي پنهنجي سيني سان ملايان. هن جي پيشانيءَ تي چمي ڏيان. پنهنجي زبان سان چوي تہ مسلمان ٿي وئي آهيان. اسان سان ملڻ نہ ٿي گهري. آئون ڪٽي مجندس، ڪٽي صبر ڪندس، پر ملي تہ سهي آئون هن کي ڏسان تہ. هن کي ڇهان تہ پر هو نہ ٿا مڃن. ڪملا جي ماءُ دروازي تي ويٺي ويٺي. روئيندي روئيندي چري ٿي ويئي. پوءِ هڪڙي ڏينهن ڪملا ڪملا چوندي هن جا پساهہ پورا ٿي ويا. منهنجي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ آئون ڇا ڪريان. مون هر پاسي ڊڪ ڊوڙ ڪئي آهي. هيومن رائيٽ ڪميشن، ايمنسٽي انٽرنيشنل، هندو منڊل. پر ڪي بہ نہ ٿيو ڪي بہ نہ پيو ٿئي. هوءَ منهنجي دل جو ٽڪڙو جنهن کي مون بيحد لاڏ ۽ پيار سان پاليو جنهن کي جيڪڏهن مٽي ۾ سور ٿيندو هو تہ آئون ڏکي ويندو هوس. جنهن جي آڱر تي رڳو ٿورو وڍُ آيو هو تہ منهنجي دل وڍجي ويئي هئي. هن سان هر روز ڏاڍائي ٿئي ٿي. هو هر ڏينهن لٽبي هوندي منهنجي ننڍڙي گُڏي، هاءِ، هاءِ ڀڳوان. تو هيءُ ڇا ڪيو چون ٿا تہ هوءَ سلمان ٿي پوءِ هن شادي ڪئي. مون کي خبر آهي هن شادي نہ ڪئي. هوءَ مسلمان نہ ٿي. هوءَ منهنجي ڌيءَ آهي، پروين ڪانهي، ڪملا آهي. هن سان هر روز جُٺ ڪئي وڃي ٿي. آئون ڪي بہ نہ ٿو ڪري سگهان، پنهنجي ويهاٽي ۾ مُنهن وجهي روز رئان ٿو. انڌو بہ نہ ٿو ٿيان ۽ مران بہ نہ ٿو.

مون بمل ڪمار کي پاڪر پاتو. هن جو نازڪ ۽ ڪمزور جسم ڏڪندو رهيو. هن جي ڪرنگهي کي جهلي آئون هن جي ڏڪندڙ جسم تي هٿ ڦيرائيندو رهيس. مون کي لڳو تہ آئون بہ هزار سال جي عمر جو ٿي ويو

آهيان. منهنجا هٿ بہ ڏکن پيا. منهنجي چيلهہ بہ ڀڄي پيئي آهي. منهنجو بدن بہ ڏکي پيو. منهنجو ڪنڌ بہ جهڪي ويو آهي، آئون ويٺي ويٺي هن کي چتائيندو رهيس. سوچيندو رهيس سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيس تہ ڀڳوان ڇا ٿو ڪرڻ گهري، ڀڳوان آهي بہ يا ناهي. جيڪڏهن آهي تہ ايترو ڪٺور ڇو آهي. ڇو پور پور ڪيو هن بمل کي، ڇا مليو هن کي ان ناٽڪ مان. هن جا اهي ڪهڙا راز آهن. ڪيترو نہ عجب جهڙو آهي هو.

ڏيءُ، اوهين ڪراچي نہ اچو آئون بہ ڏينهن ٻن ۾ موٽي ايندس، ڳڻتي بلڪل نہ ڪجو. منهنجو ڪم بہ ٿي ويو آهي. هونئن بہ هن شهر ۾ ڪا خاص شيءِ نہ آهي. جڏهن عزت ۽ مانُ ئي نہ هجي تہ پوءِ ڪي بہ نہ ٿو رهي.

بمل ڪمار جڳن ناٿ کي سڃاڻندو هو ۽ ٻنهي جي پاڻ ۾ دوستي بہ هئي. بمل ٻڌايو تہ جڳن ناٿ کي ڪراچيءَ سان ڇڻ تہ پيار هو. هو ڪارا ڊر جي علائقي ۾ ڏاڍي مٺ محبت سان رهندو هو. پوءِ هڪڙي ڏينهن مون کي خبر پئي تہ هو مسلمان ٿي ويو آهي. آئون هن سان ملڻ ويس. هن مون کي پرنام ڪيو جيئن هندو ڪندا آهن. مون سان جهُڪي مليو جيئن مندر ۾ ملندا آهن. مون کي عجب ٿيو هو. اسين دير دير تائين ڳالهيون ڪندا رهياسون. هن کلندي ۽ وڏي آواز ۾ چيو هو تہ يار هو جيڪو آسمان تي ويٺو آهي، اهو تہ هڪڙو ئي آهي. پريو تہ سڀ ڏسي پيو سڀ سمجهي ٿو سڀ ڄاڻي ٿو. هن جا سڀ راز آهن. اڙي ڪهڙو فرق پوي ٿو جڳن ناٿ آهيان يا غلام محمد. هاڻي مون کي ڪيڏانهن وڃڻو آهي. هن هنڌ ئي رهندس، هت ئي مرندس، هتي ساڙي ڇڏيندا. هِتي پوريندا. هن ڪارادر ۾ پنهنجي ننڍپڻ جي مٽيءَ جي گهرڙي جي ويجهو ئي هن گهٽيءَ جي ڇيڙي تي جتي ماتاجي ڏوليءَ ۾ چڙهي آئي هئي. هن پاڙي ۾ ڪنهن هنڌ جتي شاردا رهندي هئي. هن روڊ جي ٻئي پاسي، هن پارڪ جي ويجهو جتي مون ۽ ادا ٻوڙون پاتيون هيون ۽ انهن گهٽين جي اوسي پاسي جتي آئون پتاجي جي آڱر جهلي هلندو هوس. گهمندو هوس، اتي ئي اوسي پاسي ڪنهن قبرستان ۾ دفن ٿي ويندس.

اها منهنجي آخري ڳڏجاڻي هئي. خبر ناهي تہ اهو ڪيئن ٿيو ٻن مهينن کان پوءِ خبر پئي تہ جڳن ناٿ جي هن جهان مان ئي هليو ويو آهي. هو وڏو پيرِ ٿي ويو هو ۽ هن جي مريدن کيس دفن ڪري ڇڏيو. مون کي اڄ

تائين سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ جگن ناٿ جا مريد ۽ چيلا ڪٿان آيا. هو تہ هڪ سادو سودو ماڻهو هو صوفي جوڳي هو پنهنجي ئي حال ۾ مست. پنهنجي ئي ڪم ۾ رُڌل پيري ڪرڻ، مريد پالڻ هن جو ڪم نہ هو. آئون هن وقت تائين اهو پتو لهي نہ سگهيس، تہ هو مسلمان ڇو ٿيو پير ڪيئن ٿيو. مريد ڪٿان آيا. گهر ڪيڏانهن ويو. ڪنهن قبضو ڪيو ۽ ڪنهن فيصلو ڪيو تہ هن کي ڪارادَر ۾ ئي دفن ڪرڻو آهي. هن کي ڪارا در ۾ دفن ڪيو ويو.

ڏيءُ خط ڊگهو ٿي ويو آهي. ڪوشش ڪندس تہ ڏينهن ٻن ۾ موٽي اچان. توکي افسوس تہ ٿيندو پر پاڪستان ۾ اچڻ جي ضرورت ڪانهي. سڀ ڪا شيءِ ملي ٿي هندستان ۾، هاڻي بہ جيڪڏهن ممبئي ۾ مسلمان ڇوڪريءَ سان ڏاڍائي ٿئي ٿي تہ قانون هن جي پاسي هوندو آهي نہ. پر هت نہ قانون آهي ۽ نہ ئي قانون تي عمل ڪرائڻ وارا. قانون کي مڃڻ وارا.

مهيش کي بہ مون لکي ڇڏيو آهي، تہ هاڻي آئون واپس هليو ويندس، دل ڪٿي ٿي پئي آهي منهنجي هن شهر مان. ڏاڍائي ٿي آهي هن شهر سان. ۽ شايد اها ٿيندي ئي رهندي.

تنهنجو پاپا

ڪلپنا،

اڄ آئون پرشوتم سان گڏ ڪارا در جي پراڻين، انگڙ ونگڙ، ڏنگين ڦڏين ڪنين گند ڪچري سان ڀريل گهٽين ۾ گهمندو رهيس. ٽاور جي سامهون واري گهٽيءَ مان ٿيندو مڇي مياڻي مارڪيٽ مان لنگهندو هري رام روڊ تي اچي، آتما رام پريتم داس روڊ مان نڪري ٻيهر گهٽين ۾ ويس ۽ اتي گهمندو رهيس. ڏسندو رهيس تہ گهٽين ۽ بلڊنگن جي ڇا حالت ٿي آهي. جيون داس بلڊنگ، راڌا مينشن، گلاب چند ميرواڻي پيلس، مٺو رام جنڪشن، شانتي ماسي جو بنگلو ڪانتي ٻائيءَ جو ميٽرنٽي هوم، ساڌو رام جو دواخانو سڀ خراب ۽ تباهہ ٿي ويا آهن. وڏن ۽ ڪليل ڪمرن، بالڪنين، لنگهن کي هتي جي ماڻهن پنهنجي دماغ وانگر ورهائي ڇڏيو آهي، ديوي مندر ۽ ڌرم شالا سان لڳ سيٺ شيوارام ڪرڪيامل چيريٽبل وديشي ڊسپنسري جي ننڍي بلڊنگ اڃا بہ موجود آهي. وراندي ۾ رام چند پريتم داس ۽ سيٺ گهنشام داس ڪمل رام جا ڌنل بئنچ اڃا بہ اتي پيا آهن. پر

اهي سڀ پڄي پري رهيا آهن. ختم ٿي ويا آهن. جتي ڪامل گهٽي آهي، نوراني مسجد آهي، پاڳ ناڙي مندر آهي، مسلمانن جو قبرستان هو. هندن جون بلڊنگون هيون، سکن جو گردوارو هو، مسلمانن جو سنڌ مدرسو هو. اسماعيلين جو جماعت خانو هو.

هن ڪراچيءَ جي چيمبر آف ڪامرس جي عمارت جي بنيادي پٿر رکڻ لاءِ گانڌي جي کي گهرايو ويو هو. اهو پٿر به ڏٺو مون، اڄ به سنڌ مسلم مدرسي جي پهرين بلڊنگ تي لڳل آهي. ڪنهن ماڻهو ان تي ڳاڙهي رنگ سان اردو ۾ ڪي لکي ڇڏيو هو. جوزف پڙهايو ته "قاتل" لکيل آهي پٿر تي آئون سوچيندو رهيس ته قتل ٿيندڙ قاتل ڪيئن ٿي سگهي ٿو. هتي جي ته هاٽي ريت ئي نرالي ٿي پيئي آهي. نه شهر رهيو آهي، نه ان جا رهواسي، رڳو ماڻهو آهن ۽ انهن ۾ هيسيل ڊنل هندو.

آئون گهمندو رهيس. مون کي ڪملا ياد پئي آئي. ڪملا جي ماءُ جيڪا پنهنجي پڇائي ويل ڏيءُ جو انتظار ڪري ڪري پهرين انڌي ٿي وئي، پوءِ هن جي اميدن جو ساهه نڪري ويو. پنهنجي پٽيءَ جي سامهون روئيندي روئيندي هوءَ پنهنجا هوش حواس وڃائي چري ٿي وئي. خبر ناهي ته ڪيترا ڏينهن چري رهڻ کان پوءِ ماٽ ميٽ ۾ هن پنهنجا پساهه پورا ڪيا. بمل دروازاي تي بيهي بيهي جڻ ته پڄي پري ويو جنهن جي چيلهه ڇپي ٿي وئي، جنهن جي نظر جهڪي ٿي وئي، جيڪو ان ڇپي چيلهه ۽ جهَڪي نظر سان انتظار ڪري ڪري مري ويندو. ڇا ٿي ويو آهي دنيا کي، اهڙو انڌير، ڀڳوان به بي وس آهي.

ڀڳوان داس روڊ جي آخر ۾ جتي مرلي ڌرن اسٽريٽ ملي ٿي، اتي سڙڪ جي ڪپ تي جڳن ناٿ چاچا جي قبر آهي. اهو ئي پڙهايو هو بمل ڪمار مون کي، آئون پرشوتم اتي وڃي بيٺاسون. اسين ڏسندا رهياسون، اتي ماڻهو پئي آيا ۽ هنن دعائون پئي گهريون. ڪنڌ جهڪائي وڏي عقيدت ۽ احترام سان آئون سوچيندو رهيس. مون کي مونجهه ٿيندي رهي، ڇا ٿو ڪرڻ گهري ڀڳوان، ڇا ٿو ڪرڻ گهري منش ۽ مون جهڙو منش ڇا سمجهندو ان گنگو جي گوڙ کي.

خبر ئي نہ آهي تہ جگن ناٿ جي دل ۾ ڇا هو. خبر ناهي تہ هو مري ويو هو يا ماريو ويو هو ان بلڊنگ مان ڪيرڻ لاءِ جتي هينئر هڪ پلازا آهي. خبر ناهي تہ اهي ڪير مرد هئا، ڪهڙا چيلا هئا، منهنجي سمجھ ۾ ڪي بہ نہ آيو پر مون کي خوشي هئي. خوشي ان ڳالھ تي. تہ جگن ناٿ چاچا ان ڪارا در ۾ پنهنجن پيارن جي پيرن جي سرڙات سميت دفن آهي. هيتري ساري تباهيءَ ۽ بربادي‌ءَ جي هوندي بہ هن تائين خرشبو پهچندي هيٺ ان مٽيءَ ۾ پنهنجن پيارن جي، دل گهرين جي، مون جگن ناٿ چاچا کي مُرڪندي ڏٺو مون کي ڏسي هن جي منهن تي مرڪ پکڙجي ويئي. پرنام ڪيو هو اسان هڪ ٻئي کي . خوشيءَ وچان آئون روئي ويٺس، هن آرام سان ٿهڪ ڏنو.

مون جگن ناٿ غلام محمد جي قبر تان ٿوري مٽي کنئي آهي، جڏهن اتي ايندس تہ گنگا ۾ وهائيندس،

آئون سياڻي ايئر انڊيا جي فلائٽ ۾ ممبئي پهچي ويندس. ايئرپورٽ تان وقت معلوم ڪري وڃجانءِ.

تنهنجو پاپا

-----

آئون ڪتاب لکندو نہ آهيان، پر پڙهندو گهڻو آهيان. منهنجي پسند جا ڪيترائي مضمون آهن، اهي تاريخ، سائنس، قديم آثار، سوانح عمريون، افسانوي ادب وغيره؛ خاص ڪري افسانا مون کي وڌيڪ پسند هوندا آهن، ان ڪري جڏهن بہ ڪو سٺو ۽ اثرائتو افسانو پڙهندو آهيان. تڏهن ان کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڪنهن نہ ڪنهن رسالي ۾ ڇپائي ڇڏيندو آهيان. ترجمي ڪرڻ کان اڳ اهڙي افساني جا سمورا رخ منهنجي ذهن ۾ هوندا آهن: افساني جي ڪهاڻي، ان جا ڪردار، افساني جو بنيادي واقعو، افساني جي فضا ۽ ماحول، ڪردارن جي طبيعت جي بيمثالي، افساني جي طرز تحرير، ٻوليءَ جي خوبصورتي، سلاست ۽ سادگي، واقعي جو پس منظر ۽ پيش منظر وغيره. اهڙيءَ ريت اصل افساني جي سموري سونهن کي پنهنجي ذهن ۾ ويهاري پوءِ ان کي سنڌيءَ جو لباس پارائيندو آهيان. اوهان بہ هڪڙي وقت هڪڙو ئي افسانو پڙهندا تہ اوهان کي بہ ان جون اهي سيئي فني ۽ ادبي خوبيون نظر اينديون جن مون کي ترجمي ڪرڻ تي اُڀاريو.

**مراد علي مرزا -**

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.